ڏوپ ڪريو ٿا ۽ سمجهو ٿا تہ صاحب اُنهيءَ ڪري راضي
ٿيندو، پر پرماتما جي آرتيءَ ۾ ساري دنيا جي چندن جا وڻ
پنهنجي سڳنڌ ڏيئي واس ڏوپ پيا ڪن، جنهنجي اڳيان
اوهانجو واس ڏوپ ڪي بہ ڪينهي. اوهين ٺاڪر تي
چونر گهمايو ٿا، پر گهمائي گهمائي ٿڪجي پئو ٿا. سچو پکو
چونر تہ پَوَن آهي، جو ٻارهوئي پيو لڳي. اوهين ڏورا گل
ڦل آڻي ٺاڪر جي مورتيءَ تي ٿا چاڙهيو ۽ ائين پيا ڀانيو تہ
انهن گلن تي ايشور راضي رهندو. هنڪي اوهانجي گلن جي
ڪهڙي گهرج آهي؟ ڇاڪاڻ جو هيءَ ساري ونسپتي قسمين
قسمين سڳنڌي رنگا رنگي گل ڦل ڪڍي سمورا پنهنجي
سواميءَ اڳيان آرداس رکي ٿي. اوهين ٺاڪر جي اڳيان
ٽُريون ۽ قسمين قسمين باجا وڄايو ٿا، پر هن سچي ٺاڪر
جي اڳيان اناهدي شبدن جا باجا ساري برهمانڊ ۾ سديو پيا
وڄن ۽ هنڪي اوهانجي باجن جي ڪابہ ضرورت ڪانہ آهي.
اِها اشچرج روپي آرتي سچي سرشٽيءَ ۾ نت پيئي ٿئي.

پنڊتن پڇيو تہ سائين اوهانجو سچو ٺاڪر ڪهڙو آهي،
اُنجو سروپ اسانکي ٻڌايو. صاحب ايشور کي سنمک ٿي
چون ٿا تہ ”دي پري پورن پرماتما! توکي هزارين نيتر آهن
جن سان تون ساري سرشٽيءَ کي ڏسين ٿو ۽ اهڙو ڪو استول
يا سوکم پدارٿ ڪونهي، جو تنهنجي درشٽيءَ کان دور هجي،
درحقيقت توکي هڪ بہ جسماني اک نہ آهي. هي جڳت
ايشور! توکي هزارين مورتون آهن ڇاڪاڻ تہ سڀئي جيون
۾ تون وياپڪ آهين، سو اُنهنجون مورتون بہ چئجي تہ تنهنجون
ئي مورتون آهن. پر سچ ڪري تنهنجي هڪڙي بہ جسماني

ارت- هريءِ جي ڪنول روپي چرنن ۾ منهنجو ڀؤنر روپ من لالچجي ويو آهي ۽ مونکي ڏينهن رات (اُنجي رس پيئڻ جي) پياس يا چاهه آهي. [مڪرند = ڀؤنر. منو = من. آن = رات. دن = ڏينهن.]

ڪرپا جَلُ ديهِ نانڪ سارِنگَ ڪَئُ،

هوءِ جاتي تيري ناءِ واسا.

ارت- سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته مون پپيهي کي ڪرپا جي جل (جي سوانت بوند) ڏي، جنهن ڪري تنهنجي نام ۾ واسو ٿئي. مطلب ته جئين پپيهي پکيءَ کي تيستائين سانت نه ايندي آهي، جيستائين سوانت بوند (يعني خاص رت جي مينهن جي بوند) سندس وات ۾ نه ويندي آهي، تئين سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته اسانجو به حال اهڙو آهي جهڙو پپيهي جو؛ تون ڪرپا ڪري نام ڏي، جنهنڪري سديو اسين نام پائي خوش رهون. [سارنگ = پپيهو پکي. ناءِ = نالو، نام.]

ڀاو ارٿ- صاحبن پوڄارين کي چيو ته "ڏي پائي اوهين جو ڪ موتين سان جڙيل سوني ٿالهه ۾ ڏيا ٻاري گل ڦل ڪڏ ڪري، چندن جو واس ڪري ۽ کهٽن قسمن جا ساز وڄائي پرميشور جي آرتي ڪريو ٿا، سو اها اُنجي سچي آرتي نه آهي، ڇاڪاڻ ته انهيءَ پادرين آرتيءَ تي پريو ڏرو ٻه پرسن نه ٿو ٿئي. جن سچي پاتشاهه جي آرتي سچي سرشتيءَ ۾ سديو پيئي ٿئي، اُها اچو ته اوهانکي ٻڌايون.

هي سارو آڪاس نرنڪار جو ٿالهه آهي، جو تارن روپي موتين سان جڙيل آهي. اُن ۾ سورج ۽ چندرما روپي ڏيا ٻاٽيهي ڪنهن جي ٻارڻ ڪانسواءِ پيا ٻرن. هي پيارا، اوهين ۾ چاره ڪا چندن ڇوري جا ڪٽي اُنتي ڌانڌو رکي واس

ارٿ- (هي پريو) توکي هزارين اکيون آهن مگر هڪڙي به (اسان وانگي جسماني) اک نہ آهي. تنهنجون هزارين مورتون آهن (پر جسماني مورت) هڪڙي به نہ آهي. [سهس = هزار. نين = اکيون. نن = نہ.]

سَهَسَ پَدَ بِمَلَ نَنَ ايڪَ پَدَ،
گَنْدَ بِنُ سَهَسَ تَوَ گَنْدَ، اِوَ چَلَتَ موهي

ارٿ- هزارين تنهنجا پوتر چرڻ آهن، پر جسماني هڪ بہ چرڻ نہ آهي. توکي جسماني ناسڪا نہ آهي، پر توکي هزارين ناسڪائون آهن. هي پريو (اهڙن عجيب) چلترن سان تو (منهنجي من کي) موهي ڇڏيو آهي. (مطلب تہ نرگڻ روپ ڪري پريو کي هڪ بہ انگ نہ آهي ۽ سرگڻ روپ ڪري سڀ انگ اٿس.) [بمل = پوتر اُجل. گند = ناسڪا يا ناس. او = اهڙن. چلت = چلتر.]

سَڀَ مهِ جوتِ جوتِ هيُ سوءِ،
تِس دي چانڻِ سَڀَ مهِ چانڻُ هوءِ

آرٿ- پريوءَ جي جوت سڀ ۾ آهي ۽ اُها جوت اُهو پاڻ آهي، اُن جي جوت جي پرڪاش سان سڀ ۾ سوجهرو ٿي رهيو آهي. [چانڻ = سوجهرو.]

گُرَ ساکي جوتِ پرَگَٽُ هوءِ، جو تِسُ ڀاوئي سُ آرَتي هوءِ

آرٿ- گورن جي سکيا دواران جوت ساکيات ڏسڻ ۾ اچي ٿي. جيڪي پرماتما کي وڻي ٿو، اُهائي سچي سچي آرتي آهي.

هَرِ چرَڻَ ڪَوَلَ مَڪَرَندَ لوڀِتَ منو،
اَنَ دِنو موهِ آهي پيالا



سدائين بيٺي ٿي، تنهن ۾ اسين مشغول هئاسين. پوڄاريءَ عجب ڪائي پڇيو تہ ادا وري ڪهڙي قسم جي آرتي آهي؟ تنهن تي صاحبن هيٺيون شبد اُچاريو:-

گگن مي ٿالُ رَوِ چَند ديپڪ بني،
تارڪا منڊلَ جنڪ موتي

ارٿ - نرنڪار جو ٿال آهي آڪاس جنهن ۾ سورج ۽ چندرما آهن ڏيا ۽ تارن جي منڊلي جڻ تہ موتي (جڙيا) پيا آهن. [گگن = آڪاس. مي = جي منڊو. روِ = سورج. ديپڪ = ڏيئا. تارڪا = تارا. جنڪ = جڻ تہ، ہو ارٿ جڙيل.]

ڌوپُ مَلَ آنلو پونُ چورو ڪري،
سڪَل بن راءِ ڦولنتَ جوتي

ارٿ - چندن جا وڻ سگند ڪيو پيا آهن ۽ هوا چور ڪري ٿي. جي جوتي سروپ! سڀ ونستي تنهنجي لاءِ گل ڦل ٿيا پيا آهن. [مل آنلو = ملير پربت جي هوا، چندن جا وڻ. بن راءِ = ونستي، وڻ ٽڻ.]

ڪيسي آرتي هوءِ ڀو کنڊنا،
تيري آرتي اَنهتا شبد واجنت ڀيري (اِڪ رهاءُ)

ارٿ - جي ڀؤ دور ڪرڻ وارا، ڪهڙي (اشچرج روپ) تنهنجي آرتي ٿي رهي آهي، تنهنجي آرتي اها آهي جو اناهدي شبدن جا باجا پيا وڄن. [انهتا = انهد، سواءِ وڄڻ جي باجي وڄندڙ يا جنهن جي حد نہ آهي. واجنت = وڄن پيا. ڀيري = باجا، نغارا.]

سهس تو نين نن نين هہ تو هہ ڪو،
سهس مورت نا ايڪ توهي

ارٿ - (هي پربهو) توکي هزارين اکيون آهن مگر هڪڙي به (اسان وانگي جسماني) اک نه آهي. تنهنجون هزارين مورتون آهن (پر جسماني مورت) هڪڙي به نه آهي. [سهس = هزار. نين = اکيون. نن = نه.]

سَهس پَد بِمل نَن ايڪ پَد،

گَند بِنُ سَهس تو گَند، اِو چلَت موهي

ارٿ - هزارين تنهنجا پوتر چرن آهن، پر جسماني هڪ به چرن نه آهي. توکي جسماني ناسڪا نه آهي، پر توکي هزارين ناسڪائون آهن. هي پربهو (اهڙن عجيب) چلترن سان تو (منهنجي من کي) موهي ڇڏيو آهي. (مطلب ته نرگڻ روپ ڪري پربهو کي هڪ به انگ نه آهي؛ سرگڻ روپ ڪري سڀ انگ اٿس.) [بمل = پوتر اُجل. گند = ناسڪا يا ناس. اِو = اهڙن. چلت = چلتر.]

سَبِ مهِ جوتِ جوتِ هئِ سوءِ،

تِس دئِ چانڻِ سَبِ مهِ چانڻُ هوءِ

آرٿ - پربهوءَ جي جوت سڀ ۾ آهي؛ اُها جوت اُهو پاڻ آهي، اُن جي جوت جي پرڪاش سان سڀ ۾ سوجهرو ٿي رهيو آهي. [چانڻ = سوجهرو.]

گُر ساکِي جوتِ پرگَهٽُ هوءِ، جو تِسُ ڀاوئِ سُ آرَتِي هوءِ

ارٿ - گورن جي سکيا دوارا جوت ساکيات ڏسڻ ۾ اچي ٿي. جيڪي پرماتما کي وڻي ٿو، اُهائي سچي پوڄي آرتي آهي.

هرِ چرڻ ڪَوَل مڪَرَند لوڀِت منو،

اَن دِنو موهِ آهي پياسا

سدائين پيئي ٿئي، تنهن ۾ اسين مشغول ٿاسين. ٻوڇاري؛
عجب ڪائي پيهيو ته ادا وري ڪهڙي قسم جي آرتي آهي؟
تنهن تي صاحبن هيٺيون شبد اُچاريو:-

ڳڳن مئي ٿالُ رو چند ديپڪ بني،
تارڪا منڊل جنڪ موتي

ارٿ- نرنڪار جو ٿال آهي آڪاس جنهن ۾ سورج ۽ چندرما
آهن ڏيا ۽ تارن جي منڊلي جڻ ته موتي (جڙيا) پيا آهن. [ڳڳن =
آڪاس. مئي = جي، سندو. رو = سورج. ديپڪ = ڏيئا. تارڪا =
تارا. جنڪ = جڻ ته، يعني ارٿ جڙيا.]

ڌوپ مَلَ آنلو پَوڻُ چورو ڪري،
سڪل بن راءِ ڦولنت جوتي

ارٿ- چندن جا وڻ سڳند ڪيو بيٺا آهن ۽ هوا چور ڪري
ٿي. مي جوتي سروپ! سڀئي ونسپتي تنهنجي لاءِ گل ڦل
ٿيا بيٺا آهن. [مل آنلو = ملي پربت جي هوا، چندن جا وڻ.
بن راءِ = ونسپتي، وڻ ٽڻ.]

ڪيسي آرتي هوءِ ڀو کنڊنا،
تيري آرتي اَنهتا شبد واجنت ڀيري (اڪ رهاءِ)

ارٿ- هي ڀو دور ڪرڻ وارا، ڪهڙي (انتجرج روپ)
تنهنجي آرتي ٿي رهي آهي، تنهنجي آرتي ائين آهي جو
اناهد شبدن جا باجا پيا وڄن. [انهتا = اندر سواءِ وڄڻ جي ٻالڻي
وڄندڙ يا جنهن جي حد نه آهي. واجنت = وڄن پيا. ڀيري =
باجا، نغارا.]

سهس تو نين نر نر نين هم توهه ڪؤ،
سهس مورت نَنا ايڪ توهي

ਆਰਤੀ । ਅਨਹਤਾ ਸਬਦ ਵਾਜੰਤ ਭੇਰੀ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਸਹਸ ਤਵ ਨੈਨ ਨਨ ਨੈਨ ਹਹਿ ਤੋਹਿ ਕਉ ਸਹਸ ਮੂਰਤਿ ਨਨਾ ਏਕ ਤੁੋਹੀ। ਸਹਸ ਪਦ ਬਿਮਲ ਨਨ ਏਕ ਪਦ ਗੰਧ ਬਿਨੁ ਸਹਸ ਤਵ ਗੰਧ ਇਵ ਚਲਤ ਮੋਹੀ ॥ ੨ ॥ ਸਭ ਮਹਿ ਜੋਤਿ ਜੋਤਿ ਹੈ ਸੋਇ । ਤਿਸ ਦੈ ਚਾਨਣਿ ਸਭ ਮਹਿ ਚਾਨਣੁ ਹੋਇ । ਗੁਰ ਸਾਖੀ ਜੋਤਿ ਪਰਗਟੁ ਹੋਇ। ਜੋ ਤਿਸੁ ਭਾਵੈ ਸੁ ਆਰਤੀ ਹੋਇ ॥ ੩ ॥ ਹਰਿ ਚਰਣ ਕਵਲ ਮਕਰੰਦ ਲੋਭਿਤ ਮਨੋ ਅਨਦਿਨੋ ਮੋਹਿ ਆਹੀ ਪਿਆਸਾ । ਕ੍ਰਿਪਾ ਜਲੁ ਦੇਹਿ ਨਾਨਕ ਸਾਰਿੰਗ ਕਉ ਹੋਇ ਜਾਤੇ ਤੇਰੈ ਨਾਇ ਵਾਸਾ ॥ ੪ ॥ ੩ ॥

راڳ ڌناسري محلا پهلا

اُٿانڪا - نانڪ پرڪاش ۾ لکيل آهي ته سري گورو نانڪ صاحب جڏهن ديس ديسانتر گهمندا ڦرندا، پرماتما جي سچي نام جو اُپديش ڪندا، هڪ دفعي جڳن ناٿ ۾ ويا. سنجها مهل پوڄاري پوڄا ڪرڻ آيا، ۽ آرتي گهڻي ٿاهه ٺوهه ۽ ٻيڪي سان آڇي ڪيائون. هڪ موتين سان جڙيل سوني ٿالهه ۾ ڏيا ٻاري، گل ڦل ۽ چندن آدڪ سڳنڌيون رکي، ٺاڪر جي آڳيان انهيءَ ٿالهه کي ويهي ڦيرايائون. پر صاحبن کي هن نموني جي آرتي پسند نه آئي. آرتيءَ مهل جڏهين سڀ اُٿي بيهي آرتي ڪرڻ لڳا، تڏهين صاحب ماٺ ڪري ويهي رهيا، جڏهين آرتي پوري ٿي، تڏهين مندر جو وڏو پوڄاري ڏمرجي صاحبن وٽ آيو ۽ چوڻ لڳو ته اوهين ڪير آهيو؟ اوهانکي ايشري ۾ سڌ نه آهي ته آرتيءَ مهل اُٿي بيهڻو آهي. ٻيا سڀ اُٿي بيٺا، پر اوهين نه بيٺا، تنهن جو ڪارڻ ڪهڙو؟ صاحبن فرمايو ته ساري سرشٽيءَ جي رچڻهار جي آرتي، ڏين، ڏوپ واس ۽ گلن ڦلن سان ٿي نه ٿي سگهي. هن سچي صاحب جي پوتر آرتي، جا برهمانڊ ۾

بابا جي گهر ڪرتي ڪيرت هوءِ،
سو گهر راکُ وڏائي توءِ (اڪ رهاءُ)

اَرت - هي ڀائي! جنهن ڌاستر ڪرتار جو جس ٿئي، انهيءَ ڌاستر ڪي دل ڀر ڪارڻ سان تنهنجي وڏائي ٿيندي. [توءِ = تنهنجي.]

وِسُئي، چسيا، گهڙيا پهرا، ٿتي واري ماهُ هوئا
سُورج اڪو رُت اَنيڪ،
نانڪ ڪرتي ڪي ڪيتي ويس.

اَرت - پل، منٽ، گهڙيون پهر، ٿتيون، ڏينهن ۽ مهنا اِهي سڀئي جو ڪارڻ سورج آهي؛ پر رُتيون انيڪ آهن. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ ڪرتار جا ڪيترائي ويس آهن. [وسئي = ١٥ دفعا اکين جو ڦرڪڻ. ١٥ وسا = ١ چسو؛ ٣٠ چسا = ١ پل؛ ٦٠ پل = ١ گهڙي؛ $7\frac{1}{2}$ گهڙيون = پهر؛ ٨ پهر = ڏينهن رات.]

نوٽ - اَگرچ سري گورو گرنٿ صاحب ۾ جنهن هنڌ "ڪيرتن سوهلا" لکيل آهي، اُتي راڳ آسا جي شبد ۾ "ماهہ هوئا" لکيل آهي، تڏهين بہ آسا جي راڳن منجهہ "ماهہ هوئا" جي بدران "ماهہ پيا" لکيل آهي. لفظ "پيا" جي معنيٰ آهي "ٿيو" تنهنڪري صحيح آهي تہ "هوئا" جي معنيٰ بہ "ٿيو" سمجهجي ۽ نہ "ورهيہ" جنهن ڪي ٽيڪا ڪار اَرت ڪن ٿا.

ਰਾਗੁ ਧਨਾਸਰੀ ਮਹਲਾ ੧

ਗਗਨ ਮੈ ਥਾਲੁ ਰਵਿ ਚੰਦੁ ਦੀਪਕ ਬਨੇ ਤਾਰਿਕਾ ਮੰਡਲ ਜਨਕ ਮੋਤੀ । ਧੂਪੁ ਮਲ ਆਨਲੋ ਪਵਣੁ ਚਵਰੋ ਕਰੇ ਸਗਲ ਬਨ ਰਾਇ ਫੂਲੰਤ ਜੋਤੀ ॥ ੧ ॥ ਕੈਸੀ ਆਰਤੀ ਹੋਇ ਭਵ ਖੰਡਨਾ ਤੇਰੀ

نوٽ- هن شبد سان لاڳو پڙهو شيخ فريد صاحب جو سلوڪ نمبر (١)

"جت ڏهاڙي ڌن وري ......"

انهيءَ سلوڪ ۾ خاص هيٺين ٽڪ ويچاريو:-

"جند وهٽي مرڻ ورُ لئي جاسي پرڻاءِ"

آرٿ- آتما آهي استري ۽ ڪال آهي سندس گهوٽ، اهو ساڻس پرڻجي ويندو.

ਰਾਗੁ ਆਸਾ ਮਹਲਾ ੧

ਛਿਅ ਘਰ ਛਿਅ ਗੁਰ ਛਿਅ ਉਪਦੇਸ । ਗੁਰੁ ਗੁਰੁ ਏਕੋ ਵੇਸ ਅਨੇਕ ॥ ੧ ॥ ਬਾਬਾ ਜੈ ਘਰਿ ਕਰਤੇ ਕੀਰਤਿ ਹੋਇ । ਸੋ ਘਰੁ ਰਾਖੁ ਵਡਾਈ ਤੋਇ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਵਿਸੁਏ ਚਸਿਆ ਘੜੀਆ ਪਹਰਾ ਥਿਤੀ ਵਾਰੀ ਮਾਹੁ ਹੋਆ । ਸੂਰਜੁ ਏਕੋ ਰੁਤਿ ਅਨੇਕ । ਨਾਨਕ ਕਰਤੇ ਕੇ ਕੇਤੇ ਵੇਸ ॥ ੨ ॥ ੨ ॥

راڳ آسا محلا پهلا

چِهه گهر، چِهه گر چِهه اُپديش

آرٿ- ڇهه شاستر (١- پورب ميمانسا، ٢- نياءِ، ٣- وئشيشڪ، ٤- سانکيه، ٥- يوگ، ٦- اُتر ميمانسا يا ويدانت) آهن. ڇهه اُنهنجا (رچڻ هار) گورو. ١- جئمني رشي، ٢- گوتم رشي، ٣- ڪڻاد رشي، ٤- ڪپل مُني، ٥- پاتنجلي رشي ۽ ٦- وياس مهراج آهن ۽ ڇهه اُنهن جا نرالا مَتا آهن. [گهر = شاستر. اُپديش = مَتا.]

گُر گُر ايڪو ويس آنيڪ.

آرٿ- (پر) گورن جو گورو هڪ (اڪال پورک) آهي، جيتوڻيڪ اُنهيءَ جا ويس گهڻا آهن.

ارٿ- سري گورو نانڪ صاحب جن فرمايو ته انهيءَ سڏيندڙ (يعني پرڀوءَ) کي ياد ڪريو ۽ (پرڀوءَ کي ياد ڪندي) شل اهي ڏينهن اچن! [سدڻ هارا = سڏيندڙ يعني پرڀوءَ دهر = ڏينهن.]

ڀاو ارٿ- هن شبد ۾ سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته موت ايشور سان سچي پچي شادي آهي. صاحب جگياسوءَ کي ڪنوار جي مثل، پرماتما کي گهوٽ جي مثل ۽ آنت سمي آتمڪ ميلاپ ايشور سان، وهانءَ جي مثل رکيو آهي. جئن وهنواري شاديءَ مهل ٿورا ڏينهن اڳي اهو ويچار ڪبو آهي ته ڪهڙيون ڪهڙيون تياريون ڪجن، تئن صاحب ۾ فرمائين ٿا ته هي جگياسو، تو کي اهو ويچار ڪرڻ گهرجي ته ڪهڙيون تياريون ڪريان جو سائين راضي ٿئي، ۽ جئن شاديءَ کان ۾ يا ٽي ڏينهن اڳي ڪنوار جون ساهيڙيون لاڏا ڳائينديون آهن، تئن صاحب ۾ فرمائين ٿا ته هي سنت جن، مونکي ۾ سائينءَ سان ملڻو آهي. انهيءَ خوشيءَ ۾ اوهين منهنجي گهوٽ (اڪال پرکـ) جو جس (لاڏو) ڳايو ۽ جئن مجورت موجب مقرر ٿيل شاديءَ جي ڏينهن ڪنوار کي تيل مان آگر پري مٿي تي لائي سڀ آسيسون ڪنديون آهن ته گهوٽ سان شل سکي رهي، تئن هي سنتو، ملي ڪري مونکي ويراڳ روپي تيل پايو يعني اهڙي مونکي سکيا ڏيو، جو دنيوي خيال ڇڏي ايشور سان دل لايان ۽ اهڙيون آسيسون ڪريو ته مقرر ڪيل ڏينهن مونکي سڏڻ وارو گهوٽ (پرماتما) ياد رهي ۽ مان تيار ٿي ديهءَ ديهي ڇڏي هسان ملي وڃان، جا سچي پچي شادي آهي.

آرٿ- (ڪرتار) جيون جي هرروز سنڀال اهي تو ۽ (اهو) داتار (اُنهن جيون جي گهرجن تي) نظر ڪري ٿو. [جيئڙي = جيو. سماليئن = سنڀاليا وڃن ٿا.]

تيري داتِ قيمتِ نا پوءِ، تِسُ داتي ڪَوڻُ شُمارُ

آرٿ- (هي جيو) توکان انهيءَ (داتار جي) دان جي قيمت ڪٿي نٿي وڃي؛ (پوءِ) هن داتار جي ڪٿ ڪير ڪري سگهندو؟ نوٽ- هتي "تيري" جي معنيٰ "تنهنجي" نہ آهي پر "توکان." [داتِ = دان يعني دات يا بخشش.]

سنبتِ ساها لِکيا، مِلِ ڪرِ پاوهُ تيلُ

آرٿ- مؤت روپي وهانءَ جو سنبت ۽ مهورت لکيو ويو آهي، (هي سنتو!) ملي ڪري اچي مونکي (ويراڳہ روپي) تيل پايو. (مطلب تہ جئن شاديءَ مهل گهوٽ ۽ ڪنئار کي تيل پائبو آهي، تئن منهنجا پيارا، مونکي ويراڳہ روپي تيل پايو يعني اهڙي مونکي سکيا ڏيو، جو مان دنيا کان ڪنو ٿي ايشور ڏانهن پنهنجي دل لايان ۽ مؤت کي ائين سمجهان جڻ تہ پريوءَ سان سچي پچي شادي آهي.) [ساها = مهورت.]

ديهُ سڄڻ آسيسڙيئا، جِئُ هووي صاحِبَ سِئُ ميلُ

آرٿ- هي سڄڻ، اهڙيون آسيسون مونکي ڏيو، جنهن ڪري پريوءَ سان منهنجو ميلاپ ٿئي.

گهرِ گهرِ ايهو پاهُچا، سدڙي نِت پوَنِ

آرٿ- سڀڪنهن گهر ۾ اهي پيغام پهچي ويا آهن ۽ هر روز سڏ پيا تين (مطلب تہ لوڪ مرندا پيا وڃن.) [پاهچا = پيغام، نياپا. سدڙي = سڏ.]

سدڻ هارا سِمريئي، نانڪ سي ڏِههُ آوَنِ.

جو ۽ ڪ سري گورو ارجن صاحب جو رچيل آهي. هيءُ ڪيرتن سوهلو گوروءَ جا سک سمهڻ مهل پڙهندا آهن ۽ خالص لاءِ نت نيم جي ليا بہ ڪڙي واڻي آهي، پر انهن نہ سمجهڻ گهرجي تہ اِها خواهہ ئي واڻي ڪنهن ٻئي وقت پڙهڻ ڪان ڪا منع آهي. هن ۾ اڙا مٺا ۽ پريم ڀريل شبد آهن، جن جي اُچارڻ سان من کي سانت اچيو وڃي. هي ڪيرتن سوهلو مرڻ وقت بہ پڙهيو آهي، انهيءَ ڪري تہ موت ڪالپوءِ شل پرائي سکي رهي!

سوهلا راڳ گؤڙي ديپڪي محلا پهلا

اڪ اُونڪار ست گور پرساد

جيءِ گهر ڪيرتِ آکيئي، ڪرتي ڪا هوءِ بيچارو
تِتُ گهر گاوهُ سوهلا، سِوَ رِهُ سرجڻ هارو

ارت ــ جنهن (ست سنگہ روپي) گهر ۾ ڪرتار جو جس ڳندو رهجي ۽ اُنجو ويچار ڳندو رهجي، اُنهيءَ (ست سنگہ روپي) گهر ۾ جس جو راڳہ ڳايو ۽ اُپائڻهار کي ياد ڪريو. [گهر = آستان، ست سنگہ. ڪرت = جس. آکيئي = جئجي. سوهلا = جس. سورم = ياد ڪريو.]

تُم گاوهُ ميري نرڀهُ ڪا سوهلا،
هؤن واري جِتُ سوهاءِ سدا سُکہ هوءِ. (اِڪ رهاءُ)

ارت ــ اوهين منهنجي نربؤ (اڪال پورکہ) جو جس ڳايو. آءٌ قربان وڃان (انڙي پرپوءَ جي) جس ڳائڻ تان، جنهن ڪري سدا آنند ٿئي ٿو. [واري = قربان وڃان.]

نت نت جيئڙي سماليئن، ديکيگا ديوڻهارُ

ڪيرتن سوهلا

ਸੋਹਿਲਾ ਰਾਗੁ ਗਉੜੀ ਦੀਪਕੀ ਮਹਲਾ ੧

ੴ ਸਤਿਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥

ਜੈ ਘਰਿ ਕੀਰਤਿ ਆਖੀਐ ਕਰਤੇ ਕਾ ਹੋਇ ਬੀਚਾਰੋ । ਤਿਤੁ ਘਰਿ ਗਾਵਹੁ ਸੋਹਿਲਾ ਸਿਵਰਿਹੁ ਸਿਰਜਣਹਾਰੋ ॥ ੧ ॥ ਤੁਮ ਗਾਵਹੁ ਮੇਰੇ ਨਿਰਭਉ ਕਾ ਸੋਹਿਲਾ । ਹਉ ਵਾਰੀ ਜਿਤੁ ਸੋਹਿਲੈ ਸਦਾ ਸੁਖੁ ਹੋਇ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਨਿਤ ਨਿਤ ਜੀਅੜੇ ਸਮਾਲੀਅਨਿ ਦੇਖੈਗਾ ਦੇਵਣਹਾਰੁ । ਤੇਰੇ ਦਾਨੈ ਕੀਮਤਿ ਨਾ ਪਵੈ ਤਿਸੁ ਦਾਤੇ ਕਵਣੁ ਸੁਮਾਰੁ ॥ ੨ ॥ ਸੰਬਤਿ ਸਾਹਾ ਲਿਖਿਆ ਮਿਲਿ ਕਰਿ ਪਾਵਹੁ ਤੇਲੁ । ਦੇਹੁ ਸਜਣ ਅਸੀਸੜੀਆ ਜਿਉ ਹੋਵੈ ਸਾਹਿਬ ਸਿਉ ਮੇਲੁ ॥ ੩ ॥ ਘਰਿ ਘਰਿ ਏਹੋ ਪਾਹੁਚਾ ਸਦੜੇ ਨਿਤ ਪਵੰਨਿ । ਸਦਣ ਹਾਰਾ ਸਿਮਰੀਐ ਨਾਨਕ ਸੇ ਦਿਹ ਆਵੰਨਿ ॥ ੪ ॥ ੧ ॥

نوٽ- ڪيرتن سوهلا=جس جو راڳ. مسٽر مئڪالف مشهور ترجمان سري گورو گرنٿ صاحب جو لکي ٿو ته "سوهلا"=سوون ويلا جي معنيٰ آهي سمهڻ جو وقت، تنهنڪري "ڪيرتن سوهلا" جي معنيٰ آهي اهو راڳ جو سمهڻ وقت ڳائجي. ڪيرتن سوهلي ۾ ٽي شبد سري گورو نانڪ صاحب جا، ٻه سري گورو رامداس صاحب

أرت- (هي جيو!) توکي مانکا ديهي برابت ٿي آهي. برماتما جي ملڻ جو وقت اچي ٿيئي. [ديهريئا = ديهي. بريئا = وقت.]

اَوَر ڪاج تيري ڪتي نه ڪام
مِل ساڌ سنگت ڀجُ ڪيوَل نام

أرت- ٻيا ڪارج تنهنجي ڪنهن ڪم نه ايندا. ساڌ سنگت سان ملي فقط نام جو ڀڄن ڪر (اُهوئي ڪم ايندءِ). [ڪيول = فقط.]

سَرنجام لاڳُ ڀوجَل ترن ڪي
جنم برٿا جات رنگہ مائيا ڪي (اڪ رهاءِ)

أرت- هن (سنسار روپي) ڀو ساگر مان ترڻ جو اُپاءُ ڪر. مايا جي پيار ۾ تنهنجو جنم وئرٿ بيو وڃي. [سرنجام = اُپاءُ. رنگہ = پيار، پريم.]

(۲) جَپ تَپ سنجم ڌرم نہ ڪمائيا
سيوا ساڌ نہ جانيا هَرِ رائيا

أرت- مون جپ، تپ، ساڌنا ۽ ڌرم نه ڪمايو آهي. هي جڳ راجا! مون سنتن جي سيوا ڪرڻ به نه ڄاتي آهي. [سنجم = اندرين کي روڪڻ، ساڌنا.]

ڪهُہ نانڪ هم نيچہ ڪَرما
سَرڻ پري ڪي راکهُ شَرما.

أرت- صاحب چون ٿا ته مان نيچ ڪرمن وارو آهيان. (هي برماتما!) سرڻ پيل جي تون لڄ رک.

(۱) مَن ايڪُ نہ چيتَس مورَ مَنا
هَرِ بِسرَت تيري گُڙَ گَلِئا (اِڪ رهاءُ)

آرت – هي مورکہ من! تون هڪ پرماتما کي نٿو سمرين. هري ءَ کي وسارڻ ڪري تنهنجا (شڀ) گڻ ناس ٿي ويندا. [گلئا = گري ويندا، ناس ٿي ويندا.]

(۲) ناهءُ جتي ستي نهي پڙئا، مورکہ مگدا جنم پئيا
پرطوتِ نانڪ تِن ڪي سرڻا، جِن تون ناهي ويسرِئا.

آرت – مان نڪي جتي آهيان، نڪي ستي آهيان ۽ نڪي پڙهيل آهيان، جنهنڪري مون مورکہ جو جنم نسڦل ٿيو آهي. صاحب وينتي ڪري چوَن ٿا تہ (هي پرماتما!) مان اُنهن جي سرن پيو آهيان، جي توکي نٿا وسارين. [مگدا = نسڦل. پرطوت = وينتي ڪري چوڻ.]

ਆਸਾ ਮਹਲਾ ੫

ਭਈ ਪਰਾਪਤਿ ਮਾਨੁਖ ਦੇਹੁਰੀਆ। ਗੋਬਿੰਦ ਮਿਲਣ ਕੀ ਇਹ ਤੇਰੀ ਬਰੀਆ। ਅਵਰਿ ਕਾਜ ਤੇਰੈ ਕਿਤੈ ਨ ਕਾਮ। ਮਿਲੁ ਸਾਧ ਸੰਗਤਿ ਭਜੁ ਕੇਵਲ ਨਾਮ ॥ ੧ ॥ ਸਰੰਜਾਮਿ ਲਾਗੁ ਭਵਜਲ ਤਰਨ ਕੈ। ਜਨਮੁ ਬ੍ਰਿਥਾ ਜਾਤ ਰੰਗਿ ਮਾਇਆ ਕੈ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਜਪੁ ਤਪੁ ਸੰਜਮੁ ਧਰਮੁ ਨ ਕਮਾਇਆ। ਸੇਵਾ ਸਾਧ ਨ ਜਾਨਿਆ ਹਰਿ ਰਾਇਆ। ਕਹੁ ਨਾਨਕ ਹਮ ਨੀਚ ਕਰੰਮਾ। ਸਰਣਿ ਪਰੇ ਕੀ ਰਾਖਹੁ ਸਰਮਾ ॥ ੨ ॥ ੪ ॥

۹- آسا محلا پنجوان
(اُپديش)

(۱) ڀئي پراپِت مانکہ ديهُرِئا
گوبند مِلڻَ کي اِهَ تيري ٻرِئا

[illegible]

[illegible]

[illegible]

ਆਸਾ ਮਹਲਾ ੧

ਤਿਤੁ ਸਰਵਰੜੈ ਭਈਲੇ ਨਿਵਾਸਾ ਪਾਣੀ ਪਾਵਕੁ ਤਿਨਹਿ ਕੀਆ। ਪੰਕਜੁ ਮੋਹੁ ਪਗੁ ਨਹੀ ਚਾਲੈ ਹਮ ਦੇਖਾ ਤਹ ਡੂਬੀਅਲੇ ।੧। ਮਨ ਏਕੁ ਨ ਚੇਤਸਿ ਮੂੜ ਮਨਾ। ਹਰਿ ਬਿਸਰਤ ਤੇਰੇ ਗੁਣ ਗਲਿਆ ।੧॥ ਰਹਾਉ ॥ ਨਾ ਹਉ ਜਤੀ ਸਤੀ ਨਹੀ ਪੜਿਆ ਮੂਰਖ ਮੁਗਧਾ ਜਨਮੁ ਭਇਆ। ਪ੍ਰਣਵਤਿ ਨਾਨਕ ਤਿਨ ਕੀ ਸਰਣਾ ਜਿਨ ਤੂ ਨਾਹੀ ਵੀਸਰਿਆ ॥ ੨ ॥ ੩ ॥

١- آسا محلا پہلا

(اپدیش)

تت سروَرڑے بھئی لے نواسا، پانی پاوک تنہہ کیا
پنکج موہ پگ نہیں چالے ہم دیکھا تہہ ڈوبیالے

ایتھے اسیں [illegible] (دنیا) [illegible] ہر [illegible] جیں ہر ہو لیا پانی؛ اگ [illegible] آدِکے تنہاں بنایا آہی۔ [illegible] روای گب ہر (وقتاں آسی) [illegible] اساں ڈِٹھو تہ اسیں ہڑدی مٹا۔ [illegible]

[سرور = تلاء۔ پاوک = اگ۔ پنکج = [illegible]۔ پگ = پیر۔ ڈوبیالے = ہڑدی مٹا۔]

آرٿ- گورمکن (نام روپي رتن) لڌو آهي ۽ منمکن وڃايو آهي. تون (منمکن کي) پاڻ کان وڇوڙين ٿو ۽ (گورمکن کي) پاڻ سان ملائين ٿو.

(۲) تُون دريائو سڀ تُجهِي ماهِ
تُجهِ بِن دُوجا ڪوئي ناهِ

آرٿ- تون سمنڊ وانگر آهين ۽ سڀئي تو ۾ سمايا پيا آهن. توکانسواءِ ٻيو ڪوبہ ڪونهي.

جيئہ جنت سڀ تيرا کيلُ
وِجوگِ مِلِ وِڇڙِئا سنجوگي ميلُ

ارٿ- هي سڀ جيو ۽ جنت تنهنجو کيل آهن. جنهجو (ست سنگ نہ ڪرڻ ڪري) ونجوگ هو، سي تنهنجي ملڻ کان وڇڙي ويا ۽ جنهجو (ست سنگ ڪرڻ ڪري) سنجوگ هو، تن جو ميلاپ (توسان) ٿيو.

(۳) جِس نو تُون جاڻائِهِ سوئي جَنُ جاڻئِ
هرِ گُڻ سد هي آکِ وکاڻئِ

آرٿ- جنهنکي تون پاڻ ڄاڻائين ٿو، سوئي توکي ڄاڻي ٿو. (اهڙو جيو) سدائين هريءَ جا گڻ چئي واکاڻ ڪري ٿو.

جِنِ هرِ سيوِئا تِنِ سُکہ پائيا
سهجيئي هرِ نام سمائيا

آرٿ- جن هريءَ جي شيوا ڪئي آهي تن ئي سک پاتو آهي. اُهي سياويڪ هريءَ جي نام ۾ سمائجي رهيا آهن.

(۴) تُون آپي ڪرتا تيرا ڪيئا سڀُ هوءِ
تُدُ بِنُ دُوجا اَوَرُ نہ ڪوءِ

ਗੁਰਮੁਖਿ ਲਾਧਾ ਮਨਮੁਖਿ ਗਵਾਇਆ। ਤੁਧੁ ਆਪਿ ਵਿਛੋੜਿਆ ਆਪਿ ਮਿਲਾਇਆ ॥ ੧ ॥ ਤੂੰ ਦਰੀਆਉ ਸਭ ਤੁਝਹੀ ਮਾਹਿ। ਤੁਝ ਬਿਨੁ ਦੂਜਾ ਕੋਈ ਨਾਹਿ। ਜੀਅ ਜੰਤ ਸਭਿ ਤੇਰਾ ਖੇਲੁ। ਵਿਜੋਗਿ ਮਿਲਿ ਵਿਛੁੜਿਆ ਸੰਜੋਗੀ ਮੇਲੁ ॥ ੨ ॥ ਜਿਸਨੋ ਤੂੰ ਜਾਣਾਇਹਿ ਸੋਈ ਜਨੁ ਜਾਣੈ। ਹਰਿ ਗੁਣ ਸਦਹੀ ਆਖਿ ਵਖਾਣੈ। ਜਿਨਿ ਹਰਿ ਸੇਵਿਆ ਤਿਨਿ ਸੁਖੁ ਪਾਇਆ। ਸਹਜੇ ਹੀ ਹਰਿ ਨਾਮਿ ਸਮਾਇਆ ॥ ੩ ॥ ਤੂ ਆਪੇ ਕਰਤਾ ਤੇਰਾ ਕੀਆ ਸਭੁ ਹੋਇ। ਤੁਧੁ ਬਿਨੁ ਦੂਜਾ ਅਵਰੁ ਨ ਕੋਇ। ਤੂ ਕਰਿ ਕਰਿ ਵੇਖਹਿ ਜਾਣਹਿ ਸੋਇ। ਜਨ ਨਾਨਕ ਗੁਰਮੁਖਿ ਪਰਗਟੁ ਹੋਇ ॥ ੪ ॥ ੨ ॥

٧- آسا محلا چوٿان

(پرماتما جي سنمکر اُستت)

تُون ڪَرتا سَچيار مَنڊا سائين

جو تو ڀاوي سوئي ٿيسي،

جو تُون ڏيهه سوئي هَؤ پائي (اِڪ رهاءُ)

ارٿ- هي سچا ڪرتار! تون منهنجو مالڪ آهين. جيڪي توکي وڻي ٿو، اهوئي ٿئي ٿو؛ جيڪي تون ڏين ٿو اهوئي پراپت ڪريان ٿو. [مَنڊا = منهنجا. ٿيسي = ٿيندو.]

(١) سَڀ تيري تُون سڀني ڌِيائيا

جِس نو ڪِرپا ڪَرهِ، تِن نام رَتن پائيا

ارٿ- سڀ (سرشٽي) تنهنجي ئي آهي؛ سڀئي توکي ڌيائن ٿا. جن تي ڪرپا ڪرين ٿو، سي نام روپي رتن پراپت ڪن ٿا.

گُورمُکِ لاڌا مَنمُکِ گَوائيا

تُڌُ آپ وِڇوڙيا آپ مِلائيا

[تپ تاپہہ = تپ تپين تاں تپ کن تا. کت کرم = ٦ کرم يعني (١) ويد پڙهڻ (٢) ويد پاڙهڻ (٣) يگيہ کرڻ (۴) يگيہ ڪرائڻ (٥) دان ونڻ (٦) بين کي دان ڏيڻ.]

(٥) تون آدِ پُرکہ اَپرنپر ڪرتا جي ، تُدُ جيوڈُ اَورُ نہ ڪوئي

تُون جُگہ جُگہ ايکو سدا سدا تُون ايڪو جي ،

تُون نِہچلُ ڪرتا سوئي

آرت – هي ڪرتار! تون آد کان آهين ، سڀ ۾ وياپڪ آهين ، بري کان بري آهين ؛ تو جيڏو وڏو ٻيو ڪو به ڪونهي. تون جُگہ جُگہ ۾ ساڳيوئي آهين ، تون سدائين ساڳيو آهين ؛ تون ئي قائم ڪرتار آهين. [اپرنپر = بري کان بري. نِہچل = اَچل ، قائم.]

تُدُ آپي ڀاوي سوئي ورتي جي ، تُون آپي ڪرہ سہ هوئي

تُدُ آپي سِرشٽ سڀ اُپائي جي ، تُدُ آپي سِرجِ سڀ گوئي

جنُ نانڪ گُڻ گاوي ڪرتي ڪي جي ،

جو سڀ سيءِ ڪا جاڻوئي.

آرت – جيڪي توکي وڻي ٿو ، اُهوئي ورتجي ٿو ؛ جيڪي تون پاڻ ڪرين ٿو ، سوئي ٿئي ٿو. تو پاڻ سڄي سرشٽي اُپائي آهي ؛ (موتي) تون پاڻ ٻنهنجي سڄي ناهيل سرشٽيءَ جي پرلي ڪرين ٿو. صاحب داس ڀاو سان جون تا تہ مان انهيءَ ڪرتار جا گڻ ڳايان ٿو ، جو سيڪنهن ڳالهہ جو جاڻندڙ آهي. [سرج = سرجيل ، ناهيل سرشٽي. گوئي = پرلي ڪرين ٿو. جاڻوئي = جاڻندڙ.]

ਆਸਾ ਮਹਲਾ ੪

ਤੂੰ ਕਰਤਾ ਸਚਿਆਰੁ ਮੈਡਾ ਸਾਂਈ। ਜੋ ਤਉ ਭਾਵੈ ਸੋਈ ਥੀਸੀ ਜੋ ਤੂ ਦੇਹਿ ਸੋਈ ਹਉ ਪਾਈ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਸਭ ਤੇਰੀ ਤੂੰ ਸਭਨੀ ਧਿਆਇਆ। ਜਿਸਨੋ ਕ੍ਰਿਪਾ ਕਰਹਿ ਤਿਨਿ ਨਾਮ ਰਤਨੁ ਪਾਇਆ।

هريءَ جي سروپ ۾ سمائجي وڃن ٿا. ڏن آهن، ڏن آهن اهي پرش، جن هريءَ کي ڌيايو آهي؛ صاحب داس پاوسان چون ٿا تہ آءٌ انهن تان ٻلهار وڃان. [گواسِي = ڦاٿو وڃي ٿو.]

(۴) تيري پَکَتِ تيري پَکَتِ ڀنڊارَ جي،

ڀَري ٻہِ انتَ بي آنْتا

تيري پَکَتِ تيري پَکَتِ سَلاهَن تُدُ جي،

هرِ اَنڪَ اَنيڪَ آنْتا

ارٿ - هي ٻي انت پرماتما! تنهنجي ڀڳتيءَ جا بي انت ڀنڊار ڀريا پيا آهن. هي بي انت! تنهنجا ڀڳت انڪ آهن ۽ اهي انيڪ نمونن سان تنهنجي سارام ڪن ٿا. [انڪ = انيڪ نمونن سان. انتا = بي انت.]

تيري اَنِڪَ تيري اَنِڪَ ڪَرِهِ هرِ پوجا جي،

تَپُ تاپهِ جپهِ بي آنتا

تيري آنيڪَ تيري آنيڪَ پَڙهِ ٻهُ سِمرِتِ ساسَت جي

ڪَرِ ڪِريا کَٽُ ڪَرَم ڪَرَنْتا

سي پَکَتَ سي پَکَتَ ڀَاي جن نانڪ جي،

جو ڀاوهِ ميري هرِ ڀَڳوَنْتا

ارٿ - هي بي انت هري! جيئو آنيڪ نمونن سان تنهنجي پوڄا ڪن ٿا، تپ ڪن ٿا ۽ توکي جپن ٿا. تنهنجا انيڪ ڀڳت گهڻيون سمرتيون ۽ شاستر پڙهن ٿا ۽ ڪريائون ڪري ڇهہ (برهمڻن جا) ڪرم ڪن ٿا. صاحب داس پاوسان چون ٿا تہ هي منهنجا هري! اهي ڀڳت سريشٽ آهن جي توکي وڻن ٿا.

ڏُون آپي داتا آپي ڀُڳتا جي، هَرِ تُڌُ ٻِنُ اَوَرُ نَ جاڻا

تُون پارَ برهمُ بي اَنتُ بي اَنتُ جي،
تيري ڪِئا گُڻ آکِ وَکاڻا
جو سيوهِ جو سيوهِ تُڌُ جي، جَنُ نانڪ تِنِ ڦُرباڻا

ارٿ - (پدارٿ) ڏيندڙ بہ تون آهين ۽ اُنهنجي ڀوڳڻ وارو بہ تون آهين؛ مان توکانسواءِ ٻئي ڪنهنکي نٿو سڃاڻان. تون پاربرهم ۽ بي انت آهين؛ تنهنجا ڪهڙا ڪهڙا گڻ مان جئي بڌايان؟ صاحب داس چوي ٿو تہ جيڪي تنهنجي شيوا ڪن ٿا تن تان آءٌ قربان وڃان. [جن = داس.]

(۳) هَرِ ڌِئاوهِ هَرِ ڌِئاوهِ تُڌُ جي، سي جَنَ جُڳَ مهِ سُکَ واسي
سي مُڪَتُ سي مُڪَتُ ڀئي جِنَ هَرِ ڌِئائيا جي،
تِنَ ٽُوٽي جم ڪي ڦاسي

ارٿ - هي هري! جيڪي توکي ڌيائين ٿا، سي جڳت ۾ سکي رهن ٿا. جن توهري کي ڌيايو آهي، سي مڪت ٿي ويا آهن ۽ انهن جي (گلي مان) جم جي ڦاسي ٽٽي ويئي آهي.

جِنَ نِرڀؤ جِنَ هَرِ نِرڀؤ ڌِئائيا جي، تِنَ ڪا ڀؤ سَڀُ گَواسي
جِنَ سيوِئا جِنَ سيوِئا ميرا هَرِجي، تي هَرِ هَرِ رُوپِ سماسي
سي ڌَنُ سي ڌَنُ جِنَ هَرِ ڌِئائيا جي،
جَنُ نانڪُ تِنَ ٻَلِ جاسي

ارٿ - جيڪي پرش نرڀؤ هري کي ڌيائين ٿا، تن جو سڀ ڀؤ هليو وڃي ٿو. جيڪي منهنجي هري جي شيوا ڪن ٿا سي

(۱) سو پُرکُھ نِرنجنُ هرِ پُرکُھ نِرنجنُ، هرِ اَگما اَگمَ اَپارا
سَبھ ڌِيائوهِ سَبھ ڌِيائوهِ تُڌُ جِي، هرِ سچي سِرجڻهارا

ارٿ - اُهو هري وياپڪ، مايا کان رهت، جاڻڻ کان بلڪل پري ۽ اپار آهي. هي سچا سرجڻهار هري! سڀ توکي ئي ڌيائين ٿا، سڀ توکي ئي ڌيائين ٿا. [پرکھ = وياپڪ. نرنجن = مايا کان رهت. اگما اگم = اگم کان اگم، جاڻڻ کان بلڪل پري.]

سَبھ جِيئه تُماري جِي، تُون جيئا ڪا داتارا
هرِ ڌِيائوهُ سنتهُ جِي، سَبھ دُکھ وِسارڻ هارا
هرِ آپي ٺاڪُرُ هرِ آپي سيوڪُ جِي، ڪِيا نانڪ جنت وِچارا

ارٿ - (هي هري) سڀ جيو تنهنجا آهن، تون ئي جيون کي (روزي) ڏيندڙ آهين. هي سنتو! انهيءَ هريءَ کي ڌيايو، جو سڀ دک نورت ڪندڙ آهي. هري مالڪ به پاڻ آهي ۽ داس به پاڻ آهي؛ صاحب فرمائن ٿا ته هيءُ جيو ڪهڙو نه بي وس آهي! يعني جيو پاڻ ڪجهه به ڪري نٿو سگهي. [وچارا = ويچارو، بي وس.]

(۲) تُون گهٽ گهٽ اَنترِ سرب نِرنترِ جِي،
هرِ ايڪو پُرکُھ سماڻا
هِڪِ داتي اِڪِ بيکاري جِي، سَبھ تيرے چوج وِڏاڻا

ارٿ - (هي پرماتما!) تون سڀني هردن ۾ هڪ سمان وسين ٿو؛ هي هري! تون هڪڙوئي سڀني ۾ وياپڪ ۽ سمايل آهين. ڪڙا داتار آهن ۽ ڪيترا ويري ڀڪاري آهن، اهو سڀ تنهنجو عجيب کيل آهي. [نرنتر = تفاوت کانسواءِ، اڪ رس، هڪ سمان. چوج = کيل. وڏاڻا = عجيب.]

ਦਾਤਾ ਆਪੇ ਭੁਗਤਾ ਜੀ ਹਉ ਤੁਧੁ ਬਿਨੁ ਅਵਰੁ ਨ ਜਾਣਾ । ਤੂ ਪਾਰਬ੍ਰਹਮੁ ਬੇਅੰਤੁ ਬੇਅੰਤੁ ਜੀ ਤੇਰੇ ਕਿਆ ਗੁਣ ਆਖਿ ਵਖਾਣਾ । ਜੋ ਸੇਵਹਿ ਜੋ ਸੇਵਹਿ ਤੁਧੁ ਜੀ ਜਨੁ ਨਾਨਕੁ ਤਿਨ ਕੁਰਬਾਣਾ ॥ ੨ ॥ ਹਰਿ ਧਿਆਵਹਿ ਹਰਿ ਧਿਆਵਹਿ ਤੁਧੁ ਜੀ ਸੇ ਜਨ ਜੁਗ ਮਹਿ ਸੁਖਵਾਸੀ । ਸੇ ਮੁਕਤੁ ਸੇ ਮੁਕਤੁ ਭਏ ਜਿਨ ਹਰਿ ਧਿਆਇਆ ਜੀ ਤਿਨ ਤੂਟੀ ਜਮ ਕੀ ਫਾਸੀ । ਜਿਨ ਨਿਰਭਉ ਜਿਨ ਹਰਿ ਨਿਰਭਉ ਧਿਆਇਆ ਜੀ ਤਿਨ ਕਾ ਭਉ ਸਭੁ ਗਵਾਸੀ । ਜਿਨ ਸੇਵਿਆ ਜਿਨ ਸੇਵਿਆ ਮੇਰਾ ਹਰਿ ਜੀ ਤੇ ਹਰਿ ਹਰਿ ਰੂਪਿ ਸਮਾਸੀ । ਸੇ ਧੰਨੁ ਸੇ ਧੰਨੁ ਜਿਨ ਹਰਿ ਧਿਆਇਆ ਜੀ ਜਨ ਨਾਨਕ ਤਿਨੁ ਬਲਿ ਜਾਸੀ ॥ ੩ ॥ ਤੇਰੀ ਭਗਤਿ ਤੇਰੀ ਭਗਤਿ ਭੰਡਾਰ ਜੀ ਭਰੇ ਬਿਅੰਤ ਬੇਅੰਤਾ । ਤੇਰੇ ਭਗਤ ਤੇਰੇ ਭਗਤ ਸਲਾਹਨਿ ਤੁਧੁ ਜੀ ਹਰਿ ਅਨਿਕ ਅਨੇਕ ਅਨੰਤਾ । ਤੇਰੀ ਅਨਿਕ ਤੇਰੀ ਅਨਿਕ ਕਰਹਿ ਹਰਿ ਪੂਜਾ ਜੀ ਤਪੁ ਤਾਪਹਿ ਜਪਹਿ ਬੇਅੰਤਾ । ਤੇਰੇ ਅਨੇਕ ਤੇਰੇ ਅਨੇਕ ਪੜਹਿ ਬਹੁ ਸਿਮ੍ਰਿਤਿ ਸਾਸਤ ਜੀ ਕਰਿ ਕਿਰਿਆ ਖਟੁ ਕਰਮ ਕਰੰਤਾ । ਸੇ ਭਗਤ ਸੇ ਭਗਤ ਭਲੇ ਜਨ ਨਾਨਕ ਜੀ ਜੋ ਭਾਵਹਿ ਮੇਰੇ ਹਰਿ ਭਗਵੰਤਾ ॥ ੪ ॥ ਤੂੰ ਆਦਿ ਪੁਰਖੁ ਅਪਰੰਪਰੁ ਕਰਤਾ ਜੀ ਤੁਧੁ ਜੇਵਡੁ ਅਵਰੁ ਨ ਕੋਈ । ਤੂੰ ਜੁਗੁ ਜੁਗੁ ਏਕੋ ਸਦਾ ਸਦਾ ਤੂੰ ਏਕੋ ਜੀ ਤੂੰ ਨਿਹਚਲੁ ਕਰਤਾ ਸੋਈ । ਤੁਧੁ ਆਪੇ ਭਾਵੈ ਸੋਈ ਵਰਤੈ ਜੀ ਤੂੰ ਆਪੇ ਕਰਹਿ ਸੁ ਹੋਈ । ਤੁਧੁ ਆਪੇ ਸ੍ਰਿਸਟਿ ਸਭ ਉਪਾਈ ਜੀ ਤੁਧੁ ਆਪੇ ਸਿਰਜਿ ਸਭ ਗੋਈ । ਜਨੁ ਨਾਨਕੁ ਗੁਣ ਗਾਵੈ ਕਰਤੇ ਕੇ ਜੀ ਜੋ ਸਭਸੈ ਕਾ ਜਾਣੋਈ ॥ ੫ ॥ ੧ ॥

٦- راڳ آسا محلا چوٿون (سو پُرکھ)

ايڪ اونڪار ستگور پرساد

(پرماتما جي اُستت)

هن شبد تي نالو ”سو پُرکھ“ هن ڪري پيو آهي جو ”سو پُرکھ“ لفظن سان شروع ٿئي ٿو. اُن ۾ پرماتما جي سنمکھ اُستت ڪيل آهي.

نوٽ- ”تن ڪرڻ ڪٽاوڻ ڪرڻ چڪاوڻ مَن مهه
سمرڻ ڪريا“ جو ڇيو آرٿ؟- تن کي ڪير ٿو ڪٽائي؟ ڪير
ٿو چوڪو چڪائي، ۽ اُهو ٻاهه ٿوڏان ڪڏهن ويچاري آهي؟

(٣) سڀ ٿدان دس آشٽ سدان، ٿاڪُر ڪرتن ڏيا
جن ٿاڪ ڀل ڀل سد ڀل جئيڻي،
تيرا انتُ نہ پارا وِيا.

ارٿ- هي مالڪ! سڀئي حزانا ۽ آرزدان سڌيون ۽ ننڌيون
مت هي تيرءَ ۾ رکيون آهن (يعني توهان سوجهيون آهن).
صاحب فرمائين ٿا ته توکان ٻاهر وڃان، ٻاهر وڃان سنائين ۽ ننڌي
اوڙار = ٻڙار جو ڪو انت ڪونهي يعني ننڌي ڪا حد نہ آهي.
[سدان = سڌيون. ڪر = مت. تل = توکي. پارا ورپا = ٻوار ۽ اوڙار
يعني ٻاهر ٻاهر ۽ اوڙهه جو.]

ਰਾਗੁ ਆਸਾ ਮਹਲਾ ੪

ਸੋ ਪੁਰਖੁ

ੴ ਸਤਿਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥

ਸੋ ਪੁਰਖੁ ਨਿਰੰਜਨੁ ਹਰਿ ਪੁਰਖੁ ਨਿਰੰਜਨੁ ਹਰਿ ਅਗਮਾ ਅਗਮ ਅਪਾਰਾ। ਸਭਿ ਧਿਆਵਹਿ ਸਭਿ ਧਿਆਵਹਿ ਤੁਧੁ ਜੀ ਹਰਿ ਸਚੇ ਸਿਰਜਣ ਹਾਰਾ। ਸਭਿ ਜੀਅ ਤੁਮਾਰੇ ਜੀ ਤੂ ਜੀਆ ਕਾ ਦਾਤਾਰਾ। ਹਰਿ ਧਿਆਵਹੁ ਸੰਤਹੁ ਜੀ ਸਭਿ ਦੂਖ ਵਿਸਾਰਣ ਹਾਰਾ। ਹਰਿ ਆਪੇ ਠਾਕੁਰੁ ਹਰਿ ਆਪੇ ਸੇਵਕੁ ਜੀ ਕਿਆ ਨਾਨਕ ਜੰਤ ਵਿਚਾਰਾ ॥ ੧ ॥ ਤੂ ਘਟ ਘਟ ਅੰਤਰਿ ਸਰਬ ਨਿਰੰਤਰਿ ਜੀ ਹਰਿ ਏਕੋ ਪੁਰਖੁ ਸਮਾਣਾ। ਇਕਿ ਦਾਤੇ ਇਕਿ ਭੇਖਾਰੀ ਜੀ ਸਭਿ ਤੇਰੇ ਚੋਜ ਵਿਡਾਣਾ। ਤੂੰ ਆਪੇ

میري ماڈۂ جي ست سنگت ملي سہ تريا
گور پرساد پرم پد پائيا، سوکي کاشت هريا
(اِک رهاءُ)

ارٿ - مي منهنجا پرميشورا جيڪي ست سنگ ۾ اچي ملن ٿا، سي ئي ترن ٿا. گوروءَ جي ديا سان ئي وڏو پد پائجي ٿو ۽ سُڪل ڪاٺ ۾ سائو ٿيي پوي ٿو. يعني گوروءَ جي ديا سان انتهڪرڻ شُڌ ٿيو پوي. [ماڈۂ = مايا جو ڌڻي، پرميشور. کاشت = ڪاٺ.]

(۲) جنن پتا لوڪ سُت بنتا، ڪوءِ نہ ڪسڪي ڌريا
سِرِ سِرِ رِزقُ سنباهي ٺاڪُر، کاهي مَن ڀؤ ڪريا

ارٿ - ماتا، پتا، سنبنڌي، پٽ ۽ استري، انهن مان ڪو بہ ڪنهنجو آسرو ڪونهي يعني ڪنهن تي بہ آڌار رکي نٿو سگهجي. مالڪ سڀڪنهن کي رزق پهچائي ٿو، پوءِ ري من! ڀؤ ڇا جو ٿو ڪرين؟ [جنن = ماتا. سُت = پٽ. بنتا = استري. ڌريا = آسرو. سنباهي = پهچائي.]

(۳) اُوڏي اُوڏ آوي سيہ ڪوسا، تس پاڇي بچري ڇريا
تن ڪَوڻ کلاوي ڪَوڻ چڳاوي،
من مهہ سمرنُ ڪريا

ارٿ - ڪونجون سوين ڪوهہ اڏامي ايندڀون آهن ۽ پنهنجي پنيان ٻچا ڇڏي ايندڀون آهن. انهن کي کير ڪير ٿو کارائي ۽ کير ڪير ٿو چُڳائي؟ اُنهن هو من ۾ ڌيان ڪن ٿيون (تہ ٻچا مالڪ جي حوالي ڇڏيا آئيون، جنهنڪري پرماتما انهن جي سنڀال لهي ٿو). [ڇريا = ڇڏي اچن ٿيون. سمرن = ياد ڪرڻ، ڌيان ڪرڻ يا ويچارڻ.]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible] ॥ ੪ ॥ ੫ ॥

٦. راڳ گوڙي محلا پنجوان
(پرماتما سڀ جو آڌار)

[illegible] امرتسر جي شهر ۾ سخت ڏڪار [illegible] صاحب ۽ ڪي سک سري گرو [illegible] وٽ آيا ۽ اچي چيائون ته سائين! "لنگر [illegible] خرچ وڌيڪ ٿيو آهي. ويچارا ماڻهو [illegible] ڪيئن گذر ڪندو؟" [illegible] فرمايو ته "سڀ کي رزق ڏيڻ وارو [illegible] ڪريو. [illegible] وارو [illegible] آهي." [illegible]

(۱) [illegible] آدم [illegible]

[illegible] رزق آگي ڪر ڌريا

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible] آدم = [illegible]]

(۳) جِنِ هرِ هرِ هرِ رسُ نامُ نہ پائِيا، تي ڀاڳہ هيڻِ جمُ پاسِ
جو ستگور سرڻِ سنگت نهي آئي،

ڌرگہ جيوي ڌرگہ جيواسِ

آرٿ– جن هريءَ جي نام جو رس نہ ورتو آهي سي نياڳا آهن ۽ اُهي جمراج وٽ ويندا. جيڪي جيو ستگوروءَ ۽ ساڌسنگت جي سرڻ ۾ نٿا اچن، تن جي جيئڻ تي ڌڪار آهي ۽ سندن وڏيڪ جيئڻ تي ڌڪار آهي ۽ سندن جيئڻ جي چاهنا رکڻ تي بہ ڌڪار آهي. [ڌرگہ = ڌڪار. جيواس = جيئڻ جي چاهنا.]

(۴) جِنِ هرِ جن ستگور سنگت پائي،
تِنِ ڌُرِ مستڪِ لِکِئا لِکاسِ
ڌنُ ڌنُ ست سنگتِ، جِتُ هرِ رسُ پائِيا،
مِلِ جن نانڪ نامُ پرگاسِ:

آرٿ– جن هريءَ جي داسن ستگوروءَ جي سنگت پراپت ڪئي آهي، تنجي مستڪ تي ڌُر ڪان ئي ليکہ لکيل آهي. ڌن آهي ساڌسنگت، جتي هريءَ جو آنند پائجي ٿو؛ صاحب فرمائين ٿا تہ هريءَ جي داسن سان ملڻ ڪري نام جو پرڪاش ٿئي ٿو.

ਰਾਗੁ ਗੂਜਰੀ ਮਹਲਾ ੫

ਕਾਹੇ ਰੇ ਮਨ ਚਿਤਵਹਿ ਉਦਮੁ ਜਾ ਆਹਰਿ ਹਰਿ ਜੀਉ ਪਰਿਆ। ਸੈਲ ਪਥਰ ਮਹਿ ਜੰਤ ਉਪਾਏ ਤਾਕਾ ਰਿਜਕੁ ਆਗੈ ਕਰਿ ਧਰਿਆ ॥ ੧ ॥ ਮੇਰੇ ਮਾਧਉ ਜੀ ਸਤ ਸੰਗਤਿ ਮਿਲੇ ਸੁਤਰਿਆ। ਗੁਰ ਪਰਸਾਦਿ ਪਰਮ ਪਦੁ ਪਾਇਆ ਸੂਕੇ ਕਾਸਟ ਹਰਿਆ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਜਨਨਿ ਪਿਤਾ ਲੋਕ ਸੁਤ ਬਨਿਤਾ ਕੋਇ ਨ ਕਿਸ

سر: ريتي، موجب ڪين ڇيو تہ ڪجھ ڪھرو. گورو رامداس صاحب ڇيو تہ سائين! مونکي نام دان ڏيو. ائين جنهن ۾ پريم ڀريل شبد مکہ سان اُچاريائون.

(۱) موڪي جن ستگور ست پُرکا، ڀنڻ ڪرہ گور پاس
مر ڪيري ڪرم ستگور سرڌائي، ڪر دئيا نام پرڪاس

[ارٿ - مي هرجن جا پيارا ستگورو، سب پرش! مان توهان شرڻ ۾ ٿو وينتي ٿو ڪريان تہ مان ڪيڙن ۽ ننڍو ڪيڙون وانگي نڪا ڄيس جهڙو آهيان، پر توهان ستگورن جي سرڻ ۾ مان، دئيا ڪري (منهنجي هردي ۾) نام جو پرڪاش ڪريو. وينتي. ڪرم = ڪيڙون. ڪيري = ننڍو ڪيڙون.]

ميري ميت گورديو، موڪئہ رام نام پرڪاس
گرمت نام ميرا پران سکائي،

[illegible] ڪيرت همري رهراس (اڪ رهاؤ)

[ارٿ - مي منهنجا مترَ گورديو! مونکي پرماتما جي نام جو ... گورو جي اُپديش دوارا نام منهنجي پرانن جو ساٿي ... آهي. [مت = ... = سنجهي، وات.]

... جن هر هر سرڌا هر پياس
... ملي سنگت گڻ پرڪاس

[illegible] آهن، ... آهي. ... جي نام ملڻ سان ... ڪري ... گڻن جو پرڪاش

خصمُ وِسارهِ تي ڪمذاتِ
نانڪ ناوَيُ ٻاجهه صناتِ.

آرت- جيڪي مالڪ کي وسارين ٿا، سي ڪمذات آهن. صاحب فرمائين ٿا تہ اهي نام کانسواءِ اپوتر آهن. [خصم = مالڪ. صنات = بلڪل نيچ، اپوتر.]

ਰਾਗੁ ਗੂਜਰੀ ਮਹਲਾ ੪

ਹਰਿ ਕੇ ਜਨ ਸਤਿਗੁਰ ਸਤ ਪੁਰਖਾ ਬਿਨਉ ਕਰਉ ਗੁਰ ਪਾਸਿ ॥ ਹਮ ਕੀਰੇ ਕਿਰਮ ਸਤਿਗੁਰ ਸਰਣਾਈ ਕਰਿ ਦਇਆ ਨਾਮੁ ਪਰਗਾਸਿ ॥ ੧ ॥ ਮੇਰੇ ਮੀਤ ਗੁਰਦੇਵ ਮੋਕਉ ਰਾਮ ਨਾਮੁ ਪਰਗਾਸਿ। ਗੁਰਮਤਿ ਨਾਮੁ ਮੇਰਾ ਪ੍ਰਾਨ ਸਖਾਈ ਹਰਿ ਕੀਰਤਿ ਹਮਰੀ ਰਹਰਾਸਿ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਹਰਿ ਜਨ ਕੇ ਵਡ ਭਾਗ ਵਡੇਰੇ ਜਿਨ ਹਰਿ ਹਰਿ ਸਰਧਾ ਹਰਿ ਪਿਆਸ। ਹਰਿ ਹਰਿ ਨਾਮੁ ਮਿਲੈ ਤ੍ਰਿਪਤਾਸਹਿ ਮਿਲਿ ਸੰਗਤਿ ਗੁਣ ਪਰਗਾਸਿ ॥ ੨ ॥ ਜਿਨ ਹਰਿ ਹਰਿ ਹਰਿ ਰਸੁ ਨਾਮੁ ਨ ਪਾਇਆ ਤੇ ਭਾਗ ਹੀਣ ਜਮ ਪਾਸਿ। ਜੋ ਸਤਿਗੁਰ ਸਰਣਿ ਸੰਗਤਿ ਨਹੀ ਆਏ ਧ੍ਰਿਗੁ ਜੀਵੈ ਧ੍ਰਿਗੁ ਜੀਵਾਸਿ ॥ ੩ ॥ ਜਿਨ ਹਰਿ ਜਨ ਸਤਿਗੁਰ ਸੰਗਤਿ ਪਾਈ ਤਿਨ ਧੁਰਿ ਮਸਤਕਿ ਲਿਖਿਆ ਲਿਖਾਸਿ। ਧਨੁ ਧੰਨੁ ਸਤ ਸੰਗਤਿ ਜਿਤੁ ਹਰਿ ਰਸੁ ਪਾਇਆ ਮਿਲਿ ਜਨ ਨਾਨਕ ਨਾਮੁ ਪਰਗਾਸਿ ॥ ੪ ॥ ੪ ॥

٤- راڳ گوجري محلا چوٿان
(گوروءَ اڳيان وينتي)

ٽِپڻي- هي شبد گورو رامداس صاحب جن تڏهين اُچاريو آهي، جڏهين هو پنهنجي ساهري گهر ڇڏي وڃي وهان ڪرڻ لاءِ ويا هئا ۽ سندن سهري گورو امرداس صاحب جن

ارٿ - (ساڌو) سڀني نام جي فقط تہ جيتري وڏائي جنهن تنهنجي پيا، پر اُن جو انت نہ پاتائون.

جي سڀ ملڪي آکڻ ٻاهہ
وڏا نہ هووي ڪهاڻي نہ جاء

ارٿ - جيڪڏهن سڀئي جيو گڏجي (پرماتما جي وڏائي) چوڻ لڳن تہ بہ اُها وڏائي تنهنجي وڏي ٿي پوندي ۽ نڪي گهٽجي ويندي؛ يعني پرماتما جي وڏائي اُچارڻ توڙي نہ اُچارڻ سان اوتري جي اوتري رهندي.

(٣) نا اوهُ مَري نہ هووي سوڳُ
ديدا رَهي نہ چوڪي ڀوڳُ

ارٿ - پرماتما نڪي مري ٿو ۽ نڪي هنکي ڪو شوڪ ٿئي ٿو. جو (اسانکي رزق) ڏيندو رهي ٿو ۽ اهو رزق ڪڏهن کٽي نٿو. [سوڳ = شوڪ، ڏک. چوڪي = کُٽي. ڀوڳ = ڀنڊارڻ، رزق.]

گُڻ ايهو هورُ ناهي ڪوء
نا ڪو هوئا نا ڪو هوء

ارٿ - انهيءَ جهڙو گڻ ٻئي ڪنهن ۾ ڪونهي. جهڙو نڪو ٿيو نڪو ٿيندو.

(۴) جيوڏُ آپِ تيوڏَ تيري داتِ
جِنِ دِنُ ڪَرِڪي ڪيتي راتِ

ارٿ - (هي پرماتما!) جيڏو وڏو تون پاڻ آهين، تيڏي وڏي تنهنجي بخشش آهي. (تون ڪهڙو نہ آهين) جو تو ڏينهن بنائي وري رات (اسانجي آرام لاء) بنائي آهي!

٣- آسا محلا پهلا
(نام جي مهما)

اُٿانڪا- هڪ دفعي ماتا ترپتا پنهنجي سُپتر گورو نانڪ صاحب جن کي چيو ته ٻچا! تون هر وقت نام جپڻ ۾ ڇو لڳو پيو آهين ۽ ڇو نه ٻيو ٻين ٻارن وانگر ٽپين ڪُڏين ۽ تول مال ڪائين؟ تنهن تي صاحبن هيٺيون شبد اُچاريو:-

(١) آکا جيوا وِسرئِ مَرِ جاءُ
آکَڻِ اؤکا ساچا ناءُ

آرٿ- جيڪڏهين (نام) جپيان ٿو ته جيئان پيو، جيڪڏهين نام وسري وڃي ٿو ته مري ٿو وڃان. پر انهيءَ سچي نام جو جپڻ اؤکو آهي.

ساچي نامَ ڪي لاگئِ ڀُوکَ
اُت ڀُوکئِ کاءِ چَليئهِ دُوکَ

آرٿ- مونکي ته سچي نام جي بک لڳي پيئي آهي. اُنهيءَ بک جي ڪري سنسار جا دک کائي وڃجن ٿا، يعني نام جپڻ ڪري سنسار جا دک آپ نشا ڪن. [اُت = انهي.]

سو ڪِيُو وِسرئِ ميري ماءِ
ساچا صاحِبُ ساچئِ ناءِ (رهاءُ)

آرٿ- هي منهنجي اما! اهو (نام) مان ڪيئن وساريان؟ جو ته سچي مالڪ جو نام ئي سچو آهي.

(٢) ساچي نامَ ڪي تِلُ وڏِ ائي
آکِ ٿڪي قيمَتِ نهي پائي

(۴) آکڻ وارا ڪيا ويچارا
صفتي ڀري تيري ڀنڊار

ارٿ- (تنهنجون صفتون) ڪٿيندڙ ڪهڙو نه ويچارو آهي! (يعني جو پوريءَ طرح تنهنجون صفتون ڪٿي نه سگهندو)؛ جو ته تنهنجو ڀنڊار صفتن سان ڀريو پيو آهي.

جِسُ تُون ديهِ تِسيءِ ڪيا چارا
نانڪ سَچُ سَوارڻ هارا

ارٿ- جنهن کي تون پنهنجي (صفت ڪرڻ جي) دات ڏين ٿو، تنهن سان ٻئي جو ڪهڙو وس هلي سگهندو؟ يعني اُن سان ڪو به ٻجي نه سگهندو. صاحب فرمائين ٿا ته تون سچو سيني کي سنوارڻ وارو آهين.

ਆਸਾ ਮਹਲਾ ੧

ਆਖਾ ਜੀਵਾ ਵਿਸਰੈ ਮਰਿ ਜਾਉ। ਆਖਣਿ ਅਉਖਾ ਸਾਚਾ ਨਾਉ। ਸਾਚੇ ਨਾਮ ਕੀ ਲਾਗੈ ਭੂਖ। ਉਤੁ ਭੂਖੈ ਖਾਇ ਚਲੀਅਹਿ ਦੂਖ ॥ ੧ ॥ ਸੋ ਕਿਉ ਵਿਸਰੈ ਮੇਰੀ ਮਾਇ। ਸਾਚਾ ਸਾਹਿਬੁ ਸਾਚੈ ਨਾਇ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਸਾਚੇ ਨਾਮ ਕੀ ਤਿਲੁ ਵਡਿਆਈ। ਆਖਿ ਥਕੇ ਕੀਮਤਿ ਨਹੀ ਪਾਈ। ਜੇ ਸਭਿ ਮਿਲਿਕੈ ਆਖਣ ਪਾਹਿ। ਵਡਾ ਨ ਹੋਵੈ ਘਾਟਿ ਨ ਜਾਇ ॥ ੨ ॥ ਨਾ ਓਹੁ ਮਰੈ ਨ ਹੋਵੈ ਸੋਗੁ! ਦੇਦਾ ਰਹੈ ਨ ਚੂਕੈ ਭੋਗੁ। ਗੁਣੁ ਏਹੋ ਹੋਰ ਨਾਹੀ ਕੋਇ। ਨਾਕੋ ਹੋਆ ਨਾਕੋ ਹੋਇ ॥ ੩ ॥ ਜੇਵਡੁ ਆਪਿ ਤੇਵਡੁ ਤੇਰੀ ਦਾਤਿ। ਜਿਨਿ ਦਿਨੁ ਕਰਿਕੈ ਕੀਤੀ ਰਾਤਿ। ਖਸਮੁ ਵਿਸਾਰਹਿ ਤੇ ਕਮਜਾਤਿ। ਨਾਨਕ ਨਾਵੈ ਬਾਝੁ ਸਨਾਤਿ ॥ ੪ ॥ ੩ ॥

آهي يعني تنهنجي رچنا بي آنت آهي. [گهر = گهرا. گهيرا = سمنڊ. ڪيتا = ڪيل، پسارو. جيرا = حد.]

(٢) سَڀِ سُرتي مِل سُرتِ ڪمائي
سَڀِ قيمتِ مِل قيمتِ پائي

آرٿ - جيتوڻيڪ سيئي سُرت لڳائيندڙ (تنهنجو ڌيان ڪڍي ڪن ۽ سيئي ملهه ڪٿيندڙ گڏجي (تنهنجو) ملهه ڪٿي ڪٿين؛ [سرتي = سرت لڳائيندڙ. قيمت = ملهه ڪٿيندڙ.]

گياني ڌياني گُور گُور هائي
ڪَهڻُ نه جائي تيري تِلُ وِڏائي

آرٿ - جيتوڻيڪ گياني، ڌياني، گورو ۽ گورن جا گورو (تنهنجو ملهه ڪٿي ڪٿين) ته به اُهي تر جيتري به تنهنجي وڏائي جٿي نه سگهندا. [گورهائي = وڏا گورو، گورن جا گورو.]

(٣) سَڀِ سَت سَڀِ تَپَ سَڀِ چنگائيئا
سِڌا پُرکا ڪيئا وِڏائيئا

آرٿ - سڀ ست، تپ، چڱايون ۽ سِڌ پُرشن جون وڏايون،

تُڌُ وِڻُ سِڌي ڪِنيءِ نه پائيئا
ڪَرمِ مِلئِ ناهي ٺاکِ رهائيئا

آرٿ - اِهي پورنتا جا گڻ توکانسواءِ (ٻئي) ڪنهن وٽان پراپت نٿا ٿين. اِهي تنهنجي ڪرپا سان ئي ملن ٿا ۽ پوءِ ڪنهن جي روڪڻ تي روڪجي نٿا رهن، يعني ضرور ملن ٿا. [سڌي = پورنتا جا گڻ. ٺاک = روڪجي.]

ਧਿਆਨੀ ਗੁਰ ਗੁਰ ਹਾਈ । ਕਹਣੁ ਨ ਜਾਈ ਤੇਰੀ ਤਿਲੁ ਵਡਿਆਈ ॥ ੨ ॥ ਸਭਿ ਸਤ ਸਭਿ ਤਪ ਸਭਿ ਚੰਗਿਆਈਆ । ਸਿਧਾ ਪੁਰਖਾ ਕੀਆ ਵਡਿਆਈਆ । ਤੁਧੁ ਵਿਣੁ ਸਿਧੀ ਕਿਨੈ ਨ ਪਾਈਆ । ਕਰਮਿ ਮਿਲੈ ਨਾਹੀ ਠਾਕਿ ਰਹਾਈਆ ॥ ੩ ॥ ਆਖਣ ਵਾਲਾ ਕਿਆ ਵੇਚਾਰਾ । ਸਿਫਤੀ ਭਰੇ ਤੇਰੇ ਭੰਡਾਰਾ । ਜਿਸੁ ਤੂ ਦੇਹਿ ਤਿਸੈ ਕਿਆ ਚਾਰਾ । ਨਾਨਕ ਸਚੁ ਸਵਾਰਣ ਹਾਰਾ ॥ ੪ ॥ ੨ ॥

٢- آسا محلا پهلا
(پرماتما جي استت)

(١) سُڻِ وڏا آکي سڀ ڪوءِ
ڪيوڏ وڏا ڏيٺا هوءِ

ارٿ - اي پرماتما! توکي وڏو هُئي ڪري، سڀڪو وڏو چوي ٿو، پر ڪيڏو وڏو تون آهين، سو ڪنهن ڏٺو آهي؟ جي ڪڏهن ڪنهن ڏٺو هجي ته چئي سگهي. [ڪيوڏ = ڪيترو، ڪيڏو.]

قيمت پاءِ نه ڪهيا جاءِ
ڪهڻي والي تيري رهي سماءِ

ارٿ - تنهنجو انت ڪٿي توڙي .الي ڪس سگهو (جو ته) تنهنجي وڏائيءَ جا ڪٿيندڙ (ڪٿ ڪندڙ ڪندي) تو ۾ سمائجو وڃن. [قيمت = ملھ، انت.]

وڏي ميري صاحبا گهر گنڀيرا گُڻي گهيرا
ڪوءِ نه جاڻي تيرا ڪيتا ڪيوڏ چيرا (اڪ رهاءُ)

ارٿ - هي منهنجا وڏا صاحب، گهرا، گنڀير ۽ گڻن جا سمندرا ڪوبه نٿو جاڻي ته تنهنجي پساري جي حد ڪتري

آرٿ- اُهوئي پرماتما سدا سچو صاحب آهي ۽ هن جو نالو بہ سچو آهي. جنهن پرماتما هيءَ رچنا رچي آهي، سو هينئر بہ آهي، آئينده بہ هوندو ۽ ناس ٿيڻ جو نہ آهي. [جاءِ نہ جاسي = هليو نہ ويندو يعني ناس نہ ٿيندو.]

رَنْگِي رَنْگِي ڀاتِي كَرِ كَرِ، جِنَسِي مائِيا جِنِ اُپائِي
كَرِ كَرِ ديكهئِ كيتا آپڻا، جِئُ تِسدِي وڈِيائِي

اَرٿ- هيءَ رچنا، جا هن مايا مان پيدا ڪئي آهي، سا جدا جدا رنگن ۽ جنسن جي رچي اٿس. هو پنهنجي سرشٽي ناهي پنهنجي وڏائيءَ انوسار اُنکي پالي ٿو. ڀاو- جيڏو وڏو پاڻ آهي تيڏي وڏي سندس سنڀال آهي. [ديکئِ = ڏسي ٿو، سنڀالي ٿو، پالي ٿو. ڪيتا = ڪيل يعني سرشٽي.]

جو تِسُ ڀاوئِ سوئِي كَرَسِي، ڦِرِ حُكَمُ نہ كَرَڻا جائِي
سو پاتِشاهُ شاها پَتِ صاحبُ، نانک رَهڻُ رَضائِي.

اَرٿ- جيڪي هنکي وڻي ٿو، سوئي هو ڪري ٿو؛ هن تي ڪو حڪم ڪري نہ ٿو سگهي. صاحب فرمائين ٿا تہ اُهو صاحب شاهن جو شاهہ آهي؛ هن جي رضا تي هلڻ گهرجي. [شاهاپت = شاهن جو پتي، شاهن جو شاهہ. رضائي = رضا تي، حڪم هيٺ.]

ਆਸਾ ਮਹਲਾ ੧

ਸੁਣਿ ਵਡਾ ਆਖੈ ਸਭੁ ਕੋਇ। ਕੇਵਡੁ ਵਡਾ ਡੀਠਾ ਹੋਇ। ਕੀਮਤਿ ਪਾਇ ਨ ਕਹਿਆ ਜਾਇ। ਕਹਣੈ ਵਾਲੇ ਤੇਰੇ ਰਹੇ ਸਮਾਇ ॥ ੧ ॥ ਵਡੇ ਮੇਰੇ ਸਾਹਿਬਾ ਗਹਿਰ ਗੰਭੀਰਾ ਗੁਣੀ ਗਹੀਰਾ। ਕੋਇ ਨ ਜਾਣੈ ਤੇਰਾ ਕੇਤਾ ਕੇਵਡੁ ਚੀਰਾ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਸਭਿ ਸੁਰਤੀ ਮਿਲਿ ਸੁਰਤਿ ਕਮਾਈ। ਸਭ ਕੀਮਤਿ ਮਿਲਿ ਕੀਮਤਿ ਪਾਈ। ਗਿਆਨੀ

کاوِن تُدنو جوۃ مهاتِلَ سُورا، کاوِن تُدنو کاڻِي ڇاري
کاوِن تُدنو کَنۡڌ مَنۡڊَلَ بِرهمنڊا،
ڪَرِ ڪَرِ رکي تيري ڌاري

آرت- توکي ڪوڻا، مٿا ڀلي سورما = جنڪي ڪاڻمن ٿا جيو ڳائين ٿا. کنڊ، ديس ۽ برهمنڊ، جي تو رچي رچي بڻائي آڪار ۾ سنڀاريا آهن، سي ۾ توکي ڳائن ٿا.

نوٽ- کاڻيون مڙيئي چار آهن: (١) انڊج = آنې مان پيدا ٿيل، جهڙيطرح پکي. (٢) جيرج = جري مان پيدا ٿيل، جهڙيطرح ماڻهو ۽ جانور. (٣) سيتج = پگهر مان پيدا ٿيل، جهڙيطرح جُون. (۴) اُتڀج = زمين مان پيدا ٿيل، جهڙيطرح وڻ ٽڻ وغيره.

سيئي تُدنو کاوِن جو تُڌ ڀاوِن، رَتي تيري ڀَکَتَ رَسالي
هورِ ڪيتي تُدنو کاوِن سي ميِ چت نہ آوِن،
نانڪ ڪيا بيچاري

آرت- توکي اُهيئي ڳائين ٿا، جي توکي وڻن ٿا ۽ تنهنجا ڀڳت، جي رس جا گهر آهن، سي توسان رتا پيا آهن. ٻيا ۾ ڪيترائي توکي ڳائن ٿا، جي مونکي خيال ۾ نٿا اچن، گورو صاحب فرمائن ٿا نہ مان اُنهن (ڳائيندڙن جو) ڪٿڙو ويچار ڪري سگهندس!
[رسالي = رس آلہ = رس جو گهر.]

سوئي سوئي سدا سَچُ صاحبُ، ساچا ساچي نائي
... بي هوسي، جاءِ نہ جاسي، رَچنا جِن رچائي

نوٽ- چتر ۽ گپت اُهي ٻہ ديوتائون چوڄ ۾ ايندا آهن، جي جيون جي پاپ ۽ پنيہ روپي ڪرمن جو ليکو لکي ڌرمراڄ جي پيش ڪندا آهن، پر اِهو ڪوڙو روپڪ آهي. سچ پچ تہ ڪرم پاڻيهي پنهنجي اندر ۾ پنهنجو ليکو پيا لکن.

(ڏسو ديوان ڏيارام جي ٽيڪا جپ صاحب تي)

گاوَنِ تُڌنو اِندرَ اِندراسڻ بيٺي، ديوتيا دَرِ نالي
گاوَنِ تُڌنو سِڌ سماڌي اَندرِ، گاوَن تُڌنو ساڌ بيچاري

آرٿ- اِندر پنهنجي تخت تي ويٺي 'ديوتائن سوڌو تنهنجي در تي صفت ڳائي ٿو. سِڌ سماڌيءَ ۾ توکي ڳائين ٿا ۽ ساڌ ويچار ڪندي توکي ڳائين ٿا. [اِندراسڻ = اِندر جو آسڻ يعني تخت.]

گاوَنِ تُڌنو جتي ستي سنتوکي، گاوَن تُڌنو وِير ڪراري
گاوَنِ تُڌنو پنڊِت پڙنِ رکيسر، جُگہ جُگہ ويدا نالي

آرٿ- جتي، ستي، سنتوشي ۽ زبردست پهلوان ٻہ توکي ڳائين ٿا. پڙهيل پنڊت ۽ وڏا رشي ويدن دواران جُگہ جُگہ ۾ توکي ڳائين ٿا. [ڪراري = ڀيانڪ، زبردست. نالي = سان، دواران.]

گاوَنِ تُڌنو موهڻيا مَنُ موهڻِ، سُرگہ مَڇہ پئيالي
گاوَنِ تُڌنو رتَن اُپائي تيري، اَٺ سَٺِ تيرٿ نالي

آرٿ = آپسرائون جي من کي موهيندڙ آهن، سي سرگہ ۾، مرت لوڪ ۾ ۽ پاتال ۾ توکي ڳائين ٿيون. تنهنجا پيدا ڪيل (اَمرت آدڪ) رتن، ٦٨ تيرٿن سميت توکي ڳائين ٿا. [موهڻيا = آپسرائون. من موهن = مـن کـي موهيندڙ. مڇہ = مرت لوڪ. پئيالي = پاتال ۾.]

ايڪ اونڪار ستگور پرساد

• سو دَرُ تيرا ڪيها سو گهرُ ڪيها، جتُ بهِ سرَبَ سَمالي

واجي تيري ناد انيڪَ اَسنکا، ڪيتي تيرب واوڻ هاري

ارت- (مي پرماتما!) اُهو تنهنجو در ڪهڙو آهي ۽ گهر ڪهڙو آهي، جتي ويهي تون سڀني جي سنڀال ٿو ڪرين؟ (اتر:-) انهي تنهنجي (استت گائڻ) لاءِ بيشمار واجا پيا وڄن ۽ ڪترائي انهنجي وڄائڻ وارا آهن. [بهِ=ويهي. سمالي=سنڀال ڪرين. ناد=واجو. واوڻ هاري=وڄائيندڙ.]

ڪيتي تيري راگ پري سِءُ ڪهيئهِ،

ڪيتي تيري گاوڻ هاري

گاوِن تُڌنو پوڻ پاڻي بيسنتر، گاوي راجا ڌرم دُئاري

ارت- انهي ڪترائي تنهنجي (جس جا) راگ راگڻيون سميت پيا گائن ۽ ڪترائي تنهنجو جس گائڻ وارا آهن. پون، جل ۽ اگني ديوتائون به تنهنجي صفت گائن ٿا ۽ ڌرم راجا به تنهنجي دروازي تي بيهي تنهنجي صفت گائي ٿو. [پري سِءُ=راڳڻيون سميت. گاوڻ هاري=گائڻ وارا. تڌنو=توکي، تنهنجي. بيسنتر=اگني.]

گاوِن تُڌنو چِتُ گُپتُ لکهِ جاڻهِ، لکهِ لکهِ ڌرمُ بيچاري

گاوِن تُڌنو ايسرُ برهما ديوي، سوهن تيري سدا سواري

ارت- چتر ۽ گپت به توکي گائن ٿا (جي جيون جي ڪرم جو) لکو لکي ڄاڻن ۽ جن جي لکئي تي ڌرم راجا ويچاري (نياءُ ڪري) ٿو. شِو، برهما ۽ ديوي جي تنهنجا بنايل آهن ۽ جي تنهنجي در تي سدائين سونهن ٿا، سي به توکي گائن ٿا. [سواري=سينگاريل، بنايل.]

ਸੋਦਰੁ ਰਾਗੁ ਆਸਾ ਮਹਲਾ ੧

ੴ ਸਤਿਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥

ਸੋਦਰੁ ਤੇਰਾ ਕੇਹਾ ਸੋ ਘਰੁ ਕੇਹਾ ਜਿਤੁ ਬਹਿ ਸਰਬ ਸਮਾਲੇ। ਵਾਜੇ ਤੇਰੇ ਨਾਦ ਅਨੇਕ ਅਸੰਖਾ ਕੇਤੇ ਤੇਰੇ ਵਾਵਣਹਾਰੇ। ਕੇਤੇ ਤੇਰੇ ਰਾਗ ਪਰੀ ਸਿਉ ਕਹੀਅਹਿ ਕੇਤੇ ਤੇਰੇ ਗਾਵਣਹਾਰੇ। ਗਾਵਨਿ ਤੁਧਨੋ ਪਵਣੁ ਪਾਣੀ ਬੈਸੰਤਰੁ ਗਾਵੈ ਰਾਜਾ ਧਰਮੁ ਦੁਆਰੇ। ਗਾਵਨਿ ਤੁਧਨੋ ਚਿਤੁ ਗੁਪਤੁ ਲਿਖਿ ਜਾਨਣਿ ਲਿਖਿ ਲਿਖਿ ਧਰਮੁ ਬੀਚਾਰੇ। ਗਾਵਨਿ ਤੁਧਨੋ ਈਸਰੁ ਬ੍ਰਹਮਾ ਦੇਵੀ ਸੋਹਨਿ ਤੇਰੇ ਸਦਾ ਸਵਾਰੇ। ਗਾਵਨਿ ਤੁਧਨੋ ਇੰਦ੍ਰ ਇੰਦ੍ਰਾਸਣਿ ਬੈਠੇ ਦੇਵਤਿਆ ਦਰਿ ਨਾਲੇ। ਗਾਵਨਿ ਤੁਧਨੋ ਸਿਧ ਸਮਾਧੀ ਅੰਦਰਿ ਗਾਵਨਿ ਤੁਧਨੋ ਸਾਧ ਬੀਚਾਰੇ। ਗਾਵਨਿ ਤੁਧਨੋ ਜਤੀ ਸਤੀ ਸੰਤੋਖੀ ਗਾਵਨਿ ਤੁਧਨੋ ਵੀਰ ਕਰਾਰੇ। ਗਾਵਨਿ ਤੁਧਨੋ ਪੰਡਿਤ ਪੜਨਿ ਰਖੀਸੁਰ ਜੁਗੁ ਜੁਗੁ ਵੇਦਾ ਨਾਲੇ। ਗਾਵਨਿ ਤੁਧਨੋ ਮੋਹਣੀਆ ਮਨੁ ਮੋਹਨਿ ਸੁਰਗੁ ਮਛੁ ਪਇਆਲੇ। ਗਾਵਨਿ ਤੁਧਨੋ ਰਤਨ ਉਪਾਏ ਤੇਰੇ ਅਠਸਠਿ ਤੀਰਥ ਨਾਲੇ। ਗਾਵਨਿ ਤੁਧਨੋ ਜੋਧ ਮਹਾ ਬਲ ਸੂਰਾ ਗਾਵਨਿ ਤੁਧਨੋ ਖਾਣੀ ਚਾਰੇ। ਗਾਵਨਿ ਤੁਧਨੋ ਖੰਡ ਮੰਡਲ ਬ੍ਰਹਮੰਡਾ ਕਰਿ ਕਰਿ ਰਖੇ ਤੇਰੇ ਧਾਰੇ। ਸੇਈ ਤੁਧਨੋ ਗਾਵਨਿ ਜੋ ਤੁਧੁ ਭਾਵਨਿ ਰਤੇ ਤੇਰੇ ਭਗਤ ਰਸਾਲੇ। ਹੋਰਿ ਕੇਤੇ ਤੁਧਨੋ ਗਾਵਨਿ ਸੇ ਮੈ ਚਿਤਿ ਨ ਆਵਨਿ ਨਾਨਕੁ ਕਿਆ ਬੀਚਾਰੇ। ਸੋਈ ਸੋਈ ਸਦਾ ਸਚੁ ਸਾਹਿਬੁ ਸਾਚਾ ਸਾਚੀ ਨਾਈ। ਹੈ ਭੀ ਹੋਸੀ ਜਾਇ ਨ ਜਾਸੀ ਰਚਨਾ ਜਿਨਿ ਰਚਾਈ। ਰੰਗੀ ਰੰਗੀ ਭਾਤੀ ਕਰਿ ਕਰਿ ਜਿਨਸੀ ਮਾਇਆ ਜਿਨਿ ਉਪਾਈ। ਕਰਿ ਕਰਿ ਦੇਖੈ ਕੀਤਾ ਆਪਣਾ ਜਿਉ ਤਿਸਦੀ ਵਡਿਆਈ। ਜੋ ਤਿਸੁ ਭਾਵੈ ਸੋਈ ਕਰਸੀ ਫਿਰਿ ਹੁਕਮੁ ਨ ਕਰਣਾ ਜਾਈ। ਸੋ ਪਾਤਿਸਾਹੁ ਸਾਹਾ ਪਤਿਸਾਹਿਬੁ ਨਾਨਕ ਰਹਣੁ ਰਜਾਈ ॥ ੧ ॥

رهراس صاحب

”رهراس“ لفظ ٻن لفظن ”راهه راست“ جو جُڙيل آهي، جنهنجي معنيٰ آهي سچي واٽ (راهه = واٽ، راست = سچي). ڪي وري رهراس جو آرٿ ٻوري رکڻي ڪن ٿا (رهه = رکڻي، راس = راس ڪندڙ يا ٻوري). آهستي آهستي انهيءَ لفظ جو آرٿ پرارٿنا يا آرداس يا نمسڪار به ٿيو آهي، ڇو جو پرڀوءَ کي پرارٿنا يا آرداس يا نمسڪار ڪرڻ ٿي دل جيو لاءِ ٻوري رکڻي آهي.

ا- سودر راڳ آسا محلا پهلا

ڦاڻڪا- هن شبد تي ”سودر“ نالو هن ڪري پيو آهي، جو اُن جو پهريون لفظ ”سودر“ آهي. اهو شبد سري جپ صاحب ۾ به ٿوري تفاوت سان آيل آهي. انهيءَ تفاوت ڪري شبد جو آرٿ ڌرو به نتو ڦري، فقط حتي وڏيڪ لفظ ”تيرا“ ۽ ”تُڌنو“ حذف ڪري ڇتيءَ طرح ظاهر ٿئي ٿو ته هي شبد پرڀوءَ جي سنمکه اُچاريل آهي.

ڇوں ته جڏهين سڌن سري گورو نانڪ صاحب جن کان پڇيو ته پرماتما ڪهڙي هنڌ رهي ٿو، تڏهين صاحبن پرماتما جي سنمکه ٿي هي شبد اُچاريو.

شبد گھڙجي پوندو. جن تي پرميشور جي ڪرپا ٿئي ٿي، سي ئي اِنهيءَ ڪم ۾ لڳن ٿا. اهڙن پُرشن کي پرماتما پنهنجي ڪرپا درشٽيءَ سان نهال ڪري جنم مرڻ کان ڇڏايو ڇڏي. [پؤڙي (٣٨) جت پاهارا.]

نوٽ - جڏهين سري جپ صاحب جو پرشن اُتر پورو ٿي رهيو، تڏهين سري گورو انگد ديو جن، سڀ سنگت جي عرض تي هيٺيون سلوڪ اُچاري سري جپ صاحب جو پوڳ پاتو، جنهن ۾ ڏيکاريائون تہ جڳت جو آڌار ڇا تي آهي ۽ ڪيئن هن سنساري ڪيل مان ٻچي پار پئبو.

جڳت جو گورو پون آهي (ڇو تہ ان کانسواءِ جيئي نٿو سگهجي)، پاڻي پتا آهي (ڇو تہ ان مان ئي سڀ جي اُتپتي ٿئي ٿي)، ۽ ڌرتي وڏي ماتا آهي (ڇو تہ ڌرتي، ماتا وانگر سڀني اُپايل سرشٽيءَ کي پنهنجي گود ۾ رکي ٿي). ڏينهن ۽ رات جيون لاءِ دائي ۽ دايو آهن (ڇو تہ دائي ٻالڪ کي رات جو سنڀاريندي آهي ۽ دايو ڏينهن جو هنڪي کيڏائيندو آهي). اِنهيءَ ريت سڄو جڳت پيو کيل ڪري. جيون جا شُڀ ۽ اَشڀ ڪرم ڌرمراءِ جي حضور ۾ واچيا وڃن ٿا. پنهنجن پنهنجن ڪرمن انوسار، ڪي پرميشور جي ويجهو ٿين ٿا ۽ ڪي پري. جيڪي نام ڌيائين ٿا سي سڀ تڪليفون لنگهي پار پون ٿا. اهڙن پُرشن جا مُکہ اوجل آهن ۽ انهن جي سنگ ۾ ڪيئن مڪت ٿيو وڃن. [سلوڪ، پوڙ گورو.]

جيتري وارا آهن، جي مهابلي ۽ جوڌا ۽ سورما آهن، جن جي رُوم رُوم ۾ رام رمي رهيو آهي ۽ جن جو سيتا روپي من رام جي ميلا ۾ ڇتيو پيو آهي. انهيءَ کنڊ وارن جو روپ پوريءَ طرح ڪٿي نه سگهبو. اُهي نڪي مرن ٿا، نڪي ڪام آدڪ وڪار اُنهن کي ٺڳي سگهن ٿا، جو نه انهن جي من ۾ سديو پرماتما جو نام وسي ٿو. اُتي ڪيترن ئي لوڪن جا ڀڳت واسو ڪن ٿا، جي پنهنجي من ۾ سچو آنند وٺن ٿا.
[پؤڙي (٣٧) ڪرم کنڊ ڪي .... سچا من سوءِ.]

پرشن- سائين! ڪاٿي سچ کنڊ بابت ڪجهه ٻڌايو.

اُتر- سچ کنڊ ۾ نرنڪار وسي ٿو. اتي پرميشور سرشٽي جوڙي، انهي سنڀال ڪري ٿو ۽ پنهنجي ڪرپا درشٽيءَ سان پنهنجن پيارن کي نهال ڪري ٿو. انهيءَ کنڊ ۾ ڪيئين ديس، منڊل، برهمنڊ، لوڪ ۽ روپ ويا پڪ آهن. اُتي نرنڪار جي حڪم موجب ڪم پيا ٿين. پاڻ ساکي روپ ٿي ساري سرشٽي ڏسي پيو مؤجون ڪري. انهيءَ کنڊ جو پوريءَ طرح ورڻن ڪرڻ بلڪل ڪٺن آهي.
[پؤڙي (٣٧) سچ کنڊ .... ڪوڙا سار.]

پرشن- سائين! جگياسو پرماتما سان لولين ڪهڙيءَ ريت ٿي سگهندو؟

اُتر- جگياسوءَ کي جت روپي آگيئو (ڇاپو) ڪرڻ گهرجي ۽ ڪيس ڌيرج روپي سونارو ٿيڻ گهرجي. مَن کي ڪبي نه پنهنجي ٻڌيءَ کي سنداڻ ڪري، گيان جو مترڪو ڪُٽي، ڀؤ جي ڌوُڻي ڌوين، تپشيا جي اگني تپائي ۽ پريم جي ڪوڏاري بنائي منجهس گورن جي اُپديش جو امرت وجهي. انهيءَ طرح سان سچي ضرب خاني (ساڌ سنگت) ۾ اناهد

آهن. ڪيترائي ديوتائون، دئت ۽ مُني آهن ۽ ڪيترائي رتنن سان ڀريل سمنڊ آهن. ڪيتريون ئي کاڻيون آهن، ڪيتريون ئي ٻوليون آهن ۽ ڪيترائي پرجا پالڪ راجائون آهن. ڪئين سُرتيون آهن ۽ ڪئين شيوڪ آهن. انهيءَ ليکي جو ڪو انت ڪونهي. انهيءَ گيان کنڊ ۾ ايشور جو گيان جيو کي چڱيءَ طرح پراپت ٿئي ٿو. اُتي اناهد شبد پڌرو ٿو اچي، جنهن ۾ ڪئين خوشيون ۽ آنند آهن.
[پؤڙي (٣٥) ڌرم کنڊ ڪا.]

پرشن- سائين! هاڻي ديا ڪري سرم کنڊ جو ڪجهه ورنن ڪريو.

اُتر- سرم کنڊ (يعني اُپاشنا کانڊ) وارا ڏٺيءَ جي قدرت ڏسي سدائين واهه واهه پيا ڪن. انهيءَ کنڊ ۾ بلڪل سندر گهاٽ گهڙجي ٿو ۽ جيو جو روپ گڻن سان ڀرپور ٿئي ٿو. انهيءَ پدويءَ جون سموريون ڳالهيون چئي ڪين سگهبيون. اُتي ڌيان جي شڪتي گهڙجي ٿي. من ۽ بُڌيءَ ۾ سمجهه ٿئي ٿي ۽ ديوتائن ۽ سڌن جهڙي سمجهه گهڙجي تيار ٿئي ٿي يعني منکه ديوتائن ۽ سڌن جي پدويءَ کي پهچن ٿا. [پؤڙي (٣٦) گيان کنڊ مهه.]

پرشن- سائين! هاڻي **ڪرم کنڊ** جو ڪجهه ذڪر ڪريو.

اُتر- جن پُرشن تي پرميشور جي ڪرپا ٿي آهي، سي آهن ڪرم کنڊ جا نواسي. انهن جي ٻاڻيءَ ۾ طاقت ٿئي ٿي. انهيءَ کنڊ ۾ سنتن کانسواءِ ٻيو ڪو به ڪونه ٿو پهچي سگهي. اُتي اُهي ٿا رهن، جي من ۽ اِندرين کي

پرشن- سائين! شاسترن ۾ ٽي ڪانڊ يعني ڪرم ڪانڊ، اُپاشنا ڪانڊ ۽ گيان ڪانڊ ڏيکاريل آهن. اوهان جو اُن بابت ڇا ڇوڙ آهي؟

اُتر- مڙيئي ٥ ڪانڊ يا کنڊ آهن: (١) ڌرم کنڊ (٢) گيان کنڊ (٣) سرم کنڊ (٤) ڪرم کنڊ (٥) سچ کنڊ.

پرشن- ڪرپا ڪري پهريائين ڌرم کنڊ جو ورڻن ڪريو.

اُتر- پرماتما جيون لاءِ ڪيترائي اُپڪار ڪيا آهن، جو هن راتيون، ٿِتيون، ڏينهن، هوا، پاڻي، باهه، پاتال ۽ آڪاس بڻايا آهن. انهيءَ رچنا جي وچ ۾ هن ڌرتي کي ڌرمسال وانگر ٽاڪي رکي آهي، جنهن ۾ طرح طرح قسمن، سياون ۽ نالن جا جيو بڻائي رکيا اٿس. انهن جيون جو سندن ڪرمن موجب پرميشور جي دربار ۾ ويچار ٿئي ٿو. اتي رکيو انصاف پيو هلي. اتي سندس پيارا سنت سوڀهن ٿا، جن تي سندس ڪرپا جا نيشان آهن. اتي ڪچا ۽ ڪوڙا پرکيا وڃن ٿا. اهو اٿو ٿورو بيان ڌرم کنڊ يعني ڪرم ڪانڊ جو، جنهن ۾ جيو کي پنهنجا فرض پالڻا آهن ۽ هو پنهنجي ڪرمن موجب ڦل ڀوڳي ٿو. ٿوري ۾ ڪٿي چئجي ته ”جهڙو ڪرم تهڙو ڦل“. [پؤڙي (٣٤) راتي رتي.]

پرشن- سائين! هاڻي گيان کنڊ جو ڪجهه ورڻن ڪريو.

اُتر- گيان کنڊ، گياتا (يعني سمجهه) جو کنڊ آهي. انهيءَ کنڊ ۾ جيو کي معلوم ٿئي ٿو ته ڪيترائي پون، پاڻي، اگنيون، ڪرشن، شو ۽ برهما آهن. ڪيتريون ئي دنيائون آهن ۽ ڪيترائي نارد، اندر، چنڊ، سورج، منڊل ۽ ديس

اُتر- هڪ زبان مان لک زبانون ٿي پون لک مان وري ويهہ لک ٿي پون، تہ بہ ويهن ئي لکن زبانن سان هڪڙيئي پرماتما جي نالي کي لک لک ڀيرا جپڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان عزت جا ڏاڪا هت اچن ٿا، جن تي چڙهي پرميشور سان هڪ ٿجي ٿو. جيڪي پُرش انهن ڏاڪن تي چڙهن ٿا، تن جون ڳالهيون ٻڌي نيچ جيون کي ريس ٿي اچي تہ اسين بہ هنن جي برابر ٿيون، پر اهي ڪيئن اڏرا ٿي سگهندا؟ پرميشور پنهنجي ڪرپا جي نظر سان ئي هت اچي سگهي ٿو. ائين چوڻ تہ هنڪي ڪنهن بيءَ طرح هت ڪري سگهبو، سا آجائي ڪوڙي ٻٽاڪ هڻڻي آهي. [پؤڙي (٣٢) اِڪ دوُ جيڀؤ.]

پرشن- ڪي ماڻهو چون ٿا تہ آسين پنهنجي ٻل سان سڀ ڪجهہ ڪري سگهون ٿا، سا ڳالهہ ڪيئن آهي؟

اُتر- جيو کي ٻل نہ آهي ڳالهائڻ جو، نہ چُپ ڪرڻ جو، نہ گُهرڻ جو، نہ دان ڏيڻ جو، نہ جيئڻ جو ۽ نہ مرڻ جو. نڪي هن کي ٻل آهي، جو راڄ ۽ مال هت ڪري سگهي؛ نڪي هن جي اختيار آهي، جو پرماتما سان پنهنجي سُرت لڳائي سگهي ۽ نڪي هنکي طاقت آهي، جو سنسار کان ڇٽڻ لاءِ ڪا حِڪمت يا تجويز ڪري سگهي. جنهن پرماتما جي هٿ ۾ اِها طاقت آهي سو سيڪي جوڙي، ويٺو موُج سان انکي ڏسي. هن وٽ نڪو ڪو اُتم آهي ۽ نڪو ڪو نيچ آهي، يعني هن جي ڀاڄهہ جي نظر سيڪنهن تي ٿي سگهي ٿي. [پؤڙي (٣٣) آکڻ جور.]

اُتر- پرميشور ئي پاڻ سچو ناٿ آهي، جنهن جي آگيا ۾ سڄي سرشٽي هلي ٿي. رکڻ ۽ سکڻ جو سواد اوهانکي آهي ۽ نہ اسانکي. پرميشور ميلاپ ۽ وڇوڙو، ٻئي ٻہ واتون جاري ڪيون آهن ۽ هرڪ جيو کي اڳين ڪرمن جي حساب موجب انهن واٽن تي هلائي ٿو. [پئوڙي (٢٩) آپ ناٿ .... آوهہ پاگر.]

پرشن- پرماتما کي ڪي چيلا آهن، جن کان هو ڪم ڪار ڪرائي ٿو، يا هو سڀ ڪم پاڻ ٿو ڪري؟ هن جو سڄو پسارو ڪيئن ٿو هلي؟

اُتر- مايا پرماتما جي شڪتيءَ سان ويائي، جنهن ٽي مکيہ چيلا ڄڻيا: هڪڙو سنسار رچڻ وارو برهما، ٻيو پالنا ڪرڻ وارو وشنو ۽ ٽيون لئہ ڪرڻ وارو شِو. پرميشور پنهنجيءَ مرضيءَ موجب انهن ٽنهين کي هلائي ٿو ۽ جئن جئن هن کي حڪم ڏئي ٿو، تئن تئن هو ڪن ٿا. هو سڀ کي پيو ڏسي، پر پاڻ ڏسڻ ۾ نٿو اچي، اها ته سندس مهما آهي. [پئوڙي (٣٠) ايڪا مائي.]

پرشن- اوهانجي ناٿ (پرماتما) جو آسڻ ۽ ڀنڊار ڪٿڙو آهي؟

اُتر- هن جا آسڻ ۽ ڀنڊار هرڪنهن لوڪ ۾ آهن. جيڪي ڪي انهن ڀنڊارن ۾ وڌو اٿس، سو هڪڙيئي ڀيري سان. هن جا ڀنڊار سدئو ڀرپور آهن. هو سرشٽي رچي، اُنکي پيو پالي. [پئوڙي (٣١) آسڻ لوءِ لوءِ.]

پرشن- پرماتما کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪهڙي سولي ساڌنا آهي؟

اُتر- جوڳ اسين اڳيئي ڪمائيندا آهيون، پر دنيا جي جوڳين وانگر نڪي ٻاهريون مُندرائون پاتيون اٿئون، نڪي ڪرمنڊل کنيو اٿئون، نڪي جهولي پاتي اٿئون، نڪي ڀڀوت لڳائي اٿئون ۽ نڪي گودڙي يا ڏنڊو رکيو اٿئون. مُندرائن پائڻ بدران اسان سنتوک ڌاريو آهي. ڪرمنڊل ۽ جهوليءَ جي عيوض اسان کوٽن ڪرمن کان پاسو ڪيو آهي، ڀڀوت ڏيان جي لڳائي اٿئون، گودڙي اسان اِها ڪئي آهي، جو سمجهيو اٿئون ته هيءَ ڪايا ڪال جو کاڄ آهي يعني ناسونت آهي، ۽ پرماتما سان ميلاپ رکڻ ۽ منجهس شرڌا ڌارڻ، اِهو اسانجو ڏنڊو آهي. سڀني پنٿن سان پيار رکڻ، سوئي اسان لاءِ سڀ کان اُتم پنٿ آهي. من کي جيتڻ سان ئي سڄو جڳت جيتجي ٿو. توهان وانگر گورکناٿ کي ”آديس“ ڪرڻ بدران اسين اُنهيءَ اڪال پرک کي آديس ڪندا آهيون جو آد کان آهي، جو داغ بنا آهي، جو ناس ٿيڻ کان رهت آهي ۽ سڀني جُڳن ۾ هڪ روپ آهي. [پؤڙي (٢٨) مندا سنتوکہ.]

پرشن- اوهانجو ڀوڄن ڪهڙو آهي، اوهانجو ڀنڊاري ڪير آهي ۽ اوهين ڀوڄن پائڻ وقت ناد وڄائيندا آهيو يا نه؟

اُتر- اسانجو ڀوڄن آهي گيان ۽ اُنهيءَ ڀوڄن جي ورڇڻ واري آهي پرماتما جي ديا ۽ ناد جي بدران اسانجي گهٽ ۾ اناهد شبد سديو پيو وڄي. [پؤڙي (٢٩) ڀُڳت گيان .... واجهہ ناد.]

پرشن- جيڪڏهين اوهين اسانجو پنٿ اختيار ڪندا ته اوهين ناٿ ٿي پوندا ۽ رڌيون سڌيون پراپت ڪندا.

تنهنجو ڪتن ڪن. من موهيندڙ اپسرائون بہ تنهنجي صفت ڳائين ٿيون. مها پلي سورما ۽ چٽني ڪاٽين جا جيئو بہ توکي ڳائين ٿا. تنهنجي صفت اُهيئي ٿا ڳائين، جي تنهنجا پيارا آهن ۽ جي تنهنجي پڪتيءَ ۾ هميشہ رتا پيا آهن. پيا بہ ڪيترائي تنهنجي صفت ڳائڻ وارا آهن، جي منهنجي چت تي نٿا اچن. نانڪ داس اُنهن جو ڪيئن ويچار ڪري سگهندس؟

صاحب پوءِ پنهنجو مُکہ بيدن ڦاڙين ڪري چوڻ لڳا تہ "هي پيارا! پرماتما سچو صاحب آهي ۽ هنجو نالو بہ سچو آهي. سچي رچنا هنجي رچيل آهي. هو داڻ بہ آهي، آئيندہ بہ هوندو ۽ ناس ٿيڻ کان رهت آهي." [پؤڙي (۲۷) سو در ڪيها .... رچنا جن رچائي.]

پرشن- اها رچنا پرڀوءَ پنهنجي شُد سروپ مان رچي آهي يا ڪنهن ٻيءَ طرح؟

اُتر- هن سچي رچنا مايا مان پيدا ڪئي آهي. اها جدا جدا رنگن ۽ جنسن جي رچيل آهي. هو سرشتي ٺاهي پنهنجي وڏائيءَ انوسار اُنکي سنڀالي ٿو. جيڪي هن کي وڻي ٿو، سوئي هو ڪري ٿو. هن تي ڪو بہ حڪم ڪري نٿو سگهي. اهو صاحب شاهن جو شاهہ آهي، تنهنڪري هن جي رضا تي راضي ٿي هلڻ گهرجي. [پؤڙي (۲۷) رنگي رنگي .... رهڻ رضائي.]

پرشن- اوهين اسانجي پنت بہ اهي جوڳي بنجي پئو تہ جوڳ جي وسيلي اوهين جڳ سجو جڳت پنهنجي وس ڪري سگهو.

ڪن ٿا. برهما، اِندر، گوپيون، ڪرشن، شو، ٣٨ سِڌ ۽ ٻڌ اوتار به هنجي اُستت ڪن ٿا. دئت، ديوتائون، منکر، مني، ڀڳت ۽ ٻيا ڪيترائي شيوڪ هنجي اُستت ڪن ٿا. ڪيترائي اُنجي اُستت ڪري ڪري وري ٻيا سندس اُستت ڪن ۽ آخر هليا وڃن. ايترن اُستت ڪندڙن جيترا، پرماتما ٻيا به ڪٿي پيدا ڪري ته به هن جي اُستت پوريءَ طرح ورڻن ٿيڻ جي نه آهي. اهو صاحب جيڏو وڏو ٿيڻ چاهي، اوڏو وڏو ٿي سگهي ٿو. جيڪو انهيءَ ڳالهه کي مڃي ٿو، تنهن سچ ڄاتو آهي، پر جيڪو اها ڳالهه نٿو مڃي ۽ چوي ٿو ته پرماتما کي جڻن وٺي ٿو، تڻن نٿو ڪري سگهي، سو مورکن ۾ وڏو مورک ليکڻ گهرجي.

[پؤڙي (٢٦) املو امل .... ڳاوارا ڳاوار.]

پرشن- جنهن پرماتما جي ايڏي مهما آهي، سو ڪهڙي هنڌ ويهي سڄي سرشٽيءَ جي سنڀال ٿو ڪري؟

اُتر- صاحبن پريوءَ جي سنمکه ٿي هي اُتر ڏنو ته هي پرماتما! جتي تون ويهي سڀني جي سنڀال ٿو ڪرين، اُتي بيشمار واڄا پيا وڄن. اُتي ڪيترائي راڳه راڳڻين سميت پيا ڳائجن. اُتي وايُو، جل ۽ اگني ديوتائون تنهنجي صفت پيئون ڳائين ۽ ڌرم راجا به تنهنجي در تي بيهي تنهنجي اُستت پيو ڪري. تنهنجي صفت، چترگپت، جي جيون جي ڪرمن جو ليکو لکي ڄاڻن، سي به پيا ڳائين. شو، برهما، ديوي ۽ اِندر به تنهنجي صفت پيا ڳائين. سِڌ سماڌيءَ ۾ ۽ ساڌو پنهنجي ويچار ۾ توکي پيا ڳائين. جتي، ستي ۽ سنتوشي پرش به تنهنجي ساراهه پيا ڳائين. پنڊت ۽ وڏا وڏا رشي ويدن دئارن جُڳه جُڳه ۾ پيا



ڪيئن، پر ادا بہ پرماتما جي بخشش آهي، جيتر الهي،
ڪري ان جي پالڪي تي راڻي روڻ سگهن ٿا، جهڙي پالڪي
تي راڻي روڻ ڪري ٿي مگهي پرات ٿئي ٿي. پرماتما
کي ڪو ڪونہ ٿي سگهندو تہ ڏيئو، ڪر پيا ڏيڻ، ڪر.
جيڪڏهن ڪو مورک ائين آکي ٿيندو، تہ هنکي جيڪي
موچڙا لڳندا، تن جي ڳڻ ڪي ني خبر پوادي. سائين
سيني جون گهوڙون پالڪي تو ۽ ڀاڄ ني سندان گهوڙون
پوريون ڪري ٿو، پر ڏن جو احسان ڪي ٿورا جيو ٿ
مڃين. جن پرشن ڪي جو ادا ڏات ڏني ٿو، جو سندس
صلتون پيا ساراهين، سي (سنت) بادشاهن جا بہ بادشاهہ
آهن. [پؤڙي (٢٥) پڙهہ ڪرو.]

پرشن- سائين! اهڙن سنتن جا ڪهڙا ڪڻ آهن؟

اتر- هنن جا ڪڻ اماپ (بي حد) آهن. هيڪي
هنن وٽ اهڙ وڃن ٿا، سالن ڪيان ڪوشش ڪن ٿا ۽
ڪا هن اپديش وٺن ٿا، سي بہ اماپ آهن. سنتن جو پرتاپ
بہ اماپ آهي ۽ هنن جو پرماتما ۾ سمائجي وڃڻ بہ اماپ آهي.
هنن جو پيار، هنن جي ديدار (ساڌسنگت)، هنن جي
ساڌمي ۽ وٽ جن سان جو هڪ ساعت ڪي لام تو ڪي ڏين ٿا،
سي بہ اماپ آهن. [پؤڙي (٢٦) اماپ ڪڻ .... اماپ فرماڻ.]

پرشن- سائين! جهڙي پرميشور جي ڀڪتي ڪري اهڙا
سنت اماپ آهن، تهڙو پرماتما ڪيئن ڪجهہ وٺن ڪري؟

اتر- پرميشور جا ڪڻ اماپ ڪيان بہ اماپ آهن ۽ ڳڻ
ڪان ٻاهر آهن. جن جا ڪڻ ڳڻي ڳڻي ليکت ڪانسندو هن جو
۽ لکي وڃن ٿا. ويدن ۽ پراڻن جا پاٺ ڪندڙ ۽
پنڊت جيڪي استت ڪن ٿا ۽ اُن بابت ويا ڪيان

ڪن ٿا. برهما، اِندر، گوپيون، ڪرشن، شو، ۸۴ سِڌ ۽ ٻڌ اوتار به هنجي اُستت ڪن ٿا. دئت، ديوتائون، منکه، مني، ڀڳت ۽ ٻيا ڪيترائي شيوڪ هنجي اُستت ڪن ٿا. ڪيترائي اُنجي اُستت ڪري ڪري وري ٻيا سندس اُستت ڪن ۽ آخر هليا وڃن. ايترن اُستت ڪندڙن جيترا، پرماتما ٻيا به ڪٽي پيدا ڪري ته به هن جي اُستت پوريءَ طرح ورنن ٿيڻ جي نه آهي. اهو صاحب جيڏو وڏو ٿيڻ چاهي، اوڏو وڏو ٿي سگهي ٿو. جيڪو انهيءَ ڳالهه کي مڃي ٿو، تنهن سچ ڄاتو آهي، پر جيڪو اها ڳالهه نٿو مڃي ۽ چوي ٿو ته پرماتما کي جٽن وٽي ٿو، تئن نٿو ڪري سگهي، سو مورکن ۾ وڏو مورک ليکڻ گهرجي.
[پؤڙي (٢٦) املو امل .... گاوارا گاوار.]

پرشن- جنهن پرماتما جي ايڏي مهما آهي، سو ڪهڙي هنڌ ويهي سڀجي سرشٽيءَ جي سنڀال ٿو ڪري؟

اُتر- صاحبن پريوءَ جي سنمکه ٿي هي اُتر ڏنو ته هي پرماتما! جتي تون ويهي سڀني جي سنڀال ٿو ڪرين، اُتي بيشمار واڄا پيا وڄن. اُتي ڪيترائي راڳه راڳڻين سميت پيا ڳائجن. اُتي وايو، جل ۽ آگني ديوتائون تنهنجي صفت پيئون ڳائين ۽ ڌرم راجا به تنهنجي در تي بيهي تنهنجي اُستت پيو ڪري. تنهنجي صفت، چتر گپت، جي جيون جي ڪرمن جو ليکو لکي ڄاڻن، سي به پيا ڳائين. شو، برهما، ديوي ۽ اِندر به تنهنجي صفت پيا ڳائين. سِڌ سماڌيءَ ۾ ۽ ساڌو پنهنجي ويچار ۾ توکي پيا ڳائين. جتي، ستي ۽ سنتوشي پرش به تنهنجي ساراهه پيا ڳائين. پنڊت ۽ وڏا وڏا رشي ويدن دئاران جڳه جڳه ۾ پيا

مان ڪيتريون ڳالهيون ڪري سگهان، ڪيترن ان سائينءَ جي سارائون ڪريان ۽ ڪيترن اُنجو ورنن ڪري سگهان! هو صاحب وڏو آهي ۽ هنجي وڏائي بہ وڏي آهي. جيڪو جيو هو مٿي ڪري ڏاڍڪي ڪا چيز سمجهي ٿو، سو سائينءَ جي دربار ۾ مان نٿو پائي. [پؤڙي (٢١) ويل نہ پائيئا.... سو ڏي.]

پرشن- توهين چئو ٿا تہ هن جي رچنا بي آنت آهي، پر پرانن ۾ تہ ٧ پاتال ۽ ٧ آڪاس لکيل آهن. اوهين انهيءَ نسبت ڇا ٿا چئو؟

اُتر- لکين آهن پاتال ۽ لکين آهن آڪاس. پرماتما جي رچنا جو آنت ڳوليندي ماڻهو ٿڪجي پيا، پر آنت نہ پائي سگهيا. ويد ۽ ٻيا ڌرمي پستڪ بہ ائين ٿا چون تہ هنجي رچنا بي آنت آهي، هو سڀ جو مؤل آهي ۽ هن جي ڪمن جو ليکو ڪري نہ سگهبو. هو پنهنجي گت پاڻ ئي ڄاڻي ٿو. [پؤڙي (٢٢) پاتالا پاتال.]

پرشن- پرماتما جي صفت ڪرڻ سان اُنجي پروڙ پئجي سگهندي؟

اُتر- صفت ڪندڙ هنکي سارائين ٿا، پر اُنهن کي بہ هن جي آنت جي خبر ڪانہ ٿي پوي. جئن ندين ۽ واهہ سمنڊ ۾ وڃي پون ٿا، پر سمنڊ جو آنت نٿا لهي سگهن، تئن صفت ڪندڙ بہ پرماتما ۾ سمائجي وڃن ٿا پر اُنجو آنت نٿا پائين. هنجي وڏائي ايڏي آهي، جو جيڪي ڪيس نٿا وساريان، سي ڪڏهن ڪيئائيءَ وانگر نيچ مڃن، ايڏيءَ پدويءَ کي ٿا وڃي رسن، جو اُنهن سان وڏا

اُتر- جيڪي جيو تيرٿ، تپشائون ۽ دان ڪن ٿا، سي درگاهه ۾ تِر جيترو مانُ مس پائين ٿا. جو ته هو پنهنجي هومئي نتا ماري سگهن ۽ پر جيڪي نام سڻن ٿا، اُنکي مڃين ٿا ۽ اُن سان پريم ڌارين ٿا، سي پنهنجي مرڌي روپي تيرٿ ۾ اِشنان ڪري هومئي جي ميلُ دور ڪن ٿا. [پؤڙي (٢١) تيرٿ تپ ...... مل لاءِ.]

پرشن- هومئي دور ڪرڻ لاءِ ڪهڙو ساڌن آهي؟

اُتر- پرماتما کي پرارٿنا ڪجي ته "اي پرماتما! تو ۾ ئي سڀ گڻ مؤجود آهن، مون ۾ ته هڪڙو به نه آهي. تنهنجي ڀاڄهه ڪانسواءِ مان تنهنجي ڀڳتي ڪري ڪين سگهندس." [پؤڙي (٢١) سڀ گڻ تيري ...... ڀڳت نه هوءِ.]

پرشن- پرماتما سرشٽي ڪيئن پيدا ڪئي؟

اُتر- پرماتما پاڻ منجهان هڪ شڪتي پيدا ڪئي، ڀوءِ "ايڪو هِم بهو سيامهه"، اُچارڻ سان اُن شڪتيءَ دئاران برهما وشنو ۽ مهيش پيدا ٿيا ۽ ڀوءِ ساري سرشٽيءَ جي اُتپتي ٿي. سرشٽي بنائي، پرماتما سدائين آنند ۾ گذاري ٿو. [پؤڙي (٢١) سئست آٿ ...... من چاءِ.]

پرشن- اُها ويل ڪهڙي هئي، وقت ڪهڙو هو، ٿت ڪهڙي هئي، ڏينهن ڪهڙو هو، مؤسم ڪهڙي هئي ۽ مهنو ڪهڙو هو، جڏهين سرشٽي پيدا ٿي؟ [پؤڙي (٢١) ڪوڻ سُ ويلا ...... هوئا آڪار.]

اُتر- نڪي پنڊتن، نڪي قاضين ۽ نڪي جوڳين کي اُنجي خبر آهي، ڇو ته هن جي رچنا بي اَنت آهي. جنهن ڪرتار سرشٽي رچي آهي، تنهنکي ئي اُنجي سڌ آهي.

گيت ڳائي سگهجن ٿا. آکرن جي مدد سان ئي پاٺي لکجي ۽ اُچارجي ٿي، اُنهن جي مدد سان ئي جيو جي مستڪ تي پرارٻد جو ليک لکيو وڃي ٿو. [پؤڙي (١٩) آکري نام...... سنجوگر وکاڻ.]

پرشن- پرماتما به پرارٻد جي وس آهي ڇا؟

اُتر- جن جي مستڪ تي ڪوبه ليک لکڻ وارو ڪونهي. هو ته پاڻ آهي حاڪم. جهڙيطرح هو فرمائي ٿو، تهڙيطرح ئي جيو کي ڦل ملي ٿو. ڏسو ته سڀين ته جيترا اُپايا اٿس، تيترن کي ناالا آهن؛ ناالي ڪانسواءِ ڪوبه مڪان يا شيءِ ڪانهي. جن جي حڪم تي ڏڏهين هلي سگهبو، جڏهين پهريائين انتهڪرڻ شُڌ هوندو. [پؤڙي (١٩) جن ايهر لکي ...... ناهي ڪو ٿاءِ.]

پرشن- سائين! انتهڪرڻ ڪيئن شُڌ ڪجي؟

اُتر- جئن سرير جو عضوو مٽل سان پرجي پوندو آهي ته اُنکي پاڻيءَ سان صفا ڪبو آهي، جئن ڪپڙو مَل مؤتر سان خراب ٿي پوندو آهي ته اُنکي صابڻ سان ڌوئي صاف ڪبو آهي، تئن انتهڪرڻ، جي پاپن سان پريل هجي ته اُهو نام سان بريم رکڻ سان شُڌ ٿي سگهي ٿو. هيءَ جيو پاپي يا پُني رکو چوڻ سان ڪين ٿي پوندو، پر اُنجو مدار ڪرمن تي ئي آهي. جهڙا جهڙا ڪرم جيو ڪري ٿو، تهڙو تهڙو ڦل دو پوڳي ٿو. انهيءَ نيم پرماٺي پاپي جيو وريو وريو جنم مرڻ جي چڪر ۾ اچي ٿو. [پؤڙي (٢٠) پريئي هٿ.]

پرشن- سائين! اوهين نام سان پريم رکڻ تي زور ٿا رکو، پر تيرٿ، تپ ۽ دان ڪرڻ مان ڪو لاڀ آهي يا نه؟

اُتر- ڏئوي سرشٽيءَ ۾ انيڪ جپ ڪندڙ، پرماتما سان پريم رکندڙ، پوڄائون ڪندڙ ۽ ويدن جا پاٺ ڪندڙ آهن. انيڪ آهن اُهي، جي جوڳي ٿي دنيا کان اُداس رهن ٿا. انيڪ آهن ڀڳت، جي پرماتما جي ڳالهين ۽ برهم گيان جو ويچار ڪن ٿا. انيڪ آهن ستوادي، داتار ۽ سورما؛ انيڪ آهن موني، جي پنهنجي ورتي ڏڪ ٽڪ پرماتما سان لڳائين ٿا. [پئوڙي (١٧) اسنک جپ.]

پرشن- آسري سرشٽي ڇا کي ٿا ڪوٺيو؟

اُتر- انيڪ مورک، اگياني، چور ۽ بي شڪرا آهن. انيڪ آهن ظالم، جي زبردستيءَ سان پنهنجو حڪم هلائين ٿا، جي پرائي گاءِ ٿي ڪاتي وهائين ٿا ۽ پاپ ڪري ڪري ڪپيو ڪاڇيو وڃن. انيڪ آهن ڪوڙا، نندا ڪندڙ ۽ ڪوڙين ڪرمن ڪرڻ وارا. اهو آئو آسري سرشٽيءَ جو ويچار. [پئوڙي (١٨) اسنک مورک.]

پرشن- جنهن پرميشور سڀ سرشٽي بنائي آهي، تنهن پرميشور جا ناالا ۽ اُنجي رهڻ جون جايون ڪيتريون آهن؟

اُتر- هن جا ناالا انيڪ آهن ۽ هن جي رهڻ جون جايون بہ انيڪ آهن. هن جا بيشمار لوڪ آهن، جن جي ڄاڻ پئي نٿي سگهي. بيشمار جيو پاڻکي ڪشت ڏيئي هن جي واکاڻ ڪن ٿا. [پئوڙي (١٩) اسنک ناو........ سر پار دوءِ.]

پرشن- پرميشور جي واکاڻ ڪيئن ڪري سگهجي ٿي؟

اُتر- اکرن جي وسيلي.

پرشن- اکرن جي مدد سان ڇا ڇا ٿي سگهي ٿو؟

اُتر- اکرن ڏئاران پرماتما جو ناالو جپجي ۽ سارلجي ٿو، گيان حاصل ڪري سگهجي ٿو ۽ پرماتما جي ڪڻن جا

[illegible] آهي.
[illegible] (١٧) [illegible] ڪتاب [illegible]]

[illegible] ڪيترو آهي؟

[illegible] ڏٺي
[illegible] ڪيئر لکي
[illegible] آهي. [illegible]
[illegible] بخشش
[illegible] (" ڪچه ته سيانه"
[illegible]) ڪڇ ساڻ
[illegible] [ڏوڙي (١٦) جيڪا جاتي....
[illegible]]

[illegible] صاحب [illegible] سمڪه تي
[illegible] ڪهڙي
[illegible] ؟ جان ڏيون ڪرو
[illegible] جيڪي
[illegible] ڪم آهي. جي ترڪن روپ ا
[illegible]" [ڏوڙي (١٦) قدرت ڪوڙ....
[illegible]]

[illegible] سرشتي سموري ڪي جوڙي
آهي [illegible] ؟

[illegible] آهي، خاص ڪري ٻن
[illegible] داوي سرشتي آهي ۽ ٻي
[illegible] ڪي [illegible] ڪي [illegible].

[illegible] داوي سرشتي جو مطلب ڇا آهي؟

پرماتما جي نام جو اهڙو مهاتم آهي، جو جيڪو اُنکي مڃي ٿو، تنهنکي ئي اُنجي آنند جي خبر پوي ٿي. [پؤڙي (۱۲) منڃي ڪي گت ...... پؤڙي (۱۵) جاڻئي من ڪوءِ.]

پرشن- سائين! جيڪي پرش نام "سڻي ۽ مڃي"، "نڌياسن" ڪن ٿا، تن جي پدوي ڪهڙي آهي؟

اُتر- اهڙا **سنت** پرش لوڪ پرلوڪ ۾ پوڄنيڪ آهن ۽ جتي ڪٿي سرومڻي آهن. هو ايشور جي درگاهه ۾ مان ۽ سوڀيا پائين ٿا. هنن جو ايشور ۾ سدئيو ڌيان رهي ٿو. [پؤڙي (۱٦) پنچ پرواڻ ...... ايڪ ڌيان.]

پرشن- جنهن پرماتما ۾ **سنت** ڌيان لڳائين ٿا. تنهن جي ڪرتبن جو ڪجهه ورنن ڪري ٻڌايو.

اُتر- جيڪڏهين ڪو پرماتما جي ڪمن جو ويچار ڪري ڪٿن ڪندو ته هو بيان ڪري نه سگهندو، ڇو ته هن جي ڪمن جو ڪاٿو ئي ڪونهي. [پؤڙي (۱٦) جي ڪو ڪهئي ...... ناهي شمار.]

پرشن- پُراڻن ۾ چيل آهي ته ڌرتيءَ کي ڌؤل (اڇو ڍڳو) کنيو بيٺو آهي، انهيءَ **بابت** اوهانجو ڪهڙو رايو آهي؟

اُتر- اِهو رکو النڪار جي نموني چيل آهي ته ڌرتيءَ کي ڌؤل کنيو بيٺو آهي. انهيءَ جو **مطلب** هي آهي ته دنيا جو چرخو پرماتما جي ديا سان ڌرم جي آسري تي هلي ٿو ۽ ڌرم تڏهين استر رهي ٿو، جڏهين سنتوکه ساڻس شامل آهي. ويچار ڪريو ته هن ڌرتيءَ ڪانسواءِ ٻيون ڪيتريون نه ڌرتيون آهن، پوءِ ويچارو ته ڪي ڍڳو ايڏو بار ڪيئن کڻي سگهندو! فرض ڪجي ته ڌرتي ڌؤل تي بيٺل آهي، ته پوءِ ڀلا ٻڌايو ته ڌؤل وري ڪهنجي آڌار تي بيٺل آهي؟

اُتر- نام جي سمرڻ ڪرڻ جيهو سڌن، پيرن، ديوتائن ۽ ناڳن جي پدويءَ تي وڃي پهتا آهن. نام جي سمرڻ ڪري ڌرتي، آڪاس، ديپ ۽ پاتال اسٿتي پائي بيٺا آهن. نام جي سمرڻ ڪري شِوَ، برهما ۽ اِندر ٿيا آهن. نام جي سمرڻ ڪري پرميشور جي ماڻهن جي جُڳتي هٿ اچي ٿي، شاسترن- ويدن ۽ سمرتين جي پوري سمجهه حاصل ٿئي ٿي، ست- سنتوک ۽ گيان پراپت ٿئي ٿو، اٺهٺ تيرٿن جي اشنان جو ڦل ملي ٿو، پرميشور ۾ آسانيءَ سان ڌيان لڳي ٿو ۽ سنسار ساگر مان سولائيءَ سان پار پئجي سگهجي ٿو. نام سمرڻ جو مهاتم ايترو آهي، جو نيچ ذات وارا ساراهڻ جا لائق ٿين ٿا ۽ آگياني پرش گيان وان ٿي پون ٿا. جيڪي پرش نام سمرڻ ٿا تن کي سديو آنند آهي، جو تہ نام جي سمرڻ ڪرڻ ڏک ۽ پاپ ناس ٿي وڃن ٿا. [پؤڙي (٨) سڻيئي سڌ پير...... پؤڙي (١١) دُک پاپ ڪا ناس.]

پرشن- سائين! ڏاڍي اسانکي ٻڌايو تہ نام مهمڻ جي ڪهڙي مهما آهي؟

اُتر- جنهن پرش جو نام ۾ پورو نسچو آهي، تنهنجي مهما چئي ڪين سگهبي. آڄم پستڪ ڪٿي لکجن تہ بہ پورا نہ پوندا. ٿوري ۾ ڪٿي چئجي تہ نام مهمڻ واري پرش جي من ۽ بُڌيءَ ۾ اوڏي سوجهي ٿئي ٿي، جو لسچنت هو ايشور جي درٻار ۾ وڃي پهچي ٿو. واٽ تي ڪا منکي روڪ ٿي ٿئي ٿي، ڪي جم جا دوت منکي ستائي سگهن ٿا. هو پاڻ تہ سنسار ساگر مان تري وڃي ٿو، پر پنهنجي ڪورپاين ۽ مترن جو بہ اُڌار ڪري ٿو. توهجي،

سِروط - منڙ - نڌياسن روپي ماڻڪ گهٽيئي پيا آهن. اُهي گوروءَ جي سکيا موجب هلڻ سان هٿ اچي سگهن ٿا، پوءِ دنيوي پدارٿ ڪهڙي ڪم جا؟ [پؤڙي (٦) مت وچ ...... سِکہ سُڻي.]

پرشن- جيڪڏهين اوهانکي پدارٿن جي لوڙ نہ آهي، تہ بہ اسانجي پنٿ ۾ اچڻ سان اوهانجي عمر وڏي ۾ وڏي ٿي پوندي ۽ اوهانجو نانءُ ناموس هرهنڌ پکڙجي ويندو.

اُتر- جيڪڏهين ڪنهن جي عمر چئن جڳن جيڏي، بلڪ اُن کان بہ وڌيڪ ٿي پوي، جيڪڏهين هو سيڪنهن هنڌ مشهور بہ ٿي وڃي ۽ جيڪڏهين هن جي پٺيان ڪئين ماڻهو نوڪر ٿي هلن، تہ بہ جيڪڏهين هن تي پرماتما جي ڪرپا نہ هوندي تہ هنکي درگاهہ ۾ ڪو پڇندو بہ ڪين تہ تون ڪهڙيءَ کُٽ جو آهين. [پؤڙي (٧) جي جگہ ...... نہ پُڇئي ڪي.]

پرشن- پرماتما جي ڪرپا دِرشٽيءَ کانسواءِ جيو جو ڪهڙو حال ٿئي ٿو؟

اُتر- هن کي تمام نيچ جوڻ ملي ٿي ۽ وڏا پاپي بہ مٿس دوش پيا رکن تہ هيءُ اسان کان بہ وڌيڪ دوشي آهي. [پؤڙي (٧) ڪيٽا اندر ...... دوس ڌري.]

پرشن- پرماتما جي ڪرپا ڪيئن هٿ اچي سگهي؟

اُتر- پرماتما جي ڪرپا پڳتيءَ جي ٽن ڏاڪن يعني نام جي سڻڻ، منڙ (مڃڻ) ۽ نڌياسن (عمل ڪرڻ) سان پائي سگهجي ٿي.

پرشن- نام سڻڻ جي مهما ڪهڙي آهي؟

اُتر- گوروئي شِوُ آهي، گوروئي برهما آهي ۽ گوروئي پارٻتي ماتا آهي. يعني شِوُ مهراج سنگهار ڪندڙ آهي، تنهن گورو سِکن جا وڪار ناس ڪيو ڇڏي ۽ جنهن وشنو جڳت جي پالنا ڪندڙ آهي، تنهن گورو سِکن جي شُڀ گڻن جي پالنا ٿو ڪري ۽ جنهن برهما اُتپتي ڪندڙ آهي، تنهن گورو سِکن ۾ نوان نوان گڻ اُتپن ڪري ٿو ۽ جنهن پارٻتي ماتا ور ڏيندڙ آهي، تنهن گورو سِکن کي اهو ور ٿو ڏئي ته شِل جنهن جو پرير سديو اڪال پرک سان لڳو پيو هجي. گورو ۽ جي مهما ته ڪٿن ڪرڻ کان ٻاهر آهي. اسين فقط ايترو ٻڌايون ٿا ته گورو ۽ ڪ ڳالهه اسانکي سمجهائي ڇڏي آهي ته پرماتما، جو سڀني جيون جو داتار آهي، تنهنکي ڪڏهين به نه وسارڻ کپرجي. [پؤڙي (٥) گـور ايسر.......... وسر نه جائي.]

پرشن- اسان تيرٿن جا اشنان ڪيا آهن. اوهين ٻڌايو ته ڪري آيا آهيو يا نه؟

اُتر- اسان جي نظر ۾ پرماتما کي راضي ڪرڻ ئي وڏي ۾ وڏو تيرٿ آهي. هن جي راضپي هت ڪرڻ کانسواءِ اِهن ئي تيرٿن جا اشنان ڪياسين ته ڇا ٿيو؟ جيو کي ته جيڪي ملي ٿو، سو سڀ سندس ڪرمن انوسار ئي ملي ٿو. [پؤڙي (٦) تيرٿ ناوا ..... ڪ ملي لئي.]

پرشن- اسانجي پنت ۾ آهو ته اوهانکي اٺئيون سُڌيون، ڇهه ڪري رتن، جواهر ۽ ٻيا اهڙا پدارٿ اوهين پراپت ڪري سگهو.

اُتر- اسين پدارٿن کي ڪاڏي ڪريون، جو ته جيو ٻڌيءَ اندرئي وڏاڳه روپي رتن، گيان روپي جواهر ۽

پرشن- شُڀ ڪرمن ڪرڻ ڪري موڪش پراپت ڪري ڪين سگهبو ڇا؟

اُتر- رڳو شُڀ ڪرمن ڪرڻ سان جنم مرڻ جي چڪر کان نہ ڇٽبو، پر پرماتما جي ڪرپا سان ئي موڪش پراپت ڪري سگهبو. ائين ڄاڻڻ کپي تہ سچيار پرماتما سڀ ۾ وياپڪ آهي. [پؤڙي (۴) ڪرمي آوئي .... آپي سچيار.]

پرشن- اُهيءَ پرماتما کي ڪنهن بنايو آهي، ڪنهن استاپن ڪيو آهي ۽ هنکي ڏيائڻ مان ڪهڙو ڦل ملي ٿو؟

اُتر- هو ڪنهنجو بہ بنايل نہ آهي، هو پاڻهي پاڻکي آستاپن ڪيو آهي. جيڪي هنکي ڏيائين ٿا، سي ئي درگاهہ ۾ مان پائين ٿا، تنهنڪري جڳائي تہ پريم ڀاءَ سان هن جا گڻ ڳائجن ۽ ٻڌجن. ائين ڪرڻ سان ئي جيو جا دک دور ٿين ٿا ۽ هنکي سچو سک پراپت ٿئي ٿو. [پؤڙي (٥) ٿاپيا نہ جاءِ .... گهر لئي جاءِ.]

پرشن- پرميشر جا گڻ ڳائڻ ۽ ٻڌڻ پنهنجي سِر ڪري سگهجي ٿو يا اُن لاءِ ٻئي ڪنهنجي مدد جو ضرور آهي؟

اُتر- پنهنجي سِر مشڪل آهي. اُن لاءِ گوروءَ جي اُپديش جي ضرورت آهي، ڇو تہ هنجي اُپديش سان ئي اناهد شبد ٻڌي سگهجي ٿو، هنجي اُپديش سان ئي گيان حاصل ڪري سگهجي ٿو ۽ هن جي اُپديش سان ئي پرماتما ۾ سمائجي سگهجي ٿو. [پؤڙي (٥) گورمکہ نادن .... رهيا سمائي.]

پرشن- گوروءَ جي مهما جو ڪجهہ ورنن ڀلائي ڪري اسانکي ٻڌايو.

سکيندو. هو اڏو سمرٿ آهي جو سرير ٺاهيو وري ڍاهيو ڇڏي ۽ ڪ ديهي مسان پران ڪڍي وري بي ديهي ۾ وجهيو ڇڏي. آهي ڄاڻ ۽ ڏسڻ ڪان پري، تہ بہ حاضران حضور تي سڀڪي ويٺو ڏسي. آڪٿ آهن هن جون ڏاتيون. بيشمار جيو هن جي ڀنڊار مان کايو پيا کائين تہ بہ هن جو ڀنڊار ڀرپور جو ڀرپور. داتار ڏيندو پيو رهي، پر ولندڙ ٿڪجيو پون. اُهو حاڪم سيڻي کي ڀِهڃي حڪم (قاعدي) تي هلائي ٿو ۽ اهڙي لبالا ڀنائي بيپرواهہ تي آنند ۾ رهي ٿو. [پؤڙي (٣) گاوي ڪو تاڻ.]

پرشن- اُهو حاڪم جڳت جي حاڪمن جهڙو آهي يا اُنهن ڪان نرالو؟

اُتر- هو سدائين قائم آهي ۽ هنجو ناءُ بہ سدائين قائم آهي. آهي داتار اهڙو، جو جيڪو سندس در تي بيهي ڪانئس ڪي گهري ٿو، تنهنکي ڪڏهين بہ خالي ڪونہ ٿو موٽائي، دنيوي حاڪم ڪئين دفعا نراس ڪيو ڪڍن. [پؤڙي (٤) ساچا صاحب..... ڪري داتار.]

پرشن- ڪهڙي ڀيٽا اُن حاڪم وٽ کڻي وڃجي، جنهنڪري هن جي دربار ۾ وڃي سگهجي ۽ ڪهڙا وچن مُکان ڪڍجن، جي ٻڌي هو پيار ڪري؟ [پؤڙي (٤) ڦيرڪ اڳي.... ڌري پيار.]

اُتر- امرت ويلي هن جي سچي نام اُچارڻ ۽ هن جي وڏاين جي ويچار ڪرڻ سان ئي هن جي درٻار ۾ پير پائي سگهبو ۽ هن جو پيار حاصل ڪري سگهبو. [پؤڙي (٤) امرت ويلا....... وڏيائي ويچار.]

پرشن- تيرٿن تي اشنان ڪرڻ، مون ڌارڻ، ورتن رکڻ يا ٻيئي ڪنهن اهڙي اُپاءَ سان پرماتما کي پائي ڪين سگهبو ڇا؟

اُتر- تيرٿن تي اِشنان ڪرڻ سان انتهڪرڻ شُڌ نٿو ٿئي، مون ڌارڻ سان آندر جي شانتي نٿي ٿي سگهي، ورتن رکڻ سان پرماتما جي ملڻ جي چاهنا نٿي ترپت ٿئي. مطلب ته ايشور سان سچي ٿيڻ بنا ڪيتريون به سياڻپون ۽ چترائيون ڪٺي ڪبيون ته به هن سان ملڻ لاءِ اُهي ڪارگر نه ٿينديون. [پؤڙي (١) سوچئِ سوچ .... چلئِ نال.]

پرشن- سائينءَ سان سچو ڪيئن ٿجي؟ [پؤڙي (١) ڪو سچيارا .... نتئِ پال.]

اُتر- هن جي حڪم تي راضي ٿـي هلڻ سان. [پؤڙي (١) حڪم رضائي .... لکيا نال.]

پرشن- هن جو حڪم ڇا کي ٿا چئو؟

اُتر- اُهو پورو پورو ورنن ڪرڻ مشڪل آهي، مگر ايترو چئي سگهجي ٿو ته هن جي حڪم سان سرشٽيءَ جون سڀ وستو ۽ جيو پيدا ٿين ٿا. هن جي حڪم ڪري ئي دک، سک، وڏي پدوي، ننڍي پدوي، مڪتي ۽ جوڻيون ملن ٿيون. مطلب ته سڀڪو هن جي حڪم موجب هلي ٿو. هن حاڪم جو حڪم جيو نٿا سمجهن. جيڪڏهين هن جي حڪم کي پروڙين ته جيڪر "مان مان" ڪن ئي ڪين. [پؤڙي (٢) حڪمي هوون آڪار.]

پرشن- اُن حاڪم جو ٻل ڪيترو آهي؟

اُتر- اُن جو ٻل ڪٿڻ کان ٻاهر آهي. ڪو به هن جي بخشش، اُپڪارن، وڏاين ۽ گيان جو بيان ڏيئي نه

سري جپ صاحب جو سارُ

(پرشن اُتر ۾)

ڪ ڀيري سري گورو نانڪ صاحب جن رٽن ڪندا ڪندا اچي سُميرُ پربت تي نڪتا. اُتي اوڏيءَ مهل سِڌن جي سڀا لڳي پئي هئي. سڌ گورو صاحبن کي ڏسي عجب ۾ پيا، جو سمجهائون ته اسان کانسواءِ ٻئي ڪنهن کي به طاقت نه آهي، جو هن جبل جي چوٽيءَ تائين اچي پهچي، تنهنڪري صاحبن کان پڇڻ لڳا:-

پرشن- توهين ڪنهن جا اُپاشڪ آهيو ۽ ڪنهن جي ٻل سان ڄڻي ڪٺن استان تي آيا آهيو؟

اُتر- ڪ پرماتما جنهن جوئي نالو ست (قائم) آهي، جو ساري سرشٽيءَ جو رچيندڙ آهي، جو سڀ ۾ وياپڪ آهي، جو ڀؤ کان رهت آهي، جنهنجو ڪنهن سان به وير ڪونهي، جنهن ۾ وقت جي ڪري ڪا ڦيرڦير نٿي ٿئي، جو جوڻين کان جُدا آهي ۽ جو پاڻبي پاڻ پيدا ٿيو آهي، تنهن جا اسين اُپاشڪ آهيون ۽ انهيءَ جي ئي ڪرپا سان هتي آيا آهيون. [ايڪ اونڪار...... سئڀن.]

پرشن- اهڙو پرماتما ڪيئن ملي سگهندو؟

اُتر- اُهو پرماتما، جو آد جڳاد کان قائم آهي، تنهنکي جڏهن ستگوروءَ جي ڪرپا سان جهبو، تڏهن هنکي حاصل ڪري سگهبو. [گور پرساد...... هوسي ڀي سچ.]

ڪَرمي آپو آپڻي، ڪي نيڙي ڪي دُورِ

آرٿ- پنهنجن پنهنجن ڪرمن ڪري ڪي (يعني گورمک) ايشور جي ويجهو ٿيندا ۽ ڪي (يعني منمک) ايشور کان دور رهجي وڃن.)

جني نامُ ڌيائيا، گئي مسَقَتِ گهالِ

آرٿ- جن (گوروءَ جي اُپديش گرهڻ ڪري) پرماتما جو سچو نام ڌيايو آهي، اُنهن سڀ تڪليفون لنگهايون آهن، يعني اُهي سڀئي سادنائن جي محنت ڪري چُڪا آهن. [مسقت=مشڪلات، تڪليفون. گهال = ڪمائي.]

نانڪَ تي مُکَ اُجلي، ڪيتي ڇُٽي نالِ.

آرٿ- سري گورو آنگد صاحب جن (سري گورو نانڪ صاحب جن جو نالو عزت سان وٺي) فرمائين ٿا تہ اهڙن گورمکن جا منهن اوجل آهن ۽ اهڙن جي سنگ ۾ ڪئين (جنم مرڻ کان) ڇٽي پون ٿا. [ڪيتي=ڪيتري (خلقت) يعني ڪئين جيو.]



سلوڪ

پَوَڻُ گُورُو، پاڻي پِتا، ماتا ڌَرَتِ مَهَتُ

ارٿ - گُورو پَوَن وانگر آهي (جو جيئَڻ جان ڪاڄبلو ورتي تو)؛ گُورو پاڻيءَ وانگي سيتلتا ۽ پوترتا بخشيندڙ آهي؛ گُورو پِتا وانگر ٻنهي جي پالنا ڪندڙ آهي ۽ ماتا وانگي سارسنڀال ڪندڙ آهي ۽ گُورو وڏيءَ ڌرتيءَ وانگر ڌيرجوان آهي. [ڌرت = ڌرتي. مهت = وڏي.]

ٻيو ارٿ - جڳت جو گُورو پَوَن آهي (جو ته اُن ڪانسواءِ جيئڻ نٿو سگهجي)، پاڻي پِتا آهي (جو ته اُن مان ئي سڀ جي اُتپتي ٿئي ٿي) ۽ ڌرتي وڏي ماتا آهي (جو ته ڌرتي، ماتا وانگر سڀني اُپايل سرشٽيءَ کي ٻنهي گود ۾ رکي ٿي).

دِوَسُ راتِ دُءِ دائي دائيا، کيلَي سَگَلَ جَگَتُ

ارٿ - گُورو (سڪ کي) دائي ۽ دائيءَ وانگر گهڻو روپي ڏينهن ۾ ڪمل ٿو ڪرائي ۽ تورم وڏيا روپي رات ۾ سنڀاري ٿو ڇڏي. گُورو ساري جڳت کي کيڏي بازي ڪري ٿو سڀني يعني سڀڪوئي ئو تہ سڀ ڪجهه رلُوت آهي ۽ رکو ٻار اُتم ئي سڀ آهي. [دوس = ڏينهن.]

ٻيو ارٿ - ڏينهن ۽ رات جهون لاءِ دائي ۽ دايو آهن (جو تہ دائي ٻالڪ کي رات جو سنڀاريندي آهي ۽ دايو ماڻهو ڏينهن جو کيڏائيندو آهي)؛ انهيءَ رت سڄو جڳت پيو کيل ڪري.

چنگيائيان بُرائيان، واچي ڌرمُ حدُورِ

ارٿ - جهون جهون چڱايون ۽ برايون ڌرمراءِ جي حاضريءَ ۾ واچيون وڃي ٿيون. [حدور = حضور ۾. واچي = پڙهيون ٿيون، واچيون ٿيون.]

نانڪ ندري ندرِ نهالَ.

آرٿ- سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ پرماتما پنهنجي ڪرپا سان (اهڙن پرشن کي) نهال ڪيو ڇڏي يعني جنم مرڻ کان ڇڏايو ڇڏي. [ندري = پرماتما. ندر = ڪرپا.]

جڏهين سري گورو نانڪ صاحب جن سري جپ صاحب جو ڀوڳ پائي رهيا، تڏهين سڀ سنگت سري گورو آنگد صاحب جن جي آڳيان وينتي ڪئي تہ ڪرپا ڪري اسانکي ستگورن جي مهما ورنن ڪري ٻڌايو. تنهن تي سري گورو آنگد صاحب جن هيٺيون سلوڪ اُچاريو، جو سري جپ صاحب جي پڇيان پڙهڻ ۾ ايندو آهي ۽ جو "مانجهہ جي وار" ۾ پڻ ٻي پاتشاهيءَ جو ڪري ڏيکاريل آهي.

نوٽ- ڪي ٽيڪا ڪندڙ وري هن طرح لکن ٿا تہ سري گورو آنگد صاحب جن سڀ سنگت جي عرض تي هيٺيون سلوڪ اُچاري سري جپ صاحب جو ڀوڳ پاتو، جنهن ۾ ڏيکاريائون تہ جڳت جو آڌار ڇا تي آهي ۽ ڪيئن هن سنساري کيل مان بچي پار پئجو. انهيءَ ڪري ٻڌرين پن تڪن جون معنائون هيٺين ٻنهي نمونن ۾ ڏجن ٿيون.

ਸਲੋਕੁ

ਪਵਣੁ ਗੁਰੂ ਪਾਣੀ ਪਿਤਾ ਮਾਤਾ ਧਰਤਿ ਮਹਤੁ । ਦਿਵਸੁ ਰਾਤਿ ਦੁਇ ਦਾਈ ਦਾਇਆ ਖੇਲੈ ਸਗਲ ਜਗਤੁ । ਚੰਗਿਆਈਆ ਬੁਰਿਆ-ਈਆ ਵਾਚੈ ਧਰਮੁ ਹਦੂਰਿ। ਕਰਮੀ ਆਪੋ ਆਪਣੀ ਕੇ ਨੇੜੈ ਕੇ ਦੂਰਿ। ਜਿਨੀ ਨਾਮੁ ਧਿਆਇਆ ਗਏ ਮਸਕਤਿ ਘਾਲਿ । ਨਾਨਕ ਤੇ ਮੁਖ ਉਜਲੇ ਕੇਤੀ ਛੁਟੀ ਨਾਲਿ ॥ ੧ ॥

ارٿ - (جگياسوءَ کي) جس روپي آگمنو مٿڻ گھرجي ؟ ذوق روپي سوناروَ ٿئڻ گھرجي. [جت = اندريس کي روڪڻ يعني برھم جرءَ ڌارڻ. پھارا = آگمنو، جنھن پر سونارا ساھ ھاريندا آھي، کاهو. سنئار = سوناروءَ.]

آھرڻِ مَتِ وِيدُ ھَتِيئارُ

ارٿ - (اُتر) مت کي سنداڻ ڪرڻ گھرجي ؛ گيان روپي متر ڪو (مٿس مٿڻ گھرجي). [آھرڻ = سنداڻ، لوھ جو لڪر، جنھن تي سونارو سون جو زيور گھڙيندو آھي. وِيد = گيان. ھتيئار = متر ڪو.]

ڀؤ کلا اگنِ تپ تاءُ

ارٿ - ؛ پرميشور جو ڀؤ رکڻ ڌَوڻ ڪرڻ گھرجي ؛ (اھاس روپي) تسنيا جي اگني مٿڻ گھرجي. کلا = ڌوڻي، جنھن سان باھ کي ڦوڪي ٻارجي. تپ تاءُ = تسنيا.

ڀانڊا ڀاءُ اَمرتُ تِتُ ڍالِ

ارٿ - ؛ رديءَ کي پريم روپي ڪوارن ڪرڻ گھرجي ؛ انھيءَ پر (گورن جي اُپديس جو) امرت وجهڻ گھرجي. ڀاندا = ڪوارو، ننڍي ٿالهي، جنھن پر سون ڳاريو ڪم آھي. ڀاءُ = پيار، پريم.]

گھڙيئي شبدُ سچي ٽڪسالِ

ارٿ - (انھيءَ طرح سان) سچي ٽڪسال جهلي يعني ساڌسنگت پر (انام) شبد گھڙجي ٿو. [ٽڪسال = سرب جاءِ يعني ساڌسنگت.]

جِنَ ڪؤ نَدرِ ڪرمُ تِنَ ڪارُ

ارٿ - جن (پرش) تي پرميشور جي ڪرپا درشٽي ٿئي ٿي، سي ئي انھيءَ ڪم پر لڳن ٿا. يعني اُھي ئي نام سمرين ٿا.

آرٿ- أتي لوڪن جا لوڪ ۽ روپ آهن. [لوءِ لوءِ = لوڪن جا لوڪ. آڪار= روپ.]

جِوَ جِوَ حُڪمُ تِوَيِ تِوَ ڪارَ

آرٿ- جئن جئن نرنڪار جو حڪم آهي، تئن تئن ڪم ٿيو ٿئي.

وِيکيِ وِگَسيِ ڪَرِ وِيچارُ

ارٿ- جو سيڻي کي (ساڪي روپ تي) ڏسي ٿو ۽ خوش ٿئي ٿو ۽ (سيڻي جي ڪرمن جو) ويچار ڪري ٿو. [وِگَسيِ= خوش ٿئي ٿو.]

نانَڪَ ڪَٿنا ڪَرڙا سارُ.

آرٿ- سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته (اهڙي پد ويءَ جو) ورنن ڪرڻ لوهه جهڙو سخت آهي يعني بلڪل ڪٺن آهي. [ڪٿنا= ورنن ڪرڻ. ڪرڙا= سخت= ڪٺن. سار= لوهه.]

تڏهين سڌ پڇڻ لڳا ته سائين! جيو جي ڪمائي پورن ڪيئن ٿئي يعني جيو پرماتما سان لوَلين ڪيئن ٿي وڃي؟ تنهن تي صاحبن فرمايو ته شبد گهڙڻ سان هو پرماتما کي پائي سگهي ٿو ۽ انهيءَ شبد گهڙڻ لاءِ هيٺين سامگري جو ضرور آهي.

ਜਤੁ ਪਾਹਾਰਾ ਧੀਰਜੁ ਸੁਨਿਆਰੁ । ਅਹਰਣਿ ਮਤਿ ਵੇਦੁ ਹਥੀਆਰੁ। ਭਉ ਖਲਾ ਅਗਨਿ ਤਪ ਤਾਉ। ਭਾਂਡਾ ਭਾਉ ਅੰਮ੍ਰਿਤੁ ਤਿਤੁ ਢਾਲਿ । ਘੜੀਐ ਸਬਦੁ ਸਚੀ ਟਕਸਾਲ । ਜਿਨ ਕਉ ਨਦਰਿ ਕਰਮੁ ਤਿਨ ਕਾਰ । ਨਾਨਕ ਨਦਰੀ ਨਦਰਿ ਨਿਹਾਲ ॥ ੩੮ ॥

پؤڙي (٣٨)

جَتُ پاهارا، ڌيِرجُ سنِئارُ

[illegible]

الاش [illegible] اوء

[illegible] [[illegible] =

[illegible]

مشکوہ [illegible] سوء

[illegible] آلدن [illegible]

[illegible] اسالکی مالی سجھ کنڈ

[illegible] فرمایو:—

[illegible]

[illegible] [[illegible] =

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible] =

[illegible]

[illegible]

[illegible] =

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

بولی [illegible]

تِنِي هورُ نہ ڪوئي هورُ

ارٿ - انهيءَ کنڊ ۾ (سنتن کانسواءِ) ٻيو ڪو ڪونهي.
ڀاو - سنتن کانسواءِ انهيءَ منزل تي ٻيو ڪو ٻہ ڪونہ وڃي سگهندو.

تِنِي جوڌ مہا ٻَل سورُ

ارٿ - اُتي (من ۽ اندرين کي جيتڻ وارا) مہا ٻاهي جوڌا ۽ سورما آهن. [سور= سورما.]

تِن مہِ رامُ رهيا ڀرپُور

ارٿ - انهن ۾ رام (رُوم رُوم ۾) ڀرپور آهي.

تِنِي سيتو سيتا مہما ماهِ

ارٿ - اُتي (يعني انهيءَ اوسٿا ۾) انهن جو سيتا روپي من، (رام يعني پرماتما) جي مہما ۾ گنڍيل آهي. [سيتو= سميل، گنڍيل.]

تاڪي رُوپُ نہ ڪَٿني جاهِ

ارٿ - انهن يعني ڪرم کنڊ وارن جو روپ ڪٿن ڪري نٿو سگهجي (يعني اُهي اُتي سندر آهن، جن جو بيان ڪرڻ ڪٺن آهي.)

نا اُهِ مرهِ نہ ٺاڳي جاهِ
جِن ڪَيِ رامُ وسيِ من ماهِ

ارٿ - جن جي من ۾ (هر وقت) پرماتما جو نام وسي ٿو، سي نڪي مرن ٿا ۽ نڪي (ڪام آدڪ وڪارن کان) ٺڳجي وڃن ٿا.
نوٽ - سنتن ۽ مہاتمائن بابت صاحب جون ٿا تہ اُهي نٿا مرن، تنهن جو سبب اهو آهي جو اُهي سنساري ماڻهن وانگر مري جنم نٿا وٺن. اُنهن جي جوت ديہہ ڇڏڻ کانپوءِ پرماتما جي جوت سان ملي وڃي ٿي.

جيڪو ڪٿي پڇي پڇتاءِ

اَرٿ- جيڪو ڪو چوندو ته مان ڪٿي ڄاڻان سو آخر پڇتائيندو (ڇو جو انهيءَ اوستا جو بيان ڏاڍو مشڪل آهي.)

تِٿي گهڙيئي سُرتِ مَتِ مَنِ بُڌِ

اَرٿ- اُتي ڌيان جي شڪتي گهڙجي ٿي ۽ من ۽ بُڌيءَ ۾ سمجهه ٿئي ٿي. [سُرت = ڌيان جي شڪتي. مت = سمجهه.]

تِٿي گهڙيئي سُرا سِڌا ڪي سُڌِ.

اَرٿ- اُتي ديوتائن ۽ سِڌن جهڙي سمجهه گهڙجي (تيار ٿئي ٿي)، يعني منش، ديوتائن ۽ سِڌن جهڙا ٿيو پون. [سُڌ=سمجهه.]

وري سڀ کان پوءِ ڪرم کنڊ يعني ڪرم کنڊ بابت پڇڻ لڳا تنهن تي صاحبن فرمايو:-

ਕਰਮ ਖੰਡ ਕੀ ਬਾਣੀ ਜੋਰੁ । ਤਿਥੈ ਹੋਰੁ ਨ ਕੋਈ ਹੋਰੁ । ਤਿਥੈ
ਜੋਧ ਮਹਾ ਬਲ ਸੂਰ । ਤਿਨ ਮਹਿ ਰਾਮੁ ਰਹਿਆ ਭਰਪੂਰ । ਤਿਥੈ
ਸੀਤੋ ਸੀਤਾ ਮਹਿਮਾ ਮਾਹਿ । ਤਾਕੇ ਰੂਪ ਨ ਕਥਨੇ ਜਾਹਿ । ਨਾ ਓਹਿ
ਮਰਹਿ ਨ ਠਾਗੇ ਜਾਹਿ । ਜਿਨਕੈ ਰਾਮੁ ਵਸੈ ਮਨ ਮਾਹਿ । ਤਿਥੈ ਭਗਤ
ਵਸਹਿ ਕੇ ਲੋਅ । ਕਰਹਿ ਅਨੰਦੁ ਸਚਾ ਮਨਿ ਸੋਇ । ਸਚਿ ਖੰਡ ਵਸੈ
ਨਿਰੰਕਾਰੁ । ਕਰਿ ਕਰਿ ਵੇਖੈ ਨਦਰਿ ਨਿਹਾਲ । ਤਿਥੈ ਖੰਡ ਮੰਡਲ
ਵਰ ਭੰਡ । ਜੇ ਕੋ ਕਥੈ ਤ ਅੰਤ ਨ ਅੰਤ । ਤਿਥੈ ਲੋਅ ਲੋਅ ਆਕਾਰ।
ਜਿਵ ਜਿਵ ਹੁਕਮੁ ਤਿਵੈ ਤਿਵ ਕਾਰ । ਵੇਖੈ ਵਿਗਸੈ ਕਰਿ ਵੀਚਾਰੁ ।
ਨਾਨਕ ਕਥਨਾ ਕਰੜਾ ਸਾਰੁ ॥ ੩੭ ॥

پؤڙی (۳۷)

ڪرم کنڊ کي باڻي زورُ

اَرٿ- ڪرم کنڊ وارن يعني جن تي پرميشور جي ڪرپا ٿي آهي تن جي باڻيءَ ۾ طاقت ٿئي ٿي. [زور = طاقت.]



ارث - سرم کنڊ (يعني اُپاشنا کانڊ) وارن جي باڻي سنڌ رتا وارې آهي، يعني هو سڀ ۾ سونهن پسي، عجب ۾ پئي پرماتما جي قدرت ساراهين ٿا. مثلاً هيٺئين قسم جي واڻي اُچارين ٿا:-

”وِسماد ناد وِسماد ويد
وسماد جيئہ وسماد پيد
وسماد روُپ وِسماد رنگہ
وسماد نانگي ڦِرهِ جنت
وسماد پوڻُ وِسماد پاڻي
وسماد آگني کيڏهہ وڏاڻي.“

[آسادي وار پؤڙي (٣)]

ارث - هي پريو! عجيب تنهنجو شبد آهي ۽ عجيب تنهنجا ويد آهن؛ عجيب تنهنجا جيو آهن ۽ اُنهن جيون جي ذاتين جا تفاوت به عجيب آهن؛ جيون جا روپ به عجيب آهن ۽ اُنهن جا رنگہ به عجيب آهن. هي پريو! اهو به اسچرج آهي جو (ڪئين) جيو اُگهاڙا پيا گهمن. هي پريو! عجيب آهي هوا ۽ عجيب آهي پاڻي؛ عجيب آهي آگني، جا آسچرج روپ کيل پيئي ڪري.

تِٿئِ گهاڙتِ گهڙيئي ٻهت انوپُ

ارث - اُتي (يعني اُپاشنا کانڊ ۾) بلڪل سنڌر گهاڙت گهڙجي ٿي، اُتي جيو جو ردو ڌُپ گڻن سان پرپور ٿئي ٿو، جنهنڪري ... ممدو نظر ۾ اچي ٿو. [تِٿئِ = اُتي. انوپ = تعريف ... تمام سنڌر.]

ڪٿيئا نا جاهِ

... پڻ وڏيء جو ... ن جئي نہ ٿيون سگهجن.

[گلا

ਗਿਆਨ ਖੰਡ ਮਹਿ ਗਿਆਨੁ ਪਰਚੰਡੁ। ਤਿਥੈ ਨਾਦ ਬਿਨੋਦ ਕੋਡ ਅਨੰਦੁ। ਸਰਮ ਖੰਡ ਕੀ ਬਾਣੀ ਰੂਪੁ। ਤਿਥੈ ਘਾੜਤਿ ਘੜੀਐ ਬਹੁਤੁ ਅਨੂਪੁ। ਤਾਕੀਆ ਗਲਾ ਕਥੀਆ ਨਾ ਜਾਹਿ। ਜੇ ਕੋ ਕਹੈ ਪਿਛੈ ਪਛੁਤਾਇ। ਤਿਥੈ ਘੜੀਐ ਸੁਰਤਿ ਮਤਿ ਮਨਿ ਬੁਧਿ। ਤਿਥੈ ਘੜੀਐ ਸੁਰਾ ਸਿਧਾ ਕੀ ਸੁਧਿ ॥ ੩੬ ॥

پئوڙي (٣٦)

گيانُ کنڊ مهِ گيانُ پرچنڊُ

ارٿ - گيان کانڊ ۾ (ايشور جو) گيان ئي مکيه آهي يعني گيان کانڊ ۾ گيان جسو کي ججهي طرح پرابت ٿئي ٿو (جنهن گيان جو بيان صاحب ٣٥ پئوڙيءَ ۾ بلڪل سڌي طرح سان ورنن ڪيو آهي). [گيان کنڊ = گيان کانڊ. پرچنڊ = پرڪاش وارو، مکيه.]

تِٿي ناد بِنود ڪوڙ آنندُ

ارٿ - انهيءَ کانڊ ۾ اناهد شبد (پنج ۾ آهن ٿا)، جن ۾ ڪروڙن خوشين جو آنند آهي. [ناد = آواز يعني اناهد شبد. بنود = خوشيون. ڪوڙ = ڪروڙ.]

ٻيو ارٿ - اُتي ناد (يعني سرود)، بنود (يعني درس) ۽ ڪوڙ (يعني ڏوگر) جو آنند آهي. ڀاو - اُتي شبد پڙهجي ٿو، برهم جو درشن اٿي ٿو ۽ سماڌي لڳائي برهم جو آنند پائجي ٿو.

ڏيئي ست جوڙ لڳا تہ سرم کنڊ، جو اوڏان ٽيون کنڊ بڻايو، تنهنجو ٻيا ڳالهيون ڪجهہ ورنن ڪريو. تنهن تي اهڙو فرمايو:-

کنڊ ڪي ٻاڻي روپُ

ڪيتيئا ڪرم ڀومي ميرُ، ڪيتي ڪيتي ڌُو اُپديس

ارٿ - ڪيترين ئي دنيائون آهن ۽ ڪيترائي سمير پربت آهن؛ ۽ ڪئين ڌرو ڀڳت کي اُپديش ڏيڻ وارا (نارد آهن). [ڪرم ڀومي = ڌرتيون جن ۾ ڪرمن جو ڦل ڀوڳجي ٿو يعني دنيائون. مير = سمير جبل. ڌُو اُپديس = ڌرو ڀڳت کي اُپديش ڏيندڙ يعني نارد.]

ڪيتي اِند چندسورُ، ڪيتي ڪيتي منڊل ديس

ارٿ - ۽ ڪيترائي اِندر، چنڊ ۽ سجھ آهن؛ ۽ ڪيترائي ڪيترا منڊل ۽ ديس آهن. [سور = سورج، سجھ.]

ڪيتي سِڌ ٻُڌ ناٿ، ڪيتي ڪيتي ديوِي ويس

ارٿ - ۽ ڪيترائي سڌ ۽ ٻڌوان ۽ ناٿ آهن ۽ ڪيترائي ديويءَ جا سروپ آهن.

ڪيتي ديوُ دانو مُنِ، ڪيتي ڪيتي رتن سمند

ارٿ - ۽ ڪيترائي ديوتائون ۽ دئت ۽ مُنيشر آهن ۽ ڪيترائي رتنن سان ڀريل سمنڊ آهن. [دانو = دئت. مُن = مُنيشر.]

ڪيتيئا کاڻي ڪيتيئا ٻاڻي، ڪيتي پات نرند

ارٿ - ۽ ڪيترين کاڻيون آهن ۽ ڪيترين ئي ٻوليون آهن ۽ ڪيترائي (پرجا) پاليندڙ بادشاه آهن. [پات = پتي يا پاليندڙ. نرند = نر اِند = ماڻهن جا اِندر يعني بادشاه.]

ڪيتيئا سُرتي شيوڪُ ڪيتي، نانڪ انتُ نہ انتُ.

ارٿ - ۽ ڪيترين ئي (ويدن جون) سُرتيون آهن ۽ ڪيترائي شيوڪ آهن. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ (ڪيترن جي ليکي جو) ڪو انت نہ آهي.

پرماڻ:- ”اُن تہ جاءِ جتي سنگولسن ملِ مڇي سارنگ پاڻي
رام ڪبرا ايڪ يٺي بڇي، ڪوءِ نہ سڪي پڇاڻي“
(رام ڪلي سري ڪبير جي شبد ٣)

صوفين جي مت موجب بہ ٥ ڪنڊ آهن: (١) ناسوت، (٢) جبروت، (٣) ملڪوت، (٤) لاهوت ۽ (٥) هاهوت.

نوٽ – جيتوڻيڪ شاسترن ۾ گيان کانڊ جي منزل اُپاشنا کانڊ کان متي ڏيکاريل آهي، تہ بہ سري جپ صاحب جي پاٺڪن کي معلوم ٿيندو تہ صاحبن اُپاشنا کانڊ کي گيان ڪانڊ کان بہ متي رکيو آهي جنهن تہ پهريائين گيان کانڊ جو بيان ڏيئي پوءِ اُپاشنا کانڊ (سرم کنڊ) جو ورنن ڪيو آهن. اِهيءَ مان پرسد آهي تہ صاحبن ڀڳتيءَ کي گيان کان وڌيڪ سمجهيو آهي.

تڏهين سڏ گيان ڪنڊ بابت هيٺينءَ طرح پچرط لکيا تہ:-

گيانَ کنڊَ ڪا آکھُ ڪرَمُ

اَرٿ – گيان کنڊ جي ڪرم يعني نمر جو بيان ڏيو.

تنهن تي صاحبن هيٺينءَ طرح ورنن ڪيو:-

ڪيتي پوڻ پاڻي بيسنتر، ڪيتي ڪانَ مهيس

ارٿ – (انهيءَ کاند ۾) ڪترائي پوڻ، پاڻي ۽ آگنيون ۽ ڪترائي ڪرش ۽ شو آهن. [ڪان=ڪرش. مهيس=شو.]

ڪيتي برمي گهاڙتِ گهڙيئهِ، روُپ رنگ ڪي ويس

اَرٿ – ۽ ڪترائي برهما آهن، جي رچنائون پيا رچن (جدا جدا) روپن، رنگن ۽ ويس جون. [گهاڙت گهڙيئهِ=گهاڙ، پيا گهڙن يعني رچنائون پيا رچن.]

هرهڪ ڪم جي ايشور جي دربار ۾ پڇاڻ ٿيندي، تنهنڪري هو چيئي هلي ٿو ۽ تحقيق ڄاڻي ٿو تہ ايشور جي دربار ۾ سريشٽ پرشن ڪي مان آهي ۽ جن تي ايشور جي مهر جي نظر آهي، اُهي ئي سندس دربار جو درشن ڪري سگهن ٿا.

صاحب پوءِ (۲) گيان کنڊ جو ذڪر ڪن ٿا، جو گياتا يعني سمجهہ جو کنڊ آهي. جو گيان وان انهيءَ کنڊ جي منزل تي پهچي ٿو، تنهنکي پرماتما جي وڏائيءَ جي سوجهي پوي ٿي ۽ هنکي پرماتما جي صفت ساراهڻ جو گرڻ پراپت ٿئي ٿو ۽ هو سمجهي ٿو تہ جيڪي پريوءَ رچيو آهي، تنهن ۾ انيڪتا آهي. مثلاً پون، پاڻي، اَگني، ڪرشن، شو، اِندر، سڌ، ٻڌ، ناٿ وغيره ڪئين آهن. يعني پاربرهم هڪڙو ئي آهي، جو سڀني ۾ وياپڪ آهي.

پوءِ صاحب فرمائين ٿا تہ گيان کنڊ کان چڙهي، هي جيو (۳) سرم کنڊ يعني اُپاشنا کانڊ ۾ وڃي ٿو. جيڪو انهيءَ حالت کي پهچي ٿو، سو سڀ ۾ سونهن پسي ٿو. اُنکي پرماتما جي جيڪا رچنا رچيل آهي، سا نهايت تعريف جوڳي نظر اچي ٿي ۽ هو اهڙو آنند پائي ٿو، جنهنجو بيان ڪرڻ مشڪل آهي.

اهڙيءَ طرح ڪمائي ڪندي ڪندي جگياسو (۴) ڪرم کنڊ يعني ڪرپا کانڊ ۾ وڃي ٿو، جتي پرماتما جي بخشش مٿس ٿئي ٿي ۽ هن جي ٻاڻيءَ ۾ نهايت گهڻي طاقت ٿئي ٿي ۽ جيڪي هو ٻولي ٿو سو گويا ايشور ٿو ٻولي.

پوءِ جگياسو (۵) سچ کنڊ ۾ وڃي ٿو، يعني ست سروپ ٿي پوي ٿو. مطلب تہ هن ۾ ايشور جي وچ ڪو ڀيد نہ رهي ٿو.

ਧੂ ਉਪਦੇਸ । ਕੇਤੇ ਇੰਦ ਚੰਦ ਸੂਰ ਕੇਤੇ ਕੇਤੇ ਮੰਡਲ ਦੇਸ । ਕੇਤੇ ਸਿਧ ਬੁਧ ਨਾਥ ਕੇਤੇ ਕੇਤੇ ਦੇਵੀ ਵੇਸ । ਕੇਤੇ ਦੇਵ ਦਾਨਵ ਮੁਨਿ ਕੇਤੇ ਕੇਤੇ ਰਤਨ ਸਮੁੰਦ । ਕੇਤੀਆ ਖਾਣੀ ਕੇਤੀਆ ਬਾਣੀ ਕੇਤੇ ਪਾਤ ਨਰਿੰਦ । ਕੇਤੀਆ ਸੁਰਤੀ ਸੇਵਕ ਕੇਤੇ ਨਾਨਕ ਅੰਤੁ ਨ ਅੰਤੁ ॥ ੩੫ ॥

(٣٥) ٻؤڙي

ڌرم کنڊ ڪا ايهو ڌرم

آرٿ– ڌرم کنڊ جو اهو ڌرم يعني ساو آهي (جو مٿين ٻؤڙي ٣٤ ۾ ڏنو ويو آهي يعني جهڙو ڪرم تهڙو ڦل.)

کنڊن جو مختصر بيان

کنڊ لفظ جي معنيٰ آهي ڀاڱو يا حصو. ڀاشا ۾ کنڊ کي ڪانڊ يا سڪنڌ ڪري ڪوٺيو آهي. هن پستڪ جي ٣٤ ٻؤڙيءَ جي مٿان ڏيکاريو ويو آهي ته مڙيئي ٥ کنڊ آهن: (١) ڌرم کنڊ (٢) گيان کنڊ (٣) سرم کنڊ (٤) ڪرم کنڊ (٥) سچ کنڊ. شاسترن ۾ ٣ کنڊ يعني ڪانڊ ڏيکاريل آهن: (١) ڪرم ڪانڊ (٢) اُپاشنا ڪانڊ (٣) گيان ڪانڊ. ڀائي سنتوک سنگهه ۽ سنت سنگهه پرڪاش چون ٿا ته صاحبن (١) ڌرم کنڊ کي ڪرم ڪانڊ جي برابر ڪيو آهي، جنهنجو بيان ٣٤ ٻؤڙيءَ ۾ آهي ته سڀ جو ڪرمن موجب ويچار ٿئي ٿو: ”اِس هاٿ ديئه اُس هاٿ ليئه.“ صاحبن ڪرم ڪانڊ جو نالو ڌرم کنڊ هن سبب ڪري رکيو آهي، جو آخرين منزل تي پهچڻ لاءِ پهريون [illegible] آهي پنهنجن فرض تي پورو هڻڻ، جئن سري [illegible] مهراج اَرجن کي گيتا ۾ سمجهايو آهي. انهيءَ کنڊ ۾ [illegible]يتا جي شروعات آهي ۽ جيو سمجهي ٿو ته منهنجي

ي ايشور جي دربار ۾ پهچاڻ ٿيندي، تنهنڪري
ٿو ۽ تحقيق ڄاڻي ٿو ته ايشور جي دربار ۾
كي مان آهي ۽ جن تي ايشور جي مهر جي
ئي سندس دربار جو درشن ڪري سگهن ٿا.
ـوءِ (٢) گيان کنڊ جو ذڪر ڪن ٿا، جو
۾ جو کنڊ آهي. جو گيان وان انهيءَ کنڊ
هچي ٿو، تنهنکي پرماتما جي وڏائيءَ جي
۽ هنکي پرماتما جي صفت ساراهڻ جو ڳڻ
؛ سمجهي ٿو ته جيڪي پريوءَ رچيو آهي،
. مثلاً پون، پاڻي، اگني، ڪرشن،
ـد، ناٿ وغيره ڪئين آهن. يعني
ڪڙو آهي، جو سڀني ۾ وياپڪ آهي.
ـائين ٿا ته گيان کنڊ کان چڙهي، هي
ي اُپاشنا کانڊ ۾ وڃي ٿو. جيڪو
ب ٿو، سو سڀ ۾ سونهن پسي ٿو.
ڪ رچنا رچيل آهي، سا نهايت تعريف
اهڙو آنند پائي ٿو، جنهنجو بيان
ن ـي.
اهڙيءَ طرح ڪمائي ڪندي ڪندي جڳياسو (٤)
ڪرم کنڊ يعني ڪرپا کانڊ ۾ وڃي ٿو، جتي پرماتما جي
بخشش مٿس ٿئي ٿي ۽ هن جي ٻاڻيءَ ۾ نهايت گهڻي
طاقت ٿئي ٿي ۽ جيڪي هو ٻولي ٿو سو گويا ايشور ٿو ٻولي.
پـوءِ جڳياسو (٥) سچ کنڊ ۾ وڃي ٿو، يعني
ـت سروپ تي پوي ٿو. مطلب ته هن ۽ ايشور جي وچ ۾
ڪو ڀيد نه رهي ٿو.

ਧੂ ਉਪਦੇਸ । ਕੇਤੇ ਇੰਦ ਚੰਦ ਸੂਰ ਕੇਤੇ ਕੇਤੇ ਮੰਡਲ ਦੇਸ । ਕੇਤੇ ਸਿਧ
ਬੁਧ ਨਾਥ ਕੇਤੇ ਕੇਤੇ ਦੇਵੀ ਵੇਸ । ਕੇਤੇ ਦੇਵ ਦਾਨਵ ਮੁਨਿ ਕੇਤੇ ਕੇਤੇ
ਰਤਨ ਸਮੁੰਦ । ਕੇਤੀਆ ਖਾਣੀ ਕੇਤੀਆ ਬਾਣੀ ਕੇਤੇ ਪਾਤ ਨਰਿੰਦ ।
ਕੇਤੀਆ ਸੁਰਤੀ ਸੇਵਕ ਕੇਤੇ ਨਾਨਕ ਅੰਤੁ ਨ ਅੰਤੁ ॥ ੩੫ ॥

پئوڙي (۳۵)

ڌرم کنڊ کا ايهو ڌرم

ارٿ- ڌرم کنڊ جو اهو ڌرم يعني سڀاءُ آهي (جو مٿئين پئوڙي ۳۴ ۾ جو ويو آهي يعني جهڙو ڪرم تهڙو ڦل.)

کنڊن جو مختصر بيان

کنڊ لفظ جي معنيٰ آهي ڀاڱو يا حصو. پاسا ۾ کنڊ کي ڪانڊ يا شڪند ڪري ڪوٺيو آهي. هن پستڪ جي ۳۴ پئوڙيءَ جي مٿان ڏيکاريو ويو آهي ته مڙيئي ۵ کنڊ آهن: (۱) ڌرم کنڊ (۲) گيان کنڊ (۳) سرم کنڊ (۴) ڪرم کنڊ (۵) سچ کنڊ. شاسترن ۾ ۳ کنڊ يعني ڪانڊ ڏيکاريل آهن: (۱) ڪرم ڪانڊ (۲) اُپاسنا ڪانڊ (۳) گيان ڪانڊ. ڀائي سنتوکسنگھ ۽ سنت سنگھ پرڪاش چون ٿا ته صاحبن (۱) ڌرم کنڊ کي ڪرم ڪانڊ جي برابر ڪيو آهي، جنهنجو بيان ۳۴ پئوڙيءَ ۾ آهي ته سڀ جو ڪرمن موجب ويچار ٿئي ٿو: ”اِس هاٿ ديئه اُس هاٿ ليئه.“ صاحبن ڪرم ڪانڊ جو نالو ڌرم کنڊ هن سبب ڪري رکيو آهي، جو آخرين منزل تي پهچڻ لاءِ پهريون ڏاڪو آهي پنهنجن فرضن تي پورو هلڻ، جئن سري ... مهراج ارجن کي گيتا ۾ سمجهايو آهي. انهيءَ کنڊ ۾ اوستا جي شروعات آهي ۽ جيو سمجهي ٿو ته منهنجي

هردڪ ڪم جي ايشور جي دربار ۾ پهچاڻ ٿيندي، تنهنڪري
دو ڇيتي هلي ٿو ۽ تحقيق جاڻي ٿو ته ايشور جي دربار ۾
سريشت پرش ڪي مان آهي ۽ جن تي ايشور جي مهر جي
نظر آهي، اهي ئي سندس دربار جو درشن ڪري سگهن ٿا.
صاحب پوءِ (٢) گيان کنڊ جو ذڪر ڪن ٿا، جو
گياتا يعني سمجهه جو کنڊ آهي. جو گيان وان انهيءَ کنڊ
جي منزل تي پهچي ٿو، تنهنکي پرماتما جي وڏائيءَ جي
سوجهي پوي ٿي ۽ هنکي پرماتما جي صفت ساراهڻ جو گڻ
پراپت ٿئي ٿو ۽ هو سمجهي ٿو ته جيڪي پريوءَ رچيو آهي،
تنهن ۾ انيڪتا آهي. مثلاً پون، پاڻي، اگني، ڪرشن،
شو، اندر، سڌ، ٻڌ، ناٿ وغيره ڪئين آهن. يعني
پاربرهم هڪڙو ئي آهي، جو سڀني ۾ وياپڪ آهي.
پوءِ صاحب فرمائين ٿا ته گيان کنڊ کان چڙهي، هي
جيو (٣) سرم کنڊ يعني اپاشنا کانڊ ۾ وڃي ٿو. جيڪو
انهيءَ حالت کي پهچي ٿو، سو سڀ ۾ سونهن پسي ٿو.
اُنکي پرماتما جي جيڪا رچنا رچيل آهي، سا نهايت تعريف
جوڳي نظر اچي ٿي ۽ هو اهڙو آنند پائي ٿو، جنهنجو بيان
ڪرڻ مشڪل آهي.
اهڙيءَ طرح ڪمائي ڪندي ڪندي جگياسو (٤)
ڪرم کنڊ يعني ڪرپا کانڊ ۾ وڃي ٿو، جتي پرماتما جي
بخشش مٿس ٿئي ٿي ۽ هن جي ٻاڻيءَ ۾ نهايت گهڻي
طاقت ٿئي ٿي ۽ جيڪي هو ٻولي ٿو سو گويا ايشور ٿو ٻولي.
پوءِ جگياسو (٥) سچ کنڊ ۾ وڃي ٿو، يعني
ست سروپ ٿي پوي ٿو. مطلب ته هن ۾ ايشور جي وچهه
ڪو ڀيد نه رهي ٿو.

ਧੂ ਉਪਦੇਸ । ਕੇਤੇ ਇੰਦ ਚੰਦ ਸੂਰ ਕੇਤੇ ਕੇਤੇ ਮੰਡਲ ਦੇਸ । ਕੇਤੇ ਸਿਧ ਬੁਧ ਨਾਥ ਕੇਤੇ ਕੇਤੇ ਦੇਵੀ ਵੇਸ । ਕੇਤੇ ਦੇਵ ਦਾਨਵ ਮੁਨਿ ਕੇਤੇ ਕੇਤੇ ਰਤਨ ਸਮੁੰਦ । ਕੇਤੀਆ ਖਾਣੀ ਕੇਤੀਆ ਬਾਣੀ ਕੇਤੇ ਪਾਤ ਨਰਿੰਦ । ਕੇਤੀਆ ਸੁਰਤੀ ਸੇਵਕ ਕੇਤੇ ਨਾਨਕ ਅੰਤੁ ਨ ਅੰਤੁ ॥ ੩੫ ॥

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible] (١) [illegible] (٢) [illegible] (٣) [illegible]

كَرَمي كَرمي هوء وِيچارُ

آرٿ- أنهن جيون جو سندن ڪرمن موجب (پرميشور جي دربار ۾) ويچار ٿئي ٿو. [ڪرمي = ڪرمن جو.]

سَچا آپ سچي دربارُ

آرٿ- پرميشور پاڻ ٻہ سچو آهي ۽ أنجي دربار ٻہ سچي آهي يعني أتي رڳو انصاف پيو هلي.

تَتھي سوهن پَنچ پَرواڻُ

آرٿ- تتي (يعني سندس دربار ۾) سنت، جي مکيہ آهن، سي ئي سوڀيا تا پائين.

نَدَرِي كَرمِ پوئِ نيشاڻُ

آرٿ- (اهڙن سنتن تي) پرميشور جي ڪرپا جا نيشان آهن. [ندري = پرميشور. ڪرم = ڪرپا.]

كَچ پَكائي أتي پاء

آرٿ- أتي (يعني پرميشور جي دربار ۾) جيو جي ڪچائي ۽ پڪائي معلوم ٿئي ٿي يعني أنجي کوٽن ۽ چڱن ڪمن جي خبر أتي پوي ٿي.

نانَڪ گئيا جاپئِ جاء.

ارٿ- سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ جڏهين جيو (دربار ۾) وڃي ٿو، تڏهين ظاهر ٿئي ٿو (تہ هو ڪچو آهي ڪين پڪو). [جاپئ جاء = جاتو وڃي ٿو يعني ظاهر ٿئي ٿو.]

ਧਰਮ ਖੰਡ ਕਾ ਏਹੋ ਧਰਮੁ। ਗਿਆਨ ਖੰਡ ਕਾ ਆਖਹੁ ਕਰਮੁ।
ਕੇਤੇ ਪਵਣ ਪਾਣੀ ਵੈਸੰਤਰ ਕੇਤੇ ਕਾਨ ਮਹੇਸ । ਕੇਤੇ ਬਰਮੇ ਘਾੜਤਿ ਘੜੀਅਹਿ ਰੂਪ ਰੰਗ ਕੇ ਵੇਸ । ਕੇਤੀਆ ਕਰਮ ਭੂਮੀ ਮੇਰ ਕੇਤੇ ਕੇਤੇ

ਰਾਤੀ ਰੁਤੀ ਥਿਤੀ ਵਾਰ। ਪਵਣ ਪਾਣੀ ਅਗਨੀ ਪਾਤਾਲ। ਤਿਸੁ ਵਿਚਿ ਧਰਤੀ ਥਾਪਿ ਰਖੀ ਧਰਮਸਾਲ। ਤਿਸੁ ਵਿਚਿ ਜੀਅ ਜੁਗਤਿ ਕੇ ਰੰਗ। ਤਿਨ ਕੇ ਨਾਮ ਅਨੇਕ ਅਨੰਤ। ਕਰਮੀ ਕਰਮੀ ਹੋਇ ਵੀਚਾਰੁ। ਸਚਾ ਆਪਿ ਸਚਾ ਦਰਬਾਰੁ। ਤਿਥੈ ਸੋਹਨਿ ਪੰਚ ਪਰਵਾਣੁ। ਨਦਰੀ ਕਰਮਿ ਪਵੈ ਨੀਸਾਣੁ। ਕਚ ਪਕਾਈ ਓਥੈ ਪਾਇ। ਨਾਨਕ ਗਇਆ ਜਾਪੈ ਜਾਇ॥ ੩੪॥

پؤڑي (۳۴)

راتي رُتي تِتي وار
پَوَڻ پاڻي آگني پاتال

ارتھ – (پرماتما) ۳۰ راتوں، (۶) رتوں، (۱۵) تِتھوں ت (۷) ڈیہیں، ت ہوا، پاڻي، اگ (آدک تت) ت پاتال (ت آکاش) بنایا آہی۔ [رتی = رتوں۔ وار = ڈیہیں۔]

تِسُ وِچِ دھرتي تھاپِ رکھي دھرمسال

ارتھ – انہاں (رچنا) دی وچ پرمیشور دھرتی دھرمسال وانگر تھاپی رکھی آہی (یعنی دھرتی تی سیکھڻ کی کاڑو پتو ت آرام ڈتی تو)۔

تِسَ وِچِ جیئہ جُگَتِ کی رنگ

ارتھ – تنہاں دھرتی تی طرح طرح قسم ت ساوں دا جیو بنایا آہس۔ [جگت = رہت یا ساوں۔ رنگ = طرح طرح قسم دا۔]

تِن کي نام انیک آنَنت

ارتھ – انہاں جیوں دا ناں انیک ت بی انت آہن۔ [انت = بی انت۔]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

ڏنڪ اُتم نيچ نه ڪوءِ.

[illegible] ڪرڻا آهي ۽ نيچ اُهي آهن. [illegible]

صاحبن (٣٤) پؤڙيءَ کان وٺي (٣٧) پؤڙيءَ تائين
آتمڪ اوستا جي درجن ۽ اُنهن درجن ۾ ٿيندڙ [illegible]
بيان ڪيو آهي. صاحبن مڙيئي پنجن درجا ڄاڻايا آهن:
(١) ڌرم کنڊ (٢) گيان کنڊ (٣) سرم کنڊ (٤) ڪرم
کنڊ (٥) سچ کنڊ. صاحبن هيٺين پؤڙيءَ ۾ ڌرم کنڊ جو
بيان ڏنو آهي.

ਆਖਣਿ ਜੋਰੁ ਚੁਪੈ ਨਹ ਜੋਰੁ । ਜੋਰੁ ਨ ਮੰਗਣਿ ਦੇਣਿ ਨ ਜੋਰੁ । ਜੋਰੁ ਨ ਜੀਵਣਿ ਮਰਣਿ ਨਹ ਜੋਰੁ । ਜੋਰੁ ਨ ਰਾਜਿ ਮਾਲਿ ਮਨਿ ਸੋਰੁ । ਜੋਰੁ ਨ ਸੁਰਤੀ ਗਿਆਨਿ ਵੀਚਾਰਿ । ਜੋਰੁ ਨ ਜੁਗਤੀ ਛੁਟੈ ਸੰਸਾਰੁ । ਜਿਸੁ ਹਥਿ ਜੋਰੁ ਕਰਿ ਵੇਖੈ ਸੋਇ । ਨਾਨਕ ਉਤਮੁ ਨੀਚੁ ਨ ਕੋਇ ॥ ੩੩ ॥

پؤڙي (٣٣)

آکڻ جورُ، چُپي نهہ جورُ

اَرٿ- (جيو جو) ڳالهائڻ تي ڪو زور نہ تہ ملي سگهي ۽ نہ ئي چپ ڪرڻ تي زور ملي سگهي ٿو. يعني جيو جي وس نہ آهي، جو ايشور جي حڪم بنا ڪٿي ٻولي ۽ جيو جي وس نہ آهي جو ايشور جي حڪم ٻاران ڪٿي ماڻ ڪري. [جور = ٻل، زور.]

جورُ نہ منگڻِ، ديڻِ نہ جورُ

اَرٿ- جيو جي وس نہ آهي گهرڻ، جيو جي وس نہ آهي دان ڏيڻ.

جورُ نہ جيوڻِ، مرڻِ نهہ جورُ

اَرٿ- جيو جي وس نہ آهي (وڏيڪ) جيئڻ ۽ مرڻ. يعني پرميشور جي حڪم تي ئي هن جيو جي عمر مدار رکي ٿي.

پرماڻ:- "ماري راکي ايڪو آپ
مانکھ ڪي ڪڇ ناهي هات."

(سکمني صاحب)

جورُ نہ راجِ، مالِ مَنِ سورُ

اَرٿ- راڄ ۽ مال جن جي ڪري من ۾ مستي پيدا ٿئي ٿي، سي بہ جيو جي وس نہ آهن. [سور = شور، مستي، بکڙو.]

کي پت جون ٻؤڙيون هيٺينءَ طرح ڏيکارين ٿا:-
(١) ڪَرُٽا = ديا (٢) مَتري = سڀ سان پريت (٣) مُدتا = سڀ سان مٺو ڳالهائڻ (٤) اُپيڪشا = خراب ڪمن جو ڇڏڻ (٥) سَم = واشنائون روڪڻ (٦) دَم = اندريون روڪڻ (٧) اُپرتي = وشين کان ڪراهت (٨) تتڪشا = سهن سيلتا (٩) سماڌان = جت کي پوري طرح بيهارڻ.

سُرِ گَلا آڪاسَ ڪي، ڪيٽا آئي ريسَ

ارٿ - اڪرن ست پرشن جون ڳالهيون ٻڌي نيچ جيون کي ريس ٿي اچي (تہ اسين بہ انهن جي برابر ٿيون، مگر ڪمائيءَ بنا اهي ڪئن اهڙا ٿي سگهندا؟) [گلا = ڳالهيون. آڪاس ڪي = آڪاس جون يعني ست پرشن جون. ڪيٽا = ماڪوڙي يعني نيچ جيو.]

نانڪ ندري پائيئي، ڪُوڙي ڪُوڙئي ٺيسَ.

ارٿ - سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ پرميشور پنهنجي ٻاجهہ جي نظر سان پراپت ٿئي ٿو. ٻيو سڀ، ڪوڙن جي ڪوڙي ٺٽاڪ آهي. يعني گهٽيئي جون ٿا تہ پرماتما فلاڻي فلاڻي رستي ملي ٿو. پر سچ تہ هي آهي تہ جڏهين هن جي ڪرپا ٿئي ٿي، تڏهين اهڙو پرم پد ملي ٿو. [ٺيس = ٺٽاڪ.]

(ديوان ڏيارام جي ٽيڪا جپ صاحب تي)

تڏهين سڌ ڇوڙ لڳا تہ ڪي ماڻهو چون ٿا، تہ اسين پنهنجي ٻل سان سڀ ڪجهہ ڪريون ٿا، سا ڳالهہ ڪئن آهي؟ تنهن تي صاحبن هيٺين پؤڙي اُچاري، جنهن ۾ ڏيکاريائون تہ جيو جي وس ڪجهہ بہ نہ آهي؛ سڀ ڪجهہ پرماتما جي هٿ وس آهي.

وائي (٢٣)

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

جو ڪِڇُ پايا، سُ ايڪا وارَ

اَرٿ – جيڪي ڪي انهن ڀنڊارن ۾ وڌو اٿس، سو هڪڙيئي ڀيري يعني من جا ڀنڊار ڪڍڻ جا نه آهن، جيتوڻيڪ ڪيترو ۾ ڀنڊوڻ ڪٿي نڪري. تنهنڪري انهن ڀنڊارن ۾ وري سامان وجهڻ جي گهرج ئي ڪانه تي تئيس.

ڪَرِ ڪَرِ ويکئِ سِرجڻ هارُ

اَرٿ – اُهو رچيندڙ سرشٽي رچي رچي اُنکي پيو پالي.
[ويکئِ = ڏسي يعني پالي.]

نانَڪ سَچي ڪي ساچي ڪارَ

اَرٿ – سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته سچي پرماتما جا ڪم ۾ سچا آهن.

آديسُ تِسئِ آديسُ
آدِ اَنيلُ اَنادِ اَناهَتِ، جُگُ جُگُ ايڪو ويسُ.

اَرٿ – پرماتما کي اسان جي بار بار نمسڪار آهي، جو آد ڪان آهي، جو بنا داغ آهي، جنهن جي آد ڪانهي، جو ناس نٿو ٿئي ۽ جو سيڪنهن جُگ ۾ هڪ روپ آهي.

وري سد پڇڻ لڳا ته اهڙي پرماتما کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪهڙو سولو ساڌن (جتن) آهي؟ تنهن تي صاحبن هيٺين طرح فرمايو:–

ਇਕ ਦੂਜੀ ਭੋ ਲਖ ਹੋਹਿ ਲਖ ਹੋਵਹਿ ਲਖ ਵੀਸ । ਲਖੁ ਲਖੁ ਗੇੜਾ ਆਖੀਅਹਿ ਏਕੁ ਨਾਮੁ ਜਗਦੀਸ । ਏਤੁ ਰਾਹਿ ਪਤਿ ਪਵੜੀਆ ਚੜੀਐ ਹੋਇ ਇਕੀਸ । ਸੁਣਿ ਗਲਾ ਆਕਾਸ ਕੀ ਕੀਟਾ ਆਈ ਰੀਸ । ਨਾਨਕ ਨਦਰੀ ਪਾਈਐ ਕੂੜੀ ਕੂੜੈ ਠੀਸ ॥ ੩੨ ॥



ارٿ – پرميشور [illegible]
[illegible]
[illegible]

اُهو ويکي اونا ندر نه آوي، بهتا ايهه وڊاڻُ

ارٿ – [illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]

آديسُ تسي آديسُ
آد انيل اناد اناهت، جگ جگ ايڪو ويسُ.

ارٿ – [illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]

ورتي سڌ پڇڻ لڳا ته [illegible] (پرمتما) جو
آسڻ ۽ ڀنڊار ڪٿي آهي؟ انهيءَ بابت ڪجهه [illegible]
ٻڌايو. تنهن تي صاحب فرمايو:-


ਆਸਣੁ ਲੋਇ ਲੋਇ ਭੰਡਾਰ । ਜੋ ਕਿਛੁ ਪਾਇਆ ਸੁ ਏਕਾ
ਵਾਰ । ਕਰਿ ਕਰਿ ਵੇਖੈ ਸਿਰਜਣਹਾਰੁ। ਨਾਨਕ ਸਚੇ ਕੀ ਸਾਚੀ ਕਾਰ।
ਆਦੇਸੁ ਤਿਸੈ ਆਦੇਸੁ । ਆਦਿ ਅਨੀਲੁ ਅਨਾਦਿ ਅਨਾਹਤਿ ਜੁਗੁ ਜੁਗੁ
ਏਕੋ ਵੇਸੁ । ੩੧ ।

پؤڙي (31)

آسڻُ لوءِ لوءِ ڀنڊار

ارٿ – پرمتما جا آسڻ ۽ [illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]







ٻوڙي (٣١)

ڏنڌا سندو سرڳات هولي، ڏيڻ جي گهوڙيپت

[illegible] اسان سندو هون هندالون پڻهون آهي : ڪرمندل [illegible] اسان مونس ڪرس ڪان شوم ڪهو آهي : [illegible] اسان [illegible] لڳالي الهون.

[illegible] ديمسٽور [illegible] ڏالي آهي راسي رهڻ : ٻنارڻ ڪان ونڊاڳ [illegible] اسان هندون آهي : ديمسٽور وٽ آمروه ۾ رهڻي [illegible] اسان [illegible] آهي : ديمسٽور ۾ ڏيان رکڻ جي جوت [illegible] هندالون جي جوڳي ڪهن ۾ ٻڌبنا آهي. [illegible] ديمسٽور [illegible] ڏالي آهي راسي رهڻ. سرم = (١) ڪوتس [illegible] ڪان شوم (٢) ٻنارڻ ڪان ولاڳه. ب = (١) [illegible]، ڪرمندل (٢) [illegible] آمروه ۾ رهڻي امڻ.]

[illegible] ڪال ڪماري ڪائيا، جڳت ڏنڌا پرتيت

[illegible] دڙ ڳڻ آهي ڪال جي [illegible] ڪاڻو [illegible] ڪال [illegible] جي ڪرس ڪرڻ وارو [illegible] ڪودري ڪهي اٿون . ديمسٽور سان [illegible] ڏنڊو ڪهو اٿون. ڪما = ڪودري. [illegible] (١) [illegible] (٢) [illegible] ڪائيا = [illegible] ديمسٽور [illegible]]

[illegible] ڪورو ڪرات [illegible] ڪهسون لي [illegible] [illegible] آهي : ڪال [illegible] آهي يعني [illegible] ڪال [illegible] ڪرڻي آهي. [illegible] [illegible] [illegible] ڪري [illegible]

"[illegible]"



ارٿ – هيءَ رچنا، جا هن مايا مان پيدا ڪئي آهي، سا جدا جدا رنگن ۽ جنسن جي رچي اٿس.

ڪرِ ڪرِ ويکي ڪيتا آپڻا، جِو تِسدي وڏِائي

ارٿ – هو پنهنجي سرشٽي ٺاهي پنهنجي وڏائي انوسار انکي پالي ٿو. ڀاو– جيڏو وڏو پاڻ آهي تيڏي وڏي سندس سنڀال آهي. [ويکي = ڏسي ٿو، سنڀالي ٿو، پالي ٿو. ڪيتا = ڪيل يعني سرشٽي. جِو = جهڙيطرح، انوسار. تِسدي = هن جي يا پنهنجي.]

جو تِسُ ڀاوي سوئي ڪرسي، حُڪمُ نه ڪرڻا جائي

ارٿ – جيڪي هن کي وڻي ٿو، سوئي هو ڪري ٿو. هن تي ڪو حڪم ڪري نٿو سگهي.

سو پاتشاهُ شاها پاتِ صاحِبُ، نانڪ رهڻُ رضائي.

ارٿ – سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته اهو صاحب شاهن جو شاهه آهي ۽ هن جي رضا تي هلڻ گهرجي يا سڀيئي جيو هن جي حڪم هيٺ رهن ٿا. [شاها پات = شاهن جو پتي يعني شهنشاهه. رضائي = رضا ۾، حڪم هيٺ.]

وري سڌ ڇوڙڻ لڳا ته سائين! اسان پڌو آهي ته جوڳ ڪرڻ سان مڪتي حاصل ٿيندي، تنهنڪري اوهين ڀي ڇو نه ٿا جوڳ ڪريو؟ تنهن تي صاحبن هيٺين پؤڙي اُچاري، جنهن ۾ ڏيکارين ٿا ته اسين سچي جوڳ ۾ مشغول آهيون:–

ਮੁੰਦਾ ਸੰਤੋਖੁ ਸਰਮੁ ਪਤੁ ਝੋਲੀ ਧਿਆਨ ਕੀ ਕਰਹਿ ਬਿਭੂਤਿ। ਖਿੰਥਾ ਕਾਲੁ ਕੁਆਰੀ ਕਾਇਆ ਜੁਗਤਿ ਡੰਡਾ ਪਰਤੀਤਿ। ਆਈ ਪੰਥੀ ਸਗਲ ਜਮਾਤੀ ਮਨਿ ਜੀਤੈ ਜਗੁ ਜੀਤੁ। ਆਦੇਸੁ ਤਿਸੈ ਆਦੇਸੁ। ਆਦਿ ਅਨੀਲੁ ਅਨਾਦਿ ਅਨਾਹਤਿ ਜੁਗੁ ਜੁਗੁ ਏਕੋ ਵੇਸੁ ॥ ੨੮ ॥



گاوهِ کنڌ منڊل ورڀنڊا، ڪرِ ڪرِ رکي ڌاري

اَرٿ- کنڊ، ديس ۽ برهمنڊ، جي تنهنجي رچي رکيا آهن، سي به تنهنجي صفت ڳائين ٿا. [منڊل = ديس. ورڀنڊا = برهمنڊ. ڌاري = آڌار ڏي.]

سيئي تڌنو گاوهِ جو تڌ ڀاوَن، رتي تيري ڀڳت رسالي

اَرٿ- تنهنجي صفت اُهي ئي ٿا ڳائين، جي توکي وڻن ٿا ۽ تنهنجا ڀڳت، جي رس جا گهر آهن ۽ توسان رتا پيا آهن (سيئي توکي وڻن ٿا). [ڀاوَن - وڻن ٿا. رسالي = رس، آلي = رس جو گهر.]

هورِ ڪيتي گاوَن، سي مَين چتِ نه آوَن،
نانڪ ڪِيا ويچاري

اَرٿ- ٻيا به گهڻائي تنهنجي صفت ڳائين ٿا، جي مونکي ياد به نٿا اچن يعني تنهنجي ڳائڻ وارا بي شمار آهن. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائن ٿا، ته مان (انهن ڳائيندڙن جو) ڪهڙو ويچار ڪري سگهان!

سوئي سوئي سدا سچُ صاحبُ ساچا ساچي نائي

اَرٿ- اُهوئي (پرماتما) سچو صاحب آهي ۽ جنهن جو نالو پڻ وڏائي به سچي آهي. [نائي = (۱) نالو (۲) وڏائي.]

هيَ ڀي هوسي، جاءِ نه جاسي، رچنا جن رچائي

اَرٿ- جنهن پرماتما هيءَ رچنا رچي آهي، سو هينئر به آهي، آئنده به هوندو ۽ ناس ٿيڻ جو نه آهي. [جاءِ نه جاسي = جايو نه ٿو وڃي يعني ناس نٿو ٿئي.]

رنگي رنگي ڀاتي ڪرِ ڪرِ جنسي مايا جنِ اُپائي

گاوَنِ پنڊت پڙنِ رکيسر، جُگُ جُگُ ويدا نالي

آرٿ= توکي پڙهيل پنڊت ۽ وڏا رشي ويدن دئارن جُگ جُگ ۾ پيا ڳائين. [نالي = سان، دئاران.]

گاوهِ موهڻيئا مَنُ موهنِ، سُرگا مڇ پئيالي

آرٿ- اپسرائون جي من کي موهيندڙ آهن، سي ۾ سرگ ۾، مرت لوڪ ۾ ۽ پاتال ۾ تنهنجي صفت ڳائين ٿيون. [موهڻيئا = اپسرائون. من موهن = من کي موهيندڙ. مڇ = مرت لوڪ. پئيالي = پاتال ۾.]

گاوَنِ رتن اُپائي تيري، اٺ سٺ تيرٿ نالي

آرٿ- تنهنجا پيدا ڪيل (١٤) رتن ٦٨ تيرٿن سميت تنهنجي صفت ڳائين ٿا. [اٺ سٺ = ٦٨]

نوٽ- سري مد ڀاڳوت ۾ لکيل آهي ته ١٤ رتن امرت آدڪ ديوتائن ۽ دئتن سمنڊ مان واوڙي ڪڍيا.

گاوهِ جوڌ مهابَل سورا، گاوهِ کاڻي چاري

آرٿ- توکي جوڌا، مهابلي، سورما ۽ چئن کاڻين جا جيو (يعني سيني قسمن جا جيو) ڳائين ٿا.

نوٽ- جوڌا اُهي آهن، جي هڪ هزار ماڻهن سان لڙن ۽ انهن کي رٿ جو جٿو آهي، مثلاً ارجن. مهابلي اُهي آهن جي ١٠ هزارن ماڻهن سان لڙن ۽ انهن کي مها رٿي جٿو آهي، مثلاً ڀيشم پتامه. سورما اُهي آهن جي بي انت ماڻهن سان لڙن ۽ انهن کي اَتِ رٿي جٿو آهي، مثلاً سري ڪرشن مهراج.

نوٽ- کاڻيون مڙيئي چار آهن:- (١) آنڊج = آني مان پيدا ٿيل، جهڙيطرح پکي. (٢) جيرج = جيري مان پيدا ٿيل، جهڙيطرح ماڻهو ۽ جانور. (٣) سيتج = پگهر مان پيدا ٿيل، جهڙيطرح جُئون. (٤) اُتڀج = زمين مان پيدا ٿيل، جهڙيطرح وڻ ٽڻ وغيره.

آرت- حتر ۽ گمب بہ توکي ڳائس تا (جي ڇون جي ڪرس جو) لکو لکي جاڻن ۽ جن جي لکئي تي ڌرم راءِ ويچاري (نياو ڪري) ٿو.

نون- حتر ۽ گمب اهي، ہ ديوتائون جوڻ ہ اندا آهن، جي ڇون جي پاپ ۽ پنہ روپي ڪرس جو لکو لکي ڌرمراءِ جي بس ڪندا آهن، ہ اهو هڪڙو روپڪ آهي. سڀ پنہ تہ ڪرم پاٺهي اندر ہ پنهنجو لکو ہيا لکن..

(ڏسو ديوان ڏاڙام جي تنڪا جب صاحب تي)

گاوہ ايسرُ برما ديوي، سوهن سدا سواري

آرت- سڀ ہرما ۽ ديوي، جي تنهنجا بنايل آهن ۽ جي (تنهنجي درتي) سدائس سوڻهن تا، سي ہ تنهنجي صفت ڳائن تا. [سواري = سنگاريل، بنايل.]

گاوہ اِندَ اِنداسڻ بئٺي، ديوتيا دَر نالي

آرت- اندر پنهنجي تخت تي ويهي ديوتائس سوڌو تنهنجي در تي صفت ڳائي ٿو. [اندراسڻ = اندر جو آسن يعني تخت.]

گاوہ سِدَ سماڌي اَندر، گاوَن ساڌ وِچاري

آرت- سڌ سماڌي ۾ توکي ڳائس تا ۽ ساڌ ويچار ڪندي توکي ڳائين تا.

گاوَن جتي ستي سنتوکي، گاوہ وير ڪراري

آرت- (لمحہ آدڪ) جتي ۽ (هرشچند ر آدڪ) ستوادي ۽ (جنڪ آدڪ) سنتوکي ۽ (هنومان آدڪ) زبردست پهلوان ہ تنهنجي صفت ڳائس تا. [جتي = اندرين کي روڪيندڙ پرش. سنتوکي = سنتوش وارا پرش. ڪراري = پيانڪ، زبردست. وير = پهلوان.]

ਨਾਈ । ਹੈ ਭੀ ਹੋਸੀ ਜਾਇ ਨ ਜਾਸੀ ਰਚਨਾ ਜਿਨਿ ਰਚਾਈ । ਰੰਗੀ ਰੰਗੀ ਭਾਤੀ ਕਰਿ ਕਰਿ ਜਿਨਸੀ ਮਾਇਆ ਜਿਨਿ ਉਪਾਈ । ਕਰਿ ਕਰਿ ਵੇਖੈ ਕੀਤਾ ਆਪਣਾ ਜਿਵ ਤਿਸਦੀ ਵਡਿਆਈ । ਜੋ ਤਿਸੁ ਭਾਵੈ ਸੋਈ ਕਰਸੀ ਹੁਕਮੁ ਨ ਕਰਣਾ ਜਾਈ । ਸੋ ਪਾਤਿਸਾਹੁ ਸਾਹਾ ਪਾਤਿ ਸਾਹਿਬੁ ਨਾਨਕ ਰਹਣ ਰਜਾਈ ॥ ੨੭ ॥

پؤڙي (٢٧)

سو دَرُ ڪيها سو گهرُ ڪيها، جِت بهِ سَرب سَمالي

پرشن – (هي پرماتما!) اُهو تنهنجو در ڪهڙو آهي؟ اُهو گهر ڪهڙو آهي، جتي ويهي تون سڀني جي سنڀال ٿو ڪرين؟
[بهِ = ويهي. سمالي، سنڀال ٿو ڪرين.]

واجي ناد اَنيڪ اَسَنکا، ڪيتي واوڻ هاري

ارٿ – (اُتي تنهنجي اُستت ڳائڻ لاءِ) بيشمار واجا پيا وڄن؟ ڪيترائي انهن جي وڄائڻ وارا آهن. [ناد = آواز، واڄو. واوڻ هاري = وڄائيندڙ.]

ڪيتي راگ پري سِءُ ڪَهِيئن، ڪيتي گاوڻ هاري

ارٿ – اُتي ڪيترائي راڳ راڳڻين سميت پيا ڳائجن؟ ڪيترائي انهن راڳن جي ڳائڻ وارا آهن. [پري سِءُ = راڳڻين سميت. گاوڻ هاري = ڳائيندڙ، ڳائڻ وارا.]

گاوهِ تُهنو پؤڻ پاڻي بيسنتر، گاوئي راجا ڌرم دُئاري

ارٿ – (هي پرماتما!) هوا، پاڻي، اگني تنهنجي صفت ڳائين ٿا؟ ڌرم راءِ به تنهنجي دروازي تي ويهي تنهنجي صفت ڳائي ٿو.
[تُهنو = توکي، تنهنجي. بيسنتر = اگني. دُئاري = دروازو.]

گاوهِ چِت گُپت لِکِ جاڻهِ، لِکِ لِکِ ڌرمُ ويچاري

جيڪو آکي ٻولُ وِگارُ
تا لکيئي سِرِ گاوارا گاوارُ.

ارٿ – جيڪو (ممکن ڳالهه نه سمجهي) ٻگڙيل لفظ ٻولي ته يعني جيڪو چوي ته تہ پرماتما کي حد وٺي نو، تنهن ٺوڪري سگهي، سو مورکن ۾ مکيه مورکه لکيو ويندو. [ٻول = لفظ. وگار ٻگڙيل. تا = سو. سر = سردار، مکيه. گاوار = مورکه.]

وري سڀ چوڻ لڳا ته جنهن پرماتما جي اُستت پئي ڪن ٿا، سو ڪهڙي هنڌ رهي ٿو؟ ان بابت ڪجهه اسانکي ٻڌايو. تنهن تي صاحبن پرماتما جي سنمکه ٿي هيٺين پوڙي اُچاري:–

ਸੋਦਰੁ ਕੇਹਾ ਸੋ ਘਰੁ ਕੇਹਾ ਜਿਤੁ ਬਹਿ ਸਰਬ ਸਮਾਲੇ । ਵਾਜੇ ਨਾਦ ਅਨੇਕ ਅਸੰਖਾ ਕੇਤੇ ਵਾਵਣ ਹਾਰੇ । ਕੇਤੇ ਰਾਗ ਪਰੀ ਸਿਉ ਕਹੀਅਨਿ ਕੇਤੇ ਗਾਵਣਹਾਰੇ । ਗਾਵਹਿ ਤੁਹਨੋ ਪਉਣੁ ਪਾਣੀ ਬੈਸੰਤਰੁ ਗਾਵੈ ਰਾਜਾ ਧਰਮੁ ਦੁਆਰੇ । ਗਾਵਹਿ ਚਿਤੁ ਗੁਪਤੁ ਲਿਖਿ ਜਾਣਹਿ ਲਿਖਿ ਲਿਖਿ ਧਰਮੁ ਵੀਚਾਰੇ । ਗਾਵਹਿ ਈਸਰੁ ਬਰਮਾ ਦੇਵੀ ਸੋਹਨਿ ਸਦਾ ਸਵਾਰੇ। ਗਾਵਹਿ ਇੰਦ ਇਦਾਸਣਿ ਬੈਠੇ ਦੇਵਤਿਆ ਦਰਿ ਨਾਲੇ। ਗਾਵਹਿ ਸਿਧ ਸਮਾਧੀ ਅੰਦਰਿ ਗਾਵਨਿ ਸਾਧ ਵਿਚਾਰੇ । ਗਾਵਨਿ ਜਤੀ ਸਤੀ ਸੰਤੋਖੀ ਗਾਵਹਿ ਵੀਰ ਕਰਾਰੇ । ਗਾਵਨਿ ਪੰਡਿਤ ਪੜਨਿ ਰਖੀਸਰ ਜੁਗੁ ਜੁਗੁ ਵੇਦਾ ਨਾਲੇ । ਗਾਵਹਿ ਮੋਹਣੀਆ ਮਨੁ ਮੋਹਨਿ ਸੁਰਗਾ ਮਛ ਪਇਆਲੇ । ਗਾਵਨਿ ਰਤਨ ਉਪਾਏ ਤੇਰੇ ਅਠ ਸਠਿ ਤੀਰਥ ਨਾਲੇ। ਗਾਵਹਿ ਜੋਧ ਮਹਾ ਬਲ ਸੂਰਾ ਗਾਵਹਿ ਖਾਣੀ ਚਾਰੇ । ਗਾਵਹਿ ਖੰਡ ਮੰਡਲ ਵਰਭੰਡਾ ਕਰਿ ਕਰਿ ਰਖੇ ਧਾਰੇ । ਸੇਈ ਤੁਧਨੋ ਗਾਵਹਿ ਜੋ ਤੁਧੁ ਭਾਵਨਿ ਰਤੇ ਤੇਰੇ ਭਗਤ ਰਸਾਲੇ । ਹੋਰਿ ਕੇਤੇ ਗਾਵਨਿ ਸੇ ਮੈ ਚਿਤਿ ਨ ਆ-ਵਨਿ ਨਾਨਕੁ ਕਿਆ ਵੀਚਾਰੇ । ਸੋਈ ਸੋਈ ਸਦਾ ਸਚੁ ਸਾਹਿਬੁ ਸਾਚਾ ਸਾਚੀ

آهي سو ڦوهي جنهن شهر

[illegible]

ڪٿي آهي [illegible]

[illegible]

ڪٿي ڪير ڪم اڻ اڻ [illegible]

[illegible]

ايهي ڪٿي ٻور ڪوڙي

ڏا آڪر لر سڪير ڪٿي ڪير

[illegible]

ڌوڙ پاڙي تيوڙ جو

[illegible]

واڪ ڄالي ساڻا سوء

[illegible]

آکِہِ آکِہِ رَهي لِوَ لاء

آرت- من ۾ حا گن گائي گائي (نيت گائندڙ) أنهي ڏيان ۾ لگي وحي تا.

آکِہِ ويدَ پاٺَ پُراڻَ

آرت- من جي أستت ويدن ۽ پراڻ جا پاٺ ڪندڙ ڪن تا.

آکِہِ ٻڙي ڪَرِدِ وَکياڻَ

ارت- ٻڙمل (پنڊت) من جي أستت ڪن تا ۽ أن بابت واکاڻ ڪن تا. [ٻڙي = ٻڙمل.]

آکِہِ برمي، آکِہِ اِندَ

آرت- برهما ۽ اندر به أنهي أستت ڪن تا.

آکِہِ گوپي تئ گوويندَ

ارت- گوپيون ۽ سري ڪرشن مهراج به أنهي أستت ڪن تا. [تئ = ۽. گووند = سري ڪرشن مهراج.]

آکِہِ ايسَر، آکِہِ سِدَّ

ارت- شو مهراج ۽ (٨٤) سڌ به أنهي أستت ڪن تا. [ايسر = شو مهراج.]

آکِہِ ڪيتي ٻُڌَ

ارت- ڪتراڻي ٻڌ (جيترا اوتار) جنهي أستت ٻيا ڪن.

آکِہِ دانَوَ، آکِہِ ديوَ

ارت- دئت ۽ ديوتائون به أنهي أستت ٻيا ڪن. [داو = دئت.]

نوٽ- پرحلاد ۽ ٻيمين، جي دئتن جو اولاد هئا، تن به ايشور جي بريما ڳائي ڪئي آهي.

اَمُلُ ڌَرَمُ، اَمُلُ ديباڻُ

ارٿ - سنتن جو نياءُ امله آهي ۽ انهن جي دربار يعني ست سنگ به امله آهي. [ڌرم = نياءُ. ديباڻ = دربار.]

اَمُلُ تُلُ، اَمُلُ پَرَواڻُ

ارٿ - سنتن جي (بُڌي روپي) ساهمي ۽ (ويچار روپي) وَٽَ (جن سان هو جگياسين کي نام توري ڏين ٿا) سي به امله آهن. [تل = ساهمي. پرواڻ = وٽ.]

اَمُلُ بخشيش، اَمُلُ نيشاڻُ

ارٿ - سنتن جي بخشش (جا هو جگياسين تي ڪن ٿا) سا امله آهي ۽ سندن بخشش جا نيشان به امله آهن.

اَمُلُ ڪَرَمُ، اَمُلُ فُرماڻُ

ارٿ - سنتن جي ديا امله آهي ۽ سنتن جو حڪم به امله آهي. [ڪرم = ديا.]

نوٽ - ڪي ٽيڪا ڪندڙ لکن ٿا ته هن سڄي پؤڙيءَ ۾ صاحبن پرماتما جي گڻن جو ورنن ڪيو آهي. جي ائين ٿيو ته مٿين آلن تڪن جي ارٿ ۾ سنتن لفظ جي بدران پرماتما لفظ ٿيندو ايندو ۽ پڻ اهڙيءَ صورت ۾ پرشن هن طرح ٿيندو ته سڌ پيچڙ لڳا ته اهڙي پرماتما جا گڻ ڪرپا ڪري اسان کي ٻڌايو؟ تنهن تي صاحبن هيءَ پؤڙي اُچاري:-

هاڻي گورو صاحب پرميشور جا گڻ ورنن ٿا ڪن:-

اَملو اَمُلُ آکِيا نہ جاءِ

ارٿ - (پرميشور جا گڻ) امله ڪان به امله آهن ۽ چوڻ کان ٻاهر آهن.

ਵਖਿਆਣ । ਆਖਹਿ ਬਰਮੇ ਆਖਹਿ ਇੰਦ । ਆਖਹਿ ਗੋਪੀ ਤੈ ਗੋਵਿੰਦ। ਆਖਹਿ ਈਸਰ ਆਖਹਿ ਸਿਧ । ਆਖਹਿ ਕੇਤੇ ਕੀਤੇ ਬੁਧ । ਆਖਹਿ ਦਾਨਵ ਆਖਹਿ ਦੇਵ । ਆਖਹਿ ਸੁਰਿ ਨਰ ਮੁਨਿ ਜਨ ਸੇਵ । ਕੇਤੇ ਆਖਹਿ ਆਖਣਿ ਪਾਹਿ । ਕੇਤੇ ਕਹਿ ਕਹਿ ਉਠਿ ਉਠਿ ਜਾਹਿ । ਏਤੇ ਕੀਤੇ ਹੋਰਿ ਕਰੇਹਿ । ਤਾ ਆਖਿ ਨ ਸਕਹਿ ਕੇਈ ਕੇਇ । ਜੇਵਡੁ ਭਾਵੈ ਤੇਵਡੁ ਹੋਇ । ਨਾਨਕ ਜਾਣੈ ਸਾਚਾ ਸੋਇ । ਜੇਕੋ ਆਖੈ ਬੋਲੁ ਵਿਗਾੜੁ। ਤਾ ਲਿਖੀਐ ਸਿਰਿ ਗਾਵਾਰਾ ਗਾਵਾਰੁ ॥ ੨੬ ॥

پؤڙي (٢٦)

اُمَلَ گُڻَ، اَمُلَ واپارَ

ارٿ – (اهڙن سنتن جا) گڻ بي بها آهن يعني انهن جا گڻ انمل آهن، جن جي قيمت ڪٿي نٿي سگهجي ۽ انهن (سنتن سان) جيڪي سچ جو واپار ڪرڻ اماهه آهي (جاڪاڻ ته جيڪو انهن وٽان سڀ سنتوکر وغيره گڻن جو لاڀ پرائي ٿو.) [امل = اماهه، بي بها يعني جنهنجو ملهه ڪٿي نه سگهجي.]

اَمُلَ واپاريئي، اَمُلَ ڀنڊار

ارٿ – نام جي واپار ڪرڻ وارا (يعني سڀ) اماهه آهن ۽ انهن جي گڻن جو ڀنڊار (يعني خزانو) به اماهه آهي. واپاريئي = (نام جي) واپار ڪرڻ وارا.]

اَمُلَ آوهِ، اَمُلَ لئي جاهِ

ارٿ – جيڪي انهن سنتن وٽ اچن ٿا سي به اماهه آهن ۽ جيڪي انهن سنتن کان (اپديش) وٺي وڃن ٿا سي به اماهه آهن.

اَمُلَ ڀاءِ اَمُلَ سَماهِ

ارٿ – سنتن جو پريم اماهه آهي ۽ جن جو (پرمشور جي گڻن گائڻ ۾) سمائجڻ به اماهه آهي. [ڀاءِ = پريم.]

آپي ڄاڻي آپي ديئہ

ارٿ - پاڻ (پرميشور) سڀني (جي حالت يا گهرج) ڄاڻي ٿو ۽ (کاڌو پيتو وغيره جو سامان) سڀني کي پاڻ ئي ڏئي ٿو.

آکهہِ سہِ ڀہِ کيئي کيئہ

ارٿ - ادا (ٻتيون) ڳالهہ ٻہ ڪي وراڻي ڪون ٿا ۽ يعني گهڻا ته ٻهشتون ولي الهو وڃن ۽ فقط ڪي ٿورا انجو احسان مڃين ٿا. آکهہ = ساٻہ يعني ادا ڳالهہ ٻہ. ڪيئي ڪيئہ = ڪي ڪي، ڪي وراڻي.

جس نو بخشي صفت سالاهہ

ارٿ - جن (سنتن) کي پرميشور پنهنجي گڻن جي ساراهڻ جي (دات) بخشي ٿو.

نانڪ پاتشاهي پاتشاهُ.

ارٿ - سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته اهي (سنت) بادشاهن جا بادشاهہ آهن يعني انهن کي بادشاهہ خود پوڄين ٿا.

تڏهين سڌ چوڻ لڳا ته اهڙن سنتن جا گڻ ڪرپا ڪري اسانکي ٻڌايو، تنهن تي صاحب هيٺين طرح فرمائڻ لڳا:-

ਅਮੁਲ ਗੁਣ ਅਮੁਲ ਵਾਪਾਰ। ਅਮੁਲ ਵਾਪਾਰੀਏ ਅਮੁਲ ਭੰਡਾਰ। ਅਮੁਲ ਆਵਹਿ ਅਮੁਲ ਲੈ ਜਾਹਿ। ਅਮੁਲ ਭਾਇ ਅਮੁਲਾ ਸਮਾਹਿ। ਅਮੁਲੁ ਧਰਮੁ ਅਮੁਲੁ ਦੀਬਾਣੁ। ਅਮੁਲੁ ਤੁਲੁ ਅਮੁਲੁ ਪਰਵਾਣੁ। ਅਮੁਲੁ ਬਖਸੀਸ ਅਮੁਲੁ ਨੀਸਾਣੁ। ਅਮੁਲੁ ਕਰਮੁ ਅਮੁਲੁ ਫਰਮਾਣੁ। ਅਮੁਲੋ ਅਮੁਲੁ ਆਖਿਆ ਨ ਜਾਇ। ਆਖਿ ਆਖਿ ਰਹੇ ਲਿਵ ਲਾਇ। ਆਖਹਿ ਵੇਦ ਪਾਠ ਪੁਰਾਣ। ਆਖਹਿ ਪੜੇ ਕਰਹਿ

ارت- ڪترا مورک آهن جي (پرميشور جا ڏنل پدارٿ) کائي پيا کائن (= پرميشور کي ياد نٿا ڪن.) [کاهي کاهِ = کائي پيا کائن.]

ڪيتيا دُوکَ بُوکَ سَدَ مارَ

ارٿ- ڪترن تي دک ۽ بک جي مار سدائين پئي پوي يعني ڪترائي مها دکي ۽ بکا آهن.

ايهِ بِ داتِ تيري داتار

ارت- جي داتار! اها (دکن ۽ بکن جي مار) به تنهنجي دات يعني مهرباني آهي، (جو جو دکن جي ڪري تون ياد پوين ٿو.)

بَندِ خَلاصي ڀاڻي هوءِ

ارت- جوٽس جي بند بہ رهڻ ۽ انهي بند مان ڇٽڻ تنهنجي خواهش سان ٿئي ٿو. [خلاصي = ڇٽڻ، ڇوٽڪارو. ڀاڻي = مرضي، خواهش، حڪم.]

هورُ آکِ نہ سَڪئِ ڪوءِ

ارت- ٻيو ڪوبہ ڪون توکي ڪجهہ سگهندو (تہ هيئن ڪر يا هونئن ڪر.)

پرمان:- "وڏيا ڪؤن آکي رب نون، تون ايون نہ ڪر ايون ڪر."

جي ڪو کائڪُ آکڻِ پاءِ

اُهُ جاڻئِ جيتيئا مُهِ کاءِ

ارت- جيڪڏهن ڪو مورک توکي چوڻ لڳندو (تہ هيئن ڪر يا هونئن ڪر) تہ جيترا هو منهن تي (جم آڏڪ جا موچڙا) کائيندو تن جي کيس ئي خبر پوندي يعني هو تمام گهڻا موچڙا کائيندو. [کائڪ = مورک. آکڻ پاءِ = چوڻ لڳندو.]

پؤڙي (٢٥)

بهتا ڪرم، لِکيا نا جاءِ

آرٿ- (پرماتما جون) بخششون تمام گهڻيون آهن، جي لکي سگهڻ جهڙيون نہ آهن. [بهتا = گهڻيون. ڪرم = بخششون.]

وڏا داتا، تِلُ نہ طماعِ

آرٿ- هو وڏو داتار آهي ۽ هن کي تہ جيتري بہ طمع ڪانهي (تہ هون کي منهنجن بخششن جو ڪو موٽ ملي.) [تل = تر. طماع = طمع، لالچ.]

ڪيتي منگهِ جوڌ اپار

آرٿ- ڪيترائي سورما هن کان بيشمار (پدارٿ) گهرن ٿا.

ڪيتيا گڻت نهي ويچارُ

آرٿ- ڪيترائي (اهڙا آهن) جن جي ڳڻاتي جو ويچار ڪري نٿو سگهجي. مطلب تہ اهي بيشمار آهن ۽ ڳڻڻ ۾ نٿا اچي سگهن.

ڪيتي کپِ تُٽهِ وِڪار

آرٿ- ڪيترا وڪارن ۾ کپي کپي ناس ٿي وڃن ٿا. [وِڪار = (ڪام آدڪ) وڪار.]

ڪيتي لِئي لِئي مُڪرُ پاهِ

آرٿ- ڪيترا پرميشور کان (داتيون) وٺيو وٺيو اليو وڃن يعني ڪيترائي اهڙا آهن، جي حون ٿا تہ اسان کي پرميشور جا ڏنو آهي ۽ اسين پنهنجي محنت ۽ عقل ڪري هيڙي اوچ کي رسيا آهيون. [مڪر = انڪار ڪرڻ، الڙ.]

ڪيتي مورکہ کاهي کاهِ

ارٿ- ايڏو اوچو ڪو ٿيو هجي ته اهڙي اوچي پرماتما کي اهو ڄاڻي سگهي. [اوڏ = ايڏو وڏو. سوءِ = اهو (شخص).]

جيوڏ آپ ڄاڻي آپ آپ

ارٿ- جيڏو وڏو هو آهي (تيڏو وڏو) سو پاڻئي پاڻ کي ڄاڻي ٿو يعني جهڙي وڏائي هو پاڻئي ڄاڻي ٿو ته هي ڪنهن کي جهڙي وڏائي ورنن ڪرڻ جي طاقت نه آهي. [جيوڏ = جيڏو وڏو.]

نانڪ ندري ڪرمي دات.

ارٿ- سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائن ٿا ته ندري يعني پرماتما جي ڪرپا سان (نام جي) بخشش ٿئي ٿي. [ندري = پرماتما. ڪرمي = ڪرپا. دات = بخشش.]

نوٽ- ڪي ٽيڪا ڪندڙ هنيان ارٿ به ڪن ٿا:-

(١) پرماتما جي ڪرپا جي دات جن جيون تي ٿي آهي (سي هي ڄاڻي سگهن ٿا.)

(٢) ندري يعني پرماتما (جيون کي اسان اسان) ڪرمن موجب بخشش ڪري ٿو. [ڪرمي = (-ا ڪرم.]

وري سڪ پيدا لڳا ته پرماتما جيون تي ڪيترين بخششون ڪيون آهن؟ تنهنتي صاحب فرمائڻ لڳا:-

ساڳيءَ ريت ورت نيم رکي سرير کي سُڪائڻ ۽ تپشائون ڪري بدن کي ڪشٽ ڏيڻ مان ڪجهه به نه پرائيو. هڪ پڳوان جي پڳتيءَ بنا پرم سکه جي آس رکڻ آجائي آهي. هڪ نام ئي موکيه جو سادن آهي. صاحب فرمائين ٿا:-

”هرناميءَ تُل نه پُجئي جي لک ڪوٽي ڪرم ڪماء“
[سري راڳ محلا پهلا اشٽپديءِ (١٤)]

يعني جي لکين بلڪ ڪروڙين ڪرم ڪٽي جيو ڪري، ته به اُهي هريءَ جي نام برابر نه ٿيندا. مطلب ته نام سڀني کان وشيش آهي.

گهڻيئي پيارا چڱي ڀاو سان پرمارت جي مارگ ۾ گهڙن ٿا، پر پوءِ پلاجهيو وڃيو ڪريا ڪرمن ۾ اٽڪن ۽ سچي پرماتما جي ڀڳتيءَ کان نراس ٿيو پون. اِنهيءَ کان بچڻ لاءِ ستگورن گوروءَ جي ضرورت بتائي آهي. صاحب سري آسا ڍي وار جي پؤڙيءَ (٦) ۾ فرمائين ٿا:-

”بِنُ سَتِ گوَر ڪنِيءَ نه پائيو، بِنُ ست گوَر ڪنِيءَ نه پائيا
سَتِ گوَر وِچ آپُ رکيئونُ، ڪرِ پرگَٽُ آکِه سُڻائيا
سَتِ گورِملئِيءَ سدا مُڪَت هيءَ، جِنِ وِچهه موهُ چُڪائيا
اُتمُ ايهُ بيچارُ هيءَ، جِنِ سچي سِئُه چِتُ لائيا
جَگَ جيوَنُ داتا پائيا.“

گورو صاحب جن فرمائين ٿا ته اسان جيون جو نيٽارو ته هين ٿيندو، جڏهين ڪ پرماتما جو نام سچي ڀاو سان جپبو ۽ اُنجي حڪم تي راضي رهبو. پر جيڪي جيو الهي سچي مارگ کان پلجي وڃي ڪريا ڪرمن، تيرٿن ياترائن، ورتن پالن ۽ ڀيکن ورتن ۾ غلطان ٿيو آهي ۽ سمجهي ٿو ته اُنهن مان ئي مڪتي جو ڇوٽڪارو ٿيندو. گورو صاحبن جو وچن آهي ته جيسين پرماتما لاءِ پريم نه هوندو، تيسين جپ، تپ، ورت، نيم، اشنان وغيره، ڪنهن ڪم جا نه آهن. پرميشور کي پريم سان ئي رجهائي سگهجي ٿو، پر نه ڪنهن ٻيءَ چترائيءَ سان. لوڪ سمجهن ٿا جي تيرٿ ياترا ڪبي، ورت نيم رکبا، پاٺ پوڄائون ڪبيون ۽ يگيه هوم ڪبا، ته پاپ نورت ٿي ويندا ۽ مڪتي پراپت ٿيندي؛ پر اُنهن ڳالهين ۾ پروسو رکڻ وڏو ڀرم آهي. جيسين من نرمل نه آهي، تيسين تيرٿن تي اشنان ڪرڻ مان ڇا ورندو؟ صاحب فرمائين ٿا:-

”تيرٿ ناتا ڪيا ڪري، من مهه ميلُ گمانُ“
[سري راڳ محلا پهلا اشٽپديون (۱۲)]

اُنجو مطلب آهي ته هي جيو، تيرٿن تي اشنان ڪري ڇا ڪندو، جيسين هن جي من ۾ هومي جي ميل آهي.
اهڙيءَ طرح ڌرمي پستڪن ۾ جيڪي لکيل آهي، اُن تي پورو ويچار ڪري اُن موجب نه هلبو ته رکي پڙهڻ مان ڇا وٺبو؟ صاحب فرمائين ٿا:-

”پڙهيه جيتي آرجا، پڙهيه جيتي ساس
نانڪ ليکي اِڪ ڳالِ، هورُ هئومي جهکڻا جهاکَ.“
[آسا دي وار پؤڙي (۹)]

جپ صاحب جو پهريون ئي لفظ آهي ”ايڪ اونڪار“ يعني پرماتما هڪ آهي. اسان مان ڪي برهما کي، ڪي شو کي، ڪي وشنوءَ کي، ڪي ديويءَ کي، ڪي ديوتائن کي پرماتما ڪري سمجهندا آهن. سو گورو جن فرمائين ٿا ته خود اهي شو، برهما، ديوي، اندر ۽ ٻيا ديوتائون به هڪ پرماتما جي مهما پيا ڳائين:—

”گاوهِ ايسر برما ديوي، سوهن سدا سواري
گاوهِ اند اندا سڻ بئٺي، ديوتئا در نالي“

ٻئي هنڌ سري گورو نانڪ ديو جن فرمائين ٿا:—

”چت در لک محمدا، لک برهمي بشن مهيش
لک لک رام وڏيرئيهِ، لک راهي لک ويس“

جنهنجو مطلب آهي ته پرماتما جي دربار ۾ لکين نبي، لکين برهما، لکين وشنو، لکين شو مهراج آهن. لکين سري رامچندر جهڙا وڏا، لکين جتي ۽ لکين پنٿ هلائيندڙ اُتي آهن ۽ پر آڪال پرک هڪڙوئي آهي، جنهن کي اهي سڀ اوتار، پير، پيغمبر ۽ اوليا سڀ کان وڏو سمجهي مڃين ٿا. سري جپ صاحب جي پؤڙيءَ (٥) ۾ به صاحب فرمائين ٿا:—

”گورا اڪ ديهه بجهائي، سڀنا جيئا ڪا اڪ داتا
سو مئي وسر نه جائي.“

يعني ته گورن اسانکي هڪ ڳالهه سمجهائي ڏني آهي ته سڀني جيون جو هڪ داتار آهي، سو شل من مان اسانکي نه وسري.

جي سديو دن جي مهما ورنن ڪندا رهن ٿا. پنجين پؤڙيءَ ۾ صاحبن فرمايو آهي:-

”ڳاوِيئي سُڻيئي من رکيئي ڀاوُ، دُکُ پرهرِ سُکُ گهرِ لئي جاءِ“

يعني جنم مرڻ جي دک کان ڇٽي، پرمانند جي پراپتي اُهي ئي پائي سگهن ٿا، جي سچو پريم ڌاري پرماتما جو نام سڻن ٿا ۽ ڳائين ٿا. پريم جا ڳُڻ لاءِ آکيا ڪئي اٿن:

”امرت ويلا سچ نائو، وڏائي ويچار“

امرت ويلي نام جپڻ ۽ پرماتما جي سندر ڳڻن جو ويچار ڪندي من جيو کي اهڙي تقويت اچي ٿي وڃي، جو هو سائينءَ کي وڏي ۾ وڏو سمجهي، ڀاڳمراد اُنهيءَ جي حڪم تي راضي رهي ٿو ۽ سدائين اهڙي اُوچي صاحب اڳيان آديس ڪندو رهي ٿو.

داطي ڇٽيءَ طرح معلوم ٿئي ٿو چڪو هولدو ترڪو روصاحبن جو پهريون اُصول آهي ”رضا تي راضي رهڻ.“ اهو ئي اُصول آهي، جو هر ڪنهن پراچين ڌرم جو بنياد آهي. سري ڪرشن مهراج جي گيتا جي سکيا، سري رامچندر جو خوشيءَ سان بن ويڃڻ، حضرت عيسيٰ جو "Thy will be done" يعني جا جوڙين سا واهه واهه، انهيءَ اُصول تي زور رکڻ ۽ حضرت محمد صاحب جو پنهنجي دين جو نالو اسلام رکڻ يعني (رضا تي راضي رهڻ) اهي سڀ ڏيکارين ٿا ته اهو اُصول سچي رستي جي پهرين پؤڙي آهي ۽ صاحبن انهي پهرئين ڏاڪي جو تت ڪ ”واهگورو“ لفظ ۾ رکيو آهي.

سري گورو گرنٿ صاحب ۾ سچي پاتشاهه گورو نانڪ ديو جن ڪ ڪرتار جي ڀڪتيءَ جو اُپديش ڏنو آهي. سري

اهڙي چڪر ۾ ٿا اچيو وڃن، جو پنهنجي ڪئي ڪمائي ڪَرِ ڪيو ڇڏين. اهنڪار کان ڇٽڻ لاءِ ٻي پؤڙيءَ ۾ صاحبن فرمايو آهي:-

”نانڪ حُڪميءَ جي ٻُجهيءَ، تہ هؤميءَ ڪَهيِ نہ ڪوءِ“

اهنڪار نورت ڪرڻ يعني پاڻ مان آپا ياءِ ڪڍڻ ئي سنسار ساگر کان ترڻ لاءِ هڪ مول ساڌن آهي. گورو صاحبن سري جپ صاحب جي پؤڙي (٢٨) ۾ پڻ فرمايو آهي:-

”آئي پنٿي سَگل جماتي، مَن جيتيءَ جَگُ جيت“

جنهنجو مطلب آهي تہ سچا آئي پنٿي يعني اُتم ۾ اُتم جوڳي اُهي آهن، جي سڀني جيون کي هڪجهڙو سمجهن ٿا ۽ من مارڻ سان ئي سنسار ساگر مان ڪتيِ هلن ٿا. (من مارڻ جي معنيٰ آهي تہ من کي سڀني وڪارن کان آجو ڪري هڪ واهگوروءَ جي چرنن ۾ استر ڪرڻ.) اهڙن جيون جي ورتي اهڙي اُتم ٿئي ٿي، جو هرڪو دک ايشور جي دات سمجهي اُنکي مٺو ڪري ڀوڳين ٿا.

”ڪيتنا د[illegible] دوک سد مار، ايهِ ڀِہ دات تيري داتار“

آهي تہ اهو اسانجو اعتقاد هئڻ گهرجي [illegible] ٿو، سو سڀ اسانجي ڀلي لاءِ آهي [illegible]ب ڪونہ ڪو [illegible] ملي ٿو. مطلب [illegible] ڀوڳجي. [illegible] لاءِ سکہ تو ڙي [illegible] جيڪڏ [illegible] تہ من کي [illegible] گذار [illegible] ”ايهِ ڀِہ دات [illegible] رضا ني راني [illegible] سچو [illegible] آهي.

تي ٻڌل آهي، جنهن بابت چوڻ ۾ اچي ٿو تہ سارو سري گورو گرنٿ صاحب سندس ٽيڪا آهي. صاحبن جي ٻيہ واڻيءَ مان پڻ ڪي پرماڻ ورتا ويا آهن. سري جپ صاحب جي پهرين ئي پوڙي ۾ سوال اٿيو آهي ”ڪِوَ سچيارا هوئيئي، ڪِوَ ڪوڙي تٽئي پال“ يعني تہ ڪيئن ھيءُ جيوُ پرماتما سان ”سچيار“ ٿئي ۽ ڪيئن ڪوڙ جي ٻنڌ ٽٽي يعني ھو سنسار ساگر کان ڇٽي پار پوي. انهيءَ جو اُتر ستڪورن ھيءُ ڏنو آهي:

”ھُڪمِ رضائي چلڻا، نانڪ لکيا نال“

يعني واهگوروءَ جي حڪم تي راضي تي ھلڻ گهرجي ۽ اھو حڪم اسان سان انکر سنگ آهي. پاٺي ۾ پنل رھڻ بنا، جي جي ڪرم ھيءُ جيوُ ڪري ٿو، تيرٿ، تهرت، تپ، مون ڌارڻ، شاستر وديا گرهڻ ڪرڻ وغيرہ، سي اُلٽو منجهس اهنڪار پيدا ڪري، پرمانند جي پراپتيءَ کان ڪيس رهت ڪن ٿا. اُنهيءَ بابت صاحبن پهرين پوڙيءَ ۾ بلڪل چٽيءَ طرح پرڀوءَ ڏنو آهي ۽ پڻ ڇهين پوڙيءَ ۾ فرمائين ٿا:

”تيرتِ ناوا جي تس ڀاوا، وڻُ ڀاڻي ڪِ ناءِ ڪري“

جنهنجو ارت آهي تہ جي منکي يعني پرماتما کي وڻان تہ ڪويا مون تيرٿن تي اشنان ڪيو. پرماتما جي ڀاڻي کان سواءِ اشنان ڪري مان ڇا ڪندس؟ ڀاڻي ۾ پنو رهڻ لائي پريکيا سچن گيانين جي آهي. جي جتي، ستي، تپي، موني، سنياسي، برهمچاري اهو لڇڻ نتا ڏيکارين، سي پوُريءَ منزل تي پهتل نہ آهن. ڪيئن پيسارا، جن اٺيٺ تيرٿ ڪيا هوندا، جن انيڪ شاستر سوڌيا هوندا، جن ... ٿهشائون ڪيون هونديون، آهي بہ اهنڪار جي

[illegible] اسين اڪثر نمسڪار ڪندا سون ۽ پر
[illegible] اسلام جا پير آهن، تنهنڪري مسلمانن
[illegible] ڪيئن ته دل کهرجي. پنهنجي ڏينهن جو تنتو
[illegible] آڻان هڪ جوڳين جي ٽولي آچي
[illegible] معاملي جو سبب پڇيو. پنهنجي ڏينهن
[illegible] ڪري ٻڌائي، تنهن تي جوڳين جي
[illegible] ته "ابا، چادر ڪڍي اسانکي به ته درشن ڪرايو."
[illegible] جان چادر مٿي ڪڍي ڏسن ته گلن کان
[illegible] ٻه ڪجهه ڪين. ٻه ٽورا گل کنيا هندن ۽ ٽورا
[illegible] مسلمانن ۽ چادر به اڌو اڌ ڪري کنيائون. هندن اڌ چادر
[illegible] راوي ندي تي سماڌ ٺاهي ۽ مسلمانن انجي لڳو لڳ
[illegible] هڪ مقبرو بنايو. پر اڪال پرک کي ائين
[illegible] ڪو نه هو، گرو پنهنجي پٺيان سماڌ
[illegible] انهيءَ ڪري راوي ندي
[illegible] ڇڏيائين. هيئر اُن هنڌ تي
[illegible] آهي، جتي سال بسال جوتي جوت سمائڻ جي
[illegible] وڏو ميلو لڳندو آهي. اهو گورداسپور
[illegible] ڪناري تي آهي.

باب پنجيهون

نانڪ ديو جن جا اصول

[illegible]

ي منهنجا پائروا تنهنڪري اوهين مالڪ کي ياد ڪريو، جو جو سيني کي اوڏانهين وڃڻو آهي.

(٣) هي پيارا، جيڪي هن سمرت، سرو شڪتيوان پرماتما کي وڻي ٿو، سوئي ٿئي ٿو. هيءُ جڳ ته ڏک روپ آهي. [illegible] سرجڻهار جل ۾، ٿل ۾، زمين ۽ آسمان ۾ هڪ جهڙو [illegible] رمي رهيو آهي. دو سچو سرجڻهار [illegible] آهي. هن سنسار ۾ سڀللو ته آچط اُهن [illegible] اُن سچي سرجڻهار کي [illegible] ڏسي ٿو پرپو پاط ٿو. منهجي [illegible] تنکي دو سکي رکي ٿو. هي [illegible] سرو شڪتيوان پرماتما کي وڻي [illegible]

[illegible] جيڪي بريرو چون رئن ٿا، تنجو [illegible] جيڪي دنيوي پدارٿن لاءِ ٿا رئن، [illegible] وڻ سچو ٻاٻو وُرت آهي، [illegible] آهي مايا لاءِ رئن ٿا. [illegible] ٿي پوي ۽ هو پنهنجي [illegible] ٿا. هي ڀائروا جيڪو هتي [illegible] وڃڻو پولدو، دنيا جا جيڤ [illegible] منهنجو، دو ٻه منهنجو. [illegible] رئن ٿا، تنجو رئط [illegible]

[illegible] ڪنيءِ هندن ۽ مسلمانن [illegible] سکورو اسانجا گورو [illegible]

جي ڏينهن ۾ رواج هو. صاحبن کي اُهي سياپا پسند نہ هئا. تنهنڪري صاحبن پنهنجن مائٽن کي پرپوڙ ڏنو تہ اسانجي جوتي جوت سمائڻ وقت هي الاهڻيا (سياپا) ڪجو؛ ڪيرتن سو هلو ڳائجو.

تاج پرج شبد جو

(١) ڌن آهي اُهو سرجڻهار سچو پاتشاھ، جنهن ساري جڳ جي جيون کي پنهنجي پنهنجي ڌنڌي ۾ لڳائي ڇڏيو آهي. جڏهين سواسن جو ماپو پرجي رهي ٿو يعني سواس جي هن جهان ۾ کٽڻا هئا، سي جڏهين پورا ٿين ٿا، تڏهين آيُو ختم ٿئي ٿي؛ هن جيوَ کي جمدوت پڪڙي وٺي وڃن ٿا. جڏهين لکئي موجب جمدوت جيوَ کي پڪڙي وٺي وڃن ٿا، تڏهين آتما جو ديهہ ڪان وڇوڙو ٿئي ٿو. پورب جي ڪرمن موجب جيڪو دکہ سکہ هي جيوُ لکائي آيو آهي، سوئي پوڳي ٿو. ڌن آهي اُهو سرجڻهار سچو پاتشاھ، جنهن ساري جڳ جي جيون کي پنهنجي پنهنجي ڌنڌي ۾ لڳائي ڇڏيو آهي. [سرندا = سرجڻهار.]

(٢) هي منهنجا پائرو! اوهين مالڪ کي ياد ڪريو، ڇو جو سڀني جو اوڏانهن ڪُوچ آهي. هتي جا ڌنڌا ڪوڙا، چئن ڏينهن جو چٽڪو آهن، پر پرلوڪ ۾ ضرور وڃڻو آهي. جڏهين وڃڻو بہ ضرور آهي؛ اسين هتي فقط ڪجهہ وقت لاءِ مهمان آهيون، تڏهين هٺ ڇو ڪريون؟ هي پائي، اُنهيءَ صاحب جو نام سمريو، جنهنجي شيوا ڪري اوهانکي درگاھ ۾ مان ملي. اُتي اوهانجو ڪو بہ حڪم هلي نہ سگهندو. اُتي سڀڪنهن کي پنهنجن ڪمن جو حساب ڏيڻو پوندو.

آگيءَ حُڪمُ نہ چليءِ مُولي، سِرِ سِرِ ڪِيا وِڃاڻا.
صاحبُ سمرهُ ميري پائيهو، سينا ايهُ پڇاڻا.

(۳) جو تُس ڀاوي سمرت سو ٿيئي، ڪيلڙا ايهُ سنسارو
جلِ ٿلِ مهيئلِ رَوِ رهيا، ساچڙا سِرجڻ هارو
ساچا سِرجڻ هارو الکہ اپارو، تاڪا انتُ نہ پائيا
آئيا تنڪا سڦلُ ڀئيا هيءِ، اِڪ منِ جني ڌيائيا
ڍاهي ڍاهِ اساري آپي، حُڪمِ سوارڻ هارو
جو تُس ڀاوي سمرت سو ٿيئي، ڪيلڙا ايهُ سنسارو.

(۴) نانڪ رُنا بابا جاڻيئي، جي رووي لاءِ پيارو
والبوي ڪارڻ بابا رُوئيئي، رووڻ سڪلُ بڪارو
رووڻ سڪلُ بڪارو، غافلُ سنسارو، مائيا ڪارڻ رووي
چنگا مندا ڪڇُ سُوجهي ناهي، اِهُ تنُ ايوي کووي
آئي آئيا سڀ ڪو جاسي، ڪوڙ ڪرهُ اهنڪارو
نانڪ رُنا بابا جاڻيئي، جي رووي لاءِ پيارو.

نوٽ:- الاهڻيا جي معنيٰ آهي ڀاريا سياپا. جئن اسانوٽ سنڌ ۾ پراڻي جي مرتيوءَ کانپوءِ سنڌ ۾ مائٽ ڀيريان تي ڏينهن سياپا ڪندا هئا، تئن شايد پنجاب ۾ بہ صاحبن

۱- اصل. ۲- دکہ روپ. ۳- زمين ۽ آسمان جي وچ ۾.
۴- دنيوي پدارٿ. ۵- ونرٿ.

جي ڏينهن ۾ رواج هو. صاحبن کي اهي سياپا پسند نہ هئا، تنهنڪري صاحبن پنهنجن مائٽن کي پرپوڙ ڏنو تہ اسانجي جوتي جوت سمائڻ وقت هي الاهڻيا (سياپا) ڪجو ۽ ڪيرتن سوهلو ڳائجو.

تاج پرج شبد جو

(١) ڌن آهي اُهو سرجڻهار سچو پاتشاهہ، جنهن ساري جڳ جي جيون کي پنهنجي پنهنجي ڌنڌي ۾ لڳائي ڇڏيو آهي. جڏهين سواسن جو ماپو پورجي رهي ٿو يعني سواس جي هن جهان ۾ ڪٽڻا هئا، سي جڏهين پورا ٿين ٿا، تڏهين آيو ختم ٿئي ٿي ۽ هن جيو کي جم دوت پڪڙي وٺي وڃن ٿا. جڏهين لکئي موجب جم دوت جيو کي پڪڙي وٺي وڃن ٿا، تڏهين آتما جو ديهہ کان وڇوڙو ٿئي ٿو. پورب جي ڪرمن موجب جيڪو دکہ سکہ هي جيوُ لکائي آيو آهي، سوئي ڀوڳي ٿو. ڌن آهي اُهو سرجڻهار سچو پاتشاهہ، جنهن ساري جڳ جي جيون کي پنهنجي پنهنجي ڌنڌي ۾ لڳائي ڇڏيو آهي. [سرندا = سرجڻهار.]

(٢) هي منهنجا پائرو! اوهين مالڪ کي ياد ڪريو، جو جو سڀني جو اوڏانهن ڪوچ آهي. هتي جا ڌنڌا ڪوڙا، چئن ڏينهن جو چٽڪو آهن، پر پرلوڪ ۾ ضرور وڃڻو آهي. جڏهين وڃڻو بہ ضرور آهي ۽ اسين هتي فقط ڪجهہ وقت لاءِ مهمان آهيون، تڏهين هٺ ڇو ڪريون؟ هي ڀائي، اُنهيءَ صاحب جو نام سمريو، جنهنجي شيوا ڪري اوهانکي درگاهہ ۾ مان ملي. اُتي اوهانجو ڪو بہ حڪم هلي نہ سگهندو. اُتي سڀڪنهن کي پنهنجن ڪمن جو حساب ڏيڻو پوندو.

آکي حُڪُم نه چليءِ مولي[1]، سِرِ سِرِ ڪيئا وِهاڻا
صاحِبُ سمرڻُ ميري پائيهو، سينا ايهُ پئاڻا.

(٣) جو تِسُ ڀاويءِ سمرت سو ٿيي، هيلڙا ايهُ سنسارو[2]
جَلِ ٿَلِ مهئيلِ رَوِ رهئا، ساچڙا سِرجڻ هارو[3]
ساچا سِرجڻ هارو آلکه آپارو، تاڪا آنتُ نه پائيا
آئيا تِنڪا سڦلُ ڀئيا هيءِ، اِڪ مَن جِنی ڌيائيا
ڍاهي ڍاهِ اُساري آپي، حُڪمِ سوارڻ هارو
جو تِسُ ڀاويءِ سمرت سو ٿيي، هيلڙا ايهُ سنسارو.

(٤) نانڪ رُنا بابا جاڻيئيءِ، جي رووي لاءِ پيارو
واليوي ڪارڻ بابا روئيئيءِ[4]، رووڻُ سڪل بِڪارو
رووڻُ سڪل بِڪارو، غافلُ سنسارو، مائيا ڪارڻ رووي
چنگا مندا ڪِڇُ سوجهيءِ ناهی، اِهُ تنُ ايوي کوويءِ
آئتي آئيا سيڪو جاسي، ڪوڙِ ڪرهُ آهنڪارو[5]
نانڪ رُنا بابا جاڻيئيءِ، جی رووي لاءِ پيارو.

نوٽ:- الاهڻيا جی معنيٰ آهی ڀار يا سياپا. جئن اسانوٽ سنڌ ۾ پراڻي جي مرتيوءَ کانپوءِ سنڌ مِس مائٽ ڀيريان تي ڏينهن سياپا ڪندا هئا، تئن شايد پنجاب ۾ به صاحبن

١- اصل. ٢- دک روپ. ٣- زمين ۽ آسمان جي وچ ۾.
٤- دنيوي پدارٿ. ٥- وڏرت.

ترپتي ڏيڻ وارو آهي، تنهنڪري پيا پنڊ چڙهي بخشش جو پنڊ دت ڪجي.)

سري گورو نانڪ ديو جن ۱۰، آسو سنبت ۱۵۹۵ = ۱۵۳۸ع جوتي جوت سمايا. جوتي جوت سمائڻ کان ٿورو اڳي سندن ڪٽنب جي ماڻهن ۽ مٽن مائٽن رنو. صاحبن اُنهنکي پرڀوءَ ڏيڻ لاءِ هيٺيون مهاسندر شبد اُچاريو:-

راڳ وڏهنس محلا پهلا گهر پنجوان الاهڻيئا

ايڪ اونڪار ستگور پرساد

(۱) ڌنُ سِرندا سچا پاتشاهُ، جِن جگُ ڌنڌيءِ لائئا
مُهلتِ پُني پائي ڀري، جانيڙا گهتِ چلائئا
جانيِ گهتِ چلائئا، لِکئا آئئا، رُني وِير سبائي
ڪائئا هنس ٿِيئا ويڇوڙا، جان دِنُ پُني ميري مائي
جيها لِکئا تيها پائئا، جيها پُرب ڪمائئا
ڌنُ سِرندا سچا پاتشاهُ، جِن جگُ ڌنڌيءِ لائئا.

(۲) صاحِبُ سِمرهُ ميري پائيهو، سڀنا ايهُ پئِئاڻا
ايٿيءِ ڌنڌا ڪوڙا چارِ دِها، آگيءِ سَر پر جاڻا
آگيءِ سَر پر جاڻا، جِئُ مِهماڻا، ڪاهي گارَبُ ڪيجيءِ
جِتُ سيوِيءِ درگهه سُکُ پائيئيءِ، نامُ تِسيءِ ڪا ليجيءِ

۱- وقت. ۲- سواسن روپي ماپو. ۳- جيو، آتما. ۴- مت مائٽ. ۵- آتما. ۶- وڇوڙو آهي. ۷- ڏينهن. ۸- نيٺ، ضرور. ۹- گيرب، هٺ.

(٤) اِڪ لوڪي ھورُ ڇُنڊيري، براھمڻ وَتِ پِنڊُ ڪاھ
نانڪ پِنڊُ بخشيش ڪا، ڪَبھوُن نِکوٽِيس ناھ.

ھن شبد ۾ صاحب پنھنجي ديھانت بابت جا ڪِريا ڪرم ڪرڻ گھرجي، سا کولي ٻڌائين ٿا. گورو صاحب النڪار ڏناران سچي ڪريا ھن طرح ڪٿن ڪن ٿا تہ ”منھنجي لاءِ ڏيو ھڪڙو پرماتما جو نام ئي آھي. اُن ۾ مان ڏک روپي تيل وجھان ٿو يعني ست مارگہ تي ھلڻ ۾ مان کھٽيون تڪليفون سھان ٿو. نام روپي ڏئي جي سوجھري ڪري ڏک روپي تيل سڪي وڃي ٿو، يعني ڏک ناس ٿين ٿا ۽ جم جي پيڙا ناس ٿي ٿي. ھي لوڪا! منھنجي پٺيان متان ڪو ٻکيڙو ڪريو. جئن بام جي ڪ چڻگہ ڪاٺين جا ڍگہ ساڙيو ڇڏي، تئن نام پاپن کي ساڙيو ڇڏي. ھي پائي، ”ڪيشؤ ڪيشؤ“ اُچارڻ منھنجي پنڊ پتل آھي ۽ ڪرتار جو سچو نام جپڻ منھنجي ڪريا آھي. ھن لوڪ ۾ توڙي پرلوڪ ۾ نامئي منھنجو آڌار آھي. منھنجي لاءِ پرماتما جو جس ڳائڻ گنگا ۽ بنارس جي تيرٿن تي اشنان ڪرڻ آھي. سچو اشنان تڏھين ٿئي ٿو، جڏھين ڏينھن رات پرماتما سان پيار ٿئي ٿو. ڪڙا پند پترن کي آڇجن ٿا ۽ پيا ديوتائن کي. براھمڻ پنڊ پرائي پوڄن کائين ٿا، پر جوئي جي ڪريا جو پنڊ ڪڏھين بہ کٽي نہ ٿو. (پاو. ڪن شاستون ۾ لکيل آھي تہ فلاڻي فلاڻي شيءِ ڏيڻ سان پترن کي ھيترو نہ ھيترو وقت ترپتي ٿيندي، پر ھميشہ لاءِ ترپتي نہ ٿيندي. گورو صاحب فرمائين ٿا تہ نام جپڻ ڪري جو ... جو پنڊ ملت اُچي ٿو، سو کٽڻ جو نہ آھي يعني اُھو دائمي

انگر سنگر آهيون. توکي پاڻمرادو اتي ويٺي ئي درشن پيو ٿيندو. تون ڪا به چنتا نه ڪر."

صاحبن جي جوتي جوت سمائڻ کان ٿورو وقت اڳي بابا سريچند ۽ بابا لکميچند کين چوڻ لڳا ته "اوهان گوريائي ته ڏني پائي لهڻي کي؛ پر اسان لاءِ ڇا ٿا ڪريو؟" صاحبن اُنهنکي ڌيرج ڏيندي چيو ته "پيارا، جيڪو ڪرتار جو حڪم مونکي مليل هو، سو مون پورو ڪيو. باقي اوهين جيڪڏهين اُن ڪرتار تي پورو پورو ڀروسو رکندؤ ته اوهانکي کاڌي ۽ ڪپڙي جي ڪا پرواه نه رهندي؛ پر اوهانکي ڪرتار ۽ گوروءَ تي وشواس رکڻ گهرجي."

تنهن کانپوءِ سنگت پڇيو ته "ستگورو، اوهانجي پٺيان ڪهڙي ڪريا ڪرم ٿيڻ گهرجي؟" گورو صاحبن کين اُتر هيٺئين شبد ۾ ڏنو:-

راڳ آسا محلا پهلا شبد (۳۲)

(۱) ديوا ميرا ايڪ نامُ، دُکُ وچِ پائيا تيلُ

اُن چانڻِ اوهُ سوکيا، چوڪا جم سِئُ ميلُ

لوڪا مت کو ڦڪڙِ پاءِ. لکھ مڙئا ڪرِ اڪٺي،

ايڪ رتي لي باهِ (اِڪ رهاءُ)

(۲) پنڊُ پتلِ ميري ڪيسئُ ڪِريا، سچُ نامُ ڪرتارُ

اَئٿي اوٿي آگي پاڇي، ايهُ ميرا آڌارُ

(۳) گنگ بنارس صفتِ تُماري، ناوي آتم راءُ

سچا ناوڻُ تا ٿيئي، جان اهِ نِس لاگي ڀاءُ

لهڻي کي چيو تہ تون ڪٽورو ڪڍي اچ. ڀائي لهڻو جهٽ اندر ويو ۽ کوٻي ۾ ڪٽورو ڪڍي ٻاهر آيو. صاحب بلڪل پرسن ٿيا ۽ ڀائي لهڻي کي ڳلي سان لڳائي چيائون تہ ”ٻاٻا، تون ئي اسانجو سچو پٽ آهين، ڇو جو اسانجي آگيا ۾ رهين ٿو.“

اهڙيءَ طرح صاحبن ڪيترن ئي ڪٺن آزمائشن ۾ پرکيو، ان سڀني ۾ ڀائي لهڻو ثابت قدم رهيو.

ٿورن ڏينهن کانپوءِ صاحبن سڄي سنگت ڪٺي ڪرائي. ٿالهه ۾ پيسا ۽ ناريل رکي ڀائي لهڻي جي اڳيان رکي نمسڪار ڪري پرڪرما ڏئي ورتائون. صاحبن ساري سنگت کي مخاطب ٿي چيو تہ ”اسان کانپوءِ سري انگد صاحب جن کي اسانجي جاءِ تي سمجهي سنگت آڏو رهجو.“ ٻاٻا ٻڍا، سري گورو انگد صاحب جن کي تلڪ لڳايو ۽ چيائون تہ ”سچ پچ هاڻي جوت انهن ۾ اچي ويئي آهي.“

ٻيو جوتي جوت

سري گورو نانڪ ديو جن جو جوتي جوت سمائڻ

ٿورن ڏينهن کانپوءِ سري گورو نانڪ ديو جن ڪرتارپور ۾ [illegible]

[illegible]

تہ توکي اسانکان ڪجھہ وڌيڪ آھي. تون اسانجي انگہ سان لڳو پيو آھين، تنھنڪري تنھنجو نالو اڄ ڪانوڻي پائي انگد آھي. پائي لھڻو اھو ٻڌي خوش ٿيو ۽ سندن چرنن تي متو ٽيڪيائين.

صاحبن جو پائي لھڻي سان ايترو پيار ڏسي ماتا سلڪڻيءَ کي کُتڪو جاڳيو تہ صاحب شايد گادي پائي لھڻي کي ڏيندا. سو ھڪ دفعي پنھنجن پٽرن کي پاڻسان وٺي آچي چيائين تہ "سوامي! اوھين ٻين سان پيار ڪريو ٿا ۽ پنھنجن پٽن کي تہ پڇو بہ ڪون ٿا." صاحبن ڪيس جواب ڏنو تہ "اسانکي ڪنھن سان بہ وير وروڌ ڪونھي. پر جنجو من نمرتا ڀاءَ سان ڀريل آھي، تن تي واھگوروءَ جي ڪرپا آھي. ڏس تہ مان توکي اُنجي ثابتي ڏيان ٿو." ائين چئي، بابا سريچند کي فرمايائون تہ "بچا، ھيءَ مٽل ٻلي ڪنھن گوشائي ھنڌ ڦٽي ڪري آءُ." ھن جواب ڏنو تہ ھيئنر اوھان جو سپاءُ اھڙو ٿي پيو آھي، جو بلڪل خراب ڪم ڪرڻ لاءِ پيا چئو. بابا لکميچند بہ ساڳيءَ طرح نڪار ڪئي. تنھن تي پائي لھڻي کي آگيا ڪيائون، جو ست وچن چئي جھٽ اوڏيءَ مھل مئل ٻلي کڻي ڪنھن پاسيريءَ ڪنڌ ۾ ڦٽي ڪري آيو. اھڙيطرح گورو جن ماتا سلڪڻيءَ کي ڏيکاريو تہ پيار جو لائق ڪير آھي.

ھڪڙي پيري سري گورو نانڪ ديو جن جي ھٿ مان ڪٽورو ڪري وڃي ڪنھن چڪڙواريءَ کڏ ۾ پيو. صاحبن پنھنجن پٽن کي چيو تہ "ڪٽورو کڏ مان ڪڍي اچو." اُنھن جواب ڏنو تہ "سائين، اسانجا ڪپڙا ميرا ٿي پوندا. ڪنھن سک کي چئي ڪڍائي ٿا وٺون." گورو صاحبن پائي

صاحبن جي ساراهه ٻڌي وٽن درسن لاءِ آيو. هنکي صاحبن جي درسن ۽ اُپديش مان اڻڊو مزو پراپت ٿيو، جو سنگين کي واپس ڪري پاڻ وٽن شيوا ۾ لڳي رهيو.

صاحب ڀائي لهڻي جي اڻڊڀ شيوا ڏسي بلڪل پرسن ٿيا، پر ٿڏهين بہ هنجي چڱي چوکي پريکيا ورتائون.

هڪ دفعي گورو صاحب ٿي وڏا گاهه جا بند ڳائين ۽ ميهن جي ڪاڻڻ لاءِ ٻڌايا هئا ۽ سندن مرضي ٿي تہ ڏيري تي ڪجهي هلن. بر ڪنهن بہ سکہ ڪڻڻ جي نہ ڪئي، ڇو جو هڪ تہ گاهہ دو آلو، ٻيو تہ سڄو مٽيءَ سان پريل. ستگوروءَ پنهنجي مربي پٽ، بابا سريچند کي ڪڻڻ لاءِ چيو، پر هن بہ همت نہ ٻڌي، چي: مونکي پنهنجا نوان ڪپڙا خراب ڪرڻا آهن ڇا؟ تنهنتي صاحبن پنهنجي ٻئي پٽ، بابا لکميچند کي چيو، جنهن بہ ڪڻڻ جي نہ ڪئي ۽ چي: "سائين! ڪو مزور اچي تہ ڪڻائي ڏا هلون." ايتري ۾ ڀائي لهڻو آچي سهڙيو ۽ ستگورن کي پيرين پئي هٿ جوڙي بيٺو. ستگورن کيس گاهہ ڪڻڻ جي آگيا ڪئي. ڀائي لهڻو جهٽ هٿ وجهي ٽيئي بند مٿي تي رکي ڏيري ڏانهن روانو ٿيو. ماتا سلکڻيءَ ڀائي لهڻي کي هيئن مٽيءَ سان پريل ۽ ڳهندو ڏسي صاحبن کي چيو تہ "سائين! اوهين غريبن ۽ ڌارين جو ڪو بہ قدر ڪو نہ ٿا ڪريو. ڏسو تہ سهين تہ هنجا سب ڪپڙا خراب ٿي ٻيا آهن." صاحبن تنهنتي ماتا سلکڻيءَ کي چيو تہ "ڀائي لهڻو ڪرتار جو پيارو آهي. هنجا ڪپڙا مٽيءَ سان پريل نہ آهن، پر ڪنسر ۽ ڪُنگوءَ سان." انهن چئي ڀائي لهڻي کي ڇاتيءَ سان لاتائون ۽ چيائونس تہ "ڀائي لهڻا! اسين سمجهون ٿا

سيٺ دنيچند سڀ ڪٺي موتي ستگورن وٽ آيو ۽ دٽ جوڙي چوڻ لڳو ته "هي سنت مهاتما! مونکي معاف ڪندا. هيءَ سڀ مان پرلوڪ ۾ توهان کي ڪيئن پهچائي سگهندس!" تنهن تي ستگورن فرمايو ته "پيارا، جي تو کان هيءَ خسيس سئي سنڀالي نه ٿي ٿئي، ته سٽ لک جي تو ڪٺا ڪيا آهن، سي ڪيئن ڪٺي سگهندين؟ آيا انهيءَ ڌن ڪٺي ڪرڻ لاءِ تو سڄي عمر ڏکر پاپ پٺيا آهن ۽ ڪيترا ول چل ڪيا آهن."

سيٺ دنيچند کي ستگورن جي ڪرپا سان گيان آڇي ويو ۽ هو صاحبن جو سچو سِک ٿيو ۽ پنهنجي ڪني ڪيل مايا غريبن غربن جي بلي خرچ ڪيائين. پوءِ صاحب لاهور مان ڪرتارپور آيا.

باب ٽيٽيهون

ڪرتارپور ۾ اچڻ جو ذڪر ۽ پائي لهڻي جون پريکيائون

گرو صاحب [illegible] ڪرتارپور ۾ آچي فقيراڻو لباس لاهي [illegible] رهي ڪرتار جو اُپديش ڪرڻ [illegible] ايمان واري سمجهي کين مڃڻ

[illegible] ۽ پٺي صا[illegible] کين نمرتا پاوسان [illegible] سندن [illegible] ڪتان [illegible] سند[illegible] يش سڻي نهال [illegible]

[illegible] دائي [illegible] ڄر اُپاشڪ هو. هو [illegible] لاءِ نڪتو هو ۽ [illegible]

جي ڪري عاجز ٿي رهيو آهي ۽ منکي ڪجهه به پراپت نه ٿيو آهي." سيٺ دليچند پڇيو ته "سوامي! بابو ڪٿي ويٺو آهي؟" صاحبن فرمايو ته "هو هتان پنجن ڪوهن جي مفاصلي تي جهنگ ۾ هڪ درخت جي هيٺان بکئڙ جي ديهه ۾ بکايل ويٺو آهي. تون بوچن کڻائي اوڏانهن وڃ. اُنکان ڪو به ڊپ نه ڪجه." سيٺ دليچند اوڏانهن ويو ۽ تحقيق هڪ بکئڙ ڏٺائين، جنهن بوچن کاڌو ۽ اُنهيءَ جي کاڌي شرط ديهه تيا ڳهائين.

پوءِ دليچند اِهو ڪوتڪ ڏسي نهايت حيران ٿي ويو ۽ موٽي پنهنجي گهر آيو. اُتي ستگورن جي چرنن تي سرنوائي کڻي سرڏا ڏاري اُستت ڪرڻ لڳو ته "ديون جا ديو! ستگورو سچا پاتشاهه! اوهين سمرت آهيو. بابو اوهان جي پرتاپ ڪري مڪت ٿيو. اوهين مونکي پنهنجو داس ڪري سمجهو." ستگورن کانئس پڇيو ته "پيارا، هي جيڪي ست جهنڊا تنهنجي بنگلي تي چڙهيا بيٺا آهن، تن جو مطلب ڪهڙو آهي؟" سيٺ دليچند هٿ جوڙي جواب ڏنو ته "سوامي، مون وٽ ستن لکن جي مالڪيت آهي. هر هڪ لک لاءِ هڪ جهنڊو کوڙيل آهي. تنهن تي ستگورن کيس چيو ته "اَيا، هيءَ سئي تون پاڻ وٽ رکه ۽ اسانکي پرلوڪ ۾ ڏج." هن سئي وٺي وڃي پنهنجي استريءَ کي ڏني ۽ چيائين ته "هيءَ سئي سوکي ڪري رکج. ستگورو اسانکان پرلوڪ ۾ وٺندو." تنهن تي گهرواريءَ چيو ته "سوامي! سئي پرلوڪ ڪيئن هلندي. پيو پدارٿ ... جا مشتاق آهي، ساٿ ڪجهه به ڪين ويندي."

سيٺ دنيچند سئي ڪٺي موتي ستگورن وٽ آيو؛ دست جوڙي چوڻ لڳو تہ ”هي سنت مهاتما! مونکي معاف ڪندا. هي ٻہ سئي مان پرلوڪ ۾ توهان کي ڪيئن پهچائي

۽ آڪاس ڏيکاري آيا. هڪ هندان پير جي پٽ کي ڪٿام صاحب مليو، جو هو پڻ هت ۾ ڪٺي آيو. پير کي پوءِ اعتقاد آيو ۽ گورو صاحبن کي وڏو ڪري مڃيائين. ڀائي گورداس صاحب سکن جي بغداد ڏي وڃڻ بنسبت ۾ سنڌ ر پوڙيون رچيون آهن، جي پاڪن جي لاڀ لاءِ هتي ڏجن ٿيون:

”بابا گيا بغداد نون، باهر جاءِ ڪيئا آستانا[1]
اڪ بابا اڪال روپ، دوجا ربابي مردانا
ديتي بانگ نماز ڪر، سن سمان هوئا جاهانا[2]
سن سن نگري پتي، ديکھ پير پئيا حيرانا[3]
ويکي ڌيان لگاءِ ڪر، اڪ فقير وڏا مستانا[4]
پڇيا ڦرڪي دستگير، ڪون فقير ڪس ڪا گهرانا[5]
نانڪ ڪل وچ آئيا، رب فقير اڪو پهچانا[6]
ڌرت آڪاس چهون دس جانا.[7]

[وار (۱) پوڙي (۳۵)]

پڇي پير تڪرار ڪر، ايھ فقير وڏا آتائي
ايتي وچ بغداد دي، وڏي ڪرامات دکلائي[8]

۱- آستان، جاءِ. ۲- ڏني. ۳- شهر جا ماڻهو جب جاپ ۾ لڳي ويا. ۴- بي پرواهه. ۵- ڪهڙي ٻڪر جا آهيو؟ ۶- مرداني جواب ڏنو ته ”گورو نانڪ ديو جن ڪلجگ ۾ اوتار ڌاري آيا آهن ۽ ٻين کي رد ڪري هڪ اڪال پورک کي ئي سڃاڻو اٿن.“ ۷- ڏرتي، آڪاس ۽ طرف کين سڃاڻن ٿا. ۸- شڪتون، ڪرامت جو ڏيکي.

ڦيرائي ڇڏي پاسي ڪيو، تڏهن ڪعبو به ڦري اُن طرف ٿيو. جڏهن جڏهن صاحبن جا پير ڇڏي ڦيرايائين، تڏهن تڏهن ڪعبو به ڦرندو ٿي رهيو. اهو حال ڏسي هن حيران ٿي نمسڪار ڪيو ۽ ٻين مسلمانن ۽ قاضين کي وٺي آيو ۽ سموري حال مان کين واقف ڪيائين. اُهي پوءِ هٿ جوڙي پڇڻ لڳا ته ”هندو وڏا ڪي مسلمان؟“ صاحبن هنڪي مٺڙ آواز ۾ جواب ڏنو ته ”دي حاجي! نيڪ اعمالن (چڱن ڪمن) کانسواءِ هندن کي توڙي مسلمانن کي ڌڻيءَ جي درگاهه ۾ ڍُڪڻو پوندو. هندو توڙي مسلمان چڱن ڪمن کانسواءِ درگاهه ۾ عزت نه پائيندا. سنسار چنينڪبر آهي، تنهنڪر اوهين پاڻ ۾ ڇو ٿا اٽڪو. جيڪي ته اوهين مِٺ محبت ۾ رهي نيڪ ڪرم ڪريو، ته ڌڻيءَ جي دربار ۾ مانُ پايو.“

اُتان ٿي صاحب مديني ويا، جتي حضرت محمد صاحب جي قبر آهي. اُتي پرط اُپديش ڪري صاحب وري بغداد ۾ آيا.

باب ٽيهون

بغداد جو پرسنگ

مد! ... پوءِ سري گورو نانڪ ديو جن ڀائي مرداني ... يا. شهر جي ٻاهران صاحبن ”ست نام“ ... ڏي ... کي عجب لڳو. سارو ... بغداد جو پير دستگير اهو ٻڌي ... آهي. قرآن شريف جي ... دال لکه آگاسان آگاس.“ ... پٽ کي چيو ته ”ٻچا، ... صاحب کيس لکين پاتال

ڪکر چاتو ڪندو هليو. حاجي انهيءَ اسرار جو انت لهي نه سگهيو ۽ صاحبن کي چيائين ته "ديل سوڌو ڪوبه هندو حج تي ڪونه هليو آهي، سو مان اوهان سان نه هلندس. پا مون کي اڳ وڃڻ ڏيو يا اوهين اڳ وڃو." صاحبن کيس چيو ته "آبا، جيڪڏهين اسان سان هلڻ نه ٿو چاهين ته بيشڪ تون اسان کان اڳ وڃ." حاجيءَ جو گورو صاحبن کان جدا ٿيڻ ۽ ڪکر جو به مٿانئس ڪم ٿيڻ. حاجي گرميءَ جي تابش ڪري ماندو ٿيو ۽ پڇتائڻ لڳو ته مون چاٽي واٽي پاڪسان جت ڪئي آهي. صاحب ته حاجيءَ کان به اڳي اچي مڪي شريف ۾ پهتا. اتي ست ڪرتار جو شبد بلند آواز ۾ اچاريائون، جو ٻڌي مڪي جا ماڻهو ۽ حاجي عجب ۾ پئي چوڻ لڳا ته "هي ڪهڙي قسم جو حاجي آهي! شايد هي ٻي ٻوليءَ ۾ بانگ ٿو ڏئي."

صاحب، ڀائي ٻالو ۽ ڀائي مردانو ٿڪ جي ڪري اتي ئي سمهي پيا. گورو صاحبن جا پوتر چرن ڪعبي شريف ڏانهن رهيا. جڏهين پرڀات صبح ٿيو، تڏهين جيوڻ ملو اتي ٻهاري پائڻ آيو. صاحبن جا قدم ڪعبي شريف ڏانهن ڏسي منکي ڏاڍو غصو آيو ۽ صاحبن کي چيائين ته "اي ڪافر! تون خدا جي گهر ڏانهن لتون ڪري سمهيو پيو آهين؟" تنهن تي گورو صاحب فرمائڻ لڳا ته "ڀائي! پنڌ ڪري ٿڪا آهيون ۽ سڌ ڪانه ٿي پوي ته پير ڪهڙي طرف آهن. ڀلا جيڏانهن خدا جو گهر نه سمجهين، اوڏانهن ڪٽي منهنجا پير ڪر."

جڏهن ملي ڪاوڙجي صاحبن کي ٽنگن کان گهلي

جل زور سان پيو وهي. جنهن جي نشان واسطي لاءِ مسلمان بادشاهن اڳئين وقت ۾ ڪيتري ڪوشش ڪئي آهي، پر نشان بلڪل نٿو وڃي. جڏهن ٿا پٿر ٽڪيون، تڏهن نشان اندر پيو ڏسجي.

ولي قنڌاري صاحبن جي گهڻي اُستت ڪري عرض ڪيو ته ”يا ڌڻي! رحم ڪري منهنجي خطا بخش ڪريو؛ مون توهانجي وڏائيءَ کي نه ڄاتو هو. مهرباني ڪري اهڙو اُپديش ڏيو مون، جنهنڪري پرلوڪ ۾ منهنجي سهائتا ٿئي.“ اهڙيطرح جڏهن پڪو اعتقاد رکي صاحبن کي نيزاري ڪيائين، تڏهن ستگورن فرمايو ته ”پيارا، آئينده حسد بلڪل نه ڪجِ، جنهن مان ڪجهه به نٿو وري. هميشه خدا صاحب کي ياد ڪري پنهنجو جنم سڦلو ڪج.“ ستگورن ڪرپا جي نظر ڪري وليءَ کي پنهنجو ڪيو؛ ڪجهه وقت اُتي گذاري پوءِ اُتان روانا ٿيا.

باب اُڻٽيهون

مڪي ۽ مديني جو پرسنگ

صاحبن هيل سوڌو فقط هندن ۾ ڪرتار جي نام جپڻ جو پرچار ڪيو هو، پر هاڻي سندن مرضي ٿي ته مسلمانن ۾ پڻ الله پاڪ جو پيغام پهچائجي. اهو خيال ڪري هو ڀائي مرداني ۽ ڀائي ٻالي سان گڏجي روانا ٿيا. صاحبن نيلا ڪپڙا ڪڍي پهريا. ڪڇ ۾ قرآن شريف ڪڍي، مٿي ۾ وڏي ڪُلاهه (ٽوپي) ڀائي هٿ ۾ هڪ اَٽ ڪنياڻون ۽ ڳچيءَ ۾ سيلهي ڀائي حاجي بڻجي پيا. واٽ تي ڪين هڪ ٻيو حاجي مليو. قدرت اِلاهي، سورج جي گرميءَ ۾ گورو جن جي مٿان هڪ

ڀرڪي ٿو ٻوڙين؟" ڀائي مردانو لاچار ٿي موٽيو ۽ سڀ
حقيقت اچي صاحبن کي ٻڌايائين.

ستگورو ڪميا جا ساگر مشڪي ڀائي مرداني کي چوڻ
لڳا ته "تون وڃي ولي قنڌاريءَ کي چئو ته منهنجو گورو
چوي ٿو ته 'مان هڪ غريب، پرماتما جو داس آهيان. اوهين
ديا ڀالي پاڻي پياريو.'" مهاراجن جي حڪم موجب ڀائي مردانو
موٽي ٻيهر ويو ۽ وڃي چيائينس ته "سائين! پاڻي پيارڻ
هڪ وڏو ثواب آهي ۽ هتي پيو ڪو استان وڃجو ڏسڻ ۾ نه
ٿو اچي. تنهنڪري مهرباني ڪري توهين پاڻي پياريو."
ولي قنڌاري هڪدم اهنڪار ۾ ڀرجي چوڻ لڳو ته "جيڪڏهين
تون مسلمان ٿي هڪ هندوءَ جي ايتري سارهه ٿو ڪرين،
ته پاڻي وڃ ٻڌن وٽ. تو جهڙن ڪافرن لاءِ مون وٽ
پاڻي ڪونهي."

صاحبن پوءِ پنهنجي لٺ ڪڍي جبل جي تري ۾ هڻي
ته هڪدم سيتل ۽ نرمل جل پاڻ نڪتو ۽ گهڻي زور سان
وهڻ لڳو ۽ ولي قنڌاريءَ جي چشمي وارو سڀ جل ڪري ٿي
ويو. بابا قنڌاري ڪاوڙ ۾ ڀرجي هڪ وڏي ڇپ ڪڍي
صاحبن تي اُڇلي. صاحبن پنهنجي تري ڏيئي ڇپ بيهاري
ڇڏي. ولي قنڌاريءَ سڀ زور آزمائي ڏٺو، پر ڇپ اُتيئي
اٽڪي بيٺي. تڏهين گوروءَ کي وڏو سمجهي اچي
سندن قدمن تي پيو.

اهو نشان اڄا سوڌو موجود آهي ۽ سک اُنهيءَ هنڌ
کي "پنجو صاحب" چوندا آهن. اُتي هينئر هڪ وڏو گوردوارو
آهي. اُنهيءَ ڇپ جي هيٺان اڄا ڏينهن تائين ٿڌو ۽ نرمل

راجا شوناڀ جي دل ۾ وڏي ڳالهه خوش ٿيو ۽ هن کي
وشواس ٿيو ته هي ئي سِتگرو نانڪ ديو آهي. هو اڳيان ٿين
ڏسڻ لڳو ته هو سِتگرو ڪهڙي ڏيال وڻ جي ميدان
۾ ويٺا هئا. اُن وقت مردانو به هن راجا جي طرف ڏٺو.
تنهن بعد ته راجا شوناڀ ڏنڊوت ڪري آدب سان دست
بستي بيٺو رهيو، مگر مردانو نکي ڏن ڌيان ڏياريو ۽ نه
ڪڇي ڳالهه سان ٻولايون. راجا به ڪو نسڪو رکي بيٺي
رهيو ۽ هو ڪري ڪرڙو. اهڙي حالت ۾ ڏڍيون آيائي پهر
گذري ويو. آخر سِتگرو راجا ڏي نهاري چوڻ لڳا ته
”راجا! تون خوش آهين؟ توهانجو جيڪو منورٿ هجي،
سو بي ڌڙڪ ٻڌاءِ“ راجا وينتي ڪئي ته ”سوامي! اول ديا
ڪري مونکي مردانجي ڄاڻ بابت واقف ڪريو ته
هو سڀ پنهنجي پهريان توهانجي اڳيان عرض ڪيان.“
ستگرو ڪيس پنهنجو نالو ٻڌايو، جو ٻڌي خوش ٿي هن
کي ٻڌائڻ مهرباني ڪن ٻڌايا، جن جا اُتر صاحبن کيس
ڏنا، جي گرو ساهب پد (11) ۾ آهن.

ستگرو جن ته هن موجوده وقت راجا شوناڀ جي عرض
۾ سڀ ڳالهيون سِتگرو جن سچو شش ٿيو. سِتگرو کي
ٻين سنگت ۾ گذاري ڏينهن سنگتن جي اُپديش سان
پنهنجي ڌرتي شش راجا شوناڀ جو اُڌار ڪري، وري پنهنجي
اُسي رستي ٿيا.

باب اٺاويهون
ولي قنڌاري جو پرسنگ

ڪري گرو نانڪ ديو جن وڃي ڪندا وري پنجاب
ڏانهن ڪندا ۽ ڏي تڪڙا. ڪي ڪنڌي ڪري ۽ ٿي

آرٿ:- ٻن روپي مندر ۾ گيان روپي ڏيو ٻاريو ۽ ڪايا (ٻُڏيءَ) کي سيجهه ڪريو. گيان دئاران جڏهين پرماتما راجا اوهان جي هردي روپي سيجهه تي ايندو، تڏهين اوهين سچو آنند پائيندا يون. [ديبڪ = ڏيو. ڪائيا = ٻُڏي. راءِ = راجا.]

اهو شبد ٻڌي ۽ اُنجو ارٿ سمجهي، اُهن اِسترين جا ڪپاٽ ئي کلي پيا. سڀيئي اِستريون مهاراجن جي مڌر وچنن دئاران ايشور جي صفت روپي موتين جي ماڻا ڳچيءَ ۾ پائي، سڄي رات صاحبن جا چرن ڪمل شيوي، صبح جو سوير نام ۾ پرپور رهيون. ڪنهنکي ڪوڙين ڳوليندي هيرو هٿ لڳي ويو. جو ستگوروءَ جي ديا سان وشيءِ واسنا جي تپت ناس ڪري، ست نام سمريندي يون، راجا شوناڀ وٽ آيون.

راجا پڇيئن ته ”خبر ڏيو ته رات سنت ڪيئن ڏٺو؟“ اِسترين وراڻي ڏني ته ”مهاراج! اڳي جيڪي فقير هتان تي ويا آهن، سي اسانجي سونهن ڏسي موهجي ويندا هئا. هن سنت کي موهڻ لاءِ اسان گهڻا جتن ڪيا، پر ويو ڪجهه به ڪين. جو سُمير پربت وانگر اڏول رهيو. اُٽالندو اسان تي اهڙي ڪرپا درشٽي ڪئي اٿس، جو اسانجي ٻُڏي ۽ وشين ڪان هٽي، هري نام سمرڻ ۾ لڳي وئي آهي. بيشڪ هي ڪو پُورن سنت ٿو ڏسجي، جو هنجي درشن ڪندي اسانجو من سانت ۾ اچي ويو آهي. اسانجا ڪي پُورب جا وڏا ڀاڳ جاڳيا، جو ڪنهن ٻه ڀهاني وچي هنجي شيوا ڪئيسون، جنهن ڪري هن سڄي رات اُپديش ڏيئي پنهنجي ڪرپا سان اسانکي ڪرتارٿ ڪيو.

رام." ڀائي مرداني جو اهو جواب ٻڌي، ستگورن سڌو سنگلاديپ ڏي رخ رکيو.

ستگورن ڀائي ٻاليءَ کي ٻه پاٺ سان ڪنيو. جڏهين ستگورو، ڀائي مردانو ۽ ڀائي ٻالو سنگلاديپ پهتا، تڏهين شهر جي ٻاهران هڪ سُڪل باغ ۾ اچي ڏيرو ڪيائون. اچا صاحبن پهچڻا ته اهو چوڌاري سڪل باغ ۾ پاڻا ته سڀ وڻ ۽ ٻوٽا سرسبز ٿي ويا. اهو ڪوتڪ ڏسي، ماڻهن وڃي باغائيءَ کي ٻڌايو. هو جو باغ کي سڪل ڏسي نااُميد ٿي وڃي شهر ۾ رهيو هو، سو هن خوشخبريءَ ٻڌڻ تي ڊڪندو آيو ۽ اچي صاحبن کي پيرين پيو. خوشيءَ وچان ڪپڙن ۾ نه پيو ماپي. جهٽ ڊوڙي راجا شوناٿ جي ڪچهريءَ ۾ ويو ۽ راجا کي عرض ڪيائين ته "راجن! اڄ هڪ مهاپرش ٻن چيلن سميت سرڪاري باغ ۾ براجمان ٿيو آهي، جنهنجي پرتاپ سان سڪل باغ سائو ٿي پيو آهي ۽ سڀ وڻ ۽ ٻوٽا پرڦلت ٿي پيا آهن." راجا اها خبر ٻڌي، گهڻو پرسن ٿيو ۽ پنهنجي وزير پرسرام کي گهرائي چيائين ته "باغ ۾ هڪ مهاپرش ، "

يعني تہ مٺن، چهرن ۽ رسيلن پوچڻن ۾ سواد گهٽوئي آهي، پر ڦل سندن آهي زهري. مطلب تہ سوادي ڪاڌن ۾ ڪو مزو نہ آهي ۽ اُنهن جي ڪارڻ منجهان گهڻا وڪار پيدا ٿين ٿا. مها رس فقط نام ۾ئي آهي، جنهن مان انيڪ سک پيدا ٿين ٿا. اِدو پريوڙ پڏي، وزير عجب ۾ پئجي ويو ۽ راجا کي اچي ٻڌايائين تہ سوادي پوچڻن کان سنت پري آهي ۽ نہ ٿو وٺي. تڏهين راجا حڪم ڪيو تہ "مها سندر اِستريون، جنکي سو رڻن سينگار ڪيل هجن، سي سنت وٽ وٺي وڃو." وزير حڪم موجب سندر اِسترين کي طرح طرح جا زرزيور ۽ پٽ پٽمبر پهرائي ستگورن ڏانهن روانو ڪيو.

اِهي نهايت سوهڻيڪ اِستريون هار سينگار ڪري ستگورو نانڪ ديو جن وٽ آيون، ۽ نانا پرڪارن جا ناز نخرا ڪرڻ لڳيون. ڀلا ڪاٺ جون ماندا ڪيون آٿاهہ سمنڊ کي ڪيئن ولوڙي سگهنديون، ۽ نربل وايوُ، سُمير پربت کي ڇا چوري سگهندو؟ استرين کي جيڪي حيلا هلائڻا هئا، سي هلايائون، پر ستگورو هماليہ پربت جيان اڇل رهيا. ستگورن ڀائي مرداني کي چيو تہ "پيارا، رباب وڄاءِ تہ هنن ڀليلن کي سنڌين واٽ لڳايون. هي جو ڪوڙا گهڻا ۽ وستر ڏيکي آيون آهن، تنکي ڏسيون تہ اُهي ڪهڙا ڪپڙا ۽ گهہ آهن، جي ڀائي مالڪ کي پرشن ڪري سگهبو."

ڀائي مرداني رباب وڄايو ۽ ستگورن هي مها سندر شبد اُچاريو:-

ايڪ اونڪار ستگور پرساد

آسا محلا پهلا شبد (٣٥)

(١) مَنُ موتي جي گهڻا هووئِ، پؤُڻ هووئِ سوُت ڌاري

کِما سينگارُ ڪامڻِ تنِ پهرئِ، راوئِ لعل پياري

واهه." ڀائي مرداني جو اهو جواب ٻڌي، ستگورن سنگلاديپ ڏي رخ رکيو.

ستگورن ڀائي ٻالي کي ٻه ڀاڻ سان ڪنيو. جڏهن ستگورو، ڀائي مردانو ۽ ڀائي ٻالو سنگلاديپ پهتا، تڏهن شهر جي ٻاهران هڪ سُڪل باغ ۾ اچي ڏيرو ڪيائون. آيا صاحبن پنهنجا ٻيو چرڻ سُڪل باغ ۾ پاتا ته سب وڻ ۽ ٻوٽا سرسبز ٿي ويا. اهو ڪوتڪ ڏسي، ماڻهن وچي باغائيءَ کي ٻڌايو. هو جو باغ کي سُڪل ڏسي نا اُميد ٿي وڃي شهر ۾ رهيو هو، سو هن خوشخبريءَ ٻڌڻ تي ڊڪندو آيو ۽ اچي صاحبن کي پيرين پيو. خوشيءَ وچان ڪپڙن ۾ نه پيو ماپي. جهٽ ڊوڙي راجا شوناڀ جي ڪچهريءَ ۾ ويو ۽ راجا کي عرض ڪيائين ته "راڄن! اڄ هڪ مهاپرش ٻن چيلن سميت سرڪاري باغ ۾ براجمان ٿيو آهي، جنهنجي پرتاپ سان سُڪل باغ ساوو ٿي پيو آهي ۽ سب وڻ ۽ ٻوٽا پرفلت ٿي پيا آهن." راجا اها خبر ٻڌي، گهڻو پرسن ٿيو ۽ پنهنجي وزير پرسرام کي گهرائي چيائين ته "باغ ۾ هڪ مهاپرش آيل ٻڌجي ٿو. تون اوڏانهن وڃ ۽ جيڪي هنجو نالو سري نانڪ هجي ته هنجي چڱيءَ طرح پريکيا وٺي موٽي اچي ٻڌائجه."

وزير تمام عمدا ڀوڄن کڻي، ستگورن وٽ باغ ۾ ويو ۽ هٿ ٻڌي نمسڪار ڪري، ڀوڄن اڳيان رکي، ارداس ڪيائين ته "سوامي! راجا شوناڀ هي ڀوڄن اوهان لاءِ موڪليو آهي. ڪرپا ڪري انگيڪار ڪريو." تنهن تي سري گرو بابا فرمائڻ لڳا:-

"دس ڪس سواد انيڪ هيءِ، ٻڪ ڏن ميٺي چاڪ."

پر ڪينس اهو جواب ملندو، هو ته هو اچا نه آيو، جنهنڪري گورو نانڪ لاءِ هن جي دل ۾ وڏيڪ سڪ ۽ اُڪير جاڳي. هاڻي ته سندس ڪائڻ پيئڻ به ڇُٽي رهيو. نه نيڻن ۾ ننڊ هيس ۽ نه اندر ۾ آرام. هردم پيو چوي: "گورو نانڪ! پيارا گورو نانڪ! منهنجا سردار گورو نانڪ! ڪڏهين تون مونکي درشن ڏيئي نهال ڪندين؟" هو ڏاڍي سڪ سان ڳائيندو رهيو:-

(١) آءِ مِلُ ستگور نانڪ جي، دِل تئنڈُون[1] چاوندا[2]
ميري آکيان پئيان تَرسنديان[3]، نهي ڪِڇُه[4] هو رياوندا

(٢) هَرَ ڪُوڪَر[5] تيري دردي، نهي هورڪسي نون[6] پردي[7]
تيري آسا چِتِ وِچ ڌردي، دل ڪٿي به نه جاوندا.

اهڙيطرح راجا گهڻو وقت ستگورو نانڪ ديو جن جي يادگيريءَ ۾ گذاريو. آخر رحمت جا بادل گرجڻ لڳا ۽ چاترڪ شوناپ جي مُکه ۾ درشن جي بوند پوڻ جي تياري ٿيڻ لڳي.

ڪئين ديس ديسانترن جا پيڙا پار ڪري، ستگورو نانڪ ديو جن ڀائي مرداني کي چوڻ لڳا ته "پيارا، اڳتي هلڻ اسانجو نهيو؛ اسانجي هاڻي دل سنگلاديپ هلڻ لاءِ پيئي تڙقي. اسانجو پريمي اسانکي ياد ويٺو ڪري، سو اسانکي ٻئي پاسي هلڻ نه ٿو ڏئي. هينئر اسين اوڏانهن هلون ٿا. پوءِ جي ڪرتار جي مرضي هوندي ته وري ٻئي وقت هن ديس جو سير ڪنداسون." ڀائي مردانو چوڻ لڳو ته "سوامي! جا اوهانجي رضا. جا اوهانکي وڻي سا واهه

١- ٽوڪي. ٢- چاهي ٿي. ٣- سڪن ٿيون. ٤- پيو ڪجهه به مٺو نه ٿو لڳي. ٥- ڪتو. ٦- درجو. ٧- ٻئي ڪنهن ڪان نٿو ٻڇان.

نشاني پڇي. پاڻي منسکہ چيو تہ ”راڄن! جنهن پياري جي درسن ڪئي تنهنجا نيڻ ٺري پون، جنهن جا ٻول ٻڌندي تنهنجي اندر کي سانت اچي، سوئي آتيشي ستگورو نانڪ. هن جهڙو ڪو ٻيو ڪونهي. اُنجي درسن ڪئي ڪيئن ڪنور دل ۽ اپراڌي بہ ترِي ويا.“ بس راڄا بہ ڪڻي لڳا ٻالڪ ٻڌي ٻڌي ۽ لڪو ستگورو ۽ جي ياد ڪيري ڪرڻ. اُتندي وهندي درد م سندس واتان لڳا ڏن پئي نڪتي :-

”من موهہ ليئا گورو نانڪ ني
گورو نانڪ نانڪ نانڪ ني.“

سڀ ڪاڻر پيتڙ وسري ويس ۽ راڄ پاڳہ بہ منو لتي لڳس. هر وقت وئراڳہ ۽ پريم م مگهن رهيو. ديسان ديس لڳا ٻالڪ پکڙجي ويئي تہ سنگلاديپ جو راڄا شوناڀ ستگورو نانڪ نالي هڪ سنت جي پريم م مست ٿي پيو آهي. رات ڏينهن اُتندي وهندي هڪي ئي پيو ياد ڪري. لڳا ٻالڪ ٻڌي لوپي ۽ ڦورڻ، وڏا وڏا تلڪ چاڙهي ۽ ڪپيون ڏکيون مالهائون پائي، پاڻکي ”گورو نانڪ“ سڏائي راڄا وٽ آيا. بہ چار اهڙا پاکنڊي گورو نانڪ جو روپ ڌاري راڄا جي در تي هر روز ايندا رهيا، پر ڪنهن هڪڙي مان بہ راڄا جي دل کي فرحت نہ آئي. آخر ڪڪ تي راڄا اهڙن پاکنڊين جو درشن ڪرڻ ئي ڇڏي ڏنو. ڪي سندر ۽ حسين استريون مقرر ڪيائين. جيڪو بہ پاڻکي ”گورو نانڪ“ ڪوٺائي آيو تي، تنهنکي اُهي حسين استريون پرکيندي يون هيون. راڄا هر روز اُنهن استرين کي پاڻوت ڪهرائي پڇندو هو تہ منهنجو پراڻن جو پران، منهنجو سرتاڄ گورو نانڪ ديو آيو؟

ساري عمر جپن تپن ۽ ورتن نيمن رکڻ مان اُهو آنند نه آيو ۽ جو اڄ موکي تنهنجن وچنن ٻڌڻ مان آيو آهي. ڀلائي ڪري موکي ٻڌاءِ ته اُهو داتار ڪير آهي، جنهن توکي اهو ورت ڏسيو آهي، اهو جاپ جپايو آهي ۽ ديون جي ديو اڪال پورک جي پوڄا ڪرائي آهي. موکي به وٽي هلي اُنجو درسن ڪراءِ ته مان سندس ديدار ڪري پنهنجو جنم سڦلو ڪريان."

ڀائي منسک چيو ته "راجن! اُن سائينءَ وٽ هلي ساڻس ملڻ مشڪل آهي، ڇو جو هو سنسار کي تارڻ لاءِ ديس ديسانتر رٽن ڪري رهيو آهي. سو تون ٻيا سڀ آسرا ڇڏي، هن سچي سائينءَ کي اٺ ئي پهر پريم سان ياد ڪر ته هو توکي اوس اچي درسن ڏيندو. هن سچ نگر جهڙي دُراچاريءَ جا به ٻيڙا پار ڪيا، سو هو ڪيئن نه تنهنجي منوڪامنا پوري ڪندو؟"

ڀائي منسک جي مٺڙن لفظن راجا شوناڀ جو اهڙو حال ڪيو، جو "ست وچن" چئي، ٻين پاسن جو خيال ڇڏي، اندر ۾ "نانڪ! نانڪ! سچا گورو نانڪ، مُڪتيءَ جا داتا نانڪ، رحمت جا سائين گورو نانڪ،" اِها ڌُني ڪڻي لڳايائين. شبد جيڪي ستگوروءَ جا ڀائي منسک کي ياد هئا، سي ڪائنس لکائي ورتائين ۽ اُن وقت کان وٺي سنجهه صبح مستيءَ جي رنگ ۾ اچي "نانڪ، نانڪ" نالي جي سمرڻي سورڻ لڳو.

ڀائي منسک ڪجهه ڏينهن رهي، راجا کان موڪلائي، پنهنجو غوراب ڀرائي، وري ڪنهن ٻئي پاسي روانو ٿيو. هلڻ مهل راجا شوناڀ ڪائنس ستگوروءَ جي سچاڻڻ جي

يعني نام جپيان ٿو ته جيئان پيو، نه ته وسارڻ ڪري مري ٿو وڃان. اهڙو هوندي به راڄن! اوهين چئو ٿا ته مان کو جاپ نٿو جپيان!

”اهڙيطرح مان پنهنجي ديو کي به ڏيان ٿو ۽ پوڄيان ٿو. بيشڪ مان هٿن سان ٺاهيل ديو کي نٿو پوڄيان، پر انهيءَ کي، جنهن اسان سڀني کي پيدا ڪيو آهي ۽ جو آهي اڪال، اجوني، سيڀئو، سرو وياپڪ ۽ سرو ڀرت پالڪ. هو سڀني ديون جو ديو آهي ۽ ٻيا سڀ ديو ديوتا اُن جي در تي پُڪاري رهيا آهن. اُن ديو جي حڪم ۾ سڀ رشي منَي، پير پيغمبر، ولي نبي، جتي ستي ۽ ٻيا انيڪ آهن.“

ٻاني منسڪر جي وچن راجا شولات جي دل تي تيرن جيان اثر ڪيو. هو اکين ۾ پاڻي آڻي، هٿ ٻڌي چوڻ لڳو ته ”اي سنت! تنهنجا وچن منهنجي من کي آنند ٿا بخشين، سو ديا پالي مونکي وڌيڪ اپديش ڏي.“ ٻوءِ ٻاني منسڪر راجا کي اُپديش ڪيو ته ”راڄن! جهڪڏهين ڪو ورت ۽ جاپ انسان جي آتما کي فائدو رسائي سگهي ٿو ته اُهو ورت ۽ جاپ آهي، جو مون اوهانکي ٻڌايو آهي. پوڄا به جڳاڻي ديون جي ديو جي. جڏهين ديو ۽ ديوتائون پڻ اُنجي در تي سوالي آهن، تڏهين اُن کي ڇڏي سرجڻهار کي ڇڏي، ڇو ٻين جي اڳيان هٿ ٽنگجي؟

”دوُجا ڪاهي سِمريئي، جمي تي مر جاءِ
اڪو سِمرو نانڪا، جَلَ ٿَلَ رِهيا سَماءِ.“

ٻاني صاحب جا اهي مڌر وچن راجا جي هردي ۾ چُڀي ٿا. هو ٻاني صاحب جا قدم چمي چوڻ لڳو ته ”پيارا، مونکي

اِنهيءَ ورت رکڻ لاءِ مونکي پنهنجي سواميءَ جو حڪم آهي. منهنجي گورديو جا هي وچن آهن، سي راجن، دل لائي ٻڌو:-

”مَن ڪا سُوتڪُ لوبُ هيَ، جِهوا سُوتڪُ ڪوڙُ
آکي سُوتڪُ ويکڻا، پَرتِرِيءَ پَر ڌَن روپُ
ڪَني سُوتڪُ ڪَن پِيَ، لاءِ تَباري کاهِ
نانڪ هَنسا آدمي، ٻڌي جَمَ پُرِ جاهِ.“

[آسادي وار پؤڙي ۱۸]

يعني هي راجن! من جو سوتڪ لوڀ آهي ۽ زبان جو سوتڪ ڪوڙ ڳالهائڻ آهي. اکين جو سوتڪ آهي پرائي استريءَ ۽ پرائي ڌن کي تڪڻ. ڪنن جو سوتڪ اِهو آهي جو ڪنن سان ٻين جون چغليون ٻڌجن. هنس جهڙو آدمي اِهي وڪار ڌاري جمپوريءَ ۾ ٻڌجي وڃي ٿو.

”اِهو آهي ورت، جو منهنجي سواميءَ مونکي سمجهايو آهي ۽ جو مان هردم رکان ٿو. آچا ٻه اوهين چئو ڌا تہ مان ڪو ورت ڪونہ ٿو رکان!

”جاپ بہ هي راجن! مان اُهو جپيان ٿو، جو ستگورن جو مونکي ٻڌايل آهي. منهنجي زبان اُٿندي وهندي، سمهندي جاڳندي، هلندي چلندي، ”سري واهگورو، سري واهگورو“ جپي ٿي. منهنجو هڪڙو دم بہ اِنهيءَ جاپ جي جپڻ کان خالي نہ آهي. اِنهيءَ جاپ جي جپڻ جي مونکي ايتري قدر پياس آهي، جو ”آکا جيوان وسري مرِ جاءِ“

۱- پرائي استري. ۲- چغلي. ۳- هنس جهڙو آدمي.

منسکہ چيو تہ ”هي سوامي، مون اوهانجي ڳالھہ جو پورو مطلب ڪين سمجهيو.“ تنهن تي راجا چيو: ”هي جو تون شاسترن جي برخلاف نہ رکين ٿو ورت نيم، نہ ڪرين ٿو ڪا پاٺ پوڄا ۽ ٽڪو ڪريا ڪرم، سو ڪهڙي اڪر؟“

پائي منسکہ وراڻي ڏني تہ ”هي سوامي! جي مان ورت نہ رکان، جاپ نہ جپيان ۽ لشت ديو کي نہ ڏيايان تہ مان جيڪر ڪيئن هن سنسار ۾ رهي سگهان؟ پر منهنجي ورت نيم، جپ تپ، پوڄا پشتا جو نمونو عام لوڪن جي پوجا وغيره کان نرالو آهي.

”هي راجن! اوهين چت لائي ٻڌو تہ اهو ورت ڪهڙو آهي جو مان رکان ٿو، اهو جاپ ڪهڙو آهي جو مان جپيان ٿو ۽ اهو ديو ڪهڙو آهي جنهنکي مان ڏيايان ٿو. مان ايڪادسي، پارس ۽ تيرس جا ورت ڪونہ رکان. مان ڪرتار جي آپاپل وستن (اَن جل) جو ورت ڪونہ رکندو آهيان، پر مان آتما کي ناس ڪندڙ وڪارن جو ورت هرروز رکندو آهيان. اهي آهن ڪوڙ، ڪپٽ، ٺڳي، فريب، نندا، پرائي پچار، بخيلي وغيره. آئون اهو ورت نہ رکي وات کي، پر جسم جي هرڪ انگ کي. هي راجن! اکين سان مان پالجي بہ ڪڏهين پرلستريءَ ڏي نہ نهاريان. هرڪ لستريءَ کي مان پنهنجي ماءُ يا پيڻ يا ڌيءَ ڪري سمجهندو آهيان. هي راجن! ڪنن کي ورت آئون پرائي نندا ٻڌڻ کان ۽ هٿن کي ورت آئون ڪوڙن ڪمن ۽ ڪُڪرمن ڪرڻ کان؛ پيرن کي ورت آئون بري پاسي وڃڻ کان.

فهمائش ڪريو يا کيس ديس نيڪالي ڏيو، نہ تہ ديس مٿان ڪا آپدا اچي ڪڙڪندي."

راجا شوناپ سخت ڪرم ڪانڊي هو، سو اِها ڳالهہ ٻڌي تپي لوھہ ٿي ويو ۽ اُنهيءَ دم حڪم ڪيائين تہ اهڙي واپاريءَ کي مون وٽ جلد حاضر ڪريو.

ڀائي منسکہ کي جڏهين اِهو حڪم پهتو، تڏهين هو اُٿي ڳچيءَ ۾ ڪپڙو وجهي، ستگورن جو ڌيان ڌري، ارداس ڪرڻ لڳو تہ "هي ڳجهہ ڳجهہ جا جاڻڻهار پتا! هي سمرٿ ستگور نانڪ ديو! مان آڏين اوهانجي اڳيان ڪهڙي وينتي ڪريان؟ اوهين جاڻي جاڻڻهار آهيو. هر جڳهہ پنهنجي فتح ڪندا رهيا آهيو. هيءَ ديس بہ ست مارڳ کان ڀلجي ڀرمن ۽ سنسن ۾ غرق ٿي رهيو آهي. اوهين ديا پالي هن ديس جي لوڪن کي سچو رستو ٻڌايو تہ هو پنهنجو جنم سڦلو ڪن."

اِها ارداس پائي، ڀائي صاحب پاڻ سان ڪجهہ پيتا ڪڻي، راجا جي دربار ۾ آيو، جتي برهمڻن ۽ پنڊتن جا ميڙ اڳيئي اچي ڪٺا ٿيا هئا ۽ اِهائي آس رکي ويٺا هئا تہ اِجهو ٿا هنکي ڪرم ڪانڊي بڻايون يا هن ديس مان لوڏائي ڪڍون.

ڀائي منسکہ دربار ۾ گهڙي، راجا اڳيان پيتا رکي، پرنام ڪري پاسيرو ٿي ويٺو. راجا شوخيءَ سان کائنس پڇڻ لڳو تہ "اي پارتواسي! تون ڏسڻ ۾ تہ هندو ٿو اچين. تنهنجي پوشاڪ ۽ ويس بہ تہ هندو ڪو آهي، پوءِ تون ڪهڙي سبب شاسترن جي مريادا جي برخلاف هلت هلي رهيو آهين ۽ ڇو پنهنجي ديهي پرشٽ ڪري رهيو آهين؟" ڀائي

جي آڳيا انوسار ٻه چؤطرف ديس ديسانترن ۾ ڦرندي پنھنجو واپار به ڪندو ھو ۽ لوڪن کي واھگورو جي نام جو رس به وٺائيندو ھو.

ھڪ ڏينھن ڀائي منسک پنھنجو غوراب (جھاز) پرائي سنگلاديپ (سلون ٻيٽ) ڏانھن روانو ٿيو. اھو سارو ديس ڪرم ڪانڊي ھو. اُتي پھچي ڀائي منسک ھڪ جاءِ مسواڙ ڪري، پنھنجو سمورو سامان رکائي، پنھنجي ڪرت ڪرڻ لڳو. ھتي به ھو نت نيم موجب سوير اُٿي، پاٺيءَ جو پاٺ ڪري، ڪٿاه صاحب تيار ڪري، پنھنجن سنگين ۾ ورھائيندو ھو. اھڙيءَ طرح ڪيترا ڏينھن گذري ويا. آھستي آھستي ڳالھ پکڙجڻ لڳي ته ”ڀارت ديس مان ھڪ نئون واپاري آيو آھي، جنھنجي ھلت چلت سڀ اسان سنساري لوڪن جھڙي آھي، پر سندس پيشانيءَ ۾ عجيب نُور پيو بکي. سندس ڳالھائڻ ۾ رس پريو ۽ مٺو آھي ۽ نمرتا به حد درجي جي اٿس، پر افسوس جو ھو اسان وانگر ڪرم ڪانڊ تي پورو نه آھي. ھو نڪو رکي ٿو ورت نيم، نه ڪري ٿو ڪو جپ تپ؛ نه ٻڌي ٿو سنڌيا يا گائتري ۽ نه پوڄي ٿو سالگرام يا ڪا ٻي مورتي. سندس نمونو اھو آھي جو ھڪ نئين ٻوليءَ ۾ جاپ جپي ٿو ۽ ڳائي ٿو ۽ چوي ٿو ته اھا واڻي مڪتي ڏيڻ واري آھي.“

اُتي جا پوڄاري اھا وارتا پڌي راجا شؤناڀ وٽ دانھين ويا ته ”نئاڻو واپاري ھتي اچي پنھنجي نئين نموني جي پوڄا پرتشٽا ڪري رھيو آھي ۽ عام لوڪن ۾ به پرچار ڪري ڪين پرشت ڪري رھيو آھي. جڳائي ته ھنکي اوھين ڪھرائي

دو اُنهيءَ دم پنهنجو سمورو ڪم ڪار سميٽي، ڀائي مرداني کي ضروري شيءِ شڪل وٺي ڏيئي، ساڻن گڏ جي سلطانپور روانو ٿيو.

تيئي ڇڻا منزلون هڻندا، نيٺ اچي ستگورن جي چرنن ۾ سهڙيا. ڀائي منسکہ، جنهنجو هرڊو اڳيئي ڪومل ۽ پوتر دو، سو ستگورن جو درشن ڪري گدگد ٿي ويو.

ڀائي منسکہ ستگورن وٽ سڄا سارا ٽي مهنا رهيو ۽ اُدو آنند ۽ رس ماڻيائين، جو سندس خواب خيال ۾ به نہ دو. ٽين مهنن گذرڻ بعد ستگورن سندس پٺي ٿپڙي ۽ متس ديا جي درشٽي ڏري کيس چيو تہ "پيارا هاڻي وڃ ۽ وڃي چئوطرف رام نام جو دنيا کي جاپ جپاءِ ۽ هزارن دکي دلين کي پنهنجي سکيڌ جو واس وٺاءِ. دنيا کي پين پاسن کان هٽائي هڪ پتا جي لڙ لڳاءِ تہ تنهنجو بہ جنم سڦلو ٿئي ۽ عام لوڪن جو بہ نيتارو ٿئي." "ست وچن" چئي، ڀائي منسکہ ستگورن کي متو ٽيڪي لاهور روانو ٿيو.

ڀائي منسکہ ستگورن وٽان موٽي اچي پنهنجي ڪرت ڪار کي لڳو. اُتي گوروءَ جي سچي سِکہ وانگر پنهنجي واپار کي بہ لڳو رهيو ۽ واهگوروءَ جو نام بہ جپيندو رهيو. هرروز امرت ويلي اشنان پاڻي ڪري پاڻيءَ جو پاٺ پريم سان ڪندو هو ۽ ڪڙاه پرساد تيار ڪري ستگور نانڪ ديو جو ڏيان ڌري ڀوڳ لڳائي پنهنجن سنگين کي بہ ورهائي ڏيندو هو ۽ پاڻ بہ ورتائيندو دو. سڄو ڏينهن سچائي ۽ ايمانداريءَ سان پنهنجو ڌنڌو ڌاري ڪندو هو ۽ شام جو رهراس صاحب جو پاٺ نت نيم سان ڪندو هو. ستگورن

او ھين ڪيڙي مهاپرش جا شش آھيو، جنهن جي ٻاڻي پڙهندي
منهنجي من کي ڏاڍو آنند اچي ويو آھي. ديا پالي مونکي
بہ اُنجو ڏس ڏيو تہ مان بہ سندس درشن ڪري نهال ٿيان."

ڀائي ڀاڳيرٿ ۽ ڀائي مرداني پريم وچان اُتر ڏنو تہ
"اي پيارا، اُهو داتار، جنهن جا اسين شش آھيون، اُهو داتار
جنهنجو اسين جاپ جپيون ٿا، اُنجو نالو آھي ستگور نانڪ،
اُنجو نالو آھي شاھن جو شاھ نانڪ، اُنجو نالو آھي نماڻن جو
ماڻ نانڪ، اُنجو نالو آھي نتاڻن جو ٽاڻ نانڪ. هو سنسار
کي تارڻ لاءِ هن وقت اوتار ڌاري آيو آھي، جنهنجي درسن
ڪئي من کي شانتي اچي وڃي ٿي. جنهنجا چرن ڇهندي
اندر ۾ آنند اُتپن ٿئي ٿو ۽ جنهنجا ٻول ٻڌيندي درد وسيتل
ٿئي ٿو. هو اسان دنيوي ماڻهن جا دکه درد ڏسي داتارجي
درِ اڳيان دعا گهري رهيو آھي:-

"جَڳت جلندا رکِ لَيُ، آپني ڪرپا ڌارِ
جِت دُئاري اُبري، تتي ليهُ اُبار."

يعني هي سرو شڪتيوان سائين! سنسار پاپن ۽ دکن
جي باھ ۾ جلي رهيو آھي. تون پنهنجي مهر ڪر، جنهن
وٽيءَ تنهن سندس رکيا ڪر.

هي پيارا، جيڪڏهين تو اُڪي سندن نالو نہ ٻڌو آھي
۽ سندن درشن نہ ڪيو آھي تہ هينئر ئي اسان سان گڏجي
هل ۽ سندن چرن ڇهي نهال ٿيءُ ۽ پنهنجي جنم جنمانترن
جا پاپ مٽائي پنهنجو جنم سڦلو ڪر."

ستگور وءِ جي مهما ٻڌي، ڀائي منسکہ جي اندر ۾
ستگورن جي درشن ڪرڻ جي ايتري تہ اُڪير جاڳي، جو

پوءِ ڏينهن ستگورن ڀائي ڀاڳيرٿ کي ڪجهه پيسا ڏيئي، ڀائي مرداني سان لاهور روانو ڪيو. هو پوءِ واٽ تي منزلون هڻندا، اچي لاهور پهتا. شهر ۾ گهڙي هو ضروري شين جي پڇا ڪرڻ لڳا. ڏس ملين ته فلاڻي گهٽيءَ ۾ هڪ وڏي ڪوٺي ۾ ڀائي منسکه نالي هڪ شاهوڪار جي آهي، اُتان سڀ شيءِ شڪل ملي سگهندي. ماڻهو بلڪل سچو آهي، اگهه به واجبي ٿو وٺي ۽ شيءِ به سٺي ٿو ڏئي، سو اوهين اُتي وڃو.

ڀائي ڀاڳيرٿ ۽ ڀائي مردانو، ڀائي منسکه جي ڪوٺي پڇائي اوڏانهن ويا. ڪوٺيءَ تي چڙهي چوڻ لڳا، ”ست ڪرتار! ست ڪرتار!!“ ڀائي منسکه، جو هڪ پريمي هو، سو هيءَ پريم ڀريل آواز ٻڌي خوش ٿيو. دل ۾ سوچڻ لڳو ته هنن جي پيشانيءَ ۾ عجيب نور پيو چمڪي، سو شڪ نه آهي ته هنن کي اها شيءِ ملي وئي آهي، جنهن جو مان پياسي آهيان. ڀائي منسکه گهڻي پيار سان هنن کي آدرستڪار ڪري پنهنجي پرسان وهاريو ۽ حال احوال پڇيو. احوال پڇڻ بعد جيڪا شيءِ شڪل وٽس موجود هئي، سا کين ڏنائين ۽ چوڻ لڳو ته ”پيارا، باقي ڪڻڪ جهڙن ۽ ڪپڙن لاءِ اوهانکي هڪ ٻه ڏينهن ترسڻو پوندو.“ تنهنڪري ڀائي ڀاڳيرٿ ۽ ڀائي مردانو ڀائي منسکه وٽ اُها رات ترڪي پيا.

صبح جو سج ڪيترو مٿي چڙهي آيو ته به پوءِ سکه باڻي پڙهڻ ۾ مشغول رهيا. ڀائي منسکه کان وڌيڪ ترسيو نه ٿيو، سو سندن پيرن تي ڪري هٿ ٻڌي وينتي ڪرڻ لڳو ته ”اي ڀاڳوان پرشو! ڪرپا ڪري مونکي ٻڌايو ته

صاحب جن سلوڪن ۾ جين ڌرم جي ماڻهن کي اُپديش ڪن ٿا ته ”هي ڀائي! اِهو پرميشور جي پائڻ جو رستو ڪونهي جو اوهين ٻين کان پنهنجا وار پٽايو ٿا، گندگيءَ سان ڀريل پاڻي پيئو ٿا، ۽ ٻين کان پنيءَ پني کائو ٿا. اوهين ڏشا تي وڃڻ کانپوءِ وشٽا کي ڦوليو ٿا، بدبوءِ ڳيهو ٿا ۽ پاڻي ڏسي ڪِؤ پيا کائو ۽ ائين پيا سمجهو ته پاڻيءَ سان اِشنان ڪندي جيوَ مرن ٿا. جڏهن رڍن جي اُن ڪتربي آهي، تڏهن اوهين پنهنجا وار پٽايو ٿا. اوهان آباڻي ڪرت ڦٽي ڪري ڇڏي آهي ۽ اوهانجا ٻار ٻچا بک وگهي دانهون ڪري پيا روئن. جمڻ ۽ مرڻ جو ڪريا ڪرم اوهين ڇڏي وينا آهيو ۽ مُردن کي الاجي ڪٿي وجي ٿا ڦٽو ڪريو. اوهانکي اٺهٺ تيرٿن تي اچڻ ڪونه ٿا ڏين ۽ برهمڻ به اوهانجي گهر جو آن نه ٿا کائين. اوهين منهن تي ڪپڙو وجهي ائين وهو ٿا، جڏهن ماڻهو مرڻ وقت وهندا آهن. اوهين ڪنهن مجلس ۽ محفل ۾ ڪونه ويندا آهيو. اوهانکي چيلهه سان ڪاٺ جو پيالو ٻڌل هوندو آهي ۽ هٿ ۾ ٻُوهارو هوندو آهي ۽ اڳي هلي پوءِ پٽسي موٽندا آهيو. اوهين نڪي جوڳي آهيو ۽ نڪي جنگم، نه اوهين قاضي آهيو نه مُلا. اوهانکي ڏڻيءَ خراب ڪيو آهي، جنهنڪري بگڙيل ڏڻن وانگر پيا ڦٽڪو. اوهين ايشور کان ڀُليل آهيو.

وري جو اوهين چئو ٿا ته اهڙن ڪمن ڪري اسين جيون جي رکيا ڪريون ٿا، سو به برابر نه آهي؛ ڇو جو جيون کي جيارڻ يا مارڻ اوهانجي هٿ وس ڪونهي. اِها طاقت ته فقط پرماتما کي ئي آهي. اوهين جو دان ۽ اشنان کان

قول قديمت مهه لئين پراسا، پاڪي ديکر سکاهي
پيدا والکي سر کوائين، پريئين هٿ سماهي
مٿو پيئو ڪرت گوائين، تهر رووُن ڏاهي
آناپند نه پتل ڪريا نه ديوا، مٽي ڪتاڻو پاهي
آپ سٽ تيرٿ ڏين نه ڏوئي، برهمڻ آڻ نه کاهي
سدا ڪچيل رهه ڏن راتي، مٿي ٽڪي ناهي
جهندي پاه بهن نت مرڪي، ڏڙ ديباڻ نه جاهي
لڪي ڪاسي هٿي ڦنمڻ، آگو پڇي جاهي
ڏاوه جوڳي نا اوه جنگم، نا اوه قاضي مُلا
ديرڪوئي ڦرهه وڳي، ڦٿاوتي ڪلا
جيئان مار جيوالي سوئي، اور نه ڪوئي رکئ
دانهه تي اشنانهه وڃي، پس ٻنهي سر ڪُٽي.

١- جيءُ لفظ عربي ٻولي جو آهي فصيحت، جنهنجي معنيٰ آهي گندگي، وشتا. ٢- منهن يعني لڪم ولن نا. ٣- گرم هوا، بدبوء.
٤- ڪڙيا ڪالن، ٻاسو ڪنتا. ٥- رٻن والکي. ٦- وارن پٽبندڙن جا هٿ وک سان برپل هوندا آهن. ٧- پار ٻچا. ٨- ڏالهون ڪري.
٩- مردن کي الاجي ڪٿي ڪٿي تا ڦتو ڪن؟ ١٠- ڏ ٺل. ١١- گندا.
١٢- لڪ. ١٣- ڪرڙو وجهي. ١٤- سيا. ١٥- محلس. ١٦- جيلهه سان.
١٧- ڪاٺ جو پيالو. ١٨- ٻهاري. ١٩- ڦشرن جو فسم. ٢٠- برڪاشوان، برميشور. ٢١- خراب ڪمو آهي. ٢٢- ناس ٿيل، خراب ٿيل. ٢٣- بگڙيل ڏڪي والگو. ٢٤- ڏان لوڙي اشنان ڪان. ٢٥- وانجها، ويل، رهمه. ٢٦- ڏڏڙ. ٢٧- سر ڪٽل ٿي.

منهنجا اپراڌ بخشو." صاحبن کيس اُپديش ڏنو ته "پيارا، هڪ پرماتما جي ڀڳتي ڪندو رهه ته اُهو شهه (پرماتما) پاڻيهي تو وٽ ايندو." انهيءَطرح ستگورو شهه سهاڳڻ جو اُڌار ڪري وري ڀئي پاسي روانا ٿيا.

باب چوڀهون

سورت شهر ۾ جينين جو ذڪر

صاحب هاڻي سنڌ مان گهمندا ڦرندا وڃي سورت شهر ۾ پهتا. اُتي جينين کي وڏا مندر هئا. هو منهن کي ڪپڙو ٻڌي ۽ هٿ پير ننگا ڪري گهمندا هئا ته متان جيورن کي ڪو ايذاءُ نه اچي. اُهي ڪئين پراڻا ڪپڙا جئن سان ڀريل ميڙي رکندا هئا ۽ هر روز ڪنهن نه ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪجهه پئسا ڏيئي اُهي پهرائيندا هئا ته ڀل جئون هنجو رت پي ترپت ٿين.

اِنهن جي اِها ڪُچال ڏسي صاحبن سندن ڪلياڻ لاءِ کين اُپديش ڪيو، جو ٻڌي اُهي چوڻ لڳا ته "دي سنت جي! جين ڌرم جو مکيه مت آهي "جيو اهنسا". جيو اهنسا ڪري ئي جيو کي مڪتي پراپت ٿئي ٿي. اسانجو ڌرم ئي سريشٽ آهي، جنهن ۾ مڪتي حاصل ٿي سگهي ٿي."

اِهو ٻڌي صاحبن هيٺيون سلوڪ اُچاريو، جنهن ۾ سندن گدلائيءَ جو چٽيءَطرح ورنن ڪيو اٿن:-

مانجهه ڪي وار محلا پهلا پؤڙي (٢٦) سلوڪ (١)

سِرکوهاءِ پيئهِ ملواڻي[١]، جوٺا مَنگِ مَنگِ کاهي[٢]

١- کوهائين ٿا يعني وار پٽائين ٿا. ٢- گندو پاڻي.

بس هن وقت کانپوءِ ماڻهو انهيءَ نور لاءِ واجهائڻ لڳا ۽ شهر سهاڳڻ کي ڀيندا به ڪونه هئا. صاحبن وري ٻئي ڇنڊ تي انهيءَ ملڪ ۾ چڪر گهمايا. رات تي هڪ ڪوڙهي ۽ ٽنڊي جي جهوپڙيءَ ۾ وڃي نڪتا. ڪوڙهي مان ايتري بدبوءِ ايندي هئي، جو سندس مائٽ به ڪيس جهنگ ۾ ڦٽو ڪري ويا هئا ۽ مرون ۽ پکي به سندس ويجهو نه ٿي آيا. صاحب ڀائي مرداني ۽ ڀائي ٻالي کي ساڻ ڪري هنجي جهوپڙيءَ ۾ ويا ۽ هنجي بدبوءِ جي ڪا پرواهه نه ڪيائون. ساري رات هنکي مالش ڪيائون ۽ کيس صحت بخشيائون. صاحبن جي ديا سان هنجي ديهه اروڳ ٿي پيئي. ڪوڙهيو پاڻکي لوبنو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ستگورن جي شڪرگذاري ڪرڻ لڳو. صاحبن کيس چيو ته "ابا، جيڪڏهين ڪو توکان پڇي ته تون ڪيئن مرض کان آجو ٿئين ته چئجه ته مونکي شهر سهاڳڻ جا دت پيتا." اها ڳالهه چؤگرد پکڙجي ويئي ته ڪوڙهي جو ڏکه شهر سهاڳڻ فقير نورت ڪيو. تان جو اها ڳالهه وڃي فقير جي ڪن پيئي. هو ٻڌي عجب کائڻ لڳو ۽ دل ۾ چيائين ته هيءَ ڪم مونکان ته ڪونه ٿيو آهي. ٺيڪ هن چاتو ته هيءَ ڪم انهيءَ الاهي نور جو آهي، جنهن ماڻهن کي پنهنجي پريم جي وس ڪري ڇڏيو آهي. هو ڪوڙهي وٽ آيو ۽ چيائينس ته مونکي ڪرپا ڪري ملي اُدو سنت ڏيکار، جنهن توکي مرض کان آجو ڪيو آهي. هو فقير کي صاحبن وٽ وٺي آيو. فقير صاحبن جي چرنن تي ڪري پيو ۽ زار زار روئڻ لڳو. هو چوڻ لڳو "سوامي! مان وڏو پاپي آهيان. ڪرپا ڪري

باب پنجويهون

شهر سهاڳڻ جو پرسنگ

صاحب رتن کندا ۽ جيون کي نام جپائيندا هڪ شهر ۾ اچي پهتا، جتي شهر سهاڳڻ نالي فقير رهندو هو. هرڪنهن چنڊ رات اُتي وڏو ميلو لڳندو هو، ڇو جو ماڻهو سمجهندا هئا ته اُنهيءَ رات شهر يعني ايشور فقير وٽ اچي ٿو. ميلي وقت فقير کي ڪئين سوغاتون ۽ نذرانا ملندا هئا. صاحبن کي ته چڱي پر خبر هئي ته هي ڪهڙي قسم جو فقير آهي، سو چنڊ رات جو سندن آستان جي ويجهو وڃي ڏيرو ڪيائون. ماڻهن کي ڪوڙن پرمن ۾ ڦاٿل ڏسي، گورو صاحبن مرداني کي رباب وڄائڻ لاءِ حڪم ڏنو ۽ پاڻ ڪيرتن شروع ڪيائون. ستگورن جو چمڪندڙ چهرو پسي ۽ من موهيندڙ ڪيرتن ٻڌي سڀ سندن چوگرد وٺي ويا. سندن اکيون پريم ۾ ٻوٽجي ويئون ۽ هنن جو چت آڪال پرک ۾ لڳي رهيو. ساري رات هو پريم ۾ مگن رهيا. صبح جو جان فقير در کوليو، ته ڏسي ته هڪ به ماڻهو دروازي تي ڪونهي ۽ تنهنڪري ڏاڍو دکي ٿيو، ڇو جو ڏٺائين ته منهنجي ڪمائيءَ جو رستو بند ٿي ويو.

هو ڏانهن ماڻهو به گهڻي وقت کانپوءِ اکيون کولين ته ڇا ڏسن ته اُهو الاهي نور، جنهن سندن من کي موهي مست ڪري ڇڏيو هو، سو نهيئي ڪونه. گورو جن ته ماتا نانڪيءَ جي ياد ڪرڻ تي اوڏانهن وڃي نڪتا هئا، ڇو جو سندن پنهنجي پياري ڀيڻ سان اهو اقرار هو ته ياد ڪرڻ تي اسين تو وٽ اچي نڪرنداسون.

(٧) تون ھي ساڄنُ تون سُڄاڻُ، تون آپي ميلڻ ھارُ
گورسبدي سالاھيئي، انتُ نہ پارا وارُ
تتھي ڪالُ نہ اپڙي، جتھي گورڪا شبدُ اپارُ

ارٿ:- (گورمکہ ادا وينتي ڪن ٿا تہ ھي پگونت!) تون ساڄڻ آھين، تون سياڻو آھين، تون ئي پاڻ سان ملائڻ وارو آھين، گوروءَ جي اُپديش دوارا تنھنجي ساراہ ٿئي ٿي، تنھنجو ڪو انت يا حد ڪانھي، جتي گوروءَ جو اپار شبد آھي، اُتي ڪال پھچي نٿو سگھي. [اپڙي = پھچي.]

(٨) حُڪمي سڀي اوپجھہ، حُڪمي ڪارَ ڪمامِ
حُڪمي ڪالي وس ھي، حُڪمي ساچِ سمامِ
نانڪ جو تِسُ ڀاوي سو ٿيئي، انا جنتا وس ڪڇُه نامِ.

ارٿ:- حاڪم (پرماتما) جي حڪم سان سڀ جيو پيدا ٿين ٿا ۽ اُنھي حڪم سان سڀ پنھنجا ڪم ڪن ٿا. منجھي حڪم سان (منکہ) ڪال جي وس ٿين ٿا ۽ منجھي حڪم سان ئي (گورمکہ) سچي پرماتمي وچ ٿا. سري گورونانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ جيڪي اُنکي وڻي ٿو، سو ٿئي ٿو، ھن جيون جي وس ڪجھہ بہ نہ آھي.

صاحبن جي ديا سان ڏاڍي پڙو صاحب ايڏي عمر جو ٿيو ۽ ايتري قدر سڀ گورو صاحب کيس عزت ۽ مان ڏيندا ھئا، جو گورو انگد ديو جن کان وٺي سري گورو ھرگوبند صاحب جن ڏاڍين گورڏائيءَ جو تلڪ ھن پاڙي کان ڏيارائيندا ھئا.

ارٿ:- نسچي ڪري پرميشور جو سچو نام جپڻ گهرجي. (نام جپڻ ڪري) سچي واهگوروءَ جو سچو ٿان يعني سروپ پراپت ٿئي ٿو. جن سچي پرماتما کي مڃيو آهي، تنهجي من ۾ سچي واهگوروءَ جو ڌيان آهي؛ جن گوروءَ جي اُپديش دواران گيان حاصل ڪيو آهي، اهي من ڪري توڙي مک ڪري پوتر سمجهڻ ۾ اچن ٿا. [سچي = نسچي ڪري. آکيئي = جوڙ يا جپڻ گهرجي.]

(۵) سَتِ گوُرَ آگيِ اَرداسِ ڪَرِ، ساجنُ ديئہِ مِلاءِ
ساجنِ مِلِئيِ سُکُہ پائيا، جم دُوتَ مُئي بِکُہ کاءِ
ناوَئِ اندرِ ههُہ وَسان، ناءُ وسيِ مَنِ آءِ

ارٿ:- (هي ڀائي) ست گوروءَ جي اگيان وينتي ڪر تہ توکي پياري پرماتما سان ملائي ڇڏي. جن کي سڄڻ ملي ٿو اهي سک پائين ٿا؛ جم جا دوت وک کائي مرن ٿا (يعني جم دوتن کي دک ٿئي ٿو تہ انهن پرشن تي اسانجو حڪم نٿو هلي.) (پرميشور چوي ٿو تہ) مان نام جپيندڙن جي من ۾ وسان ٿو؛ نام جپيندڙ منهنجي من ۾ اچي وسن ٿا.

(۶) پاجهہ گورو غبار هي، بِنُ سَبدئِ بُوجهہ نہ پاءِ
گورَ مَتي پرگاسُ دوءِ، سچہ رهئِ لِو لاءِ
تٿئِ ڪالُ نہ سَنچريئِ، جوتي جوتِ سماءِ

ارٿ:- گوروءَ جي ڪرپا بنا اگيان روپي اندوڪار آهي. گوروءَ جي اُپديش کان سواءِ سمجهہ نٿي پائي وڃي. گوروءَ جي اُپديش سان گيان جو سوجهرو ٿئي ٿو؛ هي جيو سچي پرماتما سان پيار ڪري ٿو. جتي هن جيو جي جوت پرماتما جي جوت سان ملي وڃي ٿي، اُتي ڪال دخل ڪري نہ سگهندو يعني ڪال جي اُتي هلي نہ سگهندي. [غبار = اندوڪار. سنچريئِ = دخل ڪري، پهچي.]

ارت:- سچيءَ دنيا کي ڪال ٻڌي ڇڏيو آهي. گوروءَ کان سواءِ ڪال ٻڪرجڻ جو نہ آهي يعني ٽوڙڻ جو نہ آهي. (ڀاو- جيڪي گوروءَ جي سرن وٺن ٿا، اهي جنم مرڻ جي چڪر کان ڇٽي پون ٿا.) جي پرش دئيت ڀاونا ۽ ڪام آدڪ وڪار ڇڏيا آهن، اهي سچي پرماتما جي پريم ۾ رتا پيا آهن ۽ اهي ڪال کان ڇٽيل آهن. آءٌ انهن تان ٻلهار وڃان جي سچي پرماتما جي درگاهہ ۾ سچا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. [اوار= جو پڪڙي يا تاري نہ سگهجي. اُبري = ڇٽا. دوجا = دئيت ڀاونا، ڀائي.]

(۳) سيچاڻي جيئن پنکيئا، ڄاري ٻڌڪ ڏاتِ
گورِ راکي سي اُبري، ٻيرِ ڦاٿي چوگي ساتِ
بنُ ناوي چڻِ سُٽيئهہ، ڪوءِ نہ سنگي ساتِ

پرشن:- ڪال جيون کي ڪيئن ٿو ماري؟ اُتر:-

آرت:- جيئن ٻاز پکين کي (ماري ٿو) ۽ جيئن ماري (جوگيو وجهي) هٿ ۾ ڄاري (ڪٺي پکين کي ڦاسائي ٿو)، تيئن ڪال روپي شڪاري شبد، سپرش، روپ، رس ۽ گنڌ، انهن وشين روپي جوگو وجهي ۽ موهہ روپي ڄاري پکڙي جيو روپي پکين کي ڦاسائي ٿو.) جنکي گورو (پنهنجي ڪرپا جو هٿ پساري) رکي ٿو سي ڇٽن ٿا، باقي ٻيا سڀ (وشي روپي) جوگي (جي سواد) ۾ ڦاسن ٿا. نام کان خالي جيڪي پرش آهن تنکي جونڊي ڦٿوڪن ٿا يعني ڪالي ڪٺن ٿا. انهن جو ڪو سنگي ساٿي ڪونهي. [سيچاڻي = (موت روپي) ٻاز. ٻڌڪ = ماري. چڻ = جونڊي. سٽيئهہ = ڦٿوڪن ٿا.]

(۴) سچو سچا آکيئي، سچي سچا ٿانُ
جني سچا منيا، تن من سچہ ڌيانُ
من مکہ سوڌب جاڻيئهہ، گورمکہ جنا گيانُ

٧٩ سري گورو نانڪ ديو جن جا جيون چرتر

نالو "ٻيڙو" ڏا رکون." هي پيارا، ڪال ڦيري سڀني جي مٿان بيٺو آهي؛ تنهنڪري سڄا ڪُه تي گوروءَ دئاران نام ڏياءَ تہ انت ويلي سڪي ٿين. صاحبن اُنوقت وڏا ڪُه راڳي ڏيڻين اشٽپديون اُچاريون:-

سري راڳ محلا پهلا-اشٽپديون (۴)

(١) مڇُلي جالُ نہ جاڻيا، سرُ کارا آسڪاهُ
اَتِ سياڻي سوهڻي، ڪِئُ ڪيتو ويساهُ
ڪيتي ڪارڻِ پاڪڙي، ڪالُ نہ ٽلئي سِراهُ

ارٿ:- کاريءَ اٿاهہ سمنڊ ۾ مڇي جار کي نٿي ڄاڻي يعني مي۽ سنساريءَ جيو ٻوساگر سنسار ۾ موت کي ياد نٿو ڪري. جو ڏا تمام سياڻي ۽ سهڻي آهي، تنهنکي (انهيءَ جار تي) ڇو تي ويساهہ آهو؟ انهيءَ ويساهہ رکڻ ڪري جوءِ پڪڙجي ٿي ۽ ڪال سندس سرتان نٿو ٽري. [جال = (موت روپي) جار. سر = سمنڊ. اسگاهہ = اٿاهہ. ات = تمام. پاڪڙي = پڪڙي ويئي. ٽلئي = ٽري. سِراهہ = سِرتان.]

ڀائي ري اِءُ سِرِ جاڻہُ ڪالُ
جِئُ مڇي تِئُ ماڻسا پوئي اَچنتا جالُ (اِڪ رهائُ)

ارٿ:- هي ڀائي! اهڙيءَ طرح سمجهو تہ سرتي ڪال بيٺو آهي. هي منکہ مڇيءَ وانگي آهي. سندس مٿان اوچتو (ڪال روپي) جار پوي ٿي. [ماڻسا = ماڻهو. اچنتا = اوچتو.]

(٢) سڀُ جڳُہ ٻاڌو ڪالَ ڪو، بِنُ گورَ ڪالُ اَفارُ
سچہ رتي سي اُبري، دُبِدا ڇوڏِ وڪارَ

باب چوويهون

هڪ شردالو ڇوڪر جي ساکي

صاحب ڪجهه وقت وري پنجاب ڏي موٽيا ۽ ڪي ڏينهن اچي ڪرتارپور ۾ رهيا. صاحبن ڪر ڏٺو ته هر روز رات جي ٻوئين پهر پرماتما جو ڀڄن شروع ٿي. هڪ ننڍو ڇوڪر ستن ورهين جو هر روز امرت ويلي ستگورن جي پٺيان اچي بيهندو هو ۽ ڪيرتن ٻڌندو هو. جڏهين ڪيرتن پورو ٿيندو هو، تڏهين متو ٽيڪي هليو ويندو هو. هڪ ڏينهن گورو بابا چيو ته ”سياڻي هن ڇوڪر کي ترسائجو، ته اسين پڇونس ته هي نت نيم سان ڇو ٿو اچي.“ ٻئي ڏينهن متو ٽيڪي جڏهين وڃڻ تي هو، تڏهين سنگت ترسايس ۽ گورو صاحب جي اڳيان حاضر ڪيائونس. گورو جن ڇوڪر کان پڇيو ته ”ٻچا! تون ڇو ٿو هن وقت مٺي ننڊ ڦٽائي اسان وٽ اچين؟ هي ته تنهنجو وقت آهي کائڻ، راند ڪرڻ ۽ سمهڻ جو.“ ٻالڪ جواب ڏنو ته ”سوامي! هڪ ڏينهن مونکي امڙ چيو ته باهه ٻار. مان لڪس باهه ٻارڻ. جڏهين مون ڪاٺيون وڌيون، تڏهين باهه پهريائين لڳي ننڍن ٽڪرن کي ۽ پوءِ وڏن کي. انهيءَ ڪري مونکي ڊپ ٿيو ته متان ڪال روپي اڳني اچي مونکي ننڍي هوندي ئي لڳي ۽ پرميشور جي ڀڄن جو وجهه ملي يا نه ملي، تنهنڪري مون هڪو ارادو ڪيو آهي ته مان گورو ڪريان.“ سنگت اها ڳالهه ٻڌي حيران ٿي ويئي ۽ گورو بابا بلڪل پرسن ٿيا ۽ چوڻ لڳا ته ”ٻچا! آهين سو ننڍو، باقي ڳالهيون سو ٻڍن واڪر ٿو ڪرين. اسين هن وقت کان وٺي تنهنجو

شام ويد، جنهنجو سوامي سيتنبر (اچن ڪپڙن وارو) هنس اوتار هو، سو ويد چوي ٿو تہ جيو سچ جي خواهش ڪندا هئا، سچ ۾ رهندا هئا يعني سندن رهڻي بہ سچ جي هئي. انهيءَ پرتاپ ڪري اُهي سچي پرماتما ۾ سمائجي ويندا هئا.

رگ ويد ترينا جگ جو ويد آهي. اُهو چوي ٿو تہ ايشور سڀني استانن ۾ پرپور ٿي رهيو آهي ۽ رام جو نالو سڀني ديوتائن ۾ سورج وانگر سرومڻي آهي. اُن رام جي نالي وٺڻ ڪري پاپ لهي وڃن ٿا ۽ تڏهين هي جيو مڪتيءَ جو گيان (گيان) پائي ٿو.

يجر ويد دواپر جو ويد آهي. يجر ويد چوي ٿو تہ ڪان ڪرشن، جو جادون جي ڪل ۾ ٿيو آهي، تنهن چندراول گوپيءَ کي پريم جي زور سان چليو. ڪلپ برڇ سرگ مان سٽ ياما گوپيءَ واسطي وٺي آيو ۽ بندرابن ۾ آنند ڪيائين.

ڪلجگ جي سمي ۾ اٿربڻ ويد ٿيو ۽ پرماتما جو نالو خدا ۽ الله ٿيو. ماڻهو نيرا ڪپڙا پهرڻ لڳا ۽ ترڪن ۽ پٺاڻن جو راڄ هليو. هي پائي! چارئي ويد پنهنجو پنهنجو ڌرم پڌائي سچا ٿيا. جيڪي اُهي ويد پڙهن ٿا ۽ ويچار ڪن ٿا، اُنهن کي سندر ويچار پيدا ٿئي ٿو. اُهو ڪهڙو ويچار آهي؟ اُهو اِهو آهي تہ جيڪو پريما يگتي ڪري پاڻکي نيچ سڏائي ٿو، سو موکہ جو پيد يعني گيان حاصل ڪري ٿو."

صاحبن جا اهڙا مٺا بول ٻڌي، پنڊت صاحبن جي چرنن تي ڍهي پيا ۽ گهڻا گورو جن جا شش ٿيا.

ٻڌايان." انهن ڇهن صاحبن هيٺيون سلوڪ اُچاريو:-

"شام ڪهي سيتنبر سوامي، سچ مهه آڇي ساچ رهي
سَبُ ڪو سَچ سماوي.
رِگُ ڪهي، رهيا ڀرپُوِر، رام نام ديوا مهه سُور
ناء لئي پراڇت جام، نانڪ تَنُ مو ڪنتر پام.
جُج مهه زو ر ڇلي چند راول، ڪانَ ڪرشنُ جادم ڀئيا
پارجات گوپي لئي آئيا، بند رابن مهه رَنگُ ڪيئا
ڪَلِ مهه بيد آٿرنُ هوئا، ناء خُدائي الله ڀئيا
نيلَ بستري ڪپڙي پهري، تُرڪَ پَٺاڻي عَمَلُ ڪيئا
چارِ ويد هوئي سچار، پڙهِ گُڻهِ تِن چارِ ويچار
ڀاء ڀڳتِ ڪرنيچ سدائي، تَهُ نانڪ مو ڪنتر پائي."

[سري آسا دي وار پوڙي (١٣) سلوڪ (٢)]

هن سلوڪ ۾ صاحب پنڊتن کي چئن ويدن جو ذڪر ٻڌائين ٿا:- هي پنڊتو! "ست جڳ جو ويد آهي شام ويد.

١- ٻيرڀون ويد. ٢- ستتبر-سيت = اُڇا ۽ البر = ڪپڙا، اُجن ڪپڙن وارو هنس اوتار. ٣- استت رهڻ. ٤- سرومڻي. ٥- باس. ٦- مڪتر- موڪ = مڪتي ۽ انتر = بيد يعني مڪتيءَ جو بيد، گيان. ٧- جرويد. ٨- ڇلبو، عمت ڪيو. ٩- گوپيءَ جو نالو. ١٠- سرڳ ... ڻ جو نالو، جنهنکان جيڪي گهرجي سو ملي. اُنکي ڪلپ برڇ ... آهي. ١١- سمت ڀاما. ١٢- آنند ڪيائين. ١٣- راڄ هلنو. ١٤- ...ڪري ٿا. ١٥- سندر.

گاڏي سنتوک جي آهي، جنهن ترشنا جو ڏرو بہ نہ آهي ۽ اُنجو هلائيندڙ ڌرم آهي، ڇو جو سنتوک جو پرچار ڌرم جي آڌين ٿئي ٿو. تنهنڪري جنهن جنهن وقت ۾ جي جي جيو ڌرم سان گڏ سنتوک جو ورتارو ڪن ٿا، سي ئي ست جُڳي آهن ۽ اُهو سمو ستجگ جو چوٿ ۾ اچي ٿو.

تريتا جگ ۾ وري جت جو رٿ هوندو آهي ۽ اُنجو رٿواهي زور هوندو آهي. مطلب تہ جت زور جي مدد کان سواءِ پنهنجو ڪم پورو ڪري نہ ٿو سگهي. اِنهيءَ ڪري جتي جتي جت ”زور“ سان ملي راجسي ڪم ڪري رهيو آهي، تتي تتي تريتا جگ ورتجي رهيو آهي.

ٽيون جگ آهي دواپور جو، جنهن تپ جو رٿ آهي ۽ اُنجو رٿواهي ست آهي، تنهنڪري جتي جتي تپ سان گڏ ست آهي، تتي تتي دواپر جگ ورتجي رهيو آهي.

چوٿون جگ آهي ڪلجگ جو يعني ڪليش جو سمو، جنهن گاڏي آهي آگنيءَ جي ۽ اُنجو هلائيندڙ آهي ڪوڙ. اِنهيءَ جو مطلب هي آهي تہ ڪليش سان گڏ ڪروڌ جي آگني زور هوندي آهي، جنهنکي زور وڌائڻ وارو ڪوڙ هوندو آهي، تنهنڪري جنهن هنڌ ڪروڌ ۽ ڪوڙ هوندا آهن، اُتي ڪلجگ آهي.“

صاحبن وري پنڊتن کي چيو تہ ”اوهين جو چئو ٿا تہ ويد ايشور جو گيان آهن، انهيءَ بابت بہ مان اوهان کي چوان ٿو تہ اُهي چا آهن ۽ ڪهڙيطرح هرهڪ سمي ۾ ايشور اُنهنکي جيون ۾ ورتائي رهيو آهي، سو اچو تہ اوهانکي

”نانڪ ميرُ[1] سريرڪا، اِڪُ رَٿُ[2] اِڪُ رَٿواھُ[3]
جُڳُ جُڳُ ڦيرِ وٽائيئھِ[4]، گياني بُجھھِ تاھِ
سَتجُڳِ رَٿُ سنتوکَ ڪا، ڌَرمُ آڳيِ رَٿواھُ
ٽريتيِ رَٿُ جَتيِ[5] ڪا، زورُ[6] آڳيِ رَٿواھُ
دُئاپرِ رَٿُ تپيِ ڪا، سَتُ آڳيِ رَٿواھُ
ڪَلجُڳِ رَٿُ آگنِ ڪا، ڪوڙُ آڳيِ رَٿواھُ.“

[سري آسا دي وار پوڙي (١٣) سلوڪ (١)]

هن سلوڪ ۾ صاحب پنجن ڪي چئن جُڳن جو ڌرم ٻڌائين ٿا:- ”هي ڀائي! اوهين جيڪو ٿا ته جُڳن جي چڪر انوسار ساري سنسار جي جيون جو ورتارو ٿيندو رهي ٿو، سو انهيءَ جو مطلب مان او هانکي ٻڌايان ٿو، جنهنڪري اوهين جُڳن جي سچي ڳالهه ٻُجهي ڪي سمجهندا.

پهريائين هن سرير جا ٻه حصا آهن، جنهن مان جو جڙ حصو ديهه جو آهي، سو هڪ گاڏيءَ جي مثل آهي ۽ چيتن حصو گاڏي هلائيندڙ جي مثل آهي، جو وقت بوقت چڪر جي ڦيري آڇط ڪري بدلجي ٿو. پهريائين ستجڳ انهيءَ وقت جو نالو آهي، جنهن ستي گڻ جوئي پرڌان هجي ۽ ست جوئي آچار ۽ وهنوار هجي: انهيءَ ڪري انهيءَ وقت جي

١- سرو مٿي، سرڊار. ٢- گاڏي. ٣- رٿواهي، هلائيندڙ.
٤- بدلجي ٿو، مٽجي ٿو. ٥- اندرين کي روڪڻ. ٦- اندرين روڪڻ جي شڪتي.

ڏين دُنيا هيءَ تسڪو ٿوٽ[1]
اِڪ داتا سڀ جڳت ڀڪاري
اُسڪو ڇوڙ آور ڪو لاڳي
تِن آپني سڳلي پت هاري
شاهه پاتشاهه سڀ اُسڪي ڪيئي
اُسڪي سات نه ڪوءِ رليئي[2]
ڪهي نانڪ سُن بابر مير
تُجهه تي مانگي سو آحمق فقير."

هن شبد ۾ گورو صاحب، بابر کي فرمائين ٿا ته "هي بادشاهه! مونکي هن سچي پاتشاهه ايمان بخشيو آهي، جنهنجو ڏنل دان سارو جڳتر کائي رهيو آهي. جيڪو جيو بندي جو آسرو وٺي ٿو، سو پنهنجو ڏين دنيا ڇٽ ڪري ٿو. ڪڙوئي پرماتما داتار آهي ۽ ٻيو سارو جڳت هنجي در جو سوالي آهي. اهڙي داتار کي ڇڏي جو ٻين جي پٺيان پوي ٿو، سو پنهنجي سموري پت وڃائي ٿو. دنيا جا شاهه پاتشاهه سڀ اُن سچي پاتشاهه جا خلقيل آهن. هن واهگورو ء سان ڪوبه برابري ڪري نه سگهندو. مان هن سچي پاتشاهه کي ڇڏي تو جهڙي کان ڪجهه پنڻ نه ٿو چاهيان. تو کان جيڪو پني ٿو سو بيوقوف آهي."

اِهو اُپديش ٻڌي بابر بادشاهه ستگورن جي چرنن تي

[1] گهاٽو. [2] برابر ٿي سگهندو.

ڪري لکيو ته ”سوامي! مونکي هاڻي يقين ٿيو آهي ته اوهين سمرٿ ۽ پورڻ آهيو. مهرباني ڪري مون تي ائين بخشش ڪريو، ته مان ساري هندستان جو بادشاهه ٿيان ۽ پيڙهيءَ به پيڙهيءَ منهنجي بادشاهي قائم رهي.“

ستگورو سچا پاتشاهه هن ڳالهه ڏيا درشٽيءَ سان نهاري فرمائڻ لڳا ته ”بابر، تنهنجي گهر ۾ تيسين بادشاهي هوندي، جيسين اوهان ۾ انصاف هوندو. جڏهين تنهنجي ڪُل مان نياءُ نڪري ويندو، تڏهين اوهانجي بادشاهي چٽ ٿيندي.“

اهو ورداني ٻڌي بابر بادشاهه خوش ٿيو ۽ بار بار ستگورن جا چرن چمي نماڻو ٿي شڪرانا مڃڻ لڳو. تنهن ڪانپوءِ سپ سيناپتي، لشڪر ۽ ٻيا لوڪ اچي صاحبن جي قدمن تي پيا.

پوءِ ايمنا آباد جي لوڪن تي رحم آڻي ستگورن بابر کي حڪم ڏنو ته سڀني قيدين کي سندن ملڪيت سميت آزاد ڪر. بابر بادشاهه يڪدم ائين ڪيو ۽ هرڪو پنهنجو سامان سڙو ڪڍي پنهنجي گهر ڏانهن هلڻ لڳو. بابر خوش ٿي صاحبن کي ڪي جاگيرون آڇڻ لڳو، جنهن تي صاحبن هيٺينءَ طرح فرمايو:—

”ايما ديا[١] ايڪ خداءِ
جا ڪا ديتا سڀ ڪوئي کاءِ
بندي[٢] ڪي جو ليوي اوٽ

١- ايمان. ٢- ٻئي، آسرو.

(٢) ڪيسر ڪُسمِ مِرگہ مَيَ هرڻا، سَرَب سريري چڙهڻا
چَندَنَ ڀڳتا جوتِ اِنيهي، سَربي پرمَلُ ڪرڻا

(٣) گهرِ پَٽَ پاٽَنبرا ڪهيَ نہ ڪوءِ
آئيسا ڀڳتُ وَرنَ مهہ هوءِ
تيريَ نامِ نوي رهي لِوَ لاءِ
نانڪ تِنَ دَرِ ڀيکيا پاءِ.

ڀاو پرڪاش

”هي پرڀو! تنهنجو ڀؤ منهنجي لاءِ ڀنگ آهي ۽ منهنجو چت ڳوٿري آهي. مان دنيا کان فارغ ٿي تنهنجي پريم ۾ مست آهيان. منهنجو هٿ ئي پيالو آهي ۽ مونکي تنهنجي درسن جي بک آهي. مان هميشه تنهنجي در جو سوالي آهيان. مونکي تنهنجي درسن جي چاهنا آهي. مان جو تنهنجي در جو منگتو آهيان، سو مونکي اهو دان ڏي.

جهڙيطرح ڪيسر، گل، ڪستوري، هرڻ جي کل ۽ سون، اِهي سڀڪنهن سرير تي چڙهن ٿا يعني سڀڪنهن جي ڪم اچن ٿا، تهڙيطرح ڀڳتن جي چندن روپي سڳند سڀني کي چندن روپ ڪري ڇڏي ٿي. جيئن گيهہ ۽ ريشم کي ڪوبہ اپوتر ڪونہ ٿو چوي، تيئن ڀڳت کي ڪهڙي بہ ورن ۾ هجڻ ڪري اپوتر چئي نٿو سگهجي. مطلب تہ اُهي اُتم ۾ اُتم آهن. هي پرڀو! جيڪي تنهنجي نام کي نمي ٿو سان لنوَ لائي ٿا رهن، تن جيَ در جو مان منگتو آهيان.“

اهو ٻڌي بابر ٻئي هٿ جوڙي نمسڪار ڪيو ۽ ونتي

آهي تہ هو ولهي وٺي ڏک ڏسندو روئن. گورو صاحب فرمائين تا تہ حڪي ڪرتار کي وڻي ٿو، سو ٿئي ٿو. انسان وچاري جي وس جا آهي؟

بابر کي صاحبن جي وچن پڙهي ڪري اندر ۾ شرڌا وڌي ۽ ڄاڻائين تہ هي مهاپرش ڪو وڏو ڪرامت آهي، تنهن پڇي وينتي ڪرڻ لڳو تہ "منهنجي سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ اوهين خدا صاحب جا نهايت پيارا آهيو. مهرباني ڪري مون کي پنهنجي ڪرامات ڏيکاريو." ستگورن فرمايو تہ "ڪرامات قهر جو گهر آهي. باقي تو کي جيڪي گهرڻو هجي، سو ايمان رکي گهر." بابر جا ڀاڳ اچي جاڳيا، سو مهاراجن کي ڪرتار جي پريم ۾ مگن ڏسي سندن چرن ڪنولن ۾ پريت ڌاري، پنهنجا ڪٽي اچي حاضر ٿيو. دل ۾ ويچار ڪيائين تہ درويش بيپرواهہ تا ٿين ۽ انهن کي مايا جو لوڀ رتيءَ ماتر بہ ڪونہ ٿئي، تنهنڪري پنهنجا ڪولي ستگورن جي اڳيان رکيائين، جا ڏسي ستگورن هيٺيون شبد اچاريو:-

تلنگ محلا پهلا گهر دوجا شبد (۲)

ايڪ اونڪار ستگور پرساد

(۱) ڀؤ تيرا ڀانگ، کلڙي ميرا چيت

مي ديوانا ڀئا آتيت

ڪر ڪاسا درسن کي ڀؤ ڪر

مي در مانگؤ نيتا نيت

تؤ درسن کي ڪرؤ سماء

مي در مانگت ڀيکا پاء (اڪ رهاء)

(٥) آگودي جي چيتيئي، تا ڪائِتُ ملئي سزاءِ
شاهان سُرَتِ گوائيئا، رنگِ تماشئي چاءِ
بابر واڻيَ ڦِر گئي، ڪُئر نہ روٽي کاءِ.

ارٿ:- جيڪڏهين اڳيئي ڀڳونت کي ياد ڪن ها تہ ڇو ڪين سزا ملي ها؟ بادشاهن خوشين، تماشن ۽ مزن ۾ پرماتما کي وساري ڇڏيو هو. هينئر بابر جي دهي ڦري ويئي آهي يعني بابر جو راڄ شروع ٿيو آهي. پٺاڻن جي شهزادن کي روٽي بہ کائڻ لاءِ نہ ٿي ملي. [اگودي=اڳيئي. ڪائت=ڇو. سرت=ياد گيري. چاءِ=مزا. واڻي =دهي. ڪئر=ڪمار، ٻچو، شهزادو.]

(٦) اِڪنا وَکَتُ کُئائيئهہ، اِڪنا پُوجا جاءِ
چؤڪي وِڻُ هِندواڻِيئا، ڪِئہ ٽِڪي ڪڍِهہ ناءِ
رامُ نہ ڪبهُون چيتِئوهہ، هُڻِ کَهڻِ نہ مِلئي خُداءِ

ارٿ:- ڪن (مسلمانن) پنجن نمازن جو وقت وڃايو ۽ ڪن (هندن) پوڄا جو سمو ڇڏ ڪيو. هاڻي هندواڻيون اشنان ڪري چؤڪي بنا ڪيئن تلڪ ڏينديون؟ جن ڪڏهين (خوشيءَ جي سمي ۾) رام جو نالو نہ ٿي ياد ڪيو، تنکي خدا جو نالو چوڻ بہ نہ ٿو ملي. (ڀاو- هو خدا جو واسطو وجهن ٿيون، پر انهنکي ڇيو وڃي ٿو تہ مان ڪريو). [ٽڪي=تلڪ.]

(٧) اِڪ گهرِ آوهِ آپڻئي، اِڪِ مِلِ مِلِ پڇهہ سُکہ
اِڪنا ايهو لِکيا، بِهہ بِهہ رووَهِ دُکہ
جو تِسُ ڀاوئي سو ٿيئي، نانڪ ڪِيا مانُکہ.

ارٿ:- ڪڙا هينئر پنهنجن گهرن ۾ اچي ڪي ڪي هڪ ٻئي کي ملي سک جون خبرون پڇندا هوندا ۽ ڪن جي ڪرمن پرتہ ۾ لکيو

ارت - جڏهن ڪرمو برڪيون هيون، تڏهن ڪر بهنجن گهوٽن جي پاسي ۾ بيٺيون سوٺهنديون هيون. اهي ڏوليون ۾ چڙهي آيون هيون، جي ڏاج جون ڀريل هيون، سس سنڌن مٿان پاڻي گهمايو (۽ اهو پاڻ پي ٿي ويئون ته مٿن ٿي ڪا آهڙا پوي ته اُنا اسانکي لڳي)، ۽ جڏهن ڪنڌڙ جهونڻا مٿن پئي لڳا. [جڏهن ڪر، وٺا هيٺا = برڪيا هيون. اڙي = گهوٽ. سوهن = سوٺهنديون هيون. هيڊولي = ڏوليون. دنڊ ڪنڊ = وڏيھل ڏنڊ يعني ڏاج. حٺي = جهونڻا.]

(۳) اِڪ اُٺ لهن نهيئيا، اُٺ لهن ڪوٺيا

گهوٽ ڇاڙي ڪانڌيا، ماڻهن سيجڙيا

ڏن گل ساڪا پائيا، تن موت سريا

ارت - لکين داسيون ويلي تي اُنهنجي شيوا ڪئي ۽ لکين ويلي تي اُنهنجي شيوا ڪئي. جيارن جون گڙيون ڪاڏائون تي ۽ سيجن تي ميا ملياڻون ٿي، ۽ اُنهنجي گهٽين ۾ هينڊر ڏاڍيون ڪهي. سڪا = پکيڙيون، ڏهيون، موت سريا = موتين جون سرون. [گل = ڳچين. سنڌن موتين جون سرون جهيون هيون آهن.]

(۴) ڏن جوبن دهه ڏوڙي هوئي، جني رکي رنگ لاء

دوتا دو فرمائيا، لئي چاڙهي پت گواء

هي تس ڀاوي دي وڏائي، جي ڀاوي ديئي سزاء.

ارت - حضي ٿي ۽ ڌوبن کي وڏي برهم سان ٿي سنڀاليائون، سي اُٺي منڌر سنڌن ويري ٿيا. سپاهين کي حڪم ڏيو ته اُنهن جي آبرو ڌڪ ڪريو، هي ڳالهه! توکي وڻي تو ته وڏائي ڏين تو، ۽ جي توکي وڻي تو ته سزا ڏين تو.

(٢) شڪتا[٣] شيهن ماري پئي وڳئي[٢]، خصمئي[١] سا پُرسائي
رتن وِگاڙ وِگوئي ڪُتي[٦]. مُئيان سار[٥] نه ڪائي[٤]
آپي جوڙ وِڇوڙي آپي، ويکُه تيري وڏيائي

(٣) جيڪو نانءُ ڌرائي وڏا، ساد[٧] ڪري مَن ڀاڻي
خصمئي ندري ڪيِڙا[٨] آوئي، جيتي چُڳئي[٩] داڻي
مَر مَرِ جيوئي تا ڪِڇُه پائي، نانڪ نام وکاڻي.

تات پرج

”پرماتما خراسان جي مالڪن يعني مغلن سان مهرباني ڪئي ۽ هندستان کي ڊپ ڏيکاريو. ڪرتار پاڻ کي ڪوبه دوش نٿو ڏئي. هن مغلن کي جمروپ ڪري موڪليو. ايتري مار پئي، جو هو ورلاپ ڪرڻ لڳا، پوءِ به هي پربو! توکي ڪو قياس ڪونه پيو! هي ڪرتار! تون سڀني سندو آهين. جيڪڏهين ڪو ظالم ٻئي ظالم کي ماريندو آهي تڏهن من کي رنج ڪونه ايندو آهي، پر جيڪڏهين بلوان شينهن ڳائين جي وڳ ۾ پئي اُنهن کي ماري ٿو ته پوءِ مالڪ (ڌڻي) کي پرشارٿ ڪرڻو پوي ٿو. اسان جي مالڪ اهو پرشارٿ اسان سان ڪيو يعني اسان سان مهرباني ڪيائين. مطلب ته اسان ڳائين (هندن) کي انهن شينهن (لوڌين) ڏاڍو ستايو هو، سو پرماتما مغلن کي موڪلي اسان سان مهرباني ڪئي. لوڌي ڪُتن پنهنجو

١- وَڳُه. ٢- مالڪ. ٣- پرشارٿ. ٤- ناس ڪيو. ٥- ڪتن.
٦- ڪل، خبر. ٧- سواد. ٨- ڪيئنئون. ٩- پوڳه پوڳي.

پوء تلوارون تکيون ڪري ڪاهي پيا شهر ۾، جتي
ن، گهوڙا ۽ ٻيو اسباب ڌت ڪيائون. پوء گهوڙي پيا پٺاڻن
ي گهرن ۾، جتان خوبصورت عورتون زيورن ۽ ڪپڙن
سميت وٺي ٻاهر ڪڍيائون ۽ گهڻا پٺاڻ ماري ۽ ڪن کي
قيد ڪري شهر ۾ ڦُر ڪيائون. چؤطرف داه داه مچي ويئي.
آخر مغلن فتح ڪري سڄو شهر لٽي ٻن ڪوهن پنڌ تي
وڃي ڏيرو ڪيو. ٻابر فتح حاصل ڪري ڏاڍو خوش ٿيو ۽
پنهنجو جهنڊو کڙو ڪيائين.

گرو صاحب ڀائي ٻالي ۽ مرداني سان ايمنا آباد جي
ٻاهران ويٺا هئا. اهي ٻئي ٻين وانگر قيد ٿيا ۽ ميرخان
سردار جي حوالي ڪيا ويا. مطلب ته پڪتن تي پيڙ آهي
پڙهي، ٻر صاحبن ادا مني ڪري پوکي. گرو صاحبن وات
تي هي شبد اُچاريو:-

آسا محلا پهلا شبد (٣٩)

(١) خُراسانَ خصمانا ڪيئا، هندستانُ ڏرائيا
آپي دوش نہ ديئي ڪرتا، جمُ ڪري مغلُ چڙهائيا
ايتي مار پئي ڪرلاڻي، تين ڪي درد نہ آئيا
ڪرتا، تون سڀني ڪا سوئي
جي شڪتا شڪتي ڪُو ماري، تا من روس
نہ هوئي (اڪ رهاءُ)

١- مهرباني. ٢- ورلاپ ڪرڻ لڳا. ٣- هي ٻرٻو، ٽوڪي ڪو

لهو حڪم ٿيڻ تي پهلوان لشڪر هڪدم گهوڙن تي زين ڪئي ۽ هشيار ٿيو، هٿيار ٻڌي تُرت سوار ٿيا ۽ گهوڙن ۾ ڏوڙائيندي دير ڪانه ڪيائون. سج اڀرندي شرط لشڪر اچي ايمنا آباد ۾ وارد ٿيو. اُنوقت هر هڪ طرف جا جوڌا آسرو لاهي، هڪ ٻئي سان گڏجي پيا. پٺاڻن قلعي ڪان ٻاهر نڪري تيرن، تلوارن ۽ بندوقن جو وسڪارو مچائي ڏنو. ڪيترو وقت ٻئي فوجون اٽڪيون رهيون. آخر ٻابر ڪاوڙجي چيو ته "اي مغلو! اوهين هميشه مون وٽان ڏن وٺي خوشيون ڪندا ۽ موجون ماڻيندا رهيا آهيو. هاڻي جڏهين منهنجي ڪم جو وقت اچي ٿيو آهي، تڏهين پنهنجا پران پيارا ڪيا اٿو. ڪيڏي مهل تي آهي ته پٺاڻن سان اٽڪيا پيا آهيو! فتح ڪريو. ڏسو ڇا ٿا؟" اُنوقت نغارن تي خوب ڏونڪا لڳا ۽ حڪم ٿيو ته هڪدم سڀ گڏجي ڪاهيو، جنهنتي هڪواري ڏاڍو گهمسان مچي پيو ۽ توبن جي ڌڪاڌوڪي لڳي ويئي. ڪيترا سو ٻرڇين سان زخمي ٿيا ۽ ڪيترا تلوارن سان ڌڙن ڪان ڌار ٿي ڪريا ۽ ڪن جون ٻانهون ڪلهن ڪان نڪري پيون. انهيءَ طرح سڄي زمين لوٿن سان ڀرجي ويئي. مغل پٺاڻن تي ائين وڃي پيا، جئن باز پکي تيتر تي. جيڪو سامهون ٿي ويو، سو قتل ٿي ٿيو.

اُنوقت مغلن جو لشڪر بادلن جيان ڏسڻ ۾ ٿي آيو، تلوارون وچ وانگر ۽ دمامن جا آواز ڪڪرن جي گرجنا جيان ۽ گوليون مينهن وانگي پئي ويون. جئن ڪو پکي پوکه ويهي لٽيندو آهي، تئن مغلن پٺاڻن کي ٿي ناس ڪيو.

[illegible] ۱۱ [illegible] ويو [illegible]
[illegible] گوبند سنگھ صاحب جا چيلا يعني
[illegible] لعلوا [illegible] پاڻي [illegible]
[illegible] توکي [illegible]

[illegible] مضمون جو سنگھ ويٺي پڙهي [illegible]
[illegible] [illegible] سمجھيو [illegible]
[illegible] ليندو [illegible]
[illegible] پرساد [illegible] سان آٽي [illegible]
[illegible] "سوامي اکريا
[illegible]" [illegible] آهو پرساد
[illegible] "[illegible] تون [illegible]
[illegible] ولي [illegible] ڪوهن [illegible]
[illegible] آدي [illegible] سب لڳي
[illegible] صبوح [illegible]
[illegible] ۽ سيٺي پڙاڻن کي
[illegible] ولي ويندو."

[illegible] ست وڃي [illegible] پنهنجي [illegible]
[illegible] ولي [illegible] ڪٽي [illegible]
[illegible]

[illegible] سان [illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]

سري گورو نانڪ ديو جن جا جيون چرتر

تلنگ محلا پهلا شبد (۵)

” جهڙي مي آوي خصم ڪي باڻي، تهڙا ڪري گيان وي لعلو
پاپ ڪي جڃ لئي ڪابلهه ڌائيا، زوري منگي دان وي لعلو
شرم ڌرم دوئي ڇپ کلوئي، ڪوڙ ڦري پرڌان وي لعلو
قاضيان ٻاهڻان ڪي ڳل ٿڪي، اڳد پڙهي شيطان وي لعلو
مسلمانيان پڙهه ڪتيبا، ڪشٽ مهه ڪرهه خداء وي لعلو
ذات سناتي هور هندواڻيان، ايهه ڀي ليکي لاء وي لعلو
خون ڪي سوهلي گاويئهه نانڪ، رت ڪا ڪنگو پاء وي لعلو.“

پاڻي لعلو! جهڙي مونکي آڪاس واڻي ٿي آهي، ...
تهڙي مان توکي ٻڌايان ٿو. ٻابين جي ڄڃ ولي بابر ڪابل ...
مان ڌوڪيندو پيو اچي ۽ زوري اهي ڏنڊ گهرندو. شر...
۽ ڌرم ٻئي لڪي ويا آهن ۽ ڪوڙ اڳوان ٿي بيٺو آهي. ...
قاضين ۽ ٻاهڻن جي وچ ۾ ڳالهه ڪانه رهي آهي. نڪاح ...
هندو شيطان پڙهندو. (يعني ڌرم الوپ ۽ شادي ڪار ٿيندي ...
جيو ڪام جي وس ٿي وڃي پورا ڪندا). مسلمان زالون ...
قرآن پڙهن ٿيون، پر ڪشٽ جي وقت ۾ داء خدا ڪري ...
پڪارينديون. آهي اوچي ذات واريون ۽ ڪهٽ ذات واريو...
۽ ٻيون هندواڻيون اهي سڀئي مصيبت جي منهن ۾ ...
وينديون. آهي خون جا پار وهي کيلديون يعني روئنديو...
۽ رت جي ڪنسر مٿي پوندي.

۱- الڪ. ۲- ڌوڪيندو ٿو اچي. ۳- ڏنڊ. ۴- لڪي ...
آهن. ۵- نڪاح. ۷- پار. ۸- ڪنسر.

هي پيارا، اُهو اڪر نمرتا آهي، اُهو گڻ ڪميا آهي، اُهو مٺيڻن جهڙو مٺڙ مٺي زبان آهي. هي منهنجي پيرڻ، اِنهن ٽنهين گڻن کي ڌاري پنهنجي پوشاڪ ڪرتہ پوءِ پٽي تنهنجي وس ٿيندو.

اِهو اُپديش ٻڌي شيخ ابراهيم گورو جن جي چرنن تي ڪري پيو ۽ وينتي ڪرڻ لڳو تہ ”سچا پاتشاھ! منهنجو جنم سڦلا رتو ٿيو آهي، جو اوهان مونکي سچي رستي تي لاتو آهي.“ پوءِ گورو صاحب کيس ست ڪرتار جو نام جپائي اڳتي روانا ٿيا.

باب ٻاويهون

ايمنا باد (سيد پور) ۾ ڪوس ۽ پڳتن تي پيڙ

سري گورو نانڪ ديو جن ڪيترا شهر گهمندا ڦرندا، پاڪسان ڀائي مردانو ۽ ڀائي ٻالو وٽي، ٻيو دفعو ايمنا باد ۾ آيا، جتي ڀائي لعلو، جو سندن پيارو سک هو، تنهنکي اچي درسن ڏنائون. ڀائي لعلو هٿ جوڙي وينتي ڪرڻ لڳو تہ ”سوامي! پٺاڻ ڏاڍا ظلم ڪندا وتن. هنن کي ڪو ڏڪيءَ جو ڊپ ڪونهي. هو شراب پي مست ٿي ٻرايون استريون کسڻ ۽ بيچائڻ ۾ پورا آهن ۽ غريبن ۽ نڌرن کي آزاريندي دير نٿا ڪن.“ صاحبن فرمايو تہ ”پيارا لعلو! ظالم پٺاڻن (لوڌين) [illegible] اچي [illegible] ٿيڻ تي بيٺو آهي، ڇو جو بابر مغل. [illegible] و اچي ۽ جلد اچي کين ماري [illegible] اچي هٿ ڪندو. گورو جن [illegible]

سيني کي خدا صاحب جي ڏڪ خلقت ڄاڻي اُن مالڪ جي اوٽ ولڙ گهرجي." صاحبن اُنوقت فرمايو:

"ٻوڄا ڪاهي سمريئي، جمي تي مر جاءِ
ايڪو سمرو نانڪا، جل ٿل رِها سماءِ."

اهڙيطرح ٻيا ڪيئي سوال شيخ ابراهيم صاحبن کان پڇيا، جن جا پورا پورا جواب صاحبن کيس ڏنا، جنهنڪري هنجي من جو سنسو لورت ٿي ويو. پڇاڙيءَ ۾ شيخ صاحب، صاحبن کان پڇڻ لڳو تہ:-

"ڪَوَڙَ سُ آڪُرِ ڪَوَڙَ ڪُڙُ، ڪَوَڙُ سُ مٺيا منت
ڪَوَڙَ سُ ويسو ڪَہ ڪري، جِت وس آوئي ڪنتُ."
[سلوڪ (١٢٦)]

جنهنجو مطلب آهي تہ اُهو ڪهڙو اکر آهي، اُهو ڪهڙو گڻ آهي ۽ اُهو ڪهڙو مٺيئي جهڙو سٺو منتر آهي؟ ڪهڙي پوشاڪ مان پهريان، جنهنڪري ڪرتار روپي گهوٽ ٿي وس ڪري ڇڏيان؟

اِنهيءَ جو اُتر هيٺئين سلوڪ ۾ سري گورو نانڪ صاحب ڏيئي ڏيئن ٿا:-

"نِوَڻ سُ آکُرِ، کَوَڻ گُڻُ، جِهوا مَڻيا منت
اي ترئي ڀيڻي ويس ڪَرِ، تان وس آوي ڪنتُ."
[سلوڪ (١٢٧)]

سمجهي سگهندو، پر منهنجي ناقص عقل ۾ ائين ٿو اچي ته هيءَ دنيا بمثل چهراٽيءَ جي آهي، جهڙيطرح چهراٽيءَ سان لڳڻ ڪري جيو گندو رهي ٿو، تهڙيطرح دنيا سان واسطو رکڻ ڪري انسان جو روح پاڪ نه ٿو رهي. اِنهيءَ جو نتيجو اِهو ٿو ٿئي جو هنجي اکين اڳيان سندس چگن ڪمن روپي کيتي کپي ناس ٿي وڃي ٿي.

جڏهين صاحبن اِهو ٻڌو، تڏهين هيٺيون سلوڪ اُچاريائون:—

”ڏرهه هوندا آئيا، چوڙياي سڄ هيٺ
نانڪ کيتُ نه اُجڙي، جي راکا هوءِ سُچيت.“

هن سلوڪ ۾ صاحب شيخ ابراهيم کي سمجهائين ٿا ته ”هي پيارا، سيني اِنسانن جو هن دنيا سان پيار ٿيندو آيو آهي، سا ڪا نئين ڳالهه ڪانهي. پر جئن ڪو کيتيءَ جو راکو سجاڳ هوندو آهي ته هو اُها جهڙڪين کان ناس ڪرڻ نه ڏيندو آهي، تئن جي پُرش واهگوروءَ جي سمرن ۾ سُچيت آهن، سي پنهنجن گڻن جي کيتيءَ کي ناس ڪرڻ نٿا ڏين. انهيءَ ڪري اوهانکي پڻ جڳائي ته اُن پاڪ خدا جي سمرن ۾ لڳي رهو.“

شيخ ابراهيم وري ٻيو دفعو سوال پڇڻ لڳو ته ”سچا پاتشاهه! هندو ڌرم ۽ مسلماني مذهب مان ڪهڙو بهتر آهي؟“ اِهو ٻڌي صاحبن کيس چيو ته ”پيارا، اِهو پرم پتا، جنهنکي اوهين هڪ ٿا سمجهو، تنهنجو طريقو به هڪ آهي. هن ڪو به هندو يا مسلمان نه خلقيو آهي. هن هڪ انسان ۽ هڪ ذات پيدا ڪئي آهي. تنهنڪري هندو مسلمان جو پيدا ڪيل ۽

تہ هن جو ارٿ آهي :- ”هي پربوؤ! (پرالبڌ روپي) پتي بہ بہ توُن آهين ، (ياد روپي) قلم بہ توُن آهين ۽ ليکہ يعني ليکو بہ توُن آهين. توُن هڪ ايشور جي اُستت ڪر. هن کانسواءِ ٻيو ڪير آهي؟“ شيخ ابراهيم صاحبن کي پهتل ڄاڻي، ڪيترا سوال پڇيا، جن سڀني جا جواب صاحبن اُنکي ڏنا، جي ٻڌي هو خوش ٿيو. صاحبن انهيءَ موقعي تي سري آسادي وار جون پوڙيون ۽ ٻوڙيون اُچاريون آهن.

گورو صاحب ۽ ڀائي مردانو ڪيترا ڏينهن پاڪ پٽڻ ۾ رهيا پيا هئا، جو جو شيخ ابراهيم، صاحبن کي ڇڏڻ جي نہ ٿي ڪئي. هڪ ڏينهن شيخ ابراهيم هٿ ٻڌي عرض ڪيو تہ ”فقير سائين! خدا جي پاڻڻ جو سولو رستو ڪهڙو آهي؟“ تنهن تي صاحبن فرمايو:-

”گيان کاء ڪڇُ هٿهُ ديہ ، نانڪ راهُ پڇاڻهہ سيءِ.“
[سارنگ جي وار پوڙي (٢٢) محلا پهلا سلوڪ (١)]

هن سلوڪ ۾ گورو صاحبن شيخ ابراهيم کي سمجهايو تہ ”پيارا، ڪبول ڪنهن قبرستان يا مندر ۾ رهڻ ڪري خدا نہ ٿو ملي، پر جي شخص ٻانهن جي ڪمائي ڪري پنهنجو گذران ڪن ٿا ۽ ٻيا جنکي ڪمائڻ جي سمرٿي نہ آهي، تنکي ٻيت قوت ڏين ٿا، سي ئي پرميشور جي رستي کي ڄاڻي سگهن ٿا.“

اهو اُپديش ٻڌي شيخ ابراهيم سمجهي ويو تہ هي ڪو پهتل ٿو ڏسجي، سو وري ٻہ ڪا ٽين سوال ڪرڻ لڳو تہ ”سوامي! اوهين چئو ٿا تہ جيو دنيا ۾ ڪمائي ڪري پاڻ بہ کائي ۽ ٻين ٻکين کي بہ کارائي، تڏهين خدا جو رستو

اُن وقت شيخ فريد صاحب جي گاديءَ تي شيخ برهم (ابراهيم) هو، جو پوري ڪمائيءَ وارو فقير هو ۽ شيخ فريد صاحب جي نائين پيڙهي هو. ڪيس فريد ثاني به ڪري سڏيندا هئا. هن جو هڪ مريد ڪمال نالي جنهن جهنگ مان ٿي موٽيو، تنهن ساز جو آواز ٻڌي ڏاڍي ڏاڍيان وڏي ويو ۽ بيهي شبد ٻڌڻ لڳو. پوءِ هن پير صاحب کي وڃي چيو ته سائين، ڏاڍي ٿي هڪ ننڍيءَ عمر وارو فقير ويٺو آهي، جنهن جي منهن ۾ نُور پيو چمڪي ۽ جنهن جو ميراثي ساز وڄائي راڳ ٿو ڳائي:—

”آپي پٽي قلمُ آپ اوپر ليکہ بہ تون .
ايڪو ڪهيئي نانڪا دُوجا ڪاهي ڪُون.“

پير صاحب چيو ته شيخ سعديءَ جو وچن آهي، ”تونگري بہ دل است نہ بہ مال – بزرگي بہ عقل است نہ بہ سال.“ جنهنجو مطلب آهي ته شاهوڪاري دل جي ڪري آهي ۽ نہ ڌن جي ڪري، وڏائي عقل ڪري آهي ۽ نہ عمر ڪري. سو ننڍيءَ ۽ وڏيءَ عمر تي فقيري منحصر نہ آهي. شايد هي ڪو خدا رسيده ٿو ڏسجي. پوءِ پير صاحب پنهنجن ٿورن مريدن سوڌو ستگورن جي درشن لاءِ آيو ۽ سلام ڪري اچي ويٺو. پير صاحب پڇيو ته اوهين هندو آهيو يا مسلمان؟ صاحبن فرمايو ته جي ديهہ جي ڳالهہ ٿا پڇو ته ٥ تت، ٩ دوار، ١٠ اندريون، ٨ ڌاتون، بکہ، اُڃ، هرکہ، شوڪ، جنم، مرڻ، ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهہ، اهنڪار آهڪ وڪار سڀني جا هڪ جهڙا آهن ۽ جي جيو آتما جو ٿا پڇو ته اُنهيءَ ۾ ته هندو ۽ مسلمان جو ڀيد آهي ئي ڪونہ. پوءِ پير صاحب مٿئين سلوڪ جو ارٿ پڇيو. صاحبن فرمايو

ڪيو. صاحبن ڪين اُپديش ڪيو ته "اوهانجو سچو پتا ڪرتار آهي. اُنجي اوٽ وٺي ۽ ڌاريو ته سديو سکي رهندؤ." تلونڊيءَ ۾ ٿورن ڏينهن رهڻ ڪانپوءِ هڪ ڏينهن ڀائي مرداني کان پڇيائون ته "پيارا، اتي ٻي ڪيترو ويٺو هوندين جا؟ دل ته ٿئي ڪرتار جي آگيا پوري ڪريون، جنهن لاءِ هن اسانکي سنسار ۾ موڪليو آهي." انهيءَ تي ڀائي مردانو "ست وچن" چئي ساڻن گڏ روانو ٿيو.

باب ايڪيهون

شيخ فريد جي جاءِ تي وجڻ جو ذڪر ۽ شيخ ابراهيم سان روح رهاڻ

"جڳ ڏي ٻنڌن هن ٿون، ليتا جس اوتار
سو تُرڪير ٿي ٽرپئي، لئي آگيا ڪرتار."

صاحب ڏاڍي ڪشٽ کان موڪلائي بنگال، ڍاڪا ۽ دکن ديس ڏانهن روانا ٿيا. ڦريائين پاڪ پٽن ۾ پهتا. اُتي پڌائون ته هيءُ شهر فريد صاحب جن جي گاديءَ جو هنڌ آهي. ڀائي مرداني کي چوڻ لڳا ته "پيارا، توکي دل ته الله جي پياري جو مڪان ڏيکاريون." پاڪ پٽن ۾ اُنهن ڏينهن ۾ ميلو پڻ لڳو. صاحب پاڪ پٽن جي ويجهو هڪ ڏوڙ تي وڃي ويٺا ۽ ڀائي مرداني کي آگيا ڏنائون ته هيءُ سلوڪ ڳاءِ:-

"آپي پٽي قلم آپ، اوپر ليکه ڀي تون
ايڪو ڪهيئي نانڪا، دوجا ڪاهي ڪون."

[آسا ڪي وار محلا پهلا پوڙي (٢٨) سلوڪ (٢)]

اوهين ڪرتار کي وساري ڄڙ وستن آڏيان ڇو ٿا نمو؟"
صاحبن جو اُپديش ٻڌي ڪيترن جو ڀرم ناس ٿي ويو ۽ آخر
اُتي جي حاڪم کي به ست ڪرتار جو اُپديش ڏيئي نهال
ڪري اُتان روانا ٿيا.

پنجاب ۾ پهچندي کين خيال ٿيو ته ماتا نانڪيءَ
کي به ڏسڻ گهرجي، ڇو جو هوءَ ڪرتار جو ڀڄن ڪندڙ
آهي. اِهو ويچار ڪري هو سلطانپور ۾ اچي پنهنجي ڀيڻ
ماتا نانڪيءَ کي گڏيا، جا کين ڏسي گد گد ٿي. ڀائي
جيرام به کين ڏاڍو آدرستڪار ڪيو. ماتا نانڪي ۽
ڀائي جيرام ڏاڍي پريم سان سفر جو سمورو حال کائنن پڇيو.
صاحبن هنن کي پرميشور جا پيارا ڄاڻي سمورو حال کولي
ٻڌايو. گورو جن اُنهن کي سندر اُپديش ڏيئي نهال ڪيو ۽
پوءِ پاڻ تلونديءَ روانا ٿيا. اُتي هو پنهنجي پيرسن ماتا ۽ پتا
کي گڏيا. گورو جن پنهنجي ماتا جي چرنن تي ڪري
نمسڪار ڪيو ۽ ماتا کين پنهنجي ڳلي سان لڳايو. پوءِ
صاحب پنهنجي پتا جي چرنن تي ڪري نمسڪار ڪري
وينا ۽ سڀني کان حال احوال ورتائون. راءِ بلار سندن
پٺيان چالاڪو ڪري ويو هو. هوڏانهن ڀائي مردانو به پنهنجي
ڪٽنب سان پريم سان وڃي گڏيو ۽ گورو جن جي ماتا پتا
کي چيائين ته "هي ڪو وڏو مهاتما آهي، جنهن سان
ڪنهن جي برابري ڪري نه ٿي سگهجي." اِهو ٻڌي ڀائي
ڪالو ۽ ماتا ترپتا پرميشور جو ڌنيواد ڪرڻ لڳا. پوءِ
گورو جن بابا سريچند ۽ بابا لکميچند ۽ سندن ماتا سلکڻيءَ
سان گڏيا، جن سڀني سندن چرنن تي ڪري نمسڪار

صاحبن جي هيءَ سچي آرتي ٻڌي سيني پنڊتن ۽ ياترين کي شانتي آئي ويئي ۽ سيني صاحبن جي مت کي انگيڪار ڪيو. اَڄ سوڌو انهيءَ هنڌ تي گورو جن جو گوردئارو استاپن آهي.

باب ويهون

پنجاب ۾ موٽي اچڻ جو ذڪر

سري گورو نانڪ ديو جن جگن ناٿ مان روانا ٿي، آسام ڏانهن وڃي، ڪٺن جيون جو ڪاياڻ ڪيو. هيڏانهن ڪين رٿن ڪندي ڪجهه وقت گذري ويو هو، جنهن ڪري ڀائي مردانو اُداس ٿي چوڻ لڳو ته ”هي سچا پاتشاه! مان ندين، پهاڙ ۽ سمنڊ ڏاڪي ٿڪو آهيان ۽ ڪٽنب ڏي به دل کنئي اٿو، تنهن ڪري منهنجي وينتي آهي ته ديا پالي ڪ واري وري به پنهنجي ديس پنجاب ۾ هلو. باوجود ڪ اوهانکي ڪوبه موهه نه آهي، پر ڪرپا ڪري موکي منهنجي ڪٽنب سان ملايو.“

صاحبن هنکي اُداس ڏسي مٺن وچنن سان کيس چيو ته ”هي پيارا، پرميشور جي پيارن لاءِ ساري ڌرتي سندن مالڪي آهي ۽ سڀ ملڪ سندن ئي آهي، پر تو اجا ڏانهن پنهنجو اماڻڪو سياڻ نه ڇڏيو آهي. ڀلو، اسين توکي جلد تنهنجي ڪٽنب سان ملائيندا سون.“ انهن چئي آڏان روانا ٿيا ۽ اچي ڪاڪٽي ۾ پهتا، جتي انهيءَ وقت ڪٺي بيماري هئي. لوڪ ڏاڍا وياڪل ٿي ڪالي ديويءَ جي مندر ۾ وڃي وينتيون ڪرڻ لڳا. انهيءَ پرم کي ڏورت ڪرڻ لاءِ لوڪن کي اُپديش ڪرڻ لڳا ته ”هي پيارا،

سنهڪر ٿي چون ٿا تہ ”هي پري پورڻ پرماتما! توکي هزارين نيتر آهن، جن سان تون ساري سرشٽيءَ کي ڏسين ٿو؛ اهڙو ڪو استول يا سوکم پدارٿ ڪونهي، جو تنهنجي درشٽيءَ کان دور هجي. پر درحقيقت توکي هڪ بہ جسماني اک نہ آهي. هي جگت ايشور! توکي هزارين مورتون آهن، چاڪاڻ تہ سڀني جيون ۾ تون وياپڪ آهين، سو اُنهنجون مورتون ڄڻ تہ تنهنجون ئي مورتون آهن. پر سچ ڪري تنهنجي هڪڙي بہ جسماني مورت نہ آهي. هي پريو! توکي هزارين پوتر چرن آهن، جن سان تون ساري جگتر جا ڪارج ڪري رهيو آهين، پر اُهي پير پنهنجن تنن جا بڻيل نہ آهن. هي ڪرتا ميہ ڪرتار! هزارين توکي ناسڪائون آهن، پر تحقيق توکي هڪ بہ جسماني ناسڪا نہ آهي. اهڙا تنهنجا عجيب چرتر ڏسي، ساري سرشٽي توتي موهت ٿي پيئي آهي؛ تو تان قربان ٿي تنهنجو جس ڳائي رهي آهي.

”هي پريو، جيڪي توکي وڻي ٿو، اهائي سچي پوڄي تنهنجي آرتي آهي. هي جوتي سروپ! سڀني جيون جنتن ۾ جا جوت وسي ٿي، سا تنهنجي جوت آهي. انهيءَ جوت جي پرڳهٽ ٿيڻ ڪري گيان اُتپن ٿئي ٿو. ڪيول ستگورن جي اُپديش ڏئاران ئي انهيءَ جوت جو درسن ٿي سگهي ٿو. هي پريتم پيارا! منهنجو ڀونر روپي من تنهنجي ڪنول روپي چرنن ۾ لڳي رهيو آهي؛ مونکي رات ڏينهن تنهنجي امرت رس پيئڻ جي پياس آهي. هي پرم پتا! لهائي تنهنجي اڳيان منهنجي ارداس آهي تہ مون چاترڪ کي پنهنجي ڪرپا جي سوانتي بوند بخش، جنهن ڪري نام ۾ سديو واسو ٿئي.“

آهي، جاڪاڻ ته انهيءَ ٻاهرين آرتيءَ تي ٻيو ڪُوڙ ۽ ڀوسڻ لتو لڳي. هن سچي پاتشاهه جي آرتي سڄي سرشٽيءَ ۾ سدئين پئي ٿئي، اها اچو ته اوهانکي ٻڌايان:

"هي سارو آڪاس نرنڪار جو ٿالهه آهي، جو تارن روپي موتين سان جڙيل آهي. اُن ۾ سورج ۽ چندرما روپي ڏيا ٻاٽيئي ڪنهن جي ڀاڳ ڪان سواءِ پيا ٻرن. هي ٻيارا، اوهين ته چار دڪا چندن ٻوري جا ڪٽي اُتي ڏالهه رکي واس ڌوپ ڪريو ٿا ۽ سمجهو ٿا ته صاحب انهيءَ ڪري راضي ٿيندو، پر پرماتما جي آرتيءَ ۾ ساري دنيا جي چندن جا وڻ پنهنجي سڳنڌ ڏيئي واس ڌوپ پيا ڪن، جنجي اڳيان اوهانجو واس ڌوپ ڪي نه ڪينهي. اوهين ٺاڪر تي چؤر کهايو ٿا، پر کهائي کهائي ٿڪجي پئو ٿا. سچو چؤر ته پون آهي، جو ٻارهوئي پيو لڳي. اوهين ٿورا گل ٿا آڻي ٺاڪر جي مورتيءَ تي ٿا چاڙهيو ۽ ائين پيا ڀانيو ته انهن گلن تي ايشور راضي رهندو، ڇڪي اوهانجن گلن جي ڪهڙي درڪار آهي، جڏهن ته ساري ونسپتي قسمين قسمين سڳنڌي رنگا رنگي گل ڦل ڪڍي سمورا پنهنجي سواميءَ اڳيان ارداس رکي ٿي؟ اوهين ٺاڪر جي اڳيان ڏُوين ۽ قسمين قسمين باجا وڄايو ٿا، پر هن سچي ٺاڪر جي اڳيان انهدي شبدن جا باجا ساري برهمانڊ ۾ سدئين پيا وڄن ۽ ڇڪي اوهانجن باجن جي ڪابه ضرورت ڪانه آهي. اِهي اشڪرح روپي آرتي سچيءَ سرشٽيءَ ۾ لت پئي ٿئي."

هيٺين ٻڌي ته "سائين، اوهانجو سچو ٺاڪر ڪهڙو الهجو سروپ اسانکي ٻڌايو." صاحب ايشور کي

سنمکہ ٿي چون ٿا تہ ”هي پري پورن پرماتما! توکي هزارين نيتر آهن، جن سان تون ساري سرشٽيءَ کي ڏسين ٿو؛ اهڙو ڪو استول يا سوکم پدارٿ ڪونهي، جو تنهنجي درشٽيءَ کان دور هجي. پر درحقيقت توکي هڪ بہ جسماني اکہ نہ آهي. هي جگت ايشور! توکي هزارين مورتون آهن، چاڪاڻ تہ سيني جيون ۾ تون وياپڪ آهين، سو انهنجون مورتون چڻ تہ تنهنجون ئي مورتون آهن. پر سچ ڪري تنهنجي هڪڙي بہ جسماني مورت نہ آهي. هي پريو! توکي هزارين پوتر چرن آهن، جن سان تون ساري جگتر جا ڪارج ڪري رهيو آهين، پر اهي پير پنهجن تڻن جا بڻيل نہ آهن. هي ڪرتا مير ڪرتار! هزارين توکي ناسڪائون آهن، پر تحقيق توکي هڪ بہ جسماني ناسڪا نہ آهي. اهڙا تنهنجا عجيب چرتر ڏسي، ساري سرشٽي توتي موهت ٿي پيئي آهي؛ تو تان قربان ٿي تنهنجو جس ڳائي رهي آهي.

”هي پريو، جيڪي توکي وڻي ٿو، اهائي سچي پڪي تنهنجي آرتي آهي. هي جوتي سروپ! سيني جيون جنتن ۾ جا جوت وسي ٿي، سا تنهنجي جوت آهي. انهيءَ جوت جي پرڪهت ٿيڻ ڪري گيان اُتپن ٿئي ٿو. ڪيول ستگورن جي اُپديش دئاران ئي انهيءَ جوت جو درسن ٿي سگهي ٿو. هي پريتم پيارا! منهنجو پونر روپي من تنهنجي ڪنول روپي چرنن ۾ لڳي رهيو آهي؛ مونکي رات ڏينهن تنهنجي امرت رس پيئڻ جي پياس آهي. هي پرم پتا! لهائي تنهنجي اگيان منهنجي ارداس آهي تہ مون چاترڪ کي پنهنجي ڪرپا جي سوانتي بوند بخش، جنهن ڪري نام ۾ سديو واسو ٿئي.“

آهي ۽ جاڪاڻ تہ الهي پاڻ ئي آرتيءَ تي پريو ڌرو بہ پرسن ٿئو ٿي. هن سچي پاتشاہ جي آرتي سڄي سرشٽيءَ ۾ سدائين پيئي ٿئي، اُها اچو تہ اوهانکي ٻڌايون:

”هي سارو آڪاس ٿالڪار جو ٿالهہ آهي، جو تارن روپي موتين سان جڙيل آهي. اُن ۾ سورج ۽ چندرما روپي ڏيا ٻاريل ڪنهن جي ٻارڻ ڪان سواءِ پيا ٻرن. هي پہاڙ، اوهين ٻہ چارڊڪا چندن جوري جا ڪٽي اُنجي ٿالهہ ۾ رکي واس ڌوپ ڪريو ٿا ۽ سمجهو ٿا تہ صاحب الهيءَ ڪري راضي ٿيندو، پر پرماتما جي آرتيءَ ۾ ساري دنيا جي چندن جا وڻ پنهنجي سڳنڌ ڏيئي واس ڌوپ پيا ڪن، جنجي اڳيان اوهانجو واس ڌوپ ڪي بہ ڪينهي. اوهين ٺاڪر تي ڇٽو گهمايو ٿا، پر گهمائي گهمائي ٿڪجي پئو ٿا. سچو [illegible] تہ پوڻ آهي، جو پاڻ کي پيو لڳي. اوهين گلا گل [illegible] ٺاڪر جي مورتيءَ تي ٿا چاڙهيو ۽ اُهين پيا پانيو تہ [illegible] تي ايشور راضي رهندو. ڏسکي اوهانجن گلن جي [illegible] آهي، جڏهين هيءَ ساري ونسپتي قسمين قسمين [illegible] رنگا رنگي گل ڦل ڪڍي سمورا پنهنجي [illegible] رکي ٿي؟ اوهين ٺاڪر جي اڳيان [illegible] قسمين قسمين ٻاجا وڄايو ٿا، پر هن سچي ٺاڪر [illegible] شبدن جا ٻاجا ساري برهمانڊ ۾ سدائين پيا [illegible] جن جي ڪابہ ضرورت ڪانہ آهي. [illegible] آرتي سچي سرشٽيءَ ولت پيئي ٿئي.“

[illegible] ”[illegible]، اوهانجو سچو ٺاڪر ڪهڙو [illegible] سروپ اسانکي ٻڌايو.“ صاحب ايشور کي

(٢) سَهس تونين نَه نَه نين هيَ توهِه ڪَئُه،
سهس مورتِ نَنا ايڪَ توهي
سَهَس پدَ بِمَل نَه نَه ايڪ پدَ،
گَندَ بِن سَهَس تَوگَند اِوَ چلت موهي

(٣) سَبَ مهِ جوتِ جوتِ هيَ سوء،
تِسڪيَ چانڻ سَبَ مهِ چانڻ هوء
گورساکي جوتِ پرَگَٽُ هوء، جو تِسُ ڀاويَ سُه آرتي هوء

(٤) هرِ چرڻ ڪمل مڪرند لوڀِت منو،
آنَ دِنو موهِ آهي پياسا
ڪِرپا جَلُ ديهِ نانڪَ سارِنگه ڪَئُه،
هوء جاتي تيريَ نامِ واسا.

ڀاوارٿ

صاحبن پوڄارين کي چيو ته "هي ڀائي، اوهين جو ڏڪ موتين سان جڙيل سوني ٿالهه ۾ ڏيا ٻاري، گل ڦل گڏ ڪري، چندن جو واس ڪري ۽ گهڻن قسمن جا ساز وڄائي، پرميشور جي آرتي ڪريو ٿا، سو اُها اُنجي سچي آرتي نه

١- هزار. ٢- اَکيون. ٣- پوتر، اوجل. ٤- ناسڪا. ٥- اهڙن چرترن ڪري. ٦- سوجهرو. ٧- پوتر. ٨- من. ٩- رات ڏينهن. ١٠- پپيهو پکي.

سب اُن ايهي آرتي ڪرڻ لڳا، تڏهن صاحب ماڻ ڪري ويهي رهيا. جڏهن آرتي پوري ٿي، تڏهن ... پوڄاري ڌمڙي صاحب وٽ آيو ۽ پڇڻ لڳو ته ''اوهين ڪيئن آهيو؟ اوهان ڪي ايتري به سڌ نه آهي ته آرتي جهڙي ... سمهو آهي. پيا سب اُن پيٺا، پر اوهين نه اٿيا، تڏهن ڇو ڪانه ڪئي؟'' صاحب فرمايو ته ''ساڳي سرشٽي جي پوڄاري آرتي ڪري، ... ۽ ... لي سگهي. جن ساڳي صاحب جي پوڄا آرتي، ... ۽ سدائين ٿيندي آهي، تنهن ۾ اسين مشغول هئاسين.'' پوڄاري عجب لڳي ... ڪهڙي ... آرتي آهي؟ تڏهن ٿي صاحب مٿيون شبد اُچاريو:-

ڌناسري محلا پهريون شبد (٩) آرتي

اڪ اونڪار ستگور پرساد

(١) گگن مي ٿالُ رَوِ چندُ ديپڪ بني،

تارڪا منڊل جنڪ موتي

دهوپُ ملآنلو پوڻُ چورو ڪري،

سگل بنراءِ ڦولنت جوتي

ڪيسي آرتي هوءِ ڀو کنڊنا تيري آرتي

انهت سبد وآجنت ڀيري (رهاءُ)

[illegible]
[illegible]
[illegible]

هن سنسار ۾ جو پرش پنهنجي من جي ورتي پرماتما جي گيان ۾ لڳائي ٿو، سوئي جوگي آهي. اهڙيطرح جو پرش وڌوان ٿي ٻين کي شاسترن جو اڀياس ڪرائي ٿو، سوئي برهمڻ آهي. جو پرش شستر ڌاري بڻ ۾ سوربير ٿي پرجا جي رکيا ڪري ٿو، سوئي ڪتري آهي، ۽ جو پرش ٻين جي شيوا ڪري پنهنجي آجيوڪا حاصل ڪري ٿو، سوئي سودر چيو وڃي ٿو. هن منجهان لهو پرسڌ ٿئي ٿو ته پرش جهڙي ڪرت ڪري ٿو تهڙوئي سندس ورن ٿئي ٿو. مگر سڀني جو هڪ ڌرم آهي يعني هڪ پرماتما کي ڄاڻڻ. جيڪو اِنهيءَ ڳجهه کي ڄاڻي ٿو، سوئي نرنجن ديو جو روپ آهي. اهڙي مها پرش جو مان داس آهيان.“

اهڙي قسم جا اُپديش ٻڌي پنڊت چترداس صاحبن جي چرنن تي ڪِري پيو ۽ چوڻ لڳو ته ”سوامي، اوهانجي سنگت مان اسانجي هردي جا سڀ سنڪلپ دور ٿي ويا آهن.“

باب اُڻويهون
جگن ناٿ جو ذڪر

صاحب هاڻي ديس ديسانتر گهمندا ڦرندا ۽ پرماتما جي سچي نام جو اُپديش ڪندا، وڃي جگن ناٿ ۾ پهتا. سنجها مهل پوڄاري پوڄا ڪرڻ آيا، ۽ آرتي گهڻي ڌام ڌوم ۽ ٺپڪي سان اچي ڪيائون. هڪ موتين سان جڙيل سوني ٿالهه ۾ ڏيا ٻاري، گل ڦل ۽ چندن آدڪ سڳنڌيون رکي، ٺاڪر جي اڳيان اُنهيءَ ٿالهه کي ويهي ڦيرايائون. پر صاحبن کي هن نموني جي آرتي پسند نہ آئي. آرتيءَ مهل جڏهين

سري آسادي وار پؤڙي (۱۲) سلوڪ (۲)

حوڪر شبدن گيان شبدن، بيد شبدن براهمڻ
کتري شبدن سور شبدن، سودر شبدن پراڪرتهه
سرب شبدن ايڪ شبدن، جيڪو جاڻي پيهه
نانڪ تاڪا داس هي، سوئي نرنجن ديو.

”هي پنڊت جي! اوهين پسڪ تا پڙهو، سنڌيا تا [illegible] اجايا بحث تا ڪريو، پٿرن جي پوڄا تا ڪريو [illegible] وانگي سماڌ تا لڳايو، مکه مان ڪوڙ تا ڳالهايو [illegible] کي سون جا ڳهڻا ڪري ڏيکاريو تا. مطلب [illegible] مصالحه ڪڏي اچو بڻايو ٿا، جو چوٽ تر [illegible] ڪنهن وقت تي ويچاريو ٿا [illegible] مٿي تي تلڪ تا ڏيو، ٻه ڌوتيون تا [illegible] ڪيو، هي پنڊت! جي [illegible] ٿا، سي اوڏانهن ڏيکه ويکه کي [illegible] هي پيارا، لسجو رکي پرميشور [illegible] آپديش ڪانسواءِ ڪا ڏوانڌ [illegible]

[illegible] ڪ پرش جو ورن ؛
[illegible] جو جو ورن سدائين
[illegible] ڪرم ڪندو آهي،
[illegible]

[illegible] براٿي ڪرب

ڪيو، تڏهين وري پنڊت چترداس چوڻ لڳو تہ ”اوهين تہ انهن تجويزن سان اسانجي مت جو کنڊن ڪريو ٿا، پر اصل تہ اسان برهمڻن جو ڪم آهي شاستر پڙهڻ، سماڌي لڳائي مورتي پوڄا ڪرڻ، ڳچيءَ ۾ مالها وجهڻ ۽ مٿي تي تلڪ ڏيڻ. اها مريادا اصل کان ڌاري چلي آئي آهي، سو اوهين اها ڪيئن دور ڪري سگهو ٿا؟ صاحبن اهو ٻڌي هيٺيون سلوڪ اُچاريو:—

سري آسادي وار پؤڙي (١٤) سلوڪ (٢)

پڙ پستڪ سنڌيا بادن
سِلَ پوجس بڳل سماڌن
مُکہ جھوٺ ڀيوکڻ سارن
ترئي پال تِهالَ بچارن
گلِ مالا تلڪ للاٽن
ڊء ڌوتي بستر ڪپاٽن
جي جاڻسِ برهمن ڪرمن
سڀ ڦوڪٽ نسچہ ڪرمن
ڪہُ نانڪ نہچہ ڌياوئي
وِڻُ ستگور واٽ نہ پاوئي.

١- سانجهيءَ جي پرارٿنا. ٢- بحث ڪرڻ. ٣- پٿر. ٤- بگهہ پکي. ٥- سون جا ڳهڻا. ٦- لوهہ. ٧- گائتري. ٨- ٽي دفعا. ٩- ڪپاٽ، مٿو. ١٠- اَجايا.

جهڙيون ڳالهيون ڪريو ٿا. اسانکي پڪو نسچو آهي ته سالگرام جي مورتي اسانکي سنسار ساگر کان تاري پار ڪندي."

اِهو ٻڌي صاحبن کليو جواب ڏنو ته "هي پنڊت! توکي خبر نه آهي ته ڪرتار جي پوڄا ڪهڙيطرح ٿيندي آهي. ائين چئي هيٺيون سندر سلوڪ اُچاريائون :-

بهاگڙي ڪي وار ٻوڙي (۲۰) محلا پهلا سلوڪ (۲)

هندو مولي ڀولي اُکٽي جاهي
ناردِ ڪهيا سو پوڄ ڪراهي
آندي گُنگي آنڌ انڌار
پاٿر لي پوجهه مُگڌ گوار
اوهِ جا آپِ ڏبي، تُم ڪَها تارڻ هار.

"هي پنڊت جي! هندن پرماتما کي وساري ڇڏيو آهي ۽ نامن ٿيندا ٿا وڃن. نارد سوامي جي ڏسي سان پٿر راتر ڪ پسڪ آهي، جنهن ۾ ڪرم ڪانڊ لکيل آهي، اُن موجب پوڄا پيا ڪن. اهي ويچار بنا انڌا ۽ گنگا آهن ۽ اگيان جي انڌ ۾ آنڌا آهن. اهي مها مورکه ۽ بي عقل آهن. اهي اهو به نه ٿا ڄاڻن ته پٿر پاڻ تري نه ٿو سگهي، جو ٻڏي وڃي ٿو، سو اوهانکي ڪيئن تاري سگهندو؟ تنهن ڪري رکو اوهين انهيءَ ڀروسي تي نه رهو ته پراڻن ۾ مڪتيءَ بابت لکيل آهي، پر ڪجهه پنهنجي بہ ويچار شڪتي هلايو ته ست ڇا آهي."

هڏهين صاحبن مورتي پوڄا جو پاپ پرڪار ڪندي

پُڪيا ڊِيئہ نہ مرِڊِيا رکيءِ
آنڊا جهڳڙا آنڊي سٿيءِ.

هن سلوڪ مهاحب پنڊت کي چون ٿا تہ "ڏي ڀائي! نيڪ اوهانجي گهر ۾ نارائڻ ٻين ٺاڪرن گڻيش آدڪ سميت براجمان آهي ۽ اوهين اُنجي پوڃا ڪريو ٿا ۽ اشنان ڪرائي پوري آستان تي مورتي رکو ٿا. پوءِ اُنکي ڪيسر جو تلڪ ڏيو ٿا ۽ چندن ۽ ڦل چاڙهيو ٿا. اوهين پوءِ کيس پيرن پئي گهڻو خوش ڪريو ٿا. پر اوهانکي انهن ڪرمن جو ڪهڙو ڦل ملي ٿو؟ اوهين ٺاڪرن هوندي بہ ٻين ماڻهن جي گهرن مان پني پني ڪپڙو پهريو ٿا ۽ کاڌو کائو ٿا. جيڪڏهين ٺاڪر اوهانکي ڪا سهائتا ڪندو هجي تہ ڇو اوهين جيڪر ٻين پرشن آڳيان هٿ ٽنگيو؟ اوهانجي آندن ڪمن ڪري اوهانکي اِها سزا ملي آهي جو اوهين ٻين جي گهرن مان پني کائو ٿا. ٺاڪر نہ اوهان ٻڪين کي ڪجهہ کائڻ لاءِ ڏئي ٿو ۽ نہ موت مهل اوهانجي ڪا سهائتا ڪري ٿو. پوءِ اوهين ڇو اُنجي پوڃا ڪريو ٿا؟ جهڙيطرح ڪنهن انڌي جو جهڳڙو انڌن جي ڪچهريءَ ۾ نبيري لاءِ وڃي تہ اُهو خراب ٿئي ٿو، تئن اوهين بہ اگيان جا ڪرم اگيانين کي ڏيکارڻ لاءِ ڪريو ٿا سو ڪيول نسٿل آهي."

اِهو ٻڌي پنڊت چترداس کي غصو چڙهي ويو ۽ چوڻ لڳو تہ "ڏي مهاتما! ناردپُران ۽ ٻين پستڪن ۾ جو سالگرام جي مورتي پوڄڻ بابت لکيل آهي، سو سڀ ڪوڙ لکيل آهي ڇا؟ انهيءَ کانسواءِ ڪيترا پُرش جو وشواس رکي پوڃا ڪن ٿا، سي سڀ مورکہ آهن ڇا؟ اوهين تہ ناستڪ



شري گورو نانڪ ديو جن جا جيون چرتر

ڪي سمجهي اُنجو آراڌن ڪريو ٿا ۽ مالها ڦيري جاپ
ڪريو ٿا، سو ليڪ نہ آهي، جو جُڙ دو نرآڪار ۽ نروڪار پرماتما
وانگي جڙ پدارٿ تي نہ نو سگهي، انهيءَ ڪري اوهين
جو ڪاڪي پاٽي ڏيئي پنهنجو جنم وڃايــو نا؟
اوهانجي سرير روپي ڪچي ديوار جا آخر ڊهي آهي، تنهن
کي ڪهڙو ٿا ڏيــو؟ مطلب تہ سارو وقت سرير جي پالنا
پوشنا ڪري پنهنجو جنم ڇو ٿا چٽ ڪريو. تنهنڪري
اوهين انهن ڪمن کي ڇڏي رام نام جپڻ جو پيڙو پڌ و تہ
ديال پرماتما اوهان تي ديا ڪندو."
جڏهين گورو صاحب مورتيءَ جي پوڄا جو کنڊان
ڪيو، تڏهين پنڊت چترداس اهنڪار ۾ پرجي چيو تہ
"هي ساڪيات وشنو يا نارائڻ جي
مورتي ڪانهي جا ۽ اُنجي پوڄا ڪرڻ سان سيني سُکن جي
پراپتي ڪا نہ ٿيندي ڇا؟ صاحب اُنهي پڌي جيئون مها سند
سلوڪ اُچاريو:-

سارنگ کي وار محلا پهلا پؤڙي (۹) سلوڪ (۱)

گهر نارائڻ سڀا نالِ
پوج ڪري رکي ناوالِ
ڪنگو چنڊڻُ فُلِ چڙائي
پيري پئي پئي بهت منائي
ماڻُونا منگِ منگِ پهنئي کاءِ
آنڌي ڪمي آنڌ سزاءِ

باب ارڙهون
پنڊت چترداس سان مورتي پوڄا جو ذڪر

چترداس نالي هڪ پنڊت صاحبن جي گيان چرچا ٻڌي وٺي ڏاڍي غرور سان آيو ۽ چوڻ لڳو ته ”ايشور جي پراپتيءَ جو ساڌن مورتي پوڄائي آهي. جڏهين من جي ورتي انهيءَ مورت تي ٽڪاءُ ڪائي ٿي، تڏهين اندر ۾ نارائڻ جي مورتيءَ جو گيان ٿئي ٿو. انهيءَ ڪري مڪتيءَ جي اڇا ڪندڙن کي جڳائي ته سالگرام جي مورتي ۽ تلسيءَ جو درشن ڪري انهنکي لڇمي نارائڻ سمجهي پوڄا ڪن، جنهنجو ڦل کين سرڳ آدڪ سک ملندا ۽ مڪتي پراپت ٿيندي. جڏهين صاحبن اهو ٻڌو، تڏهين اتر ۾ هيءَ شبد اُچاريائون:-

راڳ بسنت هنڊول محلا پهلا گهر دوجا شبد (٩)

ايڪ اونڪار ستگور پرساد

سالگرام بپ پوڄ مناوهُ، سُڪرت تلسي مالا[١][٢][٣]
رام نام جپ بيڙا پانڌهُ، ديا ڪرهُ ديالا
ڪاهي ڪلرا سنچهُ، جنم گواوهُ[٤]
ڪاچي ڍهگ ڍوال، ڪاهي گچ لاوهُ.[٥]

هن شبد ۾ صاحب مورتي پوڄا کي کنڊن ڪرڻ لاءِ فرمائين ٿا ته ”هي پنڊت جي! اوهين جو سالگرام (هڪ پٿر جي ٺاڪر) کي ٺاڪر مڃي ۽ تلسيءَ جي ٻوٽي کي اُنجي

١- پٿر جو ٺڪر. ٢- هي پنڊت. ٣- پوڄا ڪريو ٿا ۽ مڃو ٿا.
٤- پاڻي ڏيو ٿا. ٥- ديوار جا آخر ڪرڻي آهي.



. پرنندا، ڪديا، ڪمُ، اِهن پنجن ۾ … ڪروڌ چنڊال آهي. ڪاٺي چئو تہ جٽ ڏيئن
… ڪروڌ اوهانجي هردي کي لڳيو آهي. تڏهين
… چارئي چنڊال اوهان سان گڏُ ٿي ويٺا آهن، اوهانکي
… ليکي ڪاٺ مان جا ورندو ۽ جي پوترتائيءَ جي ڪرٽيءَ
… بيامن آهي تہ سچ پولط، اندرين کي روڪط ۽ شُب
… جو ٻُڌڪو ڪريو ۽ پرماتما جي نالي جهط جو اشنان ڪريو.
… دي ڀائي! درگاهہ ۾ آهي آتم ليکيا، جي ٻين کي ٻاهن جون
نصيحتون ٿا ڏين."

تنهن تي گورو صاحب کان پنڊتن پڇيو تہ "سوامي،
تڏهين جوٺ ڪا شي نہ آهي ڇا؟ اِهو ٻڌي صاحب هننکي
ديڪن ۽ طرح چيو:-

مَن جُوٺي تن جوٺ هي، جهوا جوٺي هوءِ
مُکہ جهوٺي جهوٺ بولطا، ڪِئن ڪر سوچا هوءِ
… اپ شبد نہ ماڻجيئي، ساچي تي سچ هوءِ.
[سري راڳ محلا پهلا اسٽپدي (٥)

… ڀائي! منمکن جو انتهڪرط اپوتر آهي، سند…
… روٺي ماڻيندا آهي ۽ سندن زبان بہ اپ…
… بولط ڪري سندن مکہ بہ اپوتر ٿئي ٿو.
… پوتر ٿئي؟ اتر، گوروءَ جي آپديش کان…
… نہ سکيندو. سچي گوروءَ وٽان ٿي …

… اهڙو امولڪ آپديش ٻڌي پنڊتن جو
… ڪرتار جا ڀڳت بنجي ويا..

اسانجو مطلب آهي تہ اوهين جوڻا ٿيو يا جوڻو ڪاٿو، پر جنهن جوڻ ڪان ڊڄو ٿا، تنهن ۾ وري وڃي ٿا ڦاسو."
تنهنتي پنڊتن گڏجي چيو تہ "سوامي! اوهانجي ڳالهائڻ مان معلوم ٿو ٿئي تہ جوڻ ڪا بہ شيءِ نہ آهي ۽ پل تہ چنڊال بہ چؤنڪي ۾ آچي رهي. پر اسين اوهانجي چوڻ تي چنڊالن کي آڻي پنهنجو جنم ڀرشٽ ڪو نہ ڪنداسون."
صاحبن ڪين جواب ڏنو تہ "پيارا، اوهين تہ چنڊالن کان ڪڏهن بہ جدا نہ ٿا رهو." ائين چئي ستگورن هيٺيون سلوڪ اُچاريو:-

سري راڳ ڪي وار پؤڙي (٢٠) محلا پهلا سلوڪ (١)

ڪُبڌِ ڏُومڻي ڪُدَيا ڪسائڻِ،
پرنندا گهت چوهڙي، مُٺي ڪروڌ چنڊالِ
ڪاري ڪڍي ڪيا ٿيئي، جان چاري بيٺيئا نالِ
سچ سنجم ڪرڻي ڪارا، ناوڻ نام جپيئي
نانڪ آگي اُوتم سيئي، جِ پاپان پند نہ ديئي.

هن سلوڪ ۾ صاحب پنڊتن کي اُپديش ٿا ڏين تہ "هي پيارا، اوهين ڏسو تہ چؤنڪي ۾ ڪهڙا چنڊال اوهان سان گڏ وينا آهن. کوٽي بڌ چنڊالڻ جو روپ آهي ۽ نرديا ڪاسائڻ سمان آهي ۽ پرائي نندا لڌا اندر ۾ چهڙي آهي ۽

١- کوٽي بڌ. ٢- چنڊالڻ. ٣- هنسا، نرديا. ٤- ليڪو.
٥- اندرين کي روڪڻ. ٦- شڀ ڪرڻي. ٧- ليڪو، چؤنڪو.
٨- اشنان ڪرڻ. ٩- نصيحت، سکيا.



پڇيائين ڏسو تہ اھڙو سنو اَن پوتر ٿيل ماڻھن جو تيار ڪيل ۽
پوتر ٿيل ماڻھن جو ڪاڍل انت ۽ اپوتر وسٿا ٿي پکين جي
ھٿان پاڻ ٿيو ڪيو وڃي ٿو، تنھنجو ٿوم ڪنھنجي ڏمي
تي لکڻ گھرجي.

ويچار ڪري ڏسو تہ جن شين مان پچن تيار ٿئي ٿو
سي سڀ پوتر آھن. اَن، ڏاٽي، اگني ۽ لوڻ پوتر آھن ۽
پنجون گيھہ پاڻ تہ پوتر آھي، پر اَن کي بہ پوتر ڪري ٿو،
ڏاڙھي اھڙي پوتر سامگري مان اپوترشئي ڪيئن پيدا ٿيڻ گھرجي؟
انھيءَ مان پوسڪ ٿئي ٿو تہ سربو ڄيڪي اوھين مھاپوتر ڪري
سمجھو ٿا، سوئي پرشت آھي، جو جو اھڙي ڏاڙھي ڪن سان
لڳڻ ڪري اھڙي پوتر اَن تي ٽڪون پون ٿيون، پر اوھين
انھن ڏاڙھي تہ اھي ٽڪون اَن تي ٿيون پون، پر اُھي
انھيءَ آدميءَ جي منھن تي پون ٿيون، جو ڪرڙار جي
سمون ڀالسواءِ اَن ڪاٿي پيٽ پوي ٿو. ڏاڙھي ھڏايو تہ ڏاڪي
اوھين پوتر ڪري سگھو ٿا، جڏھين اوھانجو سوروپني مان موتر
جو ٿيايو آھي. تنھنڪري اَن کي پوتر سمجھي جتي ماني
اُتي ڪاٿي پرماتما جي ذات جو سنڪار ڪرڻو آھي. باقي اوھين
تہ جولن ٻاجڙن وٽي پنھنجو جنم ڇٽ ڪري رھيا آھيو.“

گورو صاحب جو اُپديش ٻڌي اُن پنڊت جا
ڪپاٽ کُلي پيا ۽ جو سمجھڻ لڳو تہ ھڙو سچو اُپديش
مون ڀاڳعمر ڪرڻ ٻڌو آھي. پوءِ ورِي بہ صاحبن کي چوڻ لڳو
تہ ”سوامي! اوھين جيڪي بوليو ٿا سو تحقيق ٺيڪ آھي،
پر ڏڏھين بہ منڪہ جو ڏرو آھي سدائين صفائي رکڻ، جو جو
پوترائي ھڪ اُتم وستو آھي.“ صاحبن فرمايو تہ ”پيارا،

پهلا سچا آپ هوءِ، سچي ٻيئا آءِ
سچي آگيءِ رکيون، ڪوءِ نه پيئو جاءِ
سچا هوئڪي جيوڙا، لڳا پرڻ سلوڪ
ڪُپتي جائي سٽيا، ڪس ايهه لڳا دوکُ
آن ديوتا، پاڻي ديوتا، ٻيسنتر ديوتا لوڻ
پنجوان پائيا گهرت، تا هوئا پاڪ پوت
پاپي سڻ تن گڏئا، ٿُڪا پئيئا تِت
جِت مُکهُ نامُ نه اوچرهِ، بِن ناوي رس کاهِ
نانڪ ايوي جاڻيئي، تِت مُکِ ٿُڪا پاهِ.

[سري آسا دي وار پوڙي (١٩) سلوڪ (١)]

هن سلوڪ ۾ صاحب پنڊت کي اُپديش ٿا ڪن ته ”هي پائي، رسوئي ڪرڻ مهل پهريائين اوهين پوتر ٿي يعني اشنان ڪري پوتر چؤنڪي ۾ وهو ٿا. وري پرساد ورهائيندڙ رسوئيو به صفا ٿي رسوئي اڳيان رکي ٿو. تنهنکانپوءِ کائڻ وارو مکه مان سلوڪ پڙهي اُن پوڄن کي پوتر ڪري ورتائي ٿو. انهيءَ مان اهو سڌ ٿئي ٿو ته هيءَ سڀ سامگري صفائيءَ سان تيار ٿيل آهي. هاڻي مان اوهانکان هي سوال

١- پوتر (جيو). ٢- پوتر (چؤنڪي ۾). ٣- پوتر (رسوئي).
٤- ڇُهي. ٥- ڪاڏو. ٦- گندو استان. ٧- باپ. ٨- اگي. ٩- گيهه.
١٠- ڪاڏو. ١١- پوتر. ١٢- اُن. ١٣- تنهن.

مڪت ٿئي ٿو. هي ڀائي! جنهجا مردي روپ پانڌا پوتر آهن، تن ۾ سچو پرماتما سمائجي ٿو، پر اهڙا ڪي ورلي آهن جنهجا پوتر ڪرم آهن. هي پيارا، اوهين به اهڙي پرماتما کي پرارٿنا ڪريو ته اسين تنهنجي سرن آيا آهيون. پوءِ هو اوهانجي آتما کي پنهنجي پرم آتما سان ملائي ڇڏيندو.“

اهو اُپديش ٻڌي راس ڌاري صاحبن جي چرنن تي ڪري پيا ۽ چوڻ لڳا ته ”هي ڪرتار جا پيارا، اسانجا اُپراڌ کميا ڪر. اسين اڄ کانپوءِ نه راس وجهنداسون ۽ نه نچنداسون ۽ ٽپنداسون. اڄ کانپوءِ اسين ڪيول هڪ اڪال پرک جوئي سمرڻ ڪنداسون.

باب سترهون

ڪاشيءَ جو ذڪر

صاحب گهمندا ڦرندا ڪاشيءَ ۾ آيا، جتي جدا جدا متن وارا ماڻهو آهي ڪٺا ٿيا هئا. ڪي مورتي پوڄيندڙ هئا، ڪي ويد پاٺي ۽ ڪي جوڳي ۾ ويهي پوڄن ورتائيندڙ هئا. صاحبن کي ڏسي آهي پڇڻ لڳا ته اوهانجو ڪهڙو متو آهي. صاحب ته ماٺ ۾ رهيا. اُن مهل هڪ پريمي پرش صاحبن کي پوڄن ڪاڻ لاءِ ڏنو، جو گورو جن سري واهگوروءَ جو ڏالو وٺي ڪاڏو. تنهن تي هڪ پنڊت اچي متيو، ته ”هي ساڌو، اوهانکي پوڄن اڻين نه ورتائڻ گهرجي. ليهو چونڪو ڏيئي پوڄن ورتائڻ گهرجي نه ته اُهو پوڄن اپوتر آهي.“ اهو ٻڌي صاحبن هيٺيون سلوڪ اُچاريو:-

پهلا سچا[1] آپ هوءِ، سچي[2] بهنا آءِ
سچي آگيءِ[3] رکئون، ڪوءِ نه پهنچو[4] جاءِ
سچا هوئڪي جيونا، لکا پترطِ[5] سلوڪ
ڪهتي جائي سئيا[6]، ڪس ايهه لکا دوکه[7]
آن ديوتا، پاطي ديوتا، بهستر[8] ديوتا لوطُ
پنجوان پائما[9] کهرت، تا هوئا[10] پاڪ پوت[11]
پاپي سمه تن کنڏا، تڪا پئيما ٿت
جت مکه نام نه اوچره، بن ناوي[12] رس کاهه
نانڪ ايوي جاطيئي، تت[13] مکه تڪا پاهه.

[سري آسا دي وار پؤڙي (١٩) سلوڪ (١)]

هن سلوڪ ۾ صاحب پنڊت کي اُپديش ٿا ڪن ته ”دي پائي، رسوئي ڪرط مهل پهريائين اوهين پوتر ٿي يعني اشنان ڪري پوتر چؤنڪي ۾ وهو ٿا. وري پرساد ورهائيندي صفا ٿي رسوئي اگيان رکي ٿو. تنهنڪانپوءِ کائڻ مان سلوڪ پڙهي اُن پوڄن کي پوتر ڪري انهي مان اهو سڏ ٿئي ٿو ته هي سڀ سامگري تيار ٿيل آهي. هاڻي مان اوهانکان هي سوال

١- (جيو). ٢- پوتر (چؤنڪي ۾). ٣- پوتر (رسوئي). ٤- کاڌو. ٦- گندو استان. ٧- پاپ. ٨- اگي. ٩- ڪيهه. ١٠- پوتر. ١٢- اُن. ١٣- تنهن.

پالڻا پوتر مڪت ٿئي ٿو. هي پاڻي! جنهنجا هردي روپي پالڻا پوتر آهن، تن ۾ سڀو پرماتما سمائجي ٿو، پر اهڙا ڪي ورلي آهن جنهنجا پوتر ڪرم آهن. هي پيارا، اوهين به اهڙي پرماتما کي پرارٿنا ڪريو تہ اسين تنهنجي سرن آيا آهيون. پوءِ هو اوهانجي آتما کي پنهنجي پرم آتما سان ملائي ڇڏيندو.“

اهو اپديش ٻڌي راس ڌاري صاحبن جي چرنن تي ڪري پيا ۽ چوڻ لڳا تہ ”هي ڪرتار جا پيارا، اسانجا اپراڌ ڇميا ڪر. اسين اڄ کانپوءِ نہ راس وجهنداسون ۽ نہ نچنداسون ۽ ٽپنداسون. اڄ کانپوءِ اسين ڪيول هڪ اڪال پرک جوئي سمرڻ ڪنداسون.

باب سترهون

ڪاشيءَ جو ذڪر

صاحب گهمندا ڦرندا ڪاشيءَ ۾ آيا، جتي جدا جدا متن وارا ماڻهو آهي ڪنا تيا هئا. ڪي مورتي پوڄيندا هئا ڪي ويد پاڙي ۽ ڪي چونڪي ۾ ويهي پوڄن ورتائيندا هئا. صاحبن کي ڏسي اچي پڇڻ لڳا تہ اوهانجو ڪهڙو متو آهي صاحب تہ ماٺ ۾ رهيا. انهن مان هڪ پريمي پرش صاحبن کي پوڄن کاڻ لاءِ ڏنو، جو گورو جن سري واهگوروءَ جو نالو ڪاڏو. تنهن تي هڪ پنڊت اچي متيو، هي ”هي ساڌو اوهانکي پوڄن اٿين نہ ورتاڻ ڪهڙجي. ايهو چونڪو ڏيڻ پوڄن ورتاڻ ڪهڙجي نہ تہ اهو پوڄن اپوتر آهي.“ اهو ٻڌي جن هملون سلوڪ اچاريو:-



(٥) سوڇيءِ پانڊيءِ ساڃ سماويءِ، ورلي سوچا چاري
تنتئي ڪئہ پرم تنت ملايا، نانڪ سرڻ تماري.

هن شبد ۾ سري گورو نانڪ ديو جن راس ڌارين کي آڪال پرکہ جو سروپ ٻڌائين ٿا. هي ڀائي! پرڀوءِ الکہ ۽ بي انت آهي. ڪنهن ۾ سندس ڀيد نہ پاتو آهي ۽ هو اندرين جي پهچ کان پري آهي. هنکي ڪال ڇهي نہ ٿو سگهي؛ هو ڪرمن کان نيارو آهي. هو ذات کان آذات آهي. هو جنم کان رهت ۽ پاڻيهي پاڻ پيدا ٿيندڙ آهي. هنکي ڪو ٻيو پرم ڪونهي. اهڙي سچي پرماتما تان مان قربان وڃان! هنجو ڪو روپ، رنگ ۽ نشان ڪونهي، پر هو سچي گوروءَ جي شبد سان پرگهٽ ٿئي ٿو. سنساري جيون وانگر نہ هنکي ماءُ پيءُ، پٽ ڌيا ڪو ٻيو سنبڌي آهي. نڪو هو ڪام جي وس ٿي استري چاهي ٿو؛ ڇو جو پرماتما ڪُل ۽ مايا کان رهت آهي ۽ بي انت ۽ پري کان پري آهي. هنجي جوت ساري سنسار ۾ پکڙيل آهي ۽ گهٽ گهٽ ۾ چمتڪار ڪري رهي آهي. جنهن پرش جي ٻُڌ جا پٽ جهڙا ڪپاٽ گوروءَ جي سکيا سان کلن ٿا، سوئي نرڀؤ پرماتما سان ڌيان لڳائي ٿو. پرڀوءَ سڀني جيون کي پيدا ڪري سندن مٿان ڪال رکيو آهي ۽ سڀ جڳتيون پنهنجي هٿ وس رکيون اٿس. جيڪو ستگوروءَ جي شيوا ڪري ٿو، تنهنکي ئي سچو پدارٿ ملي ٿو ۽ هو سچو شبد ڪمائي

۱- پوتر. ۲- پانڊا. ۳- پوتر ڪرمن وارا.



ادو ٻڌي راس ڌاري صاحبن کي دست جوڙي وينتي
ڪرڻ لڳا تہ ”سوامي! اسين ڪنهنجي پوڄا ڪريون،
جهنڪري انت سمي سُکي ٿيون.“ صاحبن اُنوقت
هيٺيون سندر شبد اُچاريو:-

سورٺ محلا پهلا شبد (6)

(١) آلکہ اپار اگم اگوچر، نا تسُ ڪالُ نہ ڪرما
ذات آذات آدوني سنيڀہ، نا تسُ ڀاوُ نہ ڀرما
ساچي سچيار وِٽهُ قربانُ
ناتس روپ ورن نهي ريکيا، ساچي شبد نيشانُ (رهاءُ)

(٢) نا تسُ مات پتا سُت ٻنڌپ، نا تسُ ڪامُ نہ ناري
اڪُلُ نرنجن اپر پرمپر، سڪلي جوت تماري

(٣) گهٽ گهٽ انتر برهم لڪائيا، گهٽ گهٽ جوت سبائي
بجر ڪپاٽ مُڪتي گُرمتي، نربهُ تاڙي لائي

(٤) جنت اپاءِ ڪالُ سر جنتا، وس ڪت جُگت سبائي
ستگورُ سيوِ پدارت پاوهہ، ڇوٽهہ شبد ڪمائي

١- الدوبي جي بوهہ کان پري. ٢- پاڻهي پاڻ پيدا ٿيل ... ٧-
... لشان. ٤- پرگهٽ ٿئي تو. ٥- پٽ. ٦- سمبندي. ... ١٠- پري کان ...
رهت. ٩- مايا کان رهت. ٩- بي انت. ... ١٣- پنهنجي ...
... جهوڙا ڪپاٽ. ١٢- ڌيان لڳائي تو. ...

هن سلوڪ ۾ گورو مهراج ڪين چون ٿا تہ ”هي ڀائي! اوهين جو ڀاڳڪي وڏا ڀڳت ڪوٺائي ساري رات نچو ٽپو ٿا ۽ اوهانجا چيلا اوهانجي پٺيان ڳائين ٿا، جنجي ڦال تي اوهين پيرن کي نچايو ٿا ۽ سِرن کي ڦيرِيو ٿا، تنهن مان ڪهڙو ڪارج سِڌِ ٿيندو؟ اوهانجي پيرن جي مٽي اُڏامي اوهانجي منهن ۾ پوي ٿي ۽ لوڪ اوهانجا کيل ڏسي کلندا پنهنجن گهرن ۾ وڃن ٿا.“

اهو ٻڌِي اُهي چوڻ لڳا تہ ”هي سنت جي! هيءَ راس اسان سري ڪرشن مهراج کي خوش ڪرڻ لاءِ وڌي آهي. اوهين ڏاڍو اسانتي ڏنوليون ٿا ڪريو.“ تنهن تي گورو صاحبن ڪين چيو تہ ”ڀائي! اهو تہ رڳو اوهانجو ڀانءُ آهي، پر اوهين جو ظاهري پريم جي مستيءَ ۾ اچي اوڏا ٿا ٿيو ۽ پٽ تي پيا پاڻ پڇاڙيو ۽ پٿوڙيو، سو سڀ اُدرپور ڻا لاءِ ڏانءُ ٿا ڪريو. سچن ڀڳتن جي آئو روپي رات سديو پريم ۾ ڀنل آهي. اُهي ستگورن جي سکيا وٺي سديو شيوا ۾ مشغول رهن ٿا، جنهن ڪري سائينءَ جي مهر جي نظر مٿن ٿئي ٿي ۽ اُهي ترِي پار پون ٿا. هي ڀائي، جي راس ڌارين وانگر جِهمڙي پائڻ ۾ ڪو ڌرم آهي تہ هينيون شيون جهڙوڪ چمچڙا، ائٽ ۽ جنڊ وغيره جي سپاويڪ پيا ڦرن، تن بہ مڪت لهڻي. هن سنسار جا جيو اگين ڪرمن انوسار پيا آواگون ۾ پٽڪن. جي جيو ايشور کي وساري سنساري رس ۽ ڀوڳہ ماڻي ڪپڙن ۾ نہ ٿا ماپن، سي انت ويلي رُئندا ويندا ۽ پر جنکي هروقت سائينءَ جو ڀؤ آهي، تنکي نڪو لهر نڪو لوڏو. سي ئي سچا پريمي آهن ۽ اُهي ئي پرماتما جي درٻار ۾ مانُ پائين ٿا.“

پنکي پڙهندڙيا[1] لئين[2] نہ ساهہ
سوئي ڇاڙ[3] پوائيئيهہ[4] جنت
نانڪ پڙهندڙيا ڪٿٽ[5] نہ آنت[6]
پنڌن پنڌ[7] پوائي سوءِ[8]
پئيئي ڪرت[9] لکيئي سڀ ڪوءِ
لکيو نکيو جسم چاهيو سي روءِ[10]
آکي نہ جاهي سڌ نہ هوءِ[11]
لکيئو گڏيو[12] مَن ڪا چاءِ
نانڪ جن مَن پڙهہ تِنا مَن داءِ[13].
[سري آسا دي وار پؤڙي (٥) سلوڪ (٢)]

١- قرسون پيانبدا. ٢- ساهہ ڪٽل ڪاسواء پيا قرندا ولن
... شيخ، سوري يا جرحي حهون لي جاڙهي گهرانسون ڏيئي آڳ
سزا ڏيندا هئا. ٤- قرانبن تا. ٥- حهو. ٦- قروين پائبدڙن ح
٧- ليکو يا آلسه ڪولهي. ٨- آهو پر مستور حهون کي ڪرمن آنو
مايا جي پنڌلن ۾ بڌاڻي قرانئي نو. ٩- آڳين پيل ڪرمن ڪر
١٠- جي جيو لکيو لکيو ڪلن پيا، سي سسار مان رنيدا وڃ
١١- آهي لکيل ۽ ڪڏهن سان آڏامي مٿي ۽ وبدا ۽ لکي
... ئيا. ١٢- لکيل ۽ ڪڏهن ۽ من حو سياءِ يا شوق
١٣- سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائن ٿا تہ جن جي
... هر جڳ آهي، لئي من ۾ ني اُن لاءِ بار آهي.

[illegible]

[illegible] ... أمرت ... [illegible]
[illegible] ... الكمند
[illegible] ١٠- الشت. ١١- [illegible]
[illegible] ١٧- [illegible]
[illegible] اوزار.



سري گورو نانڪ ديو جن جا جيون چرتر

سوامي هن شهر کي بند رابن ۽ مترا جو سير ڪرايون.

ن تہ هل تہ هلي توکي بند رابن ۽ مترا جو سير ڪرايون. "سوامي، جا

مردانو هٿ ٻڌي عرض ڪرڻ لڳو تہ پوتر ڪرڻو هجيو،

للجي مرضي. جنهن پرتويءَ کي الهيءَ پاسي روانا

نکي بالشڪ هلي ڪريو." پوءِ گورو جن بند رابن ويا،

ا ۽ پوريائين متراءِ ويا. مترا ماٿ تي جو مندر هئا.

تي سري ڪرشن مهراج جا ڪيترائي سندر مندر هئا.

ماحبن جي هاٿ چاٽ ڏسي اُتي جا ماڻهو عجب ڪائڻ

لڳا تہ هي ڪهڙو ياتري آهي. پر ڪن ڪانہ ٻين.

هڪڙي رات جو بند رابن ۾ ڪن نواسين ڪرشن ليلا

ڪئي. ڪو منجهائن ڪرشن ٿيو، ڪو ٻلرام ۽ ڪن گوپين

جا ويس ڌاريا. ساري رات اهي نچيا ٽپيا ۽ راڳ روپ

ڪيائون. انهن کي ڏسڻ لاءِ ساري رات ماڻهو جاڳيا.

سبحہ جو ماڻهن کين پيسا ڏنا ۽ سندن سارا ڪئي. اهو

حال ڏسي صاحبن کي ويچار ٿيو تہ هي لوڪ جي ڪرشن

مهراج ۽ گوپين جا ويس ڌاري پيسن جي لالچ تي راس

ڪن ٿا ۽ انکي ڌرم جو ڪم سمجهن ٿا، سي پاڻکي پاپ

وهيڙو ڪن ٿا. صاحبن انوقت هيٺين واڻي اچاري:-

واڻين چيلي نچڻ گور[1]

پير هلائين ڦيرن سر[2]

اڏ اڏ راوا جهاٽي پاه[3]

ويکي لوڪ هسي گهر جاه[4]

انوچالين ٿا. ۲- راڻو مٽي. ۳- وارن جا جوٽا. ۴- ک

هي پائي، جي جيو تيرٿ ٿا ڪن يا تپشائون ٿا ڪن يا ديا ڏاري دان ٿا ڪن، تنکي (درگاهہ) ۾ جيترو مان ملي ٿو، پر جي جيو نام سڻن ٿا، مڃين ٿا ۽ من ۾ اُن سان پريم رکن ٿا، سي پنهنجي اندر ۾ پيل تيرٿ منجهہ پاڻکي ملي ڌوئن ٿا يعني اُنهن کي ٻئي تيرٿ ڪرڻ جي گهرج ڪانهي. صاحبن اُنوقت فرمايو تہ:—

”تيرٿ ناوڻ جاءِ، تيرٿ نام هيءِ
تيرٿ شبد بيچار، آنتر گيان هيءِ.“

[ڌناسري محلا پهلا ڇنت (١)]

هن ڇنت ۾ صاحب لوڪن کي اُپديش ڏين ٿا تہ ”هي پائي، ٻاهرين تيرٿن تي اشنان ڪرڻ لاءِ ڇو ٿا پنڌڪو؟ اوهانجي پاپن جي ميل لاهڻ لاءِ جو سچو تيرٿ آهي، سو آهي آڪال پرکہ جو نالو. هنجي اُپاشنا جي شبد جو ايڪاگرچت ڪري جو ويچار ڪرڻو آهي، سوئي اوهانجي پاپن روپي آنڌيري کي دور ڪري گيان جو پرڪاش اوهانکي ڏيندو. سو جيڪڏهين اوهانکي پاپن جو ميل دور ڪرڻ جي چاهنا آهي تہ اِنهيءَ سچي تيرٿ ۾ هرروز اِشنان ڪريو.“

اِهو اُپديش ٻڌي ڪيترن ياترين جي اندر مان پرم ناس ٿي ويو. هو صاحبن جي چرنن تي آچي ڪريا ۽ صاحبن جي سنگہ ڪري گهڻو لاڀ پراپت ڪيائون.

باب سورهون
بندرابن ۾ ڪرشن ليلا جو ذڪر

صاحبن کي هاڻي خيال ٿيو تہ بندرابن ۾ وڃي ڪرشن مهراج جا مندر ڏسجن. اِهو ويچار ڪري پائي مرداني کي

لهندو ته پيٺي ملينتا انهن جي آتما تي چڙهندي. (هو اهنڪار ۽ پاکنڊ جي ملينتا پاڻ سان کڻي ويندا ته اسان تيرٿن جو اشنان ڪيو، تنهنڪري پوتر آهيون.) جهڙيطرح ڪوڙي تُنبيءَ کي ٻاهران تيرٿن جي جل سان کڻي ڌوئجي ته ٻاهران جيڪا ملينتا متس لڳل هوندي، سا ضرور لهي ويندي، پر انجي اندر جا ڪوڙاڻ جي وِکُر پيٺي آهي، سا ٻاهران ڌوئڻ ڪري ڪڏهن به دور تي نه سگهندي. تهڙيطرح جي پرش آتما ڪري پاپي آهن ۽ انهن جي اندر ۾ پاپن ۽ وڪارن جو زور آهي سي کڻي تيرٿن تي وڃي اشنان ڪري پنهنجي سرير جي ٻاهرين ملينتا کي دور ڪري سگهندا، پر انهنجي آتما شُڌ نه ٿيندي. جي پرش اڪال پرک جا پيارا آهن ۽ روح ۾ شُڌ آهن، سي اشنان ڪرڻ کانسواءِ ئي پوتر آهن، پر جيڪي روح جا ڪوڙا آهن سي اٺهٺ تيرٿن جي اشنان ڪندي به چور آهن."

لوڪن کي وڏيڪ اُپديش ڏنائون ته "هي ڀائي، جي اوهانکي پاپن جي ميل دور ڪرڻي آهي ته آتمڪ تيرٿ ۾ اشنان ڪريو." صاحبن انوقت هيءَ ٻاڻي اچاري:-

"تيرَتُ تَپُ دَيا دَتُ دانُ
جيڪو پاوءِ تِل ڪا مانُ
سُڻيا مَنيا مَنِ ڪيتا ڀاءُ
انتر گتِ تيرَتِ مَلِ ناءُ."

[سري جپ صاحب پوڙي (٢١)]

جا ڪيئن تنهنجي ٻنيءَ کي پهچندا، جا ٻن سؤ ڪوهن تي آهي." اِهو ٻڌي صاحبن چيو ته "منهنجا پيارا، ويچار ڪريو ته جيڪڏهين منهنجي ٻنيءَ کي ٻن سؤ ڪوهن تي پاڻي نه پهچي سگهندو، ته اوهانجو ڏنل جل ڪيئن اوهان جي پترن کي پهچندو، جنهنجي اوهانکي ڪل به ڪانهي ته ڪيترن ڪروڙين ڪوهن تي آهي آهن."

صاحبن جا اهي وچن ٻڌي اُهي لاجواب ٿيا ۽ سندن پرم داس ٿي ويو. پوءِ هو اچي سندن چرنن تي ڪريا. اتي هڪ سياڻي پرش صاحبن کان پڇيو ته "سوامي! تيرٿن تي اشنان ڪرڻ ڪري پاپ ناس نه ٿا ٿي سگهن ڇا؟" اِهو ٻڌي گورو صاحب پريم اچي هيءُ سلوڪ اُچارڻ لڳا:-

"ناوَڻ چلي تيرٿي، مَنِ کوٽي تَنِ چور
اِڪ ڀاءُ لٿي ناتڻا، دُءِ ڀا چڙهيس هور
باهرِ ڌوتي تومڙي، آندرِ وِس نِڪور
ساڌ ڀلي اڻنا تڻا، چورِ س چورا چور."

[سوهي کي وار محلا پهلا سلوڪ (٢) پؤڙي (١٢)]

هن سلوڪ ۾ صاحب اُپديش ٿا ڏين ته "هي ڀائي، جي پرش تيرٿن تي اشنان ڪرڻ وڃن ٿا ۽ اندر ۾ لها آس رکن ٿا ته اسانجا ڪيل پاپ ناس ٿيندا، سي ڀليل آهن. چالاڪ ته جي پرش من جا کوٽا آهن ۽ جنهجو انتهڪرڻ ٺيڪ نه آهي، تن کي اشنان ڪرڻ مان ايهو ڦل ٿيندو جو اشنان ڪرڻ سان هڪ حصو انهنجي سرير جي ملينتائيءَ جو

اڀرندي طرف جل جا ٻُڪ ڀري ڀري ترپڻ ڪيو. تنهنتي صاحبن ڪيترن کان پڇيو ته "ڀائي، اوهين جو جل جا ٻُڪ ڀري آڀرندي طرف ٿا لٽا ڪريو، سو ڇو؟ انهن ڪرڻ سان اوهانکي ڪهڙو لاڀ پراپت ٿيندو؟"

اهو ٻڌي اُهي چوڻ لڳا ته "سوامي، اوهانکي سڌ نه آهي ته اسين سورج ڀڳوان ۽ پتر جي سُرڳ لوڪ ۾ نواس ڪن ٿا، تنکي ترپت ڪرڻ لاءِ انهن ڪريون ٿا". گورو صاحبن بوءِ ڪانئن پڇيو ته "پيارا، اوهانکي ڀڪ آهي ته اهو جل اُنهنکي وڃي پهچندو." تنهنتي اُهن جواب ڏنو ته "بيشڪ اهو جل اُنهنکي وڃي پهچندو."

جڏهين صاحبن کي اهو جواب مليو تڏهين اُلهندي طرف ٻنهجي گهر ڏانهن منهن ڪري جل جا ٻُڪ ڀري ٻاهر ڦٽا ڪرڻ لڳا. اهو ڏسي ڪيترا ماڻهو صاحبن کي چوڌاري ويڙهي ويا ۽ ڪانئن پڇڻ لڳا ته "سوامي، هي ڪهڙو اُبتو رواج ٿا هلايو؟" صاحبن جواب ڏنو ته "ڀائي، اسانکي هڪ ٻني اُلهندي طرف ٻن سؤ ڪوهن جي پنڌ تي آهي. اسين جڏهين نڪتا هئاسون، تڏهين پوکي نڪتا هئاسون ۽ ڪو ماڻهو جيڏي ڪوڙ آيا هئاسون جو هنکي پاڻي ڏئي. اُها ٻني هڪ ڏڙي تي آهي، جنهنڪري مينهن جو پاڻي نه اُنکي رسي نٿو سگهي. گرميءَ جي ڪري اُها ٻني سُڪندي وڃي ٿي، تنهنڪري مان جل جا ٻُڪ ڀري وجهان ٿو ته اُها سوڪ کان بچي وڃي."

اهو ٻڌي سڀ ماڻهو اچي کِل ۾ ٽهڪڻا جي "پيسا ايتري به سمجهه ڪانه ٿي ٿئي ته تنهنجا جل

پاڻڪي بچايو ۽ جيڪي ورتمان آهي، سو ناس سمجهڻ لاءِ
پيوت مڪي آنند ۾ گذاريو. هريءَ جو ڪيرتن پنهنجي
رهريت ڪريو ۽ گورن جي سکيا سان سڀ ڪابن الڳ رهڻ
يعني ڪنهن سان موهه نه رکڻ لاءِ پنهنجو پنت ڪريو.
هي پيارا، انيڪ ورن آهن، پر جوت جا سڀني ۾ وسي ٿي،
سا سموري هڪڙي ئي آهي. هي پرتر جوڳي! اهڙيطرح
اوهين هڪ پرماتما سان ئي لنو لڳائي رهو." صاحبن جو ڳين
کي پيا بر گيڻا شبد سڀجه جوڳي بابت ٻڌايا، جي ٻڌي اُهي
سمجهڻ لڳا ته هي سچو جوڳي، آڪال پرک جو پيارو آهي.
پوءِ اُهي صاحبن جي چرنن تي ڪري پيا ۽ ڪين پنهنجو
وڏو ڪري سمجهيائون. اُنهيءَ ڏينهن کانوٺي اُنهيءَ جاءِ
جو نالو گورکه مٽي مان ڦيري نانڪ مٽو رکيو ويو، جو اڄ
ڏائين پرسڌ آهي.

باب پندرهون

هردوار تي ڪنڀ جي ميلي جو ذڪر

گورو صاحب، ڀائي ٻالي ۽ ڀائي مرداني سميت ڪُلڪيتر
۽ ٻين هنڌان رتن ڪري ۽ لوڪن کي ست نام جو جاپ
جپائي اچي هردوار پهتا، جتي اُنوقت ڪُنڀ جو وڏو ميلو
شروع ٿيو هو. اُتي چئن ئي ورنن ۽ آشرمن جا لڪين
ماڻهو آچي ڪٺا ٿيا هئا ۽ پاپن جي نورتيءَ لاءِ اشنان پئي
ڪيائون. اُنهن جيتوڻيڪ پنهنجا سرير پئي صفا ڪيا، پر
اُنهنجو اندر ماهين هو ۽ سندن من پئي ڀٽڪيو. هنڌجي
ليکي تـہ سرير اوجل ٿيو تـہ ڏرم ٿي چڪو ۽ ٻي اندروني
صفائيءَ جو ڪو ضرور ڪونهي. اشنان ڪرڻ کانپوءِ اُنهن

نشان کي به سريئر ۾ ڌارڻ ڪريو ته جيڪر ڪيڙي نه عمدي ڳالهه ٿي پوي! پوءِ لوڪ اوهانجو جس ڳائيندا، تنهنڪري اوهين منڊرائون پهريو، گودڙي ڍڪيو ۽ هٿ ۾ ڏنڊو کڻو ته مکتي مارگ هٿ آچيو."

جڏهين صاحبن اها وارتا ٻڌي، تڏهين فرمائڻ لڳا ته "هي ناٿ! اوهين جي جوڳ جا ٻاهريان چهن ٻڌايو ٿا، سي ته فقط جڳت کي ڏيکارڻ لاءِ آهن. پر جي اوهانجي مرضي هجي ته اسين اوهانکي سچو جوڳ جا ساڌن ٻڌايون."

ائين چئي صاحبن هيءُ شبد اُچاريو:-

آسا محلا پهلا شبد (٣٧)

(١) گورُ ڪا شَبدُ منيءِ مَيه مُندرا، کنٿا کِما هنڍاوءُ
جو ڪڇه ڪريءِ ڀَلا ڪَرِ مانَئُه، سهجُ جوڳُ نِڌِ پاوءُ
بابا جُگتا جيئه جُگهه جُگهه جوگي، پَرمَ تَنت مَيه جوگَن
اَمرتُ نامُ نرنجن پائيا، گيان ڪائيا رَس ڀوگَن
(اڪ رهاءُ)

(٢) شوَ نگري مَيه آسڻِ بيسئُه، ڪَلَپ تيا گي بادَن
سنگي شَبدُ سدا ڌُنِ سوهيءِ، اَهه نِسِ پُورءِ نادَن
(٣) پتُ ويچارُ گيانَ مَتِ ڏنڊا، ورتمان بيوتَن

١- گودڙي، ڪفني. ٢- خزانو. ٣- واد ۽ ڪلپنائون تياڳيو. ٤- سوڀنيڪ. ٥- ڏينهن رات. ٦- پيالو. ٧- جيڪي ورتمان آهي سو ناس سمجهڻ، اها اسانجي ڀڀوت آهي.



سري گورو نانڪ ديو جن جا جيون چرتر

دي پاڻي ! جو شخص اهڙو شراب پيئي ٿو، سو سناري
ڪامناڻن کان ڪٽيو ٿي سچو پرش ٿي پوي ٿو ۽ منجهو ڇٽ
روپي پيالو ڀريو رهي ٿو. پر اهڙو شراب اهو پرش پيئي
ٿو، جنهن تي اڪال پرکه پنهنجي ڪرپا درشٽي ڪري ٿو.
تنهنڪري جيڪي هن شراب جا پياڪ آهن، سي اوهانجي
خسيس شراب کي ڇهن به ڪونه ٿا.
دي جوڳي ! هن سچي شراب جي شاهدي مهاتما پرشن
جي امرت روپي پاڪي ڏيئي رهي آهي، اهي شراب پيئڻ
ڪري دي پرش پرماتما جي درگاه ۾ قبول پوي ٿو. ٻي
پرش پرماتما جي درگاه جي درشن جا پياسي آهن انهنکي
مڪتي يا سورڳ جي ڪابه پرواه آهي. مطلب ته اهي انهن
ڪي به تڇ سمجهن ٿا.
اهڙا پرش جي سنسار کان ونواکي ٿي اڪال پرکه
جي ساراه ۾ مست رهن ٿا، سي اوهانجي پاڪندن ۾ ٿي
پنهنجو جنم جوڙا ۽ ڇڏا ڏارائين. هي پرتو جوڳي ! اهي مهاپرش
هن سچي امرت جي ڌارا ۾ مست رهن ٿا، تنهنڪري ما
اوهان کي سچو جوان ٿو ته جيڪڏهين اوهانکي شراب پ
مست ٿيڻو آهي ته هن سچي شراب کي پي مست ٿي
باقي دي وڪند ۽ شراب، جنهن مان ڪهڙا وڪار جاڳن ٿا،
پيئڻ ڇڏي ڏيو.
اهڙي قسم جو اپديش ٻڌي پرتو جوڳي سمجهڻ
ته هي مهاپرش پورڻ پد کي پهتل آهي. تڏهين هو وري
اکيو "هي مهاتما ! جڏهن اوهانجو التهڪرڻ سڌيو
جي سمرٿ ۾ اکيو پيو آهي، تڏهن اوهين جوڳ جي پ

بابا مَنُ متوارو نام رَسَ پيوئِ، سَهَجَ رنگَ رچِ رَهيا
اَهِ نِس بَني پريم لِوَ لاگي، شبدُ اناهد گَهيا
(اِڪ رهاءُ)
(٢) پُورا ساچ پيالا سهجي، تِسهِ پيئائي، جا ڪَمُ ندرِ ڪري
امرت ڪا واپارِي هووئِ، ڪِيا مَدِ ڇُوڇي ڀاءُ ڌري
(٣) گورَ ڪي ساکي امرت باڻي، پيوَت هي پرواڻُ ڀئيا
دَر دَرس ڪا پريتم هووئِ،
مُڪتِ بئڪنٺي ڪري ڪِيا؟
(٤) صفتي رَتا سد بئراگي، جوئِيُ جنمُ نَه هارئِ
ڪَهُ نانڪَ سڻ ڀَرَٿَرِ جوگِي، کِيوا امرت ڌارئِ.

تات پرج

هي جوگي! گيان جو گُڙ ڪريو ۽ واهگوروءَ جي ڌيان روپي "ڌاوا" وڻ جا گل ڪريو ۽ شُپ ڪرڻي جو مصالحو ۽ ڇوڏي ڪريو. اِنهيءَ سامگريءَ کي ديهي جي ڀٺيءَ ۾ چاڙهي، پريم جي اگڙي ڏيئي اِڪ رس ورتي جي امرت کي پنهنجي رَدي روپي برتن ۾ وجهو. هي پيارا رام نام رس جو پيالو پي مَن مستانو ٿئي ٿو ۽ سهجيئي نام جي رنگ ۾ رچي وڃي ٿو. هو رات ڏينهن اُن نشي ۾ مست رهي پريم سان لنو لائي اناهد شبد ٻڌي ٿو.

١- پڪڙي ٿو. ٢- شراب. ٣- خسيس، گندو. ٤- قبول پوي ٿو.
٥- مست.

پنهنجي آتما ۽ پرماتما جو گيان پراپت ڪري. اهڙيطرح هو مايا ۾ اُداس رهي سچي جوڳ جو طريقو حاصل ڪري ٿو.

پيو ته سنساري وڪارن کان پاڪ ٿي جيئري مري چڏي يعني نرواشنا ٿي رهي، تڏهين هو سچي جوڳ جي پد کي پائي سگهي ٿو. اهڙيطرح سنگتي به اها وڏائي جا پاڪيزي پيشي وڃي، جنهنڪري گيان جي پراپتي ٿئي ٿي. اهڙيطرح هو مايا ۾ اُداس رهي سچي جوڳ جو مارگ پراپت ڪري ٿو.

اهو شبد ٻڌي سڀ جوڳي حيرت ۾ پئجي ويا ۽ چوڻ لڳا ته "هي مهاتما ڪو وڏو سڌ ڏسڻ ۾ ٿو اچي." ايتري ۾ هڪ ٻيو جوڳي، جو آڻ ٿي ڀر شراب جي مستي ۾ مگهن هوندو هو، تنهن صاحبن کي چيو ته "هي ٻالڪ! اسين ڳالهين سان تون مڪتي ڪاڻ پائي سگهندين. من کي جيتڻ لاءِ جوڳين جو سڀ کان سٺو رستو آدي شراب پيئڻ. تون جڏهين شراب جو پيالو ڀري پيئندين، تڏهين تون پنهنجا سنڪلپ وڪلپ روڪي جوڳ مارگ ۾ استر ٿيندين."

جڏهين صاحبن جوڳيءَ جي اهي وارتا ٻڌي، تڏهين ڪيس سچي شراب جو ورنن ڪري ٻڌايو. صاحبن انوقت هيٺيون سندر شبد اچاريو:-

آسا محلا پهلا شبد (٣٨)

(١) گُڙُ ڪَرِ گيانُ ڌيانُ ڪَرِ ڌاوي، ڪَرِ ڪَرڻي ڪَسُ پائيئي
ڀاٺي ڀوَنُ پريم ڪا پوچا، اِتُ رسِ اَمِرِتُ چُئائيئي

١- هڪ وڻ جو ڇوڏو جنهن مان شراب ٺهندو آهي. ٢- ڌيان ڪرڻي. ٣- مصالح ۽ جوڙي. ٤- ڀٺي. ٥- گهر، ديهه. ٦- اهڙي ۽ هو پوچو يا اوچ. ٧- اَمرت. ٨- چڪاءُ.

(٤) نانڪ جيوَتا مرِ رهيئي، ائسا جوڳ ڪمائيئي
واجي باجهه سنڱي واجئي، تهه نربهه پد پائيئي
انجن ماهِ نرنجن رهيئي، جوڳ جُڳت تهه پائيئي

هن شبد ۾ گورو صاحب جوڳين کي اُپديش ٿا ڪن ته گودڙي پهرڻ، ڏنڊو کڻڻ ۽ ڀڀوت لڳائڻ کي جوڳ ڪونه چئبو آهي. اهڙيطرح ڪنهنجو چيلو بڻجي وار ڪوڙائڻ ڪري جوڳ نه ٿو ٿئي ۽ سنڱي وڄائڻ ڪري جوڳ جي پراپتي نه ٿي ٿئي. سچ پچ ته جو شخص مايا ۾ اُداس رهي ٿو، سوئي سچو جوڳي آهي ۽ اُهوئي پرماتما کي پائي سگهي ٿو. ٻيون ڳالهيون ڪرڻ ڪري جوڳي ٿي نه ٿو سگهجي. سچو جوڳي اهو آهي، جو پرماتما کي سڀ هنڌ پورڻ ڄاڻي ٿو. تنهن کانسواءِ جوڳي اُهو نه آهي جو گهر ٻار ڇڏي وڃي مڙهي مساڻُن وسائي، ڇو جو گدڙ به سدائين مساڻن ۾ رهن ٿا، پر اُهي جوڳي ڪونيا نه ٿا وڃن. اهڙيطرح تيرٿن تي وڃي اشنان ڪرڻ سان به جوڳ پراپت نه ٿيندو آهي، ڇو جو مَڇيون ۽ ڏيڏر ته سدائين جل ۾ پيا آهن ۽ تنهنڪري سچو جوڳي اهو آهي جو مايا ۾ نرليپ رهي، سچي پرماتما ۾ لنوَ لڳائي رهي ٿو.

جيو کي گهرجي ته ستگوروءَ جي اوٽ وٺي پنهنجا پريم ۽ سنسا نورت ڪري ۽ هن ڏوڪندڙ من کي اسٿر ڪري، جنهنڪري برهم آڪار ورتيءَ جي ڌارا جو امرت پيئي

١- پاڪي جيڙيئي مارجي يعني نرواشنا ٿي رهجي. ٢- وڄائڻ کانسواءِ ورتي روپي سنڱي وڄائجي.

سري گورو نانڪ ديو جن جا جيون چرتر

راڳ سوهي محلا پهلا گهر (٧) شبد (٨)

اِڪ اونڪار ستگور پرساد

(١) جوڳ نہ کنٿا جوڳ نہ ڏنڊي، جوڳ نہ ڀسم چڙائيئي
جوڳ نہ منڍي موڏ منڍائيئي، جوڳ نہ سِنگي وائيئي
انجن ماهہ نرنجن رهيئي، جوڳ جڳت اِو پائيئي

ڳالهي جوڳ نہ هوئي
اِڪ درشٽ ڪري سمسر جاڻي، جوڳي ڪهيئي سوئي
(اِڪ رهاءُ)

(٢) جوڳ نہ ٻاهر مڙهي مساڻي، جوڳ نہ تاڙي لائيئي
جوڳ نہ ديس دسنتر ڀوئيئي، جوڳ نہ تيرٿ نائيئي
انجن ماهہ نرنجن رهيئي، جوڳ جڳت اِو پائيئي

(٣) ستگور ڀيٽيئي تا سهسا ٽوٽيئي، ڌاوت وَرج رهائيئي
نجهر جهري سهج ڌن لاڳي، گهرهي ڀرچا پائيئي
انجن ماهہ نرنجن رهيئي، جوڳ جڳت اِو پائيئي

١- ڪفني يا گودڙي. ٢- ڏنڊو. ٣- ڏوڙ. ٤- مُندرائون
٥- ٦- ناد يا ساز وڄائڻ سان. ٧- سرمو.
٨- وارن ڪوڙائڻ سان. ٩- ... ١١- ... ١٢-
١٠- ٻولڻ. ٩- جوڳ حور سنو. ١٠- ڳالهين سان. ١١- برابر. ١٢-
ڪري وهڻ. ١٣- ڀٽڪڻ سان. ١٤- سنو. ١٥- دوڪندڙ
١٦- روڪي رکي. ١٧- اِڪ رس امرت نام جي ڌارا وهندي
١٨- گهر مرئي. ١٩- نسچو.



شڪر لکو تہ "خاوند! منهنجي لاءِ دعا ڪريو تہ منهنجا گناھ معاف ٿين." گرو صاحبن کي مٿس قياس پيو ۽ منجهان پڇيائون تہ "شيخ، پڌاءِ تہ تو ڪيترا خون ڪيا آهن." صاحبن تنهن کانپوءِ کيس چيو تہ "اسانکي اهو مال ڏن ڏيکار، جو تو انهن کان ڦريو آهي." هن سمورو مال هاڻي ڏيکاريو، باقي خونين جا ڏڏا بہ ستگورن کي ڏيکاريائين. ستگورن کيس حڪم ڪيو تہ سمورو مال غريبن ۾ ورهائي ڏي. شيخ سڄڻ ستگورن جو حڪم مڃيو ۽ انهيءَ ڏينهن کان وٺي ستگورن جو داس ٿي رهيو. جنهن هنڌ اها گفتگوءِ صاحبن ۽ شيخ سڄڻ جي وچ ٿي، تنهن هنڌ سکن جو پهريون گردوارو اڏايو ويو.

باب چوڏهون

نانڪ متي جو ذڪر

گرو صاحب اهڙيطرح سفر ڪندا "گورکہ متي" نالي آستان تي اچي پهتا، جتي گهڻا جوگي رهندا هئا ۽ جتي گورکہ ناٿ جي گادي هئي. انهيءَ جڳهہ جي پاڙان، جو پپر جو وڻ هو، تنهن هيٺ صاحب وڃي ويٺا. جڏهين جوگين صاحبن کي ڏٺو تہ کين پتو ڪونہ پيو تہ هي ڪهڙي ورن ۽ آشرم جا آهن. انهن وڃي ستگورن کان پڇيو تہ "سوامي! اوهان جو نالو ڇا آهي؟" صاحبن کين جواب ڏنو تہ "هي سڪ، منهنجو نالو نانڪ نرنڪاري آهي." اهو ٻڌي جوگي سمجهي

ٻڪري ٻڪيءَ وانگر جن کي اڇا ڪپڙا آهن ۽ تيرٿن تي رهن ٿا، ۽ جيون کي گهٽي گهٽي ڪائين ٿا، اهڙن کي پوتر چوڻ ڪ نه ايندو. سرير روپي سمل وڻ کي طوطا (جيو) ڏسي ڀلجن ٿا، پر انجا ڦل ۽ ڦل ڪم نه ٿا اچن. اهي سمل وڻ وارا اوگڻ منهنجي تن ۾ آهن (يعني اسين جيو ظاهري چڱا ڏسڻ ۾ اچون ٿا، پر اسانجو اندر ڪارو آهي). هن اگياني جيو پاپن روپي بار پنهنجي سر تي کنيو آهي، پر جم جو رستو تمام ڏکيو آهي. ظاهري اکين سان مان پرماتما کي ڏسڻ چاهيان ٿو، پر آءُ اُنکي لهي نه ٿو سگهان، جو جوگيان روپي اکيون نه آهن. تنهنڪري آءُ ڪهڙيطرح انهيءَ واٽ کان چڙهي پار پوان؟ سچي دل سان چاڪري ۽ چڱائي ڪر. ٻيون سياڻپون ڪهڙي ڪم جون آهن؟ هي ڀائي، تون پرماتما جو نام ياد ڪر، جنهنڪري تون ٻڌل ڇُٽي ويندين.

شيخ سڄڻ هي شبد ٻڌي سهي ڪيو ته صاحبن منهنجو حال چاڻي هي شبد اُچاريو آهي. هن صاف ڏٺو ته ظاهري گورو صاحب سڀ اوگڻ پاڻ سان لڳائين ٿا، پر هرڪ اوگڻ مون سان ئي ٿو لڳي اچي. ائين سمجهي هو ڏاڍو پشيمان ٿيو ۽ پنهنجن ڪرتوتن تي زار زار رئڻ لڳو. هو ستگورن جي چرنن تي ڪري پيو ۽ پنهنجا گناهه ۽ اپراڌ بخشائڻ لڳو. گورو صاحبن فرمايو ته ”هي شيخ سڄڻ! ڏٺيءَ جي دربار ۾ پرماتما جي ڪرپا هن طرح هٿ ڪري سگهجي آهي:—

(١) سچي طرح سان گناهه ڇڏڻ ۽ (٢) ڪيل گناهن جو عيوضو ڏيڻ.“ تنهنتي شيخ سڄڻ هٿ جوڙي وينتي

سري گورو نانڪ ديو جن جا جيون چرتر

(٥) انڌ ليي پار اُڌائڻا، ڏونگر وات ڀٽ
اکي لوڙي ڏاڍهان، ڪُهُ پَيُو لنگها ڪَٽ
(٦) چاڪرنيا چنڪائيڻا، اُور سياطُبَ ڪَٽ
نانڪ نام سمال تون، پڪا جُتّهہ جت.

ظاهري طرح ڪنجهو ڏاتو صاف ۽ چاڪيدار دسندو آهي،
پر اُهو ڪنجهو ڪپڙ يا مانط سان مس جهڙو ڪارو ڏسڻ ۾
ايندو آهي. جيڪڏهن سُوپيرا اُلڪي ڪڍي ڏسبو ته ٻہ
ني ڪاراڻ نہ ويندي. (اهڙيطرح ظاهري ڏوان پا ڪندڙ
ردن تو پر اندر ۾ ڪوڙ اٿيئي). سڄا ٻچا سڄط آهي آهن
مون مانندڙ سان ڪڏ هن ۽ جتي ليکو ڳيون، تتي ڪڙا
ڏسط ۾ اچن. (يعني سمائتا ڪن. اهڙو سڄط ڏدوي
ٽو نام آهي).
ڪوليون، ماڙيون ۽ محلات جنجا پاسا چٽيال
پر اندر ڪا سکڻا هجن يعني ڪام هجن ته آهي ڏوط ٻ
ڪين ٻہ ڪم نہ ايندا. (اهڙيطرح جن جيون ۾ ڪو ڪڻ
ني، سي سکڻا آهن، اُنهن مان ڪو ڪارج نہ سرندو

. ٻاٻي ڏوٽي نوڃو. ٢. عمل جي وات يعني ...
ڪال ڏسو. ٤. ظاهري اکين سان پرمالما کي ڏسڻ جا
. جڪي لبي ڪرسکيان. ٥. لنهڪري آءِ ڪهڙيطرح آ
. بڙهي ته ڪڏي؟ ٦. ياد ڪر. ٧. جنهنڪري تون

ڏوتيا جوُتِ نہ اُتريٖ، جي سَؤ ڌوان تِسُ
*سڄڻ سيئي نالِ، ميٖ چلديا نالِ چلنِ
جتهيٖ ليکا منگيئيٖ، تتهيٖ کڙي ڏسنِ (اِڪ رهاءُ)
(٢) ڪوٺي منڊپ ماڙيا، پاسہ چتويادا
ڍٺيا ڪمِ نہ آوني، وچہ سکڻيا دا
(٣) بگا بگي ڪپڙي، تيرٿ منجهہ وسنِ
گُهٽِ گُهٽِ جيا کاوڻي، بگي نا ڪهيئن
(٤) سِمل رُکہ سريرُ ميٖ، مَيجن ديکہ ڀُلنِ
سي ڦل ڪمِ نہ آوني، تي گُڻ ميٖ تنِ هنِ

١- ڪارانڊ. ٢- سوين ڀيرا. ٣- سڄڻ، دوست، متر. ٤- مون هلندڙ سان گڏ هلن. ٥- گهرن ٿا. ٦- اُتي کڙا ٿي ڏسڻ ۾ اَچن ٿا يعني سهائتا ڪن ٿا. ٧- ڪوٺيون. ٨- محلات. ٩- ماڙيون. ١٠- پاسا. ١١- چٽيل. ١٢- ڍهڻ بعد. ١٣- سکڻا. ١٤- بگهہ پکي. ١٥- اَڇا ڪپڙا. ١٦- گهٽي گهٽي. ١٧- اَڇا، اوجل، پوتر. ١٨- سمل وڻ. ١٩- طوطا. ٢٠- اُهي اوگڻ منهنجي تن ۾ آهن.

* نوٽ:- هي ٻہ سٽون ٻڌي شيخ سڄڻ سمجهيو تہ صاحب چون ٿا تہ ”هي شيخ سڄڻ! اُهي ئي ڪم نيڪ آهن جي توسان گڏ هلن ۽ جتي درٻار ۾ توکان ليکو گهرن، تتي تنهنجي سهائتا ڪن.“ سڄڻ لفظ جون ٻہ معنائون ٿي سگهن ٿيون: (١) دوست (٢) هي شيخ سڄڻ.

لاءِ مسيت. هو ٻاهران ڏيکين جو پنهنجن مزمانن کي بلڪل سکي رکندو هو، پر جڏهين رات ٿيندي هئي، تڏهين کين چوندو هو تہ وچي سمهو. هو بلڪل مضبوط ۽ جانٺو مڙس هو. رات جو هندکي ماري ڪاهي تـي ڪٽي وڃي هڪ اونداهي کوهہ ۾ ڦٽو ڪري ايندو هو ۽ سندن مال ملڪيت قبضي ۾ ڪندو هو. پٺي ڏينهن صبوح جو لٽ ۽ تسبيحہ (مالها) ڪٽي گهر کان ٻاهر نڪرندو هو ۽ هڪ ٿلهي تي غاليچو وڇائي وڃي بلند آواز سان بندگي ڪندو هو ۽ غريبن کي خيريات ڏيندو هو. ماڻهن جي ليکي تہ شيخ سجڻ هڪ پهتل فقير آهي. جڏهين گورو جن، ڀائي مردانو ۽ ڀائي ٻالو اُتي آيا، تڏهين صاحبن جو چهرو ۽ روپ سندر روپ ڏسي سمجهائين تہ هي ڏاڍي بِرَشُ آهن ۽ هنن وٽان چڱا ڏوڪر هت ايندا. جڏهين رات ٿي تڏهين صاحبن جي سمهڻ جي جاءِ ماڙيءَ تي ڪيائين ۽ ڀائي مرداني ۽ ٻالي جي هيٺ. پوءِ تہ ڀائي مرداني ۽ ڀائي ٻالي جا ڪَن ڪائي ويو تہ هلي سوي ئي آرامي ٿيو. صاحبن کيس چيو تہ آيا تڪڙ ڇا جي لاتي آئيٿي؟ اسين پنهنجي مهل تي پاڻيهي سمهنداسون. صاحبن پوءِ ڀائي مرداني کي چيو تہ رباب وڄاءِ ۽ ٻاڻ هيٺيون شبد اُچاريائون :-

راڳ سوهي محلا پهلا گهر (٦) شبد (٣)

اڪ اونڪار ستگور پرساد

(١٠) اوجل[١] ڪئيها[٢] چِلڪڻا[٣]، گهوٽم[٤] ڪالڙي مس[٥]

١- صاف. ٢- ڪنجهو. ٣- جلڪندڙ. ٤- گهوٽڻ يا مَلڻ سان. ٥- ڪاري مس جهڙو.

ويسو وڌندو، جنھنڪري ھو گھڻو ادب رکندا ھون. ھڪ ڏينھن راءِ بلار صاحبن کي ھٿ جوڙي وينتي ڪئي تہ ”سوامي، مونکي آتم سروپ جو گيان ڏيو.“ ستگورن پنھنجي پريتم کي آتم سروپ جو اُپديش ڏيئي نھال ڪيو. پوءِ سُکن جا ساگر ستگورو گھر موٽي آيا.

صاحبن تلونڊيءَ ۾ ڪجھہ وقت گذاري، ھڪ ڏينھن راءِ بلار کي چيو تہ ”ھاڻي اسانکي رخصت ڏيو تہ اسين ٻئي طرف وڃون.“ اھو ٻڌي راءِ کين چيو تہ ”مون تي ڪا فرمائش رکي وڃو تہ چڱو.“ تنھن تي صاحبن ھن طرح فرمايو:—

”اِڪ فرمائش آکيئي، جو مني سائي
جتي زور نہ چَلئي، ڪَر جوڙ ڏيائي.“

ھن ۾ گورو صاحب راءِ کي اُپديش ڏنو تہ ”ھي راءِ جي، منھنجي ھڪ فرمائش آھي سا مھرباني ڪري مڃيو. اُھا ھيءَ آھي تہ جنھن پرميشور وٽ اسانجو زور نہ ھلي سگھي، اُن وٽ ھٿ جوڙي آڌينا ڪرڻ جڳائي.“ اھو اُپديش ڏيئي صاحب اُتان روانا ٿيا ۽ وري وڃي پنھنجي جاءِ تي ويٺا. پوءِ صاحب ماءُ پيءُ کان موڪلائي، ڀائي ٻالو ۽ ڀائي مردانو پاڻ سان ڪري رٽن ڪرڻ نڪتا.

باب تيرھون

شيخ سجڻ جو پرسنگ

گورو صاحب، ڀائي مردانو ۽ ڀائي ٻالو رٽن ڪندا ۽ ڪرتار جو جس لوڪن کي ٻڌائيندا ھڪ ڳوٺ جي ڀر آيا، جنھنجو نالو ھو شيخ سجڻ. ھن ھندن لاءِ مندر ٺھرايو ھو ۽ مسلمانن

ٿو وڃي. جئن اوهانجي مرضي هجي تئن ڪريو. راءِ بلار ويچار ڪيو ته ڀريائين پرساد جو بندوبست ڪرڻ گهرجي. تنهنڪري هڪ نوڪر کي حڪم ڪيائين ته رسوئي ڪرڻ واري برهمڻ کي سڏي آڻ. رسويو اچي حاضر ٿيو، جنهنکي راءِ بلار چيو ته ”مونکي اڄ خدا جو پيارو ملي ويو آهي، سو تون بلڪل عمدا پوڄن تيار ڪري مونکي اطلاع ڏي؛ پڻ هڪ ڪورو دلو پاڻيءَ جو ڀرائي رکجانءِ.“ چالاڪ برهمڻ جلد بلڪل ستا پوڄن تيار ڪري راءِ بلار کي خبر ڏني. پوءِ راءِ بلار ستگورن کي سيڄا تي وهاري پنهنجن هٿن سان سندن چرن ڌوئي کين پاڪ شالا (پنڊاري) ۾ وٺي ويو، جتي برهمڻ کي تاڪيد ڪيائين ته ”پرساد جدا جدا ٿالهن ۾ پائي اچ. جڏهين سوامي پوڄن کائي پرسن ٿيندا، تڏهين مان پنهنجو جنم سڦلو ڄاڻندس.“ صاحبن راڳ مارو ۾ فرمايو ته:-

”مِٺا مرم، سلوڻان سنڄم، ڪتا ڪڙا ڏيان

انسا پوڄن جو جَنُ اُچوئي، سو مانش پرڌان.“

يعني ماڻهن ۾ اهو ماڻهو مشهور آهي جو مرم روپي مٺو، سنڄم روپي سلوڻو؛ ڪڙي ڏيان روپي ڪٽو پوڄن کائي ٿو.“ تڏهين راءِ بلار چيو ته ”سوامي! اوهين ڪرن ڪراون هار آهيو؛ اها ڳالهه به اوهانجي هٿ ۾ آهي ته جنهنکي بخشش ڪريو سو ست نام جو جاپ جپي آنند پراپت ڪري ٿو.“ ايتري ۾ برهمڻ عمدا پوڄن کڻي آيو؛ صاحب ست نام چئي کائڻ لڳا. جئن جئن صاحبن گرهه پئي کنيو، تئن تئن راءِ بلار کي آنند پئي آيو. جڏهين پرساد کائي اٿيا، تڏهين



سري گورو نانڪ ديو جن جا جيون چرتر

...ل لکيو ته "سري نانڪ ديو! تو تهر ڪيو، جو مون جيڪري
... ماري ڇڏيا. مونکي تو سان ماڻهن جي ڇاهنا ڪئي ؟
...! الله جي اڳيو ڏيرو ته توکي کهرائي تنهنجا ٻران ڇهندس،
...ر تو ته آئاندو بيريئن ٻئي مونکي گنهگار ڪيو. داڻي تسه
مونکي ڪو اڀار ڪولو تو سڃبي، جنهنڪري مان ايو گناهه
ٻاط ڏان دفع ڪريان." سڪورن راه ٻالا ڪي فرمايو ته "پيارا
اوهين ڪو خيال نه ڪريو، ڇاڪاڻ ته اوهين مونکان وڏا
آهيو ؟ ٻيو ته اوهين ٻريمي آهيو، تنهنڪري مونکي سڏيو
پنهنجو داس ڪري سمجهو."

راه ٻالا رئي هٿ ٻڌي نمرتا سان وينتي ڪرڻ لکيو ته
"اي خدا جا نور! اي ولي! تون سڀني شاهن جو شاهه آهين.
تون نبي ٻروارو، مهربان ؟ سڀ ڪنهن ٻالڪندو آهين. مهر
ڪري منهنجا گناهه بخشي مونکي دين ايمان جي جنجال
کان ڇڏاءِ." انهيطرح چئي راه ٻالا ليزاري ٿي ڪئي،
تنهن تي مهر جو اکيرو ... الله ر مان کيهو ٻئي ويو
ليڪ سڪورو لماڻن جا ماط راه ٻالا کي ڇوڙ لکا ته "پيارا،
اودالڪي اول ڪان 5ڪي ايمان بخشيو آدي ؟ آخرت ۾ ...
اوهين سکه پائيندا." راه ٻالا چيو "منهنجا پيارا، منهنجا
ڇت ڏڏهين ٻرسن ليندو، ڇڏهين اوهين ڪريا ڪري
مونکي پنهنجا قدم ڇوڻ ڏيندا. تڏهن مان پاڻکي ڌڏياڪي
سمجهندس ؟ تحقيق ڇڪت جي جنجال کان ڇٽي آزاد
حاصل ڪندس."

اُنوقت سڪورو پنهنجي ٻريمي کي نيڻ ۾ ...
ڏسي فرمايو ته "راه صاحب! اوهانجو ڇوڙ مونکان ...

منهنجو سچو ڪٽنب اهو آهي جنهن مان هردم آنند ۾ گذاريان ٿو. منهنجو خاوند هڪ اڪال پورکه آهي، جنهن منهنجو گهاٽ گهڙيو آهي. هنکي ڇڏي جيڪو ٻين کي لڳي ٿو، سو دکه پراپت ڪري ٿو."

ائين چئي ستگورو صبر ۾ رهيا. پاڻي لعلوءَ پنهنجي پاڻ پاڻي ڪالوءَ کي پاسيرو ٿي چيو ته "نانڪ اسانجي سمجهائڻ جو نه آهي، تنهنڪري صلاح پري ڳالهه آهي ته هنکي راءِ بلار وٽ وٺي هلجي ته من هو سمجهائيس." پوءِ صاحبن کي راءِ بلار وٽ هلڻ لاءِ چيائون. اهو ٻڌي صاحب هڪدم تيار ٿيا ۽ سيني سنبنڌين سان گڏ جي راءِ بلار ڏانهن ويا. واٽ تي ڪئين ماڻهو کين مليا، جي کين پيرين پيا ۽ ساڻن گڏ جي هليا.

راءِ بلار، جو صاحبن جي درسن لاءِ آتي ٿي پر پيو سگهندو هو، تنهنکي خبر پيئي ته صاحب مون وٽ اچن ٿا، سو هڪ ماڻهو پيشوا موڪليائين ته جلد وڃي گورو جن کي مون وٽ وٺي اچو. صاحبن جي ڪٽنب جا ماڻهو ۽ پيا رهواسي صاحبن سان گڏ راءِ بلار وٽ آيا. جنهن وقت صاحب راءِ بلار جي ڪمري ۾ ٿي گهڙيا، تنهن وقت راءِ بلار، جيتوڻيڪ بيطاقتيءَ ڪري اُٿڻ جهڙو نه هو، تڏهن به گورو جن کي مان ڏيڻ لاءِ اُٿي کڙو ٿيو ۽ ٻه چار قدم ويجهو آيو، پر صاحبن کيس اچڻ کان روڪيو. جڏهن گورو صاحب ويجهو ٿيا، تڏهن راءِ بلار کين پريم سان ڀاڪر پاتو ۽ زار زار اکين مان گوڙها ڳاڙيائين. صاحبن ڪجهه وقت ڪانپوءِ راءِ بلار جي پيرن تي ٻئي هٿ رکيا، جا ڳالهه راءِ بلار کي نه وڻي ۽

و، پر منهنجو چوڻ ته آڻائيو نه ٿيو. صاحبن پنهنجي ڏاڏي
هيٺيون شبد پڙايو، جو جنم ساکيءَ ۾ لکيل آهي.
سو پائي دتسنگهه گيانيءَ جي جنم ساکي.]

(١) ڪما هماري ماتا ڪَهيئي، سنتوکُ همارا پتا
سَت همارا ڏاڏا ڪَهيئي، جن سَنگهه مَنوُنا جِدا
سُڄُ لعلوُ گُڻَ انسا
سَڪلي لوکَ بَندن ڪي پاندي، سوگُڻَ ڪهيئي ڪنسا
(اڪ رهاءُ)

(٢) پاءُ پائي سنگه هماري، پريم پُٽ سو ساڏا
ڏيِ هماري ڏيرج بَني، انسي سنگهه دم راڏا
(٣) سات هماري سنگه سهيلي، مَتِ هماري ڇيلي
اِدو ڪُٽنب همارا ڪهيئي، ساين ساين سنگهه کيلي
(٤) ايڪ اونڪار همارا خاوند، جتِ دم بنت بنائي
اُسکو تياگهه اورڪو لاڳي، نانڪ سو دُکهه پائي.

تان پڇ

”هي پيارا ڏاڏا، منهنجي ماتا ڪميا آهي ؛ منهنجو
پتا سنتوکهه آهي. ست تي قائم رهڻ منهنجو ڏاڏو آهي،
انهن گڻن ڪري مون پنهنجو من جيتيو آهي. پائي لعلو،
سچا گڻ ته اهي چئجن، هو سنسار جا جيو ڪٽنب جي
بندنن ۾ ٻڌا پيا آهن. ڀڳتي ڪرڻ منهنجو ڀاءُ آهي ؛ پريم
منهنجو سچو پٽ آهي. ڌيرج منهنجي ڌيءُ آهي.

سڪر سان گذار. پيارا، تون سڀني تي حڪم ڪندو رهه ۽
سڪر سان نندون ويهي ڪر. توکي ڪنهن جو ڏيٺو وٺو
ڪو نه ٿيندو ۽ تون گهر ۾ بادشاه وانگر آڏول ٿي رهندين.
اِدو پڏي صاحبن پتا کي چيو ته منهنجو گهر ۽ ڪٽنب
ڪيڙو آهي، سو آچو ته اوهانکي پڏايان. ائين چئي شبد جو
چوٿون پد اُچاريائون :—

(٤) گهر مندر خوشي نام ڪي، ندر تيري پروار
حُڪم سوئي ٽڏ پاوسي، هور آکڻ بهت اپار
نانڪ سچا پاتشاهُ، پوڇه نه ڪري بيچار
بابا دور سڻا، خوشي خوار
جت سٽيءِ تن پيڙيئيءِ، من مهِ چلهه وِڪار (اِڪ رهاءُ)

هن شبد ۾ صاحب چون ٿا ته "هي پتا، منهنجو گهر
۽ مندر آهي ڪرتار جي نام جو آنند وٺڻ ۽ هنجي ڪرپا درشٽي
منهنجو ڪٽنب آهي. منهنجو حڪم نه ٿو هلي، پر حڪم
اُهوئي چڱو آهي جو آڪال پرک کي وڻي ٿو، پر اُهو ڪٿڻ
مشڪل آهي. اهڙو اوچو ۽ وڏو حاڪم ئي سچو پاتشاه آهي،
جو ڪنهن کان پڇي بخشش نه ٿو ڪري. بابا، اوهين جو
چئو ٿا ته مان گهر ۾ ويهي نند ڪريان، سو نند مان تن کي
پيڙا ٿئي ٿي ۽ من ۾ وڪار جاڳن ٿا."

پائي ڪالو ء صاحبن کي بيون به ڪئين لالچون
ڏنيون، پر وريو ڪي به ڪين، جنهنڪري صبر ڪري
ويهي رهيو. پوء پائي لعلو، صاحبن جو چاچو کين سمجهائڻ

(٣) گهوڙي پاکر سُئني ساخت، پُوجهڻ تيري وات
ترڪش تير ڪمان سانگ، تيغ بند گڻ ڌات
واجا نيزا پت سُئ برکت، ڪرم تيرا ميري ذات
بابا هور چڙنا خوشي خوار
جت چڙيئي تن پيڙيئي، من مهِ چلهِ وڪار
(اڪ رهاءُ)

هن شبد ۾ صاحب پتا کي اُپديش ٿا ڪن ته پرماتما جي ڀڳتيءَ روپي وات جي سمجهه رکڻ گويا سونيءَ زين سان سنجيل گهوڙي جي سواري آهي. اهڙيطرح تيرن جي ٻتي، ڪمان، برڇي ۽ ترار جي مياڻ منهنجي واسطي شُڀ گڻن جو ڌارڻ آهي. عزت سان پرماتما جي دربار ۾ پرڪهت ٿيڻ گويا منهنجي لاءِ باجا ۽ نيزا پاڻُسان کڻڻ آهي ۽ پرماتما جي ڪرپا منهنجي لاءِ اُتم ذات آهي. بابا، ٻي سواريءَ مان مزو آڻڻ خواري آهي، جنهن سواريءَ مان مرڳو تن ۾ پيڙا ٿئي ٿي ۽ من ۾ وڪار جاڳن ٿا.

صاحبن جو اهو جواب ٻڌي پائي ڪالوءَ وري چوڻ لڳو ته "پيارا نانڪ، چڱو جيڪڏهين تنهنجي مرضي تازي گهوڙن تي چڙهڻ، سٺن ٻوڇن کائڻ ۽ عمدن ڪپڙن پهرڻ جي نه آهي، ته ڀلا ائين ڪر جو گهر ۾ ڪتب سان رهي

ا- زين. ٢- زين سان جڙيل. ٣- ٻتي. ٤- ٽڙچي. ٥- ترار جي وجهڻ جي مياڻ. ٦- ڌوڪڻ، پيان ٻوڻ، گرهڻ ڪرڻ. ٧- ڀالا. ٨- پڻسس.

سڪه سان گذار. پيارا، تون سڀني تي حڪم ڪندو رهه ۽ سڪه سان نندون ويهي ڪر. توکي ڪنهن جو ڏيٺو وٺو ڪونه ٿيندو ۽ تون گهر ۾ بادشاه وانگر آڏول ٿي رهندين. اِهو ٻڌي صاحبن پٽ کي چيو ته منهنجو گهر ۽ ڪٽنب ڪهڙو آهي، سو آچو ته اوهانکي ٻڌايان. ائين چئي شبد جو چوٿون پد اُچاريائون :—

(٤) گهر مندر خوشي نام ڪي، ندر تيري پرِوار
حڪم سوئي ٽهل پاوسي، هور آکڻ بهت اپار
نانڪ سچا پاتشاه، پوچهه نه ڪري بيچار
بابا دور سڻنا، خوشي خوار
جت سني تن پيڙيئي، من مهِ چلهِ وِڪار (اِڪ رهاءُ)

هن شبد ۾ صاحب چون ٿا ته "هي پٽ، منهنجو گهر ۽ مندر آهي ڪرتار جي نام جو آنند وٺڻ ۽ هنجي ڪرپا درشٽي منهنجو ڪٽنب آهي. منهنجو حڪم نه ٿو هلي، پر حڪم اُهوئي چڱو آهي جو اڪال پرکه کي وڻي ٿو، پر اُهو ڪٿڻ مشڪل آهي. اهڙو اوچو ۽ وڏو حاڪم ئي سچو پاتشاه آهي، جو ڪنهن کان پڇي بخشش نه ٿو ڪري. بابا، اوهين جو چئو ٿا ته مان گهر ۾ ويهي نند ڪريان، سو نند مان تن کي پيڙا ڏئي ٿي ۽ من ۾ وڪار جاڳن ٿا."

پائي ڪالوءَ صاحبن کي ٻيون ٻه ڪئين لالچون ڏنيون، پر وريو ڪي به ڪين، جنهنڪري صبر ڪري ويهي رهيو. پوءِ پائي لعلو، صاحبن جو چاچو کين سمجهائڻ

(۳) گهوڙي پاکر سُتني ساختِ، ڍُوجهڻُ تيري واتَ
ترڪشُ تيرڪمانَ سانگه، تيغ بند گُرڻ ذات
واجا نيزا پتِ سُه پرکتُ، ڪرمُ تيرا ميري ذاتِ
بابا هور چڙنا خوشي خوار
جتُ چڙيئي تن پيڙيئي، من مهِ چاليهِ وڪار (اِڪ رها

تا ڪن تہ پرماتما
مَن شبد ۽ صاحب پتا کي آپديش
بي پيکتيءَ روپي وات جي سمجهه رکڻ گويا سونيءَ زين
سان سنجيل گهوڙي جي سواري آهي. اهڙيطرح تيرن جي
بتي، ڪمان، برڇي ۽ تراز جي مياڻ منهنجي واسطي شُب
ڪڻن جو ڏارڻ آهي. عزت سان پرماتما جي درٻار ۾ پرکيت
تيڻ گويا منهنجي لاءِ باجا ۽ نيزا پاڪسان ڪڻڻ آهي ۽ پرماتما
جي ڪرپا منهنجي لاءِ آتم ذات آهي. بابا، ٻي سواري
مان مزو آهڻ خواري آهي، جنهن سواريءَ مان مرڳو تہ
۾ پيڙا ٿئي تي ۽ من ۾ وڪار جاڳن ٿا.
صاحبن جو اهو جواب ٻڌي ٻائي ڪالو وري چوڻ لڳ
تہ ”پيارا نانڪ، چڱو جيڪڏهين تنهنجي مرضي تہ
گهوڙن تي چڙهڻ، سٺن پوشن ڪائڻ ۽ عمدن ڪپڙن پ
جي نہ آهي، تہ ڀلا اٿين ڪر جو ڪم ۽ ڪتب سان

۱- زين. ۲- زين سان جڙيل. ۳- ٿي. ۴- تڙجي.
وجهڻ جي مياڻ. ٦- دوکڻ، پنيان بوڻ، گرهڻ
پالا. ۸- بخشش.

سڪر سان گذار. پيارا، تون سيني تي حڪم ڪندو رهه ۽ سڪر سان نندون ويهي ڪر. توکي ڪنهن جو ڏيڻو وٺڻو ڪونه ٿيندو ۽ تون گهر ۾ بادشاه وانگر آڏول ٿي رهندين. اهو ٻڌي صاحبن پتا کي چيو ته منهنجو گهر ۽ ڪٽنب ڪهڙو آهي، سو آڇو ته اوهانکي ٻڌايان. ائين چئي شبد جو چوٿون پد اُچاريائون :-

(۴) گهر مندر خوشي نام کي، ندر تيري پروار
حڪم سوئي ٽهل پاوسي، هور آکڻ بهت اپار
نانڪ سچا پاتشاهُ، پوڇ نه ڪري بيچار
بابا هور سُڻڻ، خوشي خوار
جت سُڻي تن پيڙيئي، من مهه چلهه وڪار (اِڪ رهاءُ)

هن شبد ۾ صاحب چون ٿا ته "هي پتا، منهنجو گهر ۽ مندر آهي ڪرتار جي نام جو آنند وٺڻ ۽ هنجي ڪرپا درشٽي منهنجو ڪٽنب آهي. منهنجو حڪم نه ٿو هلي، پر حڪم اُهوئي چڱو آهي جو اڪال پرکه کي وڻي ٿو، پر اُهو ڪٺڻ مشڪل آهي. اهڙو اوچو ۽ وڏو حاڪم ئي سچو پاتشاه آهي، جو ڪنهن کان پڇي بخشش نه ٿو ڪري. بابا، اوهين جو چئو ٿا ته مان گهر ۾ ويهي نندون ڪريان، سو نندون مان تن کي پيڙا ڏئي ٿي ۽ من ۾ وڪار جاڳن ٿا."

پائي ڪالو ۽ صاحبن کي ٻيون به ڪيئين لالچون ڏنيون، پر وريو ڪي به ڪين، جنهنڪري صبر ڪري ويهي رهيو. پوءِ پائي لعلو، صاحبن جو چاچو کين سمجهائڻ

(٣) گهوڙي پاکر سُڪني ساخت، ڀوڄھڻ تيري وات
ترڪش تير ڪمان سانگ، تيغ بند گُڻ ڏات
واڃا نيزا پت سُن پرگٽ، ڪرم تيرا ميري ذات
بابا هور چڙنا خوشي خوار
جت چڙيئي تن پيڙيئي، من مهِ چلهِ وڪار
(اِڪ رهاءُ)

هن شبد ۾ صاحب پتا کي اُپديش ٿا ڪن ته پرماتما جي ڀڳتيءَ روپي وات جي سمجهه رکڻ گويا سونيءَ زين سان سنجيل گهوڙي جي سواري آهي. اهڙيطرح تيرن جي ڀتي، ڪمان، برڇي ۽ ترار جي مياڻ منهنجي واسطي شُڀ گڻن جو ڌارڻ آهي. عزت سان پرماتما جي درٻار ۾ پرگهٽ ٿيڻ گويا منهنجي لاءِ باجا ۽ نيزا پاڪسان ڪڍڻ آهي ۽ پرماتما جي ڪرپا منهنجي لاءِ اُتم ذات آهي. بابا، هي سواريءَ مان مزو آهڻ خواري آهي، جنهن سواريءَ مان مرڪو تن ۾ پيڙا ٿئي ٿي ۽ من ۾ وڪار جاڳن ٿا.

صاحبن جو اهو جواب ٻڌي پائي ڪالو وري چوڻ لڳو ته ”پيارا نانڪ، چڱو جيڪڏهين تنهنجي مرضي تازي گهوڙن تي چڙهڻ، سٺن ڀوڄڻن کائڻ ۽ عمدن ڪپڙن پهرڻ جي نه آهي، ته ڀلا ائين ڪر جو گهر ۾ ڪتنب سان رهي

١- زين. ٢- زين سان جڙيل. ٣- تني. ٤- برڇي. ٥- ترار جي وجهڻ جي مياڻ. ٦- ڏوڪڙ، پنيان پوڻ، گرهڻ ڪرڻ.
٧- ٻالا. ٨- بخشش.

هن شبد ۾ گورو صاحب پنهنجي پتا کي اُپديش ڏنو ته مونکي اُچن ڪپڙن پهرڻ جي خواهش ڪانهي، پر مونکي هن قسم جي پوشاڪ وڻي ٿي، جا مان اوهانکي ٻڌايان ٿو.

”پرماتما جي پريم ۾ من کي رڱڻ منهنجي لاءِ ڳاڙهي پوشاڪ آهي ۽ سچ جو دان ڪرڻ مان اڇي پوشاڪ ڪري جاڻان ٿو. من جي پاپن روپي ڪاراڻ کي دور ڪرڻ منهنجي لاءِ نيلي پوشاڪ آهي. مان سنتوک جو ڪمربند ٻڌڻ چاهيان ٿو ۽ ڌن ۽ جوانيءَ جو سک مان ڪرتار جو نالو دل ۾ ڌارڻ سمجهان ٿو، تنهنڪري هي پيارا پتا، اِنهيءَ کانسواءِ ٻيو ڪجهه بہ پهرڻ ڪري جيڪا خوشي ٿئي ٿي، سا خوار خراب ڪندڙ آهي، جنهنجي پهرڻ ڪري سرير کي پيڙا ٿئي ٿي ۽ من ۾ وڪار پيدا ٿين ٿا، تنهنڪري مونکي اُها پوشاڪ پسند نہ آهي.“

اِهو ٻڌي پائي ڪالوءَ سمجهيو ته هنکي کائڻ ۽ پهرڻ جي شين جي ڪا گهرج ڪانهي، تنهنڪري وري ٻہ ويچار ڪري چيائين ته ”پيارا نانڪ، سچ توکي کائڻ ۽ پيئڻ جي شين مان مزو ڪونہ ٿو اچي، پر تون اسان وٽ رهہ ۽ مان توکي چڱا چڱا گهوڙا خريد ڪري ٿو ڏيان، جن تي سوار ٿي، تير ڪمان ۽ ٻيا شستر پهري اميرن وانگي گهمندو رهہ. صاحبن ڏٺو ته پتا مونکي هاڻي لالچن ۾ ٿو ڦاسائي، سو وئراڳ ۾ اچي مٺئين شبد جو ٽيون پد اُچاريائون :-

ي پيارا بتا، منهنجي لاءِ هڪ پرماتما جو پوڄڻ چتيهن رڪارن جي پوڄڻ جي برابر آهي. پر اهو پوڄڻ روپي پوڄڻ ملي انهن کي ٿو، جن تي پرماتما جي ديا ٿئي ٿي.

اڄڪي قسم جي ڪاڏي ڪانسواءِ پين سيني پوڄڻ جا سواد خوار خراب ڪندڙ آهن، جنجي کائڻ ڪري سرير ۽ پيڙا ٿئي ٿي ؛ من ۾ وڪار پيدا ٿين ٿا، تنهنڪري اُهي مونکي نه ٿا وڻن.

پائي ڪالوءَ اهڙو جواب ٻڌي صاحبن کي چوڻ لڳو ته ”مان سمجهان ٿو ته توکي هڪ ڪرتار جي ئي بکر آهي، پر تڏهين به ماتا پتا جو فرض آهي ته پنهنجي اولاد کي پنهنجي نظر هيٺ رکي خوش ڪن. انهيءَ لاءِ اسين بس تنهنجي درسن لاءِ پيا تڙڦون. بچا، تون پيو ڪو ڪم نه ڪر. تون چڱا چڱا ڪپڙا پهري اسان وٽ ويٺو رهه.“ تنهن تي صاحبن مٿئين شبد جو پيو پد اُچاريو:-

(٢) رَتا[١] پَهنڻُ مَنُ رَتا، سُپيدي[٢] سَتُ دانُ
نيلي سِياهي[٣] ڪَدا ڪرڻي[٤]، پَهرڻ پَيرَ ڌِيانُ
ڪَمربندُ[٥] سنتوکہ ڪا، ڌَنُ جوبَنُ تيرا نامُ
بابا هور پَهنڻ[٦] خوشي خوارُ
جِتُ پَهَدي تَن پيڙيئي، مَنَ مَهِ چَلَهِ وڪارَ
(اڪ رداءِ)

١- ڳاڙهي پوشاڪ. ٢- اڇي پوشاڪ. ٣- پاپن روپي ڪارنهن.
٤- دور ڪرڻي. ٥- پهريان يا پوشاڪ. ٦- پهرڻ ڪري.

ڪان پري نه ٿئي. اِهو خيال ڪري صاحبن کي چيائين ته
”پيارا نانڪ! اسين خوش ٿيا آهيون جو تون پرماتما جي
لڙ لڳو آهين. پر هاڻي اسانجي مرضي آهي ته تون گهر
وڃي ويٺو هج ۽ جيڪي ڪرڻو هجيئي سو هتي ئي ويهي
ڪر. تون سدا سدا پوڄڻ لاءِ ۽ اسان کان هڪ گهڙي به دور
نه ٿيندين.“ اِهو ٻڌي صاحبن هيٺيون وئراڳ جو شبد اُچاريو:—

سري راڳ محلا پهلا شبد (٧)

(١) سَبِ رَس مِٺي مَنئيِ، سُڻئيِ سالوڻي[1][2]
ڪَتِ تُرشي مُکِ بولڻا، مارڻ ناد ڪيئي[3][4][5]
چَهيه امرت ڀاءُ ايڪُ، جا ڪَمُ نَدرِ ڪريئِه
بابا هورُ کاڻا خوشي خُوارُ
جِتُ کاڌِ تَنُ پيڙيئي، مَن مَهِ چَلهِ وڪار
(اِڪ رهاءُ)

هن شبد ۾ صاحب پنا کي اُپديش ٿا ڪن ته مونکي
سڀساري مٺن، کٽن ۽ سلوڻن پوڄن جي ڪا به اِڇا نه آهي.
پر مان اوهانکي ٻڌايان ٿو ته منهنجي کاڌڻ جوڳو کٽو کاڌو
آهي. ڪرتار جو ويچار ڪرڻ سوئي سيئي مٺن رسن جو
سار آهي ۽ ڪرتار جو جس سڻڻ منهنجي لاءِ سالوڻو پوڄن
آهي. مکه سان پاڻي پولڻ منهنجي لاءِ کٽو پوڄن آهي ۽
سواس سواس شبد اُچارڻ منهنجي لاءِ مصالحه دار پوڄن آهي.

١- مٺڻ، ويچار ڪرڻ. ٢- سڻڻ. ٣- کٽو پوڄن. ٤- مصالح.
٥- شبد.

(٣) شاها سنجوڳ، ويئام ولجوڳ
سچ سنتت ڪھ نانڪ جوڳ.

ٽاٽ پرچ

”پيارا چاچا! چڱي سکيا منهنجي ماتا آهي، سنتوکہ منهنجو پتا آهي ۽ سچ ڳالهائڻ وشيش ڪري منهنجو يار آهي. منکہ پريوء بابت ڪجھ چوڻ ٿا، پر اُنهنجو چوڻ سڀ رٿرت آهي، جو جو منجھي قدرت جو مالڪ پاڻو ئتو وجي. پيارا، بيڙن ڪمن کان لڄ ۽ ويچار، سس ۽ سھرو آهن ۽ شُڀ ڪرٽي پنهنجي لستري چونديءَ آئر. سنتن سان ميلاپ اهو شادي جو مهورت آهي ۽ سنسار کان وڇوڙو اُهو وياهن آهي. اهڙي سنجوڳہ ڪري مونکي سچہ روپي پٽ ڄائو آهي. ڏاڍي انهن سنبنڌين سان بلڪل راضي آهيان.“

ڀائي ڪالوءَ صاحبن کان پڇيو تہ ”پٽ! توکي ڪھڙو ڏکہ آهي، جنهنڪري تو فقيري ڌارڻ ڪئي آهي؟“ صاحبن جواب ڏنو تہ ”مونکي ڪوبہ ڏکہ ڪونهي ۽ نڪو ڪو مون فقيري ڌارڻ ڪئي آهي. مان تہ فقط ڪرتار جي اڳہ لکو آهيان. جيڪا پريوءَ جي آگيا آهي، تنهن موجب مان ڪريان ٿو.“

اهو جواب ٻڌي ڀائي ڪالوءَ سمجھي ويو تہ هنکي ڏاڍي گھر ٻار لاءِ ڪو پيار ڪونهي، پر تنهنڪري اهڙي تجويز ڪجي، جنهنڪري هو سدائين گھر ۾ رهي ۽ اسانجي اکين

١- مهورت. ٢- ميلاپ سنتن سان. ٣- شادي. ٤- وڇوڙو سنسار کان. ٥- سنتان، اولاد، پٽ. ٦- سنجوڳ.



پوءِ پائي لعالو صاحبن جي ويجهو ٿي چوڻ لڳو تہ
”نانڪ، جيتوڻيڪ تنهنجي ۽ منهنجي عمر ۾ بلڪل ٿورو
تفاوت آهي، تڏهين بہ مان تنهنجو چاچو پتا سمان آهيان،
سو منهنجي ڳالهہ دل لائي ٻڌ. تنهنجي پرديس وڃڻ جو
ٻڌي تنهنجي ماءُ رات ڏينهن پيئي رُئندي هئي ۽ هنکي
نہ ڏينهن نہ رات ڪو آرام هو. اڄ تو کي ڏسي هنجي دل
بهارتي آهي. تنهنجي پتا جيڪي تو کي ڳالهايو آهي، سو تون
وساري ڇڏ. مان تو کي پڪ ٿو ڏيان تہ هو تو کي اڳتي
ڪجهہ بہ نہ چوندو. تون ديا پالي اڳتي پرديس وڃڻ جي
نہ ڪر ۽ پنهنجي گهر ۾ رهي سڀني سنبنڌين کي سکي ڪر.“
تنهن تي صاحبن هيٺيون سندر شبد اُچاريو، جنهن ۾
ڏيکاريائون تہ شبِ ڪرِڻ اسانجا سچا سنبنڌي آهن.

راڳ گؤڙي محلا پهلا شبد (٣)

(١) ماتا مَتِ[١]، پتا سنتوکہ، سَتُ پائي ڪَرِايهہ وسيکہ[٢]
ڪَهِڻا هئِ ڪَڇہ ڪَهِڻ نہ جاءِ. تَئُرِ قدرتِ قيمتِ نهي پاءِ
(اِڪ رهاءُ)

(٢) شرم سُرت[٣] دءِ[٤] سسر[٥] پئي
ڪرڻي[٦] ڪامڻِ[٧] ڪَرِمن[٨] لئي

١- ستگورن جي سکيا. ٢- وشيش ڪري، نيڪ نيڪ.
٣- بهتر ن ڪمن ڪان لڄ. ٤- ويچار. ٥- سس ۽ سهرو. ٦- شيء
ڪرڻي. ٧- اِستري. ٨- مون گرهڻ ڪئي آهي، مون چوندي آهي.

آسانجو پريمي ڀڳت راءِ بلار ھاڻي اسانکي ياد ٿو ڪري، سو ھن وقت وڃڻ واجب آھي."

ائين چئي صاحب اُٿيا ۽ ڀائي لعلوءَ آڪين ۾ پاڻي آڻي بيرين پئي موڪلايو. ٻـوءِ گورو صاحب، ڀائي ٻالو ۽ ڀائي مردانو تيئي پنڌ پيا ۽ ست راتيون مسافري ڪري سکه سان اچي تلونڊيءَ پهتا. ھو ڳوٺ جي ٻاھران ڀائي ٻالي جي پٽا ڀائي چند ريـسان جي کوھ تي اچي سهڙيا ۽ اُتي ئي داٻو ڪيائون. ڳوٺ جي ڪنھن رھواسيءَ کين ڏٺو، جنھن وڃي ڀائي ڪالوءَ سان اھا ڳالھ ڪئي. تنھن تي ڀائي ڪالو پنھنجو نئڊو ۽ پاڻ ڀائي لعلو ٻـساڻ سان ڪري آچي کوھ تي سهڙيو. ماتا ترپتا، جا ب پنھنجي پٽ جي وڇوڙي ۾ پئي تڙفي، سا ب تڙ تڪڙ ۾ اوڏاھين ويئي تہ جلد ملي پنھنجي مٺي پياري سان ملان. پيا ڪنبي پڻ ڊوڙندا اچي کوھ تي پهتا. صاحب بلڪل ڪھڻي پرير سان سيني سان گڏيا. ماتا ترپتا خوش ٿي پٽ کي سوين آسيسون ڪيون ۽ ڪلي لڳائي زار زار رنو. ھوءَ پنھنجي سپتر کي ائين چنبڙي پيئي جڻ ڪو ڪنگال پارس لبي اُنکي ھٿان نہ ڇڏيندو آھي. ڀائي ڪالوءَ پنھنجي پٽ کي مٿي تي ٻن گزن جو ڦيٽو، ڳچيءَ ۾ ڪفني ۽ چيلھ ۾ لانگوٽي ڏسي ڏاڍو تپي ويو، پر ڀائي لعلو، جو ڏيرجوان ھو، تنھن پاڻ کي سمجهايو تہ "ھي وقت ڪاوڙ جو نہ آھي. ھينئر غم ڪائي وڃڻ گهرجي. ھنکي چت چوٽ ڪري گهر وٺي ھلجي تہ چڱو. پوءِ اُتي مٺا وچن چئي کيس سمجهائبو تہ اُميد تہ باز اچي ويندو." اِھو ٻڌي ڀائي ڪالو صبر ۾ رھيو.

آيو آهي، سو هنکي ڀاڙوٽ گهرائي صاحبن جو حال احوال پڇيائين. ڀائي مرداني راءِ بلار کي چيو تہ ”سائين! گورو جن تہ خدا صاحب جا نُور آهن، هو رڳو سڌين سان ڀرپور آهن. سنديون وچن سنسار جي بندن کان ڇڏائڻ وارا آهن.“

راءِ بلار چيو تہ ”ڀائي مردانا، جي ڪڏهن ڪواري تون مونکي صاحبن جو ديدار ڪرائيندين تہ مان هميشہ لاءِ تنهنجو شڪرگذار رهندس. تون وڃي ڪين چئُہ تہ راءِ اوهانکي ڏاڍو ٿو ياد ڪري ۽ چوي ٿو تہ هاڻي مان پيرسن ٿيو آهيان، سو ڪرپا ڪري هڪ واري مونکي ضرور درشن ڏيئي نهال ڪريو.“ مرداني چيو تہ ”راءِ صاحب! مان اوهانجو نياپو چشمن سان ڏيندس. اُميد تہ گورو صاحب اوهانجو نياپو ٻڌي جلد هتي اچي ويندا.“

پوءِ ڀائي مردانو ڀائي ٻالي کي ڀاڻ سان ڪري ايمناباد ۾ اچي پهتو، جتي صاحبن کي سموري حقيقت ڪري ٻڌايائين. گورو صاحب راءِ بلار جو پريم ڀريو سنيهو ٻڌي تلونديءَ ڏانهن وڃڻ لاءِ تيار ٿيا. ڀائي لعلو ڇوڙڻ لڳو تہ ”اوهان صاحبن هڪ مهني جي رهڻ جو انجام ڪيو هو، سو بہ اجا پورو ڪونہ ٿيو آهي. خبر نہ آهي تہ ڇو مون نماڻي جي جهوپڙي ڇڏي ٿا وڃو. مونکان ڪا خطا ٿي هجي تہ مونکي بخش ڪريو. مونکي تہ اجا اوهانکان گهڻوئي ڪي پراڻڻو هو.“ تنهن تي مهاراجن فرمايو تہ ”پيارا لعلو! تنهنجي شيوا عجيب آهي. اسين تو مان گهڻو راضي آهيون. اسانکي تو وٽ رهڻي پنهنجو پهر ڏينهن ٿيا آهن. اُميد تہ ڪنهن ٻئي وقت تو وٽ باقي پنهنجہ ڏينهن وري بہ اچي رهنداسون.

جو اُپديش ڏيئي چڱي رستي تي لاتو ۽ پوءِ ڀائي لعلوءَ جي گهر موٽي آيا.

جڏهين صاحبن کي ڪجهه ڏينهن ايمناباد ۾ رهي ٿيا، تڏهين آتي جي رهواسين ۾ ستڪورن لاءِ اتڙو پريم اُٿيو ٿيو، جيڙو چاتڪ پکيءَ جو سوانت بوند لاءِ هوندو آهي. جيڪو وٽن ايندو هو، سو سندن مٺا منوهر وچن ٻڌي، پنهنجا پرم ۽ سنسا دور ڪري ويندو هو.

باب ٻارهون

ڀائي مرداني جو تلونڊيءَ ۾ اچڻ، راءِ بلار جو نياپو ۽ صاحبن جو تلونڊيءَ ۾ اچڻ

ڀائي مردانو گهڻن پڇندي شرط صاحبن جي گهر ويو، جتي هنن کي سموري حال مان واقف ڪيائين. صاحبن جي ماتا پتا ڀائي مرداني کي ڏوراپو ڏيئي چيو ته "اَبا، تو به نانڪ کي ڪونه سمجهايو ته فقير نه ٿي، اُتانهون توکي پاڻ هن سان ٿيءِ منهنجي پليان لکيو پيو آهين." تنهن تي ڀائي مردانو چوڻ لڳو ته "مون ۾ ڪهڙي طاقت جو مان کين سمجهايان. هو سرڳ سمرٿ آهن. مان سندن آکيان ٻي وس آهيان، هو ساري سنسار کي اُپديش ڏين ٿا ۽ سندن پليان نه فقط مان پر سارو جهان لکيو پيو آهي. اوهين کين پنهنجو پٽ نه سمجهو ۽ هو ته ڀلي اوتار آهن. هنن کي سنسار جي پدارٿن جي ڪا لوڙ ڪانهي. هنن اوهانجو سارو ڪُل تاريو آهي." ڀائي مرداني جون اهي ڳالهيون ٻڌي ماتا پتا کي پنهنجي سپتر سان ملڻ جي چاهنا ٿي. راءِ بلار کي به خبر پيئي ته ڀائي مردانو سري گورو نانڪ صاحب جن وٽان

”هي مَلڪ! پرائو حق کائڻ هندوءَ لاءِ ڳئو ماس ۽ مسلمانن لاءِ سوئر جي گوشت برابر آهي. گورو ۽ پير ڏهو ڏڏهين ڪٽندا، جڏهين هي جيو حرام جو مال نه کائيندو. هي ڀائي! ڳالهين ڪرڻ سان بهشت ۾ نه ويندو. فقط سچ جي ڪمائي ڪرڻ سان ئي ڇوٽڪارو ٿيندو. حرام جي کاڌي ۾ مصالحو وجهو ته اُهو کاڌو حلال ٿي نه پوندو. مطلب ته جي رشوت وٺي ڏن ڪٺو ڪبو ۽ پوءِ اُنمان ڪجهه خيرات ۾ ڏبو ته ائين نه سمجهڻ گهرجي ته اُهو ڏن ڦبجي ويندو يا اُها خيرات ڪار ۾ آهي. هي پيارا، ڪوڙين ڳالهين ڪرڻ مان ڪوڙئي پلئي پوندو.“

وري صاحب فرمائڻ لڳا ته:-

”جي رَتُ لڳئي ڪپڙي، جاما هوءِ پَليتُ
جو رَت پيوي ماڻسا، تِن ڪِئُ نِرمَلُ چيتُ.“

[مانجهه ڪي وار محلا پهلا پؤڙي (٦) سلوڪ (١)]

”هي مَلڪ! جيڪڏهين ڪپڙو رت لڳڻ ڪري پليت ٿيو پوي ته پوءِ جيڪي شخص ماڻهن جو رت ٿا پيئن يعني ماڻهن کان زوريءَ پيسا ڦرين ٿا، تنهجو چت وري ڪيئن شڌ ٿي سگهندو؟“

اِهي وچن ٻڌي ملڪ ڀاڳو ڦري اصل ٻيو ٿي پيو. هو صاحبن جي چرنن تي ڪِري پيو ۽ چوڻ لڳو ته ”هي پيارا سنت! اوهين جيڪي فرمايو ٿا، سو سڀ ٺيڪ آهي. مون برابر ساري عمر ڏوهن ۽ پاپن ۾ برباد ڪئي آهي. اوهين ديا پالي مون تي ڪرپا جو هٿ رکو.“ صاحبن هنکي ڪرتار

مَلڪ جي پوچن مان رت ۽ ڀائي لعلوءَ جي ڊوڍي مان کير وهڻ لڳو!
اهو ڪوتڪ ڏسي سڀ حاضرين حيرت ۾ پئجي ويا.
اهو ڏيکي حوارين بلڪ لکين وعظن ڪان وڌيڪ اثرائتو هو.
گورو صاحب پوءِ مَلڪ ڏانهن منهن ڪري چوڻ لڳا ”هي مَلڪ! تو ماڻهن کي پيڙي ڏن ڪٺو ڪري هيءُ بدمر پوچن تيار ڪيو آهي. جيڪو اهو پوچن ولندو، تنهنجا سڀ پيهه ناس ٿي ويندا. ائين جنهنکي سڌ هوندي، سو ڪڏهن تنهنجو بدمر پوچ ورتائيندو. جنهنکي چاڻ هوندي، سو ڪڏهن برائو رت پي پهنجا پيهه ناس ڪندو. هيڏانهن ڏس سودر جي گهر جو ڊوڍي تڪر، جو هن بازن جي ڪمائي ڪري تيار ڪيو آهي ۽ جنهنجي ڪاڻ ڪري هردو نرمل ٿئي ٿو. آيا، اهڙي پوچن کي بدمر پوچ ڪولجي تر جُڳائي. تو جو پاپ، ڪوڙ بدوڙ ڪري مايا ڪٺي ڪئي آهي ۽ اُن مان لوڪن جي ڏيکاءُ لاءِ يکيه ڪيو آهي، سو اهڙو آهي جهڙو ڪوڙ جو پيهه، جنهن مان آخر ڏکر ڏيڻ وارا ڪندا پيدا ٿيندا ۽ ڪو چڱو ڦل منجهانئس نہ نڪرندو.“ گورو صاحب پوءِ هيٺيان وچن ملڪ ڀاگوءَ کي چئي ٻڌايا:-

”حَقُ پِرائِيا نانڪا، اُس سوئَرُ اُس گاءِ
گُورُ پِيرُ هاما تا ڀري، جا مُردارُ نہ کاءِ
گَلِي ڀِسَتِ نہ جائيئي، ڇُٽي سَچُ ڪماءِ
مارِڻ پاهِ حرام مَهِ، هوءِ حَلالُ نہ جاءِ
نانڪ گَلِي ڪوڙِئِي، ڪوڙو پلِئِ پاءِ.“

[مانجهه ڪي وار محلا پهلا پؤڙي (۷) سلوڪ (۲)]

صاحبن پڇڻ شروع ڪيو ته "اوهين
ڇو هر هر اسانکي ماڻهو پيا موڪليو، اوهانجو ڪهڙو ڪم
اسان ۾ آهي؟ ملڪ ڀاڳوءَ چيو ته "اوهين اسانجي برهم ڀوڄ
تي ڇو ڪين آيا؟ اوهانکي نوتو به مليل هو، تڏهين به
ڏاڍو آڻ ڏڪري ڇڏيو. اوهان اسانجي برهم ڀوڄ ۾ ڪهڙو
دوش ڏٺو، جنهنڪري نٿائي ويهي رهيا." صاحبن ڪيس
جواب ڏنو ته "اسين فقير هڪ هنڌ رهڻ وارا ڪونه آهيون
۽ نڪو اسانجو برهم ڀوڄ سان ڪو ڪم آهي. اسانکي جيڪا
سادي سودي رسوئي ملي، سا کائي پنهنجو وقت گذاريون."
وزير مهاراجن جا اهي وچن ٻڌي آپي ڪاوڙ ۾ ڇتڪيو
۽ چوڻ لڳو ته "اوهانکي ڪنهنجو ڊپ ڪونهي، تڏهين
اهڙيون ڳالهيون ٿا ڪريو. مون ٻڌو آهي ته اوهين کٽري
تي سودر جي گهر کائو ٿا ۽ جيڪو ڀوڄن برهمڻ، کٽري ۽
ويش کائي ويا آهن، سو اوهانکي نه پيو وڻي. اهي سڀ
ڳالهيون پيٽ ڀرئي جون آهن."
گورو صاحب چوڻ لڳا ته "ملڪ، جيڪڏهين تنهنجي
سڪ آهي ته پلا گهراءِ پنهنجا ڀوڄن جي آچ تنهنجي ڀنڊاري
۾ تيار ٿيا هئا." اوڏي مهل صاحبن ڀائي لعلوءَ کي پڻ چيو
ته "پيارا، تو وٽ ڪجهه رکيو هجي ته اهو به کڻي آچ."
ڀائي لعلو ڊوڙي هڪ ڏکر ڊوڊي جو کڻي آيو. هيڏانهن
جڏهين ملڪ ڀاڳوءَ پنهنجا مالپڙا، پوريون، پڪوان،
مٺائيون مٺايون گهرايون، تڏهين گورو صاحبن ساڄي
هٿ ۾ کيا مالپڙا ۽ پڪوان ۽ کٻي هٿ ۾ ڀائي لعلوءَ وارو
ڏکر ڊوڊي جو. آچا مٺيون ڀيڙي شين کي زور ڏنائون ته

ان ۾ آهي؟" برهمڻ چوڻ لڳو ته "سائين! ملڪ صاحب
هانکي گهرايو آهي، جيڪڏهين اوهين نه هلندا ته هيو ماڻهو
هانکي موڪليندو." تنهنتي صاحب فرمائڻ لڳا ته "اسانجو
ڪم ملڪ سان ڪهڙو آهي؟ اسين ته ڪيس سڃاڻون به
ڪونه. آسين ڪنهن سان به ڏيڻ وٺڻ جو ڪم ڪونه
ڪون. پوءِ ملڪ آسانکي ڇو تو ماڻهو موڪلي؟"

برهمڻ اهو جواب ڏيڻي جلد ملڪ ڀاڳوءِ وٽ آيو ۽
چي ڪيس چيائين ته "سائين! هو ته اوهانکي آخر ۾ ڪونه
تو آڻي. چوي ٿو ته مان ملڪ کي ڪونه سڃاڻان. پوءِ ڇو وٽس
هلان؟ سائين، هو بلڪل هٺيلو آهي؛ اوهانجي ڪوٺائڻ تي
اچڻ وارو نه آهي. آئينده اوهانجي جيڪا مرضي مجي تئن ڪريو."

ملڪ ڀاڳو ڪاوڙ ته آڪيئي باهه ٿيو ويٺو هو، باقي
چغل برهمڻ جا لفظ ٻڌي ڏيڪاري آچي تنو؛ چوڻ لڳو ته
"تون هينئر وڃي ڪيس وٺي اچ نه ته ڪجهه ماڻهو
پاڻ سان وٺي ڪيس زوريءَ هتي وٺي اچ." برهمڻ ٻيا پنجه
ماڻهو ساڻ ڪري اوڏانهن ويو ۽ ٻاهر بيهي پڪارڻ لڳو،
جنهن تي سوامي جن ٻاهر آيا. برهمڻ چوڻ لڳو ته "ملڪ
صاحب ڏاڍو ڪاوڙيو آهي. هينئر پنهنجو ڀلو سمجهو ته اسان
سان هلو نه ته هو سپاهي موڪلي ٻڪوائي پاڻوٽ گهرائيندو."

صاحب برهمڻ جي گفتگو تي مرڪي ساڻس گڏ جي
ملڪ ڀاڳوءِ ڏانهن ويا؛ پائي لعلو به ڪٽيون کائيندو سندن
پٺيان پهتو. شهر جا ماڻهو، جن ڏٺو ته صاحبن کي ملڪ پاڻ
وٽ گهرايو آهي، سي به رونشي ڏسڻ لاءِ سندن پٺيان
ملڪ جي بنگلي تي ويا.

۽ سختيون ڏيڻ سان ڪٿو ڪيو ويو آهي، جنهن مان اهي پوڄن تيار ٿيا آهن. سڀ هئا پيٽ پارُو، سو ڪائي ڏڪڻا وٺي اُستت ڪندا روانا ٿيا. نيٺ جڏهين شام ٿي ۽ ستگورو ڀائي لعلوءَ جي گهر موٽيا ۽ هوڏانهن ملڪ جي پاسي ماڻهن جي ڀيڙ ڏري ٿي، تڏهين برهمڻ ملڪ ڀاڳوءَ جا ڪن ڀرڻ لڳو: ته "سائين! اوهان وٽان سڀ پوڄن ڪائي خوش ٿي ويا، فقط نانڪ نالي هڪ کتري، جو پاڻکي تپو ٿو سڏائي، سو نه آيو." تنهن تي ملڪ پڇڻ لڳو ته هنکي ڪنهن نوتو ڏنو هو. برهمڻ چيو ته "مون پاڻ کيس نوتو ڏنو هو، پر هو پنهنجي مغروريءَ ۾ پوُرو آهي ۽ ڪنهنجي پڏڻ جو نه آهي. سائين! وڏي عجب جي ڳالهه اها آهي جو هو سودر لعلوءَ جي گهر جو پوڄن وٺي ٿو، پر اوهان ڌرماتما پُرشن جي پوڄن وٺڻ کان عار ٿو اچيس. سائين! هو وڏو هٺيلو آهي. هنکي ائين ڇڏي ڏبو ته ڳالهه چڱي نه ٿيندي." برهمڻ جا زهريلا لفظ ٻڌي ملڪ ڀاڳو تپي لوهه ٿي ويو ۽ برهمڻ کي چوڻ لڳو ته "مهراج! هينئر ئي وڃي کيس سڏي اچ ته پڇونس ته ڇو ڪين آيو. اسانجو ڌپ ٻه کيس ڪو نه ٿيو، جو اسانجي سڏ تي ڪو نه آيو."

برهمڻ خوش ٿي ڀائي لعلوءَ جي گهر ويو ۽ ٻاهر بيهي ڀائي لعلوءَ کي سڏي پڇيائين ته "نانڪ تپشي اندر آهي." ڀائي لعلوءَ چيو ته "سوامي جن اندر ويٺا آهن. ڪو ڪم منجهن هجيئي ته چؤ." اهو ٻڌي برهمڻ چوڻ لڳو ته ڪين ٻاهر موڪل. اسانجو ڪو ڪم منجهن آهي." گورو صاحب ٻاهر آيا ۽ برهمڻ کان پڇڻ لڳا ته "آبا، تنهنجو ڪهڙو ڪم

ڏهاڙي سوين پيرا پلهار وجان، جنهن ماڻهوءَ مان ديوتا ڪيو ۽ انهن ڪرڻ ۾ دير نہ لڳيس.

اهڙيطرح صاحبن کي پاڻي لعلوءَ وٽ رهندي پندرهن ڏينهن مس گذريا هئا تہ اُن شهر جي ظالم پٺاڻ حاڪم جي وزير ملڪ ڀاڳوءَ پنهنجي ناموس ڪيڻ واسطي پاپ جي ڪني ڪيل ڏن مان يگيہ ڪرڻ جو اِرادو ڪيو. هن پنهنجي برهمڻ کي کپرائي چيو تہ توں سيني ورنن کي نوتو ڏيئي اچ ۽ پاڻ نانا پرڪارن جي پوڄن تيار ڪرائڻ ۾ مشغول رهيو. واٽ تي برهمڻ کي ستگورو گڏيا، جنکي پڻ برهمڻ يگيہ جو نوتو ڏنو ۽ چوڻ لڳو تہ "وزير صاحب وڏو يگيہ ڪيو آهي، جتي سيني ورنن جا ماڻهو اچي کنا تيندا ۽ عمدا پوڄن کائيندا، اوهين بہ اُتي ديا پالي اچجو."

صاحبن برهمڻ کي چيو تہ "پيارا، اسين فقير ڪنهن ورن ۾ نہ آهيون. اساڻجو هاڻ اُتي ڪونہ ٿيندو." تنهن تي هو برهمڻ اچي مٿيو، جي انهيءَ سبب ڪري ني لوڪ اوهانکي "ڪُراهي" ڪري ڪوٺين ٿا. اوهان لوڪ ريت ڇڏي ڏني آهي. هاڻي مان اوهانکي يگيہ جو پڌايان ٿو. آئينده اوهانجي مرضي، پر ايترو سو چوانو ٿو تہ جيڪڏهين اوهين يگيہ تي نہ ايندؤ تہ مَلَڪ صاحب ڏاڍو ڪاوڙبو ۽ اوهانکي شهر مان لڏائي ڇڏيندو." انئين چئي برهمڻ هليو ويو ۽ کميا جا ساگر ستگورو جنکر ڏانهن روانا ٿيا.

نيٺ پنهارو تيار ٿيو ۽ سيني ورنن جا ماڻهو عمدا پوڄن کائي مَلَڪ جي ناموس ڳائيندا هليا ويا. پر منجهن ڪو ويچاروان ڪونہ هو، جو ويچار ڪري تہ اهو ڏن پاپن

۽ جيڪو حال هتي ڏسين ٿو، تنهن مان سيني کي واقف ڪجہ. انهن نہ ڪجانء جو ڪيڏو وقت ويهي رهين. اسانجو تہ آيا ڪيڏو ڪم آهي، سو جلد موٽ ڪرائجہ." پوء ڀائي مردانو صاحبن کان موڪلائي تلونديء روانو ٿيو ۽ وڃي پنهنجي ڪٽنب قبيلي سان گڏيو.

هيڏانهن صاحب صبح جو سوير اٿي جهنگ ڏانهن ويندا هئا ۽ سارو ڏينهن اتي گذاري رات جو ڀائي لعلوء جي گهر ايندا هئا. ڀائي لعلو ڪهڙي پريم سان ڀوڄن تيار ڪري کارائيندو هو ۽ نہ ہ هرطرح جي شيوا چپڙوڪ زور ڏيڻ، پکو هڻڻ وغيرہ ڪري خوش ڪندو هو. ڀائي لعلو ڏينهن جو پنهنجي ڪرت ڪار کي لڳو پيو هوندو هو ۽ رات جو صاحبن جي ٽہل ۾ آنند وٺندو هو. گورو صاحب کيس اپديش ڪندا هئا تہ "پرماتما هڪ آهي، جو سڀ ۾ وياپڪ ۽ سڀني کان الڳ آهي. ٻيو سڀ پسارو مايا جو کيل آهي." اهو اپديش دل سان هنڊائي، سڀ سنسا دور ڪري، ڀائي لعلوء هڪ وڏو گيانوان ٿي پيو. سچي ڳالهہ هيء آهي تہ جنهنجي اندر ۾ ستگوروء جي سورج روپي چرڻن سان پرڪاش ٿئي ٿي، تنهنجي اندر ۾ اگيان روپي اوندہ رهي نہ ٿي سگهي. گورو صاحب سري آسا دي وار ۾ فرمائين ٿا:-

"بلهاري گور آپڻي، ديهاري سد وار
جن ماڻس تي ديوتي ڪئي، ڪرت نہ لاگي وار."
[سري آسا دي وار پوڙي (١) سلوڪ ١]

جنهنجو مطلب آهي تہ مان پنهنجي گوروء تان

”ڀائي لعلو! سنسار جا جيو ته اهڙا آهن، جو سندن چئي پٽاندر نه هلجي، ته جو هنن کي اڳ پوءِ جي خبر ڪانه پوندي آهي ۽ اُنهن کي خوش ڪرڻ بلڪل ڏکيو آهي. پر مردانو به لوڪن جي ڳڻ پڇڻ کان بلڪل اُداس ٿي پيو آهي ۽ چوڪ پيو ته هاڻي هي شهر ڇڏجي.“ ڀائي لعلو وري به صاحبن جي قدمن تي ڪري پيو ۽ هٿ ٻڌي وينتي ڪيائين ته ”سوامي! پيو نه ته به هڪ مهنو مون داس جي گهر ترسو، پوءِ جيڪا اوهانجي آگيا.“

ستگورو سچا پاتشاهه ڀائي لعلوءَ جي پريم ڀري وينتي سڻي، ڀائي مردانې کي چوڻ لڳا ته ”پيارا، اسانکي هن پريم جي رسيءَ ۾ ٻڌي ڇڏيو آهي. اسين هنکي موٽائي نه ٿا سگهون. هنجي مرضي ضرور رکبي. هڪ مهنو هتي گذاري، پوءِ ٻئي طرف هلڻ جو ويچار ڪنداسون.“ اهو ٻڌي ڀائي مردانو چوڻ لڳو ته ”سوامي! جيڪا اوهانجي مرضي. مان اوهانجو داس اوهانجي حڪم مڃڻ لاءِ هردم تيار آهيان.“

ٻن ڏينهن گذرڻ کانپوءِ جڏهين هڪڙي وقت ڀائي لعلوءَ گورو صاحبن کي زور ڀري ڏنا، تڏهين ڀائي مردانو هٿ جوڙي وينتي ڪرڻ لڳو ته ”سوامي! اوهانجي هتان هلڻ ۾ اڃا ڪيترا ڏينهن پيا آهن. جيڪڏهين آگيا ٿئي ته تنهن وچ مان تلونڊيءَ مان ٿي اچان ۽ گهر به خبر ڏيان ته مان سائين جن سان سير تي ويحان تو.“ صاحبن مرڪي ڀائي مردانې کي چيو ته ”آبا، تنهنجو ساهه گهر ۾ ٽنگيو پيو آهي، سو توکي ڪٿان تو سگهه اچي؟ چڱو، تون وڃ گهوٽ

„ڇپ ڪراتا آکيئي، اِت ڪبت[1] ناهي مت[2]
جي ٻولان تا آکيئي، ٻڙ ٻڙ ڪري پهٽ
جي ٻٿنا تا آکيئي، ٻٿنا[3] ستر[4] کهٽ
اُٿ چالا تا آکيئي، ڇار[5] گِٿا[6] سِر گَٽ
جيڪر نِوان[7] تان آکيئي، ڏرڌا[8] ڪري پيکٽ
ڪائي گلي[9] نہ ميوڻي[10]، جِت پهِر ڪڍان[11] جيت
ايٿي[12] اُٿي[13] نانڪا، ڪرتا رکي پت.“

جنهنجو مطلب آهي تہ جيڪڏهين ماٺ ڪري ٿو وهان تہ سنسار جا لوڪ چون ٿا تہ هنکي ڪو هوش ڪونهي؛ جي ٿو ڳالهايان تہ چون ٿا تہ ٻڙ ٻڙ لائي ويٺو آهي؛ جي ٿو ماٺ ڪري وهان تہ چون ٿا تہ تڏو وڇائي ويٺو آهي يعني سست ٿيو ويٺو آهي؛ جي اُٿي ٻاهر ٿو وڃان تہ چون ٿا تہ هن مٿي ۾ ڏوڙ پاتي آهي يعني وڃي فقير ٿيو آهي؛ ڪُل بدنام ڪيو اٿس؛ جي ٿو نمان تہ چون ٿا تہ ڊپ جي ڪري ٿو هلي؛ مطلب تہ ڪوئي رستو ڪونهي، جنهنڪري هيناهين پنهنجو وقت سانت ۾ گذاريان. شل ڪرتار منهنجي پت لوڪ پرلوڪ ۾ رکي!

۱- اندر. ۲- عقل، هوش. ۳- تڏو. ۴- وڇائي. ۵- ڏوڙ، ڇائي. ٦- وجهي. ۷- نمان، پيش پوان. ۸- ڊپ جي ڪري. ۹- ڳالهہ، رستو. ۱۰- پوري. ۱۱- پنهنجو وقت گذاريان. ۱۲- هن لوڪ. ۱۳- پرلوڪ.

”ڪُرامي“ چولدو، صاحبن ڪان پرپ پڇڻ لڳو ۽ ڪوبہ
صاحبن وٽ ويجهو نہ پئي آيو. اِهو حال ڏسي ڀائي مرداني
صاحبن کي چيو تہ ”سوامي! هي ڪوبہ ضرور چڏڻ گهرجي،
جو جو ماڻهو اوهانکي ”ڪُرامي“ ”ڪُرامي“ سڏين ٿا ۽ ڪوبہ
ڪين ٿا.“ صاحبن هنکي ڏيرج ڏيئي چيو تہ ”پيارا، تون
دل نہ لوڙهہ. جهان جي اُستت لعنت برابر آهي. اسين
ڪُرامي چڱا آهيون، جو ڪرتار جي پاسي ملي رهيا آهيون.“
هڪ صبح جو صاحبن ڀائي لعلوءَ کان موڪلايو ۽
چيو تہ ”ڀاڄي آسرو ڪرتار جو. اسين هڪ ديس ڏانهن
وڃون ٿا.“ ڀائي لعلوءَ مهاراجن جي تياريءَ جو ٻڌي دلگير ٿي
عرض ڪيو تہ ”مهاراج! مونکان ڪهڙو قصور ٿيو آهي، جو
مون غريب جو گهر ڇڏي ٻئي پاسي وڃو ٿا؟“ صاحب فرمائڻ
لڳا تہ ”ڀائي لعلوا تون اسانکي بلڪل پيارو آهين.
تنهنجو قصور ڏرو بہ ڪونهي، پرهتي جا ماڻهو اسانجي رهڻ
ڪري ڏا ڏسجن، تنهنڪري حال في الحال توکان موڪلايون
ٿا.“ ڀائي لعلو هٿ ٻڌي عرض ڪرڻ لڳو تہ ”سوامي!
سنتن جو اِهوئي مثو هولدو آهي تہ هو اڳلي جو پريم نہ توڙيندا
آهن. اوهانجي رهڻ ڪري منهنجا اَٺ ئي پهر آنند رگذرن
ٿا. اوڪ پيا ڏوڙ پائين. آئون سان اوهانجو ڪهڙو پريوجن؟
اوهين ڪرپا ڪري ڪو وقت آيا ڪي ترسو.“ گورو صاحب
چوڻ لڳا تہ ”ڀائي! تون سچ ٿو چوين، لوڪن جي ڳالهہ
تي ڪهڙو ڀروسو آهي؟“ ائين چئي صاحب ديمينءَ طرف
فرمان لڳا

کائڻ لڳو، تڏهن هنکي اهڙو تہ سواد آيو، جو سڀ پدارٿ وسري ويس. هو صاحبن کي چوڻ لڳو تہ ”سوامي! مون يا عمر ههڙو عمدو پوڄن ڪونہ کاڌو آهي.“ تنهن تي گورو صاحب فرمائڻ لڳا تہ ”ڀائي مردانا، اهڙو پريمي ڀڳت بہ آڳي ڪونہ ڏٺو هوندءِ. هي سڀ سواد پريم جوئي آهي.“

ڀائي لعلو اها سموري وارتا ٻڌي چوڻ لڳو تہ ”وڏن جي وڏائي اِها آهي جو هو فقط پريم کي ڏسندا آهن ۽ پوڄن جو ڪو ويچار ڪونہ ڪندا آهن. جهڙيطرح سري ڪرشن مهراج دريوڌن جا نانا پرڪارن جا ميوا مٺايون ڇڏي، ودر جي ڀاڄي قبول ڪئي آهي ۽ سُدامي ڀڳت جا چانور خوش ٿي کاڌا آهن ۽ سري رامچندر مهراج رشين جا امرت روپي پوڄن ڇڏي، ڀيلڻيءَ جا جوٺا ٻير انگيڪار ڪيا آهن، تهڙيطرح اوهين بہ ڪرپا ڪري مون غريب جو ڏوڏو سارا هيو ٿا.“ گورو صاحب مرڪي فرمائڻ لڳا تہ ”سچ پچ اسانکي تنهنجي ڏوڏي مان امرت جهڙو سواد آچي ٿو ۽ اسين آجايو هنکي ڪونہ ٿا سارا هيون.“

اهڙيطرح صاحب ڀائي لعلوءَ جو سادو پوڄن کائي ڪرتار جو ڪيرتن ڪندا رهيا. ڳوٺ جا هندو صاحبن کي ڏسي گهٽيئي عيب ڪڍڻ لڳا. ڪو چوي تہ هي ڪُراهي آهي، يعني اُبتي راهہ تي هلندڙ آهي. ڪو وري چوي تہ هي ڌرم ڀرشٽ ڪري ويٺو آهي، جو کتري ٿي هڪ شودر واڍي جي گهر گذاري ٿو ۽ اُنجو تيار ڪيل پوڄن کائي ٿو. مطلب تہ ڳوٺ ۾ جنهنکي جتي ٿي وڻيو، تڏهن تنهن تي چيو ۽ مرڪي

(٦) وندنا = پريم سان نمسڪار ڪرڻ.
(٧) داسيه = پرميشور جو داس ٿيڻ.
(٨) سکيه = پرميشور جو سکو يا متر ٿيڻ.
(٩) آتم نويدن = پاڻ پرميشور کي آرپڻ.

پيارا، ٻوڏا ڀڳتيءَ واري کي مايا موهي نه سگهندي ۽ هو پرماتما جي پريم ۾ سديو مگن رهندو." ڀائي مردانو اهو ٻڌي مهاراجن جي چرنن تي سر نوائي چوڻ لڳو ته "سوامي! اوهين منهنجا ٻه جنم جنمانترن جا دک نورت ڪريو."

ايتري ۾ ڀائي لعلوءَ آچي آرداس ڪئي ته "سوامي! پرساد تيار آهي، سو ڪائي داس کي نوازيو." ستگورو فرمائڻ لڳا ته "پيارا، پرساد هتي ئي کڻي آچ ته کائون." ڀائي لعلو چوڻ لڳو ته "مهاراج! مانې چوڻڪي ۾ کائو." صاحبن جواب ڏنو ته "ڀائي لعلو! اسانجو چوڻڪو ساري ڌرتي آهي، سو جتي ڌرتي آهي، اُتي اسانجو چوڻڪو آهي. تون هتي پرساد کڻي آءُ." اهو جواب ٻڌي ڀائي لعلو خوش ٿيو ۽ دل ۾ چوڻ لڳو ته "هي ڪو جيون مڪت ٿو ڏسجي، جنهنکي ڏرو به ديهه آڀمان نه آهي."

جلدئي ڀائي لعلو صاحبن ۽ ڀائي مردانې لاءِ بلڪل سادو پرساد کڻي آيو. ڀائي مردانو جنهنکي عمدي ڀوڄن کائڻ تي دل هئي، سو ڀاڄيءَ جو ڍوڍو ڏسي صاحبن ڏانهن نهارڻ لڳو. صاحبن سمجهي ورتو ته هيءُ هن کاڌي تي راضي نه آهي، سو هڪ ڍوڍو هٿ ۾ کڻي گورو صاحبن کيس ڏنو ۽ پڇيائونس ته "ڀائي، ڪائي ٻڌاءِ ته هن ۾ ڪو سواد آهي يا نه؟" ڀائي مردانو جڏهن اُهو امرت روپي ڍوڍو

کائڻ لڳو، تنهن هنکي اهڙو تہ سواد آيو، جو سڀ پدارٿ وسري ويس. هو صاحبن کي چوڻ لڳو تہ "سوامي! مون يا عمر ڀر عمدو ڀوڄن کونہ کاڌو آهي." تنهن تي گورو صاحب فرمائڻ لڳا تہ "ڀائي مردانا، اهڙو پريمي ڀڳت بہ آڳي کونہ ڏٺو هوندءِ. هي سڀ سواد پريم جوئي آهي."

ڀائي لعلو لها سموري وارتا ٻڌي چوڻ لڳو تہ "وڏن جي وڏائي لهائي آهي جو هو فقط پريم کي ڏسندا آهن ۽ ڀوڄن جو ڪو ويچار کونہ ڪندا آهن. جهڙيطرح سري ڪرشن مهراج ديوتائن جا نانا پرڪارن جا ميوا مٺايون ڇڏي، ودر جي ڀاڄي قبول ڪئي آهي ۽ سُدامي ڀڳت جا چانور خوش ٿي کاڌا آهن ۽ سري رامچندر مهراج رشين جا امرت روپي ڀوڄن ڇڏي، ڀيلڻيءَ جا جوٺا ٻير انگيڪار ڪيا آهن، تهڙيطرح اوهين بہ ڪرپا ڪري مون غريب جو ڏوڏو سارا هيو ٿا." گورو صاحب مرڪي فرمائڻ لڳا تہ "سچ پچ اسانکي تنهنجي ڏوڏي مان آمرت جهڙو سواد آچي ٿو ۽ اسين آجايو هنکي کونہ ٿا سارا هيون."

اهڙيطرح صاحب ڀائي لعلوءَ جو ساڌو ڀوڄن کائي ڪرتار جو ڪيرتن ڪندا رهيا. ڳوٺ جا هندو صاحبن کي ڏسي گهٽيئي عيب ڪڍڻ لڳا. ڪو چوي تہ هي ڪُراهي آهي، يعني اُبتي راهہ تي هلندڙ آهي. ڪو وري چوي تہ هيءَ ڌرم ڀرشٽ ڪري ويٺو آهي، جو کتري ٿي هڪ شودر واڍي جي گهر گذاري ٿو ۽ انجو تيار ڪيل ڀوڄن کائي ٿو. مطلب تہ ڳوٺ ۾ جنهنکي جئن ٿي وڻيو، تئن تنهن ٿي چيو ۽ هر ڪو

(٦) وندنا = پريم سان نمسڪار ڪرڻ.
(٧) داسيه = پرميشور جو داس ٿيڻ.
(٨) سکيه = پرميشور جو سکو يا مِتر ٿيڻ.
(٩) آتم نويدن = پاڻ پرميشور کي آرپڻ.

پيارا، ٻوڌا ڀڳتيءَ واري کي مايا موهي نه سگهندي ۽ هو پرماتما جي پريم ۾ سدئو مگن رهندو." ڀائي مردانو اهو ٻڌي مهاراجن جي چرنن تي سر نوائي چوڻ لڳو ته "سوامي! اوهين منهنجا ڀي جنم جنمانترن جا ڏک نورت ڪريو."

ايتري ۾ ڀائي لعلوءَ اچي آرداس ڪئي ته "سوامي! پرساد تيار آهي، سو ڪائي داس کي نوازيو." ستگورو فرمائڻ لڳا ته "پيارا، پرساد هتي ئي کڻي اچ ته کائون." ڀائي لعلو چوڻ لڳو ته "مهاراج! هلي چوڪي ۾ کائو." صاحبن جواب ڏنو ته "ڀائي لعلو! اسانجو چوڪو ساري ڌرتي آهي، سو جتي ڌرتي آهي، اُتي اسانجو چوڪو آهي. تون هتي پرساد کڻي آءُ." اهو جواب ٻڌي ڀائي لعلو خوش ٿيو ۽ دل ۾ چوڻ لڳو ته "هي ڪو جيون مڪت ٿو ڏسجي، جنهنکي ذرو به ڀيد ڀاو نه آهي."

جلدئي ڀائي لعلو صاحبن ۽ ڀائي مردانيءَ لاءِ بلڪل سادو پرساد کڻي آيو. ڀائي مردانو جنهنکي عمدي ڀوڄن کائڻ تي دل هئي، سو ٻاجهريءَ جو ڊوڊو ڏسي صاحبن ڏانهن نهارڻ لڳو. صاحبن سمجهيو ورتو ته هيءُ هن کاڌي تي راضي نه آهي، سو هڪ ڊوڊو هٿ ۾ کڻي گورو صاحبن کيس ڏنو ۽ پڇيائونس ته "ڀائي، کائي ٻڌاءِ ته هن ۾ ڪو سواد آهي يا نه؟" ڀائي مردانو جڏهن اهو امرت روپي ڊوڊو

لعلو مرداني کان پڇڻ لڳو ته ”ڀائي! تنهنجو نالو ڇا آهي ۽ تون ڪٿي جو رهاڪو آهين؟“ ڀائي مرداني جواب ڏنو ته ”منهنجو نالو مردانو آهي. مان بيدي ڪُل جو ميراثي آهيان ۽ منهنجو خاوند سري گورو نانڪ ديو آهي. مان ساڻس سير ڪندو ٿو اچان.“

اِهو ٻڌي ڀائي لعلوءَ ٻئي هٿ جوڙي مهاراجن کي نمسڪار ڪيو ۽ پنهنجو سِر سندن چرنن تي نوايو. پوءِ ڪين هڪ ننڍيءَ کٽ تي وهاري ڀاڄ رسوئي تيار ڪرڻ ويو.

سندس پرپٺ ڀائي مرداني صاحبن کان پڇيو ته ”سوامي! هي ڪير آهي، جنهن تي اوهان هيتري ڪرپا ڪئي آهي؟ مونکي ته هي ڪو وڏو ٻڌوان ڏسڻ ۾ اچي ٿو.“ صاحبن فرمايو ته ”مردانا، هي شخص نوڌا ڀڳتي ڪندڙ آهي. هنکي ڀڄن ڪندي گهڻو وقت ٿيو آهي. هيئنئر ٻه هو وڏي ڪمائيءَ وارو آهي.“ ڀائي مردانو پڇڻ لڳو ته ”غريب نواز! نوڌا ڀڳتي ڇاکي چوندا آهن؟ ڪرپا ڪري مونکي سمجهايو.“ سوامي فرمائڻ لڳا ته ”هن سنسار ساگر ترڻ لاءِ نوڌا ڀڳتي هڪ تمام چڱو اُپاءُ آهي. ڀڳتيءَ جون پؤڙيون يا ڏاڪا نو آهن، جنکي نوڌا ڀڳتي ڪري سڏبو آهي. اُهي هيٺيون آهن:—

(١) شرون = پرميشور جو نالو پريم سان ٻڌڻ.
(٢) ڪيرتن = پرميشور جو نالو پريم سان ڳائڻ.
(٣) سمرڻ = پرميشور جو نالو پريم سان من ۾ ياد ڪرڻ.
(٤) پادسيون = سندس چرنن جي پريم سان شيوا ڪرڻ.
(٥) ارچن = سندس پوڄا پريم سان ڪرڻ.

چوندا آهن، جو پنجاب ۾ گجرانوالا ضلعي ۾ هڪ مشهور شهر آهي. صاحبن وات تي ڀائي مرداني کي چيو ته ”پيارا ايمنا باد ۾ هڪ پريمي واڍو لعلوءَ نالي آهي. دل ته ٿي ته هنجو ديدار ڪريون.“ پوءِ اوڏانهن پنڌ پيا ۽ گهمندا ڦرندا ستري ڏينهن آچي شهر ۾ پهتا ۽ ڀائي لعلوءَ جو گهر پڇائي اچي ويا. ڀائي لعلوءَ اُن وقت پنهنجو واڍڪو ڪم پئي ڪيو. من جڏهين ڏٺو ته سنت منهنجي گهر آيا آهن، تڏهين پنهنجو ڪم ڇڏي اچي صاحبن کي پيرين پيو ۽ هٿ جوڙي صاحبن ۽ ڀائي مرداني کي آسن ڏيئي چيائين ته ”سوامي! اوهانجي درسن ڏيڻ منهنجي من کي آنند ۽ فرحت اچي ٿي. اوهين ڪرپا ڪري ٻڌايو ته ڪٿان آيا آهيو. اوهانجي پوشاڪ مان ڄاڻان ٿو ته اوهين ڏورانهين ديس جا آهيو. ڪرپا ڪري سڀ حال کان مونکي واقف ڪريو.“ صاحبن جواب ڏنو ته ”پيارا اسين پرديسي فقير آهيون ۽ اسانجو گهر دور آهي. ملڪ جو سير ڪندي ڪندي هتي اچي سهڙيا آهيون.“

اهو ٻڌي ڀائي لعلوءَ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چوڻ لڳو تہ ”ڀلي آيا! جي آيا! مونکي اوهانجا وچن ٻڌندي ڏاڍي خوشي ٿي آهي. ڪرپا ڪري پنهنجي نالي کان پڻ واقف ڪندا.“ صاحبن کيس چيو ته ”پيارا، نالي جي ۾ جلد خبر پئجي ويندءِ. تون هاڻي وڃي پنهنجو ڪم ڪر.“

ڀائي لعلوءَ چوڻ لڳو ته ٻڌڻ ۾ اچي ٿو ته سري نانڪ نالي هڪڙو تپشي پرگهٽ ٿيو آهي. ديا پالي ٻڌايو ته آهي توهين آهيو يا ڪٿي؟“ تنهن تي ڀائي مردانو کيس چوڻ لڳو ته ”ابا، سرڏا ڪٿي ڏار ته هي آهوئي آهي.“ پوءِ ڀائي

(۲) ڪائيا رَگَڻِ جي ٿيئي پِئاري، پائيئي ناءُ مَجيٺ
رَگَڻِ والا جي رَگِيءِ صاحبُ، آئسا رنگُ نہ ڏيٺ

ارٿ- هي پيارا! جيڪڏهين هن سرير کي رنگ جي دلي بڻائي اُنهِ نام روپي مجيٺ جو پڪو رنگ وجهجي؛ ۽ پاڻ پريو رڱڻ وارو، جي رنگ چاڙهي تہ اهڙو رنگ چڙهندو جو ڪڏهين بہ ڪنهن نہ ڏٺو هوندو. [ڪائٿا=سرير. رڱڻ=رنگ جي دلي.]

(۳) جِن ڪي چولي رَتڙي پِئاري، ڪَنتُ تِناڪي پاسِ
ڌُوڙِ تِناڪي جي مِلئي، جي ڪَهُ نانڪ ڪي اَرداس.

ارٿ- هي پيارا! جنهجو چولو (يعني انتهڪرڻ) اهڙيءَ طرح رڱيل آهي، تن وٽ گهوٽ (واهگورو) سديو آهي. هي پائي! نانڪ جي ارداس اِهائي چئو تہ انهن سنتن جي ڌوڙ ملي. [رتڙي =رڱيل. پاس=پرسان. جي=هي پائي.]

(۴) آپي ساجي آپي رَنگي، آپي نَدرِ ڪريئہ
نانَڪَ ڪامڻِ ڪنتئي پاوئي، آپهي راويئہ.

ارٿ- پريو پاڻ ئي ناهي ٿو يعني اُتپن ڪريٿو، پاڻ ئي رڱي ٿو (يعني پنهنجي پريم ۾ لعل ڪريٿو) ۽ پاڻ ئي مهر جي نظر ڪري ٿو. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ جا استري، پتيءَ (اڪال پورک) کي وڻيٿي، تنهنکي هو پاڻيهي ماڻي ٿو يعني پاڻ سان ملائي ٿو. [ڪامڻ=استري. پاوئي=وڻي ٿي. راويئہ=ماڻي ٿو.]

اِهو شبد ٻڌي سنت ڏاڍا خوش ٿيا. پوءِ گورو صاحب کي ڏينهن وٺن گذاري ۽ ڪانئن موڪلائي مرداني سان گڏجي سعدپور ڏانهن روانا ٿيا. سعدپور کي هيننر ايمنا باد

۽ سچ جا ڪوڙيا آهيو ۽ سچ ۾ ئي سمايا پيا آهيو." تنهن تي صاحبن هيءُ مهاسندر شبد اُچاريو:-

تلنگ محلا پهلا گهر تيجا شبد (٣)

اِڪ اونڪار ستگور پرساد

(١) اِهُ تنُ مائِيا پاهِيا پِياري، ليتڙا لَبِ رَنگائي
ميري ڪَنتَ نہ پاوئِ چولڙا پِياري،
ڪِئُ دَنَ سيجئِ جائي

ارٿ- هي پيارا! هي سرير مايا جي پاهہ يعني ٻهڄ ۾ پُسيو پيو آهي ۽ لوڀ جي رنگ ۾ ورتو پيو آهي (يعني رڱيو پيو آهي). هي سچڙا! منهنجي پتيءَ پرميسر کي اهڙو چولو پسند نٿو پوي، پوءِ جگياسُو روپي استري اهڙي چولي سان ڪيئن پتيءَ جي سيج ماڻي سگهندي؟ [پاهنا=ٻهڄي. لبتڙا=ورتل. لب=لوڀ. ڪنت=گهوٽ، پتي. ڪِئُ=ڪيئن. دن=استري. سيجئِ=سيج.]

هَئُ قُرباني جائُ مِهروانا، هَئُ قُرباني جائُ
هَئُ قُرباني جائُ تِناڪئِ، لَئِن جو تيرا نائُ
لَئِن جو تيرا نائُ تِناڪئِ هَئُ سَد قُرباني جائُ
(اِڪ رهائُ)

ارٿ- هي مهربان! مان توتان قربان وڃان! مان ٻلهار وڃان! مان اُنهن تان قربان وڃان، جي تنهنجو نام وٺن ٿا يعني جپين ٿا. جي تنهنجو نام وٺن ٿا، مان اُنهن تان سديو قربان وڃان. [مهروانا . لئن=وٺن.]


استر ڪري پيسن جو خيال نہ رکہ." مرداني چيو تہ "سائين مون گھري ڪونہ ورتا؛ توهان جي پيرڻ مونکي پاڻيهي ڏنا."

پوءِ ستگورو مرداني سان گڏجي ماتا نانڪيءَ وٽ ويا. هوءَ صاحبن کي ڏسي اچي پيرين پيئي. صاحبن چيس تہ "تون منهنجي وڏي پيرڻ، توکي اِها هلت وڻڻ نہ جڳائي. جيڪڏهين ائين ڪنديءَ تہ مان آئينده تو وٽ نہ ايندس." ماتا نانڪيءَ چيو تہ "جئن اوهانجي مرضي هوندي تئن ڪنديس، پر مونکي پنهنجي دل مان وساري نہ ڇڏجو ۽ درسن ڏيندا رهجو." پوءِ صاحبن مرداني کي چيو تہ "پيسا موٽائي نانڪيءَ کي ڏي." مرداني پيسا ڪڍي ماتا نانڪيءَ جي اڳيان رکيا، پر هن وٺڻ جي نہ ڪئي. تنهنتي صاحبن سمجهايس ۽ انهيءَ ڪري لاچار اُهي پيسا کنيائين. هاڻي صاحبن ماتا نانڪيءَ کان موڪلايو. هن وري چيئن تہ رهي پئو، پوءِ جنهن نموني ۾ اوهان کي وڻي اُهو نمونو وٺو؛ پر صاحبن هن کي دلاسو ڏنو تہ جڏهين تون اسان سان ملڻ چاهينديءَ، تڏهين توکي اچي درسن ڏينداسون.

باب يارهون

ماتا نانڪيءَ کان موڪلائي نڪرڻ، سنتن جي صحبت ۽ ايمنا باد جو ذکر

گورو صاحب ماتا نانڪيءَ کان موڪلائي مرداني سان ڪري ٻاهر نڪتا. واٽ تي کين گڏيا، جن صاحبن سان ڪجھ وقت جي اُوچي اوستا ڏسي اُنهن ظاهر



دوندي ۽ جيڪڏهن تنهنجي مرضي وڃڻ تي هجي ته اسين توکي جهليون نٿا." پوءِ مردانو ماتا نانڪيءَ وٽ آيو، جنهن کي اچي ٻڌايائين ته "مون کان جهنگ جون تڪليفون سٺيون نٿيون ٿين، تنهنڪري منهنجي مرضي آهي ته موٽي گهر وڃان." ماتا نانڪيءَ سمجهايس ۽ چيائينس ته "جيسين تون هتي اسانجي ڀرسان هجين، تيسين اسان وٽ ۾ وقتو اچي روٽي کائيندو رهجء ۽ جيڪڏهن ٻري ڪٽي هجين ته مان توکي پيسا ڏيئي ڇڏيان، اُنهمان روٽي وٺي ٻوراڻي ٻبو ڪجء. منهنجي ڀاءُ کي اڪيلو ڇڏڻ ننهنجي منهن تي نٿو ٻوي." انهيءَ چوڻ تي مرداني صاحبن ٻت رهڻ قبول ڪيو. اوڏي مهل ماتا نانڪيءَ هنکي (٢٠) بيا هٿ ۾ ڏنا ۽ نئون جامو به ٻهرايائينس.

مردانو رباب کڻي تي ڪٽي صاحبن وٽ موٽي آيو. ساحبن ٻڇيس ته "مردانا، ڇو موٽي آيو آهين؟" هن ٻڌايو ، "ماتا نانڪيءَ مونکي توهان سان گڏ رهڻ لاءِ ستايو ۽ ٻڻ يسا ۽ جامو به مونکي ڏنائين ۽ توهان لاءِ ڏاڍي نماڻائيءَ سان وينتي ڪيائين ته مونکي درسن ڏيئي وڃو." صاحبن يس ته "مردانا! توکي پيسا وٺڻ نه کپندا هئا. هن مايا مان پريت رکڻ ٻاڻ کي جنجالن ۾ اٽڪائڻ آهي. جٺن جٺن يسن لاءِ خيال ڪيو، تٺن ترشنا ٻيٺي وڌندي، جنهن ان ڪئين وڪار پيدا ٿين ٿا. پرميشور تي ئي ڀاڙڻ ٺهرجي. هو سڀ جون گهرجون ٻوريون ڪري ٿو. ڏس ته و ڪيئن نه جيو جي ڇهڻ کان اڳيئي هن جي رکيا لاءِ ماءُ ى تڻن ۾ کير پيدا ٿو ڪري. تنهنڪري تون من کي

"بندا تيرا" اهي لفظ نڪرڻ لڳا. اهو شبد رباب مان اهڙيءَ
لڪارءِ ميٺاج سان پئي نڪتو، جو ڳالهه ڪرڻ جي نه آهي.
آدمي، پسون توڙي پکي، جي جتي هئا سي تتي ڪُپ
ڪوڙتي ويا ۽ ٽڪ ٽڪ ڏيان ڏيئي شبد ٻڌڻ لڳا. صاحبن
جي سماڌ به اُنهيءَ شبد تي لڳي ويئي.

جڏهين صاحبن کي دسمي دئار جي حالت ۾ ڏينهن
لنگهي ويا، تڏهين مرداني کي بک اچي وياڪل ڪيو.
خيال ڪيائين ته شهر ۾ وڃي روٽيءَ ٽڪرو کائي اچان، پر
وري ويچار ڪيائين ته صاحبن کي ڇڏي ڪيئن وڃان.
جڏهين ستگورن جي سماڌ کُلي، تڏهين مرداني هٿ ٻڌي
عرض ڪيو ته "سائين! مونکي موڪل ڏيو ته مان ڳوٺ
وڃان. توهان سان گڏ رهڻ مونکان نٿو پڄي. توهانکي ته
اُڃ ۽ بک جي پرواهه نه آهي پر منهنجو آن جل بنا ساهه ئي
سُڪيو وڃي. مونکي ٽي ڏينهن ساندهه لنگهي ويا آهن ته
ڪاڻو آکين نه ڏٺو اٿم. منهنجو هن نموني گذران ٿي ڪين
سگهندو." تڏهين ستگورو فرمائڻ لڳا ته "ڀائي مردانا!
اسان وٽ ته اهڙا ڪشٽ سهڻا پوندءِ. جي اُهي سهي پار
پئين ته پرلوڪ جو سک ماڻيندين. مگر جيڪڏهين تنهنجي
مرضي هروڀرو وڃڻ تي هجي ته اسين توکي روڪ ڪانه ٿا
ڪريون." مرداني کي اِتي غيرت آئي ۽ ويچاري چيائين ته
"سچا پاتشاهه! جيڪڏهين مون تي اهڙي ڪرپا ڪريو، جو
اُڃ بک لڳيمرئي ڪانه، ته پوءِ مان توهان سان گڏ رهان ۽
نه ته موڪل ڏيوم." ستگورو چوڻ لڳا ته "پرميشور سڀني
جيون جي پالنا سندن ڪرمن انوسار ڪندڙ آهي، تنهن


ھن کي وچي ٻڌائين تہ ”دوائتي رباب لاءِ ڪولي تڪـ
پر دت ڪوڙ آيو ۽ ماتا نانڪيءَ اوڏان جي درسن لاءِ ڪهڻي
وينتي ڪئي آھي.“
صاحب پنھنجي ڀيڻ جو پيار ۽ سردا سان ڀريل نياپو
ٻڌي، ھن وقت مرداني سان گڏجي ويا. ماتا نانڪيءَ کي
اوڏي مھل جا خوشي ٿي، سا بيان ڪرڻ کان ٻاھر آھي.
ڪُشل آنند ڪرڻ کان پوءِ نانڪيءَ پنھنجي ڀاءُ کي چيو تہ
”مونکي توھانجي درسن جي سدائين پياس رھي ٿي،
تنھڪري مونکي درسن ڏيندا رھو.“ صاحبن چيس تہ
”پياري ڀيڻ! جڏھين تون اسانکي ياد ڪندينءَ تڏھين
تہ وقت ٻاطيءَ اچي حاضر ٿيندا سين.“ پوءِ صاحبن اُتي ٿورو
وقت ترسي ماتا نانڪيءَ کان موڪلايو.
صاحبن مرداني کي چيو تہ ”فردو ربابي جو ڦلاڻي
جنگر ۾ رھي ٿو، تنھن کان رباب وٺي آءُ.“ صاحبن جي
آڪيا موجب مردانو اُنھيءَ جنگر ڏانھن روانو ٿيو. واٽ تي
ڪرو ماڻھو گڏيس، جنھن کان فردي ربابيءَ جو پڇيائين.
ـن چيو تہ ”آءُ خود فردو آھيان، جيڪو ڪم مجيئي سو
ـؤ.“ تنھن تي مرداني ھنکي ٻڌايو تہ ”ستگورو نانڪ ديو
ـونکي توکان رباب وٺڻ لاءِ موڪليو آھي.“ اھو ٻڌي دو
ـدالي سان گڏجي، صاحبن وٽ رباب سميت آيو ۽ اچي
ـحبن جي چرڻن تي ڪري پيو ۽ رباب صاحبن جي اڳيان
ـئين. پوءِ ھو صاحبن کان موڪلائي ويو. صاحبن ھاڻي
ـي کي چيو تہ ”رباب ڪڻي وڄاءِ.“ ھن وڄائڻ شروع
تہ منجھانئس ”توھين نرنڪار توھين نرنڪا



باب ڏهون

ماتا نانڪيءَ کان موڪلاڻي

مرداني جڏهين پنهنجو پڪو ٺهراءُ صاحبن سان گڏ رهڻ جو ظاهر ڪيو، تڏهين صاحبن چيس تہ ”اي مردانا! بازار ۾ وڃي رباب وٺي آءُ.“ هن چيو تہ ”سائين! پيسا ڪٿان آڻيان؟“ صاحبن وراڻي ڏني تہ ”اسانجي ڀيڻ نانڪيءَ کان وڃي وٺ.“ تنهن تي هو ماتا نانڪيءَ وٽ ويو، جا مرداني کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿي ۽ هن کان پنهنجي پياري ڀاءُ جو حال احوال ورتائين ۽ ڪانئس اچڻ جو ڪارڻ پڇيائين. مرداني چيو تہ ”سوامي خوش چڱا ڀلا آهن. مونکي رباب خريد ڪرڻ لاءِ موڪليو اٿن ۽ چيائون تہ اُن لاءِ پيسا منهنجي ڀيڻ کان وڃي وٺ.“ اهو ٻڌي ماتا نانڪي ڏاڍي خوش ٿي ۽ چيائين تہ ”اڄ منهنجو ڀاڳ کليو آهي، جو مون تي هيءَ فرمايش رکي اٿن. جيڪي پيسا توکي گهرجن سي ٻڌاءِ تہ مان توکي ڏيان.“ مرداني چيو تہ ”مان پهريائين بازار مان جاچي ۽ قيمت جو ترپاءُ وٺي، پوءِ اچي تو اوهانکان پيسا وٺان.“ ماتا نانڪيءَ چيس تہ ”جڏهن توکي سهنجو لڳي تڏهن بلاشڪ ڪر.“ پوءِ هن چيس تہ ”منهنجي ڀاءُ کي منهنجي طرفان وڃي وينتي ڪجہ تہ مونکي درسن ڏيئي وڃي.“ مرداني چيو تہ ”گهڻي خوشيءَ سان تنهنجو نياپو ڏيندس.“ پوءِ هو بازار ۾ رباب ڏسڻ ويو. جتي جتي وڃي، اُتي ماڻهو مٿس چٿرون ڪرڻ لڳن، چي ”اِجهو ڪراهيءَ جو رٻابي تو وڃي.“ هو ويچارو سڄو ڏينهن رباب ڳوليندي ٿڪو، پر ڪو بہ پسند ڪونہ آيس. آخر صاحبن وٽ موٽي ويو



صاحبن ورندي ڏني تہ ”ڀائي مردانا! اسانجي سِر تي وڏو بوجهہ آهي. اُهو اسانکي توکي نباهڻو آهي. تون اُنهيءَ ڪم ۾ مدد ڏيڻ واسطي اسان لاءِ پورو پورو ماڻهو آهين. اسانجي مرضي آهي تہ تون اسان سان گڏ رهہ ۽ شبد ڪيرتن ڪري پنهنجو جنم سڦارو ڪر. هي سنسار آهي سپني سمان. جيڪي ڪي ڏسجي ٿو سو سڀ مٽيا آهي، تنهنڪري سچي نام جي لوڙ ڪر، جنهن مان الٽ سمي ۾ ڪلياڻ ٿيندو.“ صاحبن جا اهي وچن مردانيءَ کي تير وانگر چُڀي ويا. هن صاحبن سان گڏ گذارڻ جو پڪو ٺهراءُ ڪيو ۽ صاحبن کي چيائين تہ ”سائين! جئين اوهان جي مرضي آهي تئين ڪرڻ لاءِ آءٌ تيار آهيان. باقي ڪٽنب جو ويچار اٿم تہ انهن جي پالنا منهنجي پرپٺ ڪير ڪندو.“ صاحبن چيو تہ ”سڀ ڪي روزي رسائڻ لاءِ ڪرتار آهي. ڏس تہ ڪيئن ٿو ڪٽنب کي، پهاڙ ۾ ٿوڙي پٿرن ۾ ڪاڏو ٿو پهچائي. ويچار ڪر تہ ڪيئن پنهنجا ٻچا جهنگ ۾ ڇڏي ڪري ويندا آهن، پوءِ انهن جي سنڀال ڪير ٿو ڪري؟ تنهنڪري تون پنهنجي ڪٽنب جو ڪوبہ خيال نہ ڪر.“ مردانيءَ چيو ”ست وچن.“ انهيءَ تي صاحب هن کي ڏاڍو پسند ٿيا ۽ مٿس مهر ڪيائون. مردانيءَ کي صاحبن فقط هڪڙو خيال رهيو تہ جڏهن ڪر آءٌ موٽڪي پاڻي ڪالوءَ ۽ ماتا ترپتا موڪليو آهي، سا خبر تہ هنن کي رسائي اچان. پر ورِي دل ۾ چيائين تہ سڪو روح جي صحبت مان ڪيئن ڇڏي وڃان؟ پاڻهي ڪنهن ڪو پاڻي ڪالوءَ ۽ ماتا ترپتا کي وڃي خبر پهچائيندو. اُئين چئي اُتيئي رهجي پيو ۽ انهن ۽ صاحبن سان گڏ گذارڻ لڳو.

پر صاحبن اُها قبول نہ ڪئي. ڇو جو ڪين دنيوي پدارٿن
جي لوڙ نہ هئي. هو تہ نام جي رنگ ۾ مست هئا.
صاحبن جي فقيراڻي بيک پائڻ ۽ قبرستان ۾ رهڻ جي
خبر آهستي آهستي وڃي پائي ڪالوءَ ۽ سندس ڪٽنب جي
ڪَنِ چڙهي. پائي ڪالوءَ جو تہ هيٺئون ئي ڇڄي پيو. ماتا
ترپتا کي بہ ڪاڻ پيهڻ ئي نٿي اُچهيو. اُهو سڄو ڏينهن گهٽيون
۾ گذاريائون. هڪ ڏينهن مرداني ميراثيءَ کي سڏيرايائون تہ
تون سلطانپور وڃي پڪي خبر وٺي آءُ تہ نانڪ برابر فقير وڃي
ٿيو آهي ڇا. مردانو پنڌ ڪندي ماتا نانڪيءَ وٽ
اچي پهتو ۽ هنکي چيائين تہ "تنهنجي پتا ۽ ماتا مونکي
هت خبر وٺي اچڻ لاءِ موڪليو آهي تہ نانڪ موديخاني جي
ڪرت ڇڏي فقيراڻو بيک ڌاريو آهي ڇا. سو پلائي ڪري
مونکي ٻڌاءِ تہ اِها ڳالهہ سچي آهي ڇا؟" انهيءَ سوال تي
ماتا نانڪيءَ جي آکين ۾ پاڻي پرجي آيو ۽ چيائين تہ "مونکي
تہ زبان سان چوڻ ئي نٿو ٿئي." تڏهين مرداني چيو تہ
"پلا! مونکي ٻڌاءِ تہ تنهنجو ياد ڪٿي آهي تہ مان روبرو
وڃي سندس حال احوال وٺان؟" تنهن تي ماتا نانڪيءَ
پر واري جهنگہ ڏانهن اِشارو ڪري چيو تہ "اِجهو هن جهنگہ
۾ تو رهي." مردانو اُتان صاحبن کي ملڻ لاءِ اُٿيو. صاحبن کي
پريان ڳيڙوءَ رتي ڪفنيءَ ۾ زمين تي ليٽيل ڏسي شوڪارا
پريائين ۽ چيائين تہ "هي پرماتما! تنهنجي قدرت آپار آهي."
صاحبن جي ويجهو اچي چيائين تہ "اوهان ڪهڙي خيال
ڪان پنهنجي سُٺي ڪرت ڇڏي هيڏن جهنگل ۾ اچي
رهيا آهيو؟

ساڌ سنگ اگنت هيءَ، ڪيتي لکه اپار
ايترا اپوتر هيءَ، بن ستگور ڪي شبد بيچار
سرنانا ڪي ايڪ ناٿ، ست نامُ ڪرتارُ
نانڪ تاڪي قيمت نا پوءِ، بي انت بيشمارُ.

تات پرج

پرماتما جي درتي لکين محمد، لکين برهما، وشنو ۽ مهيش آهن. اُن جي درتي لکين رام جهڙا وڏا، لکين مت ڌاريندڙ ۽ بيکاري آهن. اُن جي درتي لکين جتي، ستي ۽ سنياسي آهن. اُن جي درتي لکين گورکه ۽ ناٿن جا ناٿ آهن. اُتي لکين آسن آهن، لکين گورو ۽ لکين جيڻ جي گوروءَ جي ڏيکارئل واٽ تي هلن ٿا. اُتي لکين ... لکين ديوتائون ۽ لکين دئيت آهن. اُتي لکين پير پيغمبر ۽ اوليائون آهن ۽ لکين قاضي، مُلا ۽ شيخ آهن. ... سڀني مان ڪنهن ڪڙي کي به ستگوروءَ جي ... ست نتي اچي. اُتي ڪئين لکه جگياسو ... آهن، جنهجو اُطيتو ڪٿط جو نه آهي. پر سڀني ... جي شبد جي ويچار کانسواءِ اپوتر آهن. سڀني ناٿن ... ڪيوتي آهي، جنهنجو نالو "ست نام ڪرتار" ... گورو صاحب فرمائين ٿا تہ اُنجي طاقت جي نہ ٿي ... جو جو جي انت بيشمار آهي.

... نواب دولت خان ۽ پيا ستگورن جي چرڻن ... ڪري پيا. سڀني قبول ڪيو تہ گورو صاحب وڏا اولياءَ ... پوءِ تہ نواب دولت خان پنهنجي گادي ڪين آهي،

مٿين تڪن جو آرٿ هي آهي تہ (هي قاضي) مسيت ديا جي ڪر، آسني صدق جي ڪر ۽ حق حلال ڪائڻ جو قرآن پڙهہ. شرم روپي سنت ڪر، جت ست روپي روزو رکہ اهڙيطرح مسلمان ٿي رهہ. چڱي هلت روپي ڪعبو ڪر، سچہ کي پنهنجو مرشد ڪر ۽ ڪلمو ۽ نماز چڱن ڪمن جي ڪر. پرماتما جو پاڻو مڃڻ پنهنجي تسبيحہ ڪر. ائين ڪرڻ سان پرماتما تنهنجي لڄہ رکندو.

هاڻي نواب ۽ قاضيءَ ٻنهي سمجهيو تہ گورو صاحب بيشڪ وڏا اولياءَ آهن ۽ ٻنهي اچي صاحبن کان بخشايو.

پوءِ ڪيترا مسلمان، شيخہ، قاضي ۽ خود نواب دؤلت خان گورو صاحبن جي چرنن تي ڪري پيا ۽ پڇڻ لڳا تہ ”سائين! مهرباني ڪري ٻڌايو تہ خدا صاحب جي طاقت ڪيتري آهي ۽ هن سان ڪيئن ملي سگهبو.“ صاحبن اُنوقت هيٺيون مها سندر شبد اُچاريو:—

جت در لکہ محمدا، لکہ برهمي بشن مهيس
لکہ لکہ رام وڏيريئهہ، لکہ راهي لکہ ويس
لکہ لکہ اوڻيءَ جتي هيءَ، ستيئهہ تي سنياس
لکہ لکہ اوڻيءَ گورکا، لکہ لکہ ناٿا ناٿ
لکہ لکہ اوڻيءَ آسنا، گور چيلي رهراس
لکہ لکہ ديوي ديوتي، دانون لکہ نواس
لکہ پير پيغمبر اوليئي، لکہ قاضي مُلان شيخہ
ڪسيءَ ساانت نہ آئيا، بن ستگور ڪيءَ اُپديش

۾ ٻيڙ جي ويئي. ھر ڪنھن جي وات ۾ اھائي ڳالھ ھئي
گورو نانڪ کي اڄ مسلمان ٿا ڪن ۽ اڙو ڪو ڪوبہ
نواب کي من ڪنياءِ ڪان ھٽائي؟ آخر ستگورو نواب سان
گڏجي مسجد ۾ ويا. شھر جا ماڻھو بہ ڪَي پيڻ تہ ڏسون
صاحب مسجد ۾ ڇا ٿا ڪن. ھو مسلمانن سان گڏ نماز
پڙھڻ لاءِ ڪنا تي بيٺا، پر جڏھين مسلمانن گوڏا کوڙي
سجدو ڪيو، تڏھين صاحب بيٺائي رھيا. نواب اھا حالت
ڏسي صاحبن کي چوڻ لڳو تہ ”ھتي نماز پڙھڻ آيا آھيو يا
بيھڻ؟“ صاحبن چيو تہ ”مان ڪنھن سان گڏ نماز پڙھان؟
اوھان جو بت ھو ھتي، تہ اوھان جو من وري قنڌار ۾ گھوڙن
خريد ڪرڻ ۾ پئي ويو.“ تڏھين قاضي چوڻ لڳو تہ ”يلا!
مون سان گڏ نتي پڙھي؟“ تنھن تي صاحب فرمائڻ لڳا تہ
”تنھنجي گھر ۾ ڪا وڇيرو ڄڻل آھي ۽ اُنجي پرسان ڪا
کوھ آھي. توکي نماز پڙھڻ وقت ھيءُ خيال ھو تہ متان وڇيرو
ڪڏي تہ ھي کوھ ۾ ڪري نہ پوي.“ اھو ٻڌي، نواب ۽ قاضي
ڪا ٻئي ڏي واٺڙا تي نھارڻ لڳا. اندر ۾ سمجھيائون تہ
صاحب ڇون سب سچ ٿا. پوءِ دل کولي اھا ڳالھ قبوليائون.
اوڏي مھل صاحبن ھنن کي سمجھائڻ لاءِ ھيٺيون
سلوڪ اُچاريو:-

مھر مسيت، صِدَقُ مُصَلا، حَقُ حَلالُ قُراڻُ
شرم سنت، سيلُ روزا، ھوھ مُسلماڻُ
ڪرڻي ڪعبا، سچُ پيرُ، ڪَلما ڪَرَم نِوازَ
تسبي ساتِسُ ڀاوَسي نانڪ رکيُ لاج.
[مانجھ جي وار محلا پھلا پوڙي (۷) سلوڪ (۱)]

هوءِ مسلم دين مهاڻي، مرڻ جيوڻ ڪا ڀرم چڪاويءِ
رب ڪي رضاءِ مني سر اُوپر، ڪرتا منيءِ آپ گنواويءِ
تئه نانڪ سرب جيئا مهر مت هوءِ، تا مسلماڻ ڪهاويءِ.

[مانجهه ڪي وار محلا پهلا پؤڙي (٨) سلوڪ (١)]

مٿئين شبد جو مطلب هي آهي تہ مسلمان چوائڻ ڏکيو آهي. جيڪڏهين ڪو سچو پڪو مسلمان هجي تہ پوءِ پل پاڻکي مسلمان چوائي. سچو مسلمان اُهو آهي، جو پهريائين اوليائن جي وات وٺي ۽ اهنڪار دور ڪري، ڇو جو اهنڪار سچو ڏن لٽائڻ وارو آهي. پوءِ مسلمان کي گهرجي تہ مرشد جي پيروي ڪري، مرڻ جيئڻ جو سنسو نہ ڪري، خدا صاحب جو حڪم مٿي تي رکي مڃي، اُنکي خالق ڪري سمجهي، خودي دور ڪري ۽ سڀني مخلوقات تي ديا ڪري.

وري قاضيءَ چيو تہ "اوهين اسلام جي گلا ٿا ڪريو." صاحبن جواب ڏنو تہ "اسين تہ هندڪي مسلمانڪي جاڻون ئي ڪين." تنهن تي نواب چيس تہ "جيڪڏهين توهين ائين ٿا سمجهو تہ توهانکي اسان مسلمانن سان بندگي ڪرڻ ۾ ڪهڙو اعتراض هئڻ گهرجي؟

اڄ جمع جو ڏينهن آهي ۽ هيئنر نماز جو وقت اچي ٿيو آهي. هلو تہ گڏ جي هلي مسجد ۾ نماز پڙهون." صاحبن چيو تہ "هلو، مان تيار آهيان." اها خبر جلدئي سڄي شهر

١- ملاح، مرشد. ٢- ديا ڪندڙ.

کھٹوئي هنئکي ليايو، پر هنن نہ مڃيو. آخر ماتا نانڪ
هننتي زور لاتو تہ يلا رکو بابا سريچند کي جڏي وچو.
ڳالھہ ڏاڍن حيلن کانپوءِ هنن قبول ڪئي. پوءِ ڪ پٺ
کان موڪلائي پنهنجي ڀاڻيءَ ۽ بابا لکميچند سوڌو ڳوٺ وي
انهيءَ وقت ڏاري صاحب پنهنجي ڀاڻيءَ جي رستي
چوڻ لڳا تہ ”نڪو ڪو هندو آهي نڪو ڪو مسلمان.“ قاضيءَ
کي خبر پيئي تہ صاحب هن طرح پيا چون. هن وچي نواب
کي چيو تہ توهان جو آڳيون مودي، جنهن هاڻي فقيري
اختيار ڪئي آهي، سو اسانجي دين بابت گھٽ وڌ ٿو
ڳالھائي، تنهن کي گھرائي سمجھايو.
نواب صاحبن کي ماڻھو موڪلي گھرايو ۽ خوش خيرعافيت
ڪرڻ کانپوءِ چيائين تہ ”افسوس آهي جو توهان جھڙو بانيڪار
عملدار وڃي درويش ٿيو آهي. درويشي ڇڏي اسان وٽ
عملدار ٿي رهو.“ صاحبن جواب ڏنو تہ ”اسانجو دنيوي
حڪومت سان ڪم نہ آهي.“ پوءِ نواب قاضيءَ کي چيو تہ
”جيڪو سوال صاحبن کان ڪرڻو هجيئي، سو ڪر.“
قاضيءَ صاحبن جي سامھون بيهي چيو تہ ”اوهين جو چئو ٿا
تہ نڪو ڪو هندو آهي نڪو مسلمان، سو اهي تہ ڪفر جا
ول ٿا ٻوليو. اوهانکي ڇا ٿيو آهي جو اهڙا ڪچا لفظ
هنجي واتان ٿا ڪڍو؟“ تنهن تي صاحبن هيٺيون
لوڪ اچاريو:-

مسلماڻُ ڪَهاوڻَ مُشڪلُ، جا هوءِ تا مسلماڻُ ڪَهاوِ
آؤلُ[1] دينُ ڪَرِمِنا، مَصقَلُ[2] مانا[3] مالُ مُساوِ

۱- اوليائون. ۲- سِراڻ تي گھڻ، دور ڪرڻ. ۳- اهڪار.

صاحبن جي سس ۽ سهرو پنهنجي ڌيءُ جي حالت
ڏسي دل ۾ ڏاڍو ڏکي ٿيڻ لڳا. پنهنجي ويهي پاڻ ۾ پڇيا
تہ روبرو وڃي پنهنجي ناٺيءَ کي سمجهايون تہ من ڪو اثر
ٿئيس. گڏجي ٻئي ڄڻا اچي صاحبن جي سنمک بيٺا ۽
چيائون تہ ”ڏس! تو پنهنجا ڪهڙا حال ڪيا آهن؟ اڳي
سڀني تي سڀني هنڌن ۽ هيٺر جهنگلن ۾ پيو ڦرين.
افسوس آهي تہ وسن جهڙي ڪرت ڇڏي ڏيون هيٺن
بي حال ٿيو آهين. تنهنجي پنهنجن ٻالڪن جو بہ موهہ نٿو
ٿئي؟ ماڻهو ڳالهيون ڪن ٿا. جيڪڏهن
هاڻي هل گهر ۽ هلي اڳي وانگر رهہ. جيڪڏهن
مودي خاني جي ڪرت مان ڪتو ٿيو آهين تہ اها ڪٿي نہ
ڪجہ.“ هيٺري چوڻ سان بہ صاحبن گهر وڃڻ جي وائي بہ
نہ واري. آخر جڏهن ٻائي مولو ۽ چندو راڻي صاحبن کي
چئن سان سمجهائڻ مان ڪڪ ٿيا، تڏهن چوڻ لڳس تہ
”جيڪڏهن فقير ٿيڻو هو، تڏهن شادي ڇو ٿي ڪيءِ؟“
هنن صاحبن کي گهڻيئي ڏڍيون ڪوسيون ڏنيون، پر
صاحب پنهنجي ارادي تي قائم رهيا. آخر هو لاچار ٿي
موٽي آيا.

ٻائي مولي ۽ چندو راڻيءَ پنهنجي نياڻيءَ کي چيو تہ
”هاڻي تنهنجي رهڻ جو ڪم هتي ڪونهي. تون هل اسان
سان.“ ماتا نانڪيءَ چندو راڻيءَ کي سمجهايو تہ ”هنکي
پاڻ سان وٺي نہ وڃو. سڀني کي رزق ڏيندڙ پرميشور ئي
آهي. مان پڇندي آهيان تنهنجي نياڻيءَ ۽ ڏوهٽن جي سار
سنڀال پيئي لهنديس، پر جيڪڏهن توهانکي هنن جو
هتي رهڻ چڱو نہ لڳي تہ تلونديءَ وڃي رهن.“ ماتا نانڪيءَ

نواب کي جڏهين مُلي ڪان پڪ ملي ته صاحب پوري هوش ۾ آهن، تڏهين ويچار ۾ پئجي ويو ته هاڻي پيسن بابت ڇا ڪريان. پسائي جئرام کي صلاح ڪرڻ لاءِ گهرائين ۽ ڇپائينس ته پيسا مولي کي ڏيسان يا نه. پائي جئرام ويچارو منجهي پيو ته ڇا چوان. آخر ويچار ڪري نواب کي ڇپائين ته "سائين! توهين پيسن جي ڳالهه ڪان رو برو گهرائي پڇو."

انهيءَ تي نواب صاحبن ڏانهن ماڻهو موڪليو. هن وڃي صاحبن کي چيو ته "نواب کي توهان ڪان ڪي پڇڻو آهي ۽ تنهنڪري اوهانکي گهرايو اٿس." صاحبن چيو ته "نواب سان هاڻي اسانجو ڪهڙو ڪم؟" نواب وري صاحبن ڏانهن پيو ماڻهو موڪليو، جنهن نمرتا سان وڃي صاحبن کي چيو ته "مهرباني ڪري نواب ڏانهن هلو." انهيءَ تي صاحب اُٿي هليا. جڏهين نواب جي ويجهو پهتا تڏهين هنن نواب کي ڪوبه سلام نه ڪيو ۽ ماٺ ڪري وڃي ويٺا. نواب پڇيس ته ڇو سلام ڪين ڪيوءِ؟ صاحبن جواب ڏنو ته "جيستائين مان اوهانجيءَ نوڪريءَ ۾ هوس، تيستائين مون تي فرض هو اوهانکي سلام ڪرڻ؛ پر هاڻي جڏهين مون خاوند جي نوڪري وڃي هٿ ڪئي آهي، تڏهين اُنهيءَ کي ئي سلام ڪرڻ جڳائي." انهيءَ جواب تي نواب کي بخيلي لڳي، پر ڪجهائين ڪين. پوءِ نواب پڇيو ته "تو وارا ۷۶۰ ربيا پائي مولي کي ڏجن يا نه؟" صاحبن چيو ته "مون اها رقم توهانجي حوالي ڪري ڇڏي آهي؛ جئن وڻيو تئن ڪريو." تنهن تي نواب اهي پيسا پائي مولي کي ڏنا ۽ اهي فقيرن ۾ ورهايا.

ايڪي صاحب ٻاهرا، ٻوجا آوُر نه جاڻي ڪوءِ
تنهُه ديوانا جاڻيئي، جا ايڪا ڪار ڪماءِ
حُڪمُ پڇاڻي خصم ڪا، دوجي آور سياڻپ ڪاءِ
تنهُه ديوانا جاڻيئي، جا صاحب ڌري پيار
مندا جاڻي آپ ڪنهُه، آوُر ڀلا سنسارُ.

[راڳ مارو محلا پهلا شبد (٧)]

مٿئين شبد جو مطلب هيءَ آهي ته ڪي پيا چون ته نانڪ کي پريت جي ڇاپا آهي، ڪي پيا چون ته چريو ٿيو آهي، ڪي وري چون ته ماڻهن جهڙو ماڻهو آهي. اسين ته ويچارا ٿيا وينا ڏسون. ڀلي ماڻهن کي جئن وڻي تئن چون، پر اسين ته سچي محبوب لاءِ مست آهيون ۽ انهيءَ ڪانسواءِ ٻئي ڪنهنکي سڃاڻون ئي ڪين. سچو پچو ديوانو انهيءَ کي ئي ڪوٺڻ گهرجي، جو پرميشور جي ٻيو ه هجي ۽ هڪڙي ڏڻيءَ کانسواءِ ٻئي ڪنهنکي نه ڄاڻي، ۽ هڪڙي پريوءَ جي ڪم ه رڌل رهي ۽ هن جو حڪم مڃي ۽ هن سان پريم ڌاري ۽ پاڻکي بڇڙو سمجهي ۽ ٻين کي پاڻ کان وڌيڪ چڱو سمجهي. ٻڌايو ته تــوهانجي ليکي سڃاڻپ وري ٻيو ڇا ه آهي موڙهي آهي؟

اِهو ٻڌي مُلي کي پڪ ٿي ته صاحبن کي نڪا آهي چريائي ۽ نڪو آڏن لڳت جو حساب. هن اچي نواب کي ٻڌايو ته ”توهانجو مودي سياڻن کان سياڻو آهي. هو ڪو ڪامل شخص ٿو ڏسجي.“

لکت تي ويٺي آهي ۽ جيڪڏهين ائين هجي ته منهجي چوڪاري جو اُپاءُ وجي ڪر." ماءِ وجي صاحبن تي جهاڙون وڌيون ۽ تعويذ لکڻ لکيو. تنهن تي صاحبن هيٺيون سلوڪ اُچاريو:-

"ڪيتي جن ڪي اُجڙي ڪلواڙي ناهين ڏان،
نانڪ ڏڙگر تناداجيونا، جو لکہ لکہ ويهن ڏان."
[وار سارنگ محلا پهلا.]

مٿين تڪن جو مطلب هي آهي ته جن جي ڪيتي ناس تي ويٺي آهي، تن جي ڪيتيءَ[1] کي انبارخاني جي ضرورت ئي ڪانهي. ڏڪار آهي اُنهن جي جيئڻ تي، جي پرميشور جو نالو لکي وڪڻن ٿا.

مُلي سمجهيو ته صاحبن منهنجي جهاڙ جي اثر ڪري ڳالهايو آهي ۽ سچ پچ لکت جو اثر اٿس. جن صاحبن جي مٿين تڪن ڏانهن ڪو ڌيان ڪونه ڏنو ۽ ويٺو وڌيڪ جهاڙون وجهڻ. منتر جنتر پورا ڪري صاحبن کي "ٻولائڻ" جي مراد سان چوڻ لڳو ته "اي پريت! ٻڌاءِ تون ڪير آهين؟" تڏهين صاحب هيٺيون شبد اُچارڻ لڳا:-

ڪوئي آکي ڀوتنا، ڪو ڪهي بيتالا
ڪوئي آکي آدمي، نانڪ ويچارا
ڀيا ديوانا شاهہ ڪا، نانڪ بؤرانا
هئہ هر بن آور نہ جانا (اِڪ رهاءُ)
تئہ ديوانا جاڻيئي، جا ڀئہ ديوانا هوءِ

1- انبارخانو گدام.

سان پرگهٽ ٿيا، تڏهين هنن جي منهن جو نوئي لهي ويو. ماتا نانڪي ۽ ڀائي جئرام صاحبن جي برگهٽ ٿيڻ جو ٻڌي ڏاڍا خوش ٿيا، جو چڱو ته نهين جيوت ملي هين. هو اچي صاحبن کي سڪ سان مليا ۽ چيائون ته گهر هلي ڪپڙا پهري آگي وانگر رهو. پر صاحبن ائين ڪرڻ کان انڪار ڪيو. تنهن تي نندڪ وري هن ريت چوڻ لڳا ته هن جو من ڪارخاني ۾ کاتي هڻڻ سبب ڦري ويو آهي. ڪن وري چيو ته هن تي ڪنهن جن ڀوت جي ڇايا پيئي آهي.

نواب کي صاحبن جي گم ٿيڻ جي خبر وڃي پيئي. هن ڀائي جئرام کي گهرائي چيو ته ”موديخاني جو ليکو ڪرائي ڏس ته ڇا گهٽيو آهي.“! ڀائي جئرام ليکو ڪرايو ۽ هن دفعي ٧٦٠ رپيا صاحبن جي طلب نواب ڏانهن نڪتي. اهو ٻڌي نواب کي دلجاءِ ٿي ۽ صاحبن کي گهرائي چيائين ته ”موديخاني جو ڪم آئينده به سنڀاليندو رهه.“ پر صاحبن ڪم هلائڻ کان صفا جواب ڏنو ۽ چيائون ته ”هينئر سچي پاتشاهه اسان کي پنهنجي شيوا ۾ لڳائي ڇڏيو آهي ۽ انهيءَ ڪم ۾ اسين مشغول آهيون.“ باقي جيڪا طلب اسانجي نڪتي آهي، سا ڏکيءَ جي ناليِ خيرات ۾ ڏيئي ڇڏجو.“

پوءِ صاحب ڪفني پهري ۾ وڃي قبرستان ۾ وڃي رهيا ۽ اُتي ”ست ڪرتار“ جو جاپ پيا جپيندا هئا. انهيءَ حالت جي خبر صاحبن جي سهري ڀائي مولي کي وڃي پيئي. هنکي ٻڌنديئي ڏکو پهچي ويو. گهٽي وڏي ويس ته اسانجي ويچاري ٻالي ٻولي ڪنيا ڪيئن ڪندي، هنکي ڪير سنڀاليندو؟ هو جلدئي سلطانپور ۾ آيو ۽ پنڊت شامو،

باب نائون

وئراڳ

جڏهين صاحبن کي ٻه پٽ ٿيا، تڏهين هرڪنهن شهر جي ماڻهوءَ ائين ٿي سمجهيو ته صاحب هاڻي موه جي ڄار ۾ ڦاسندا ۽ گهرسان ائين پڌا، جئن گرهستي ماڻهو پنهنجي ڪٽنب ۾ ڦاٿل هوندا آهن. پر هنن کي اها ڪل ڪانه هئي ته صاحبن کي پنهنجو پيغام ملڪان ملڪ پهچائڻو آهي ۽ گهر کي ڇهتي رهڻو نه آهي. بابا لکمي چند جي جنم کان جلد ئي پوءِ هڪڙو مسلمان فقير صاحبن کي گڏيو، جنهن چيو ته ”اي نانڪ نرنڪاري! جنهن ڪم لاءِ اوهين هن سنسار ۾ آيا آهيو، سو ڪم ته اوهان اڃا هٿ ۾ ڪونه ڪنيو آهي. ديستائين ڇا ويٺا ڪريو؟“ صاحبن اُتر ڏنو ته ”پرميشور پاڻيهي پوري وقت تي پنهنجا ڪم ڪرائيندو. سڀ ڪجهه چڱي تي پوندي.“ اهي لفظ اهڙي مضبوط ارادي سان صاحبن جي مکه مان نڪتا، جو فقير کي تسلي ٿي ۽ هو مان ڪري رمندو رهيو.

ڪجهه وقت کانپوءِ صاحب هڪڙي ڏينهن ويئي نديءَ ڏانهن دستور موافق سوير صبوح جو اشنان ڪرڻ لاءِ ويا ۽ گهر ٿي ويا. صاحبن جي ٻه ڏينهن ساندهه ڪو لاڳو پتو ئي ڪونه پيو. حاسدن ۽ چغلن کي لڳو ڪرايائون، پر پتو ئي ڪونه پيو. حاسدن ۽ چغلن کي لڳو سي بڪڻ لڳا ته ”ڏسو! اسان اڳيئي ڪونه ٿي چيو وجهه، سي بڪڻ لڳا ته ”ڏسو! اسان اڳيئي ڪونه ٿي چيو ته هي ڪارخانو لٽائي اوچتو ئي اوچتو ڀڄي ويندو؟ ڀلا! ننڍڙو دڪان هيڏي سداورت جي سٽ ڪيستائين سهي سگهندو!“ پر جڏهين ٽئين ڏينهن صاحب فقط لانگوٽيءَ

ٽورن ڏينهن ڪانپوءِ صاحب پيرڻ جي گهر آيا. ماتا نانڪيءَ چيس ته ”ڀائو! تنهنجي گهر ۾ ڇڪي ڳالهه جي استري آئي آهي. تون جو گهر ۾ ٿورو وقت ٿو گذارين، تنهنلاءِ تنهنجو سهرو ۽ سس اسانکي ڏوراپا ٿا ڏين. اسين ته ڪجهه به ڪهي نٿا سگهون. ڀلائي ڪري گهر ۾ ڪجهه گذاريندو ڪر. هي ڳالهه منهنجي دل ۾ آهي، سا مان توکي چئي نٿي سگهان. جي آڪيا ڏينء ته چوان“. صاحبن چيس ته جيڪي چوڻو هجيئي سو چئو. تنهنتي هن چيو ته ”مونکي ڀيءَ ايلاڪا آهي ته تنهنجو پٽ پنهنجن اکين سان ڏسان.“ صاحبن چيو ڪرتار ڪٿي تنهنجي آس پوري ڪندو. اهي وچن ٻڌي ماتا نانڪي گدگد ٿي ويئي ۽ پنهنجي پاءُ ڏانهن پلهار وجهڻ لڳي.

هن کانپوءِ ماتا سلڇڻي صاحبن جي ٽهل پنهنجن هٿن سان ڪندي هئي ۽ پئي ڪنهنکي ڪرڻ نه ڏيندي هئي، ۽ جيڪڏهين ڪو فقير گهر جي در تي بکيا اچي گهرندو هو ته هنکي وڏي خوشيءَ سان ڏيندي هئي. اهو ڏسي صاحب مٿس ڏاڍو پرسن ٿيا. ڪجهه وقت کانپوءِ سنبت ١٥٥١ ۾ صاحبن کي سريچند پٽ ڄائو. اها خبر ٻڌڻ تي سلطانپور جون سڀ استريون واڌايون ڏيڻ آيون. ماتا نانڪي اها خبر جلدئي پنهنجي پتا ۽ ماتا کي موڪلي، جي پوٽي جي جنم جو ٻڌي ڏاڍا خوش ٿيا. هو سلطانپور ۾ آيا ۽ اچي ڏاڍيون گهوروُن گهوريائون.

تنهن کانپوءِ سنبت ١٥٥٣ ۾ صاحبن کي ٻيو پٽ ڄائو جنهنجو نالو لکمي چند رکيائون. هن جي جنم تي به اهڙو اُتشو ٿيو جهڙو ٻابا سري چند جي ٿيو هو.

باب نائون

وئراڳ

جڏهين صاحبن کي ٻه پٽ ٿيا، تڏهين ڪئين شهر جي ماڻهن اِئين ٿي سمجهيو ته صاحب هاڻي موه جي ڄار ۾ ڦاسندا ۽ گهرسان ائين ٻڌبا، جئن گرهستي ماڻهو پنهنجي ڪٽنب ۾ ڦاٿل هوندا آهن. پر هنن کي اِها ڪل ڪانه هئي ته صاحبن کي پنهنجو پيغام ملڪان ملڪ پهچائڻو آهي ۽ گهر کي ڇڏي رهڻو نه آهي. بابا لکمي چند جي جنم کان جلد ئي پوءِ هڪڙو مسلمان فقير صاحبن کي گڏيو، جنهن ڇيو ته ”اي نانڪ نرنڪاري! جنهن ڪم لاءِ اوهين هن سنسار ۾ آيا آهيو، سو ڪم ته اوهان اڃا هٿ ۾ ڪونه ڪنيو آهي. ديستائين ڇا ويٺا ڪريو؟“ صاحبن اُتر ڏنو ته ”پرميشور پاڻيهي پوري وقت تي پنهنجا ڪم ڪرائيندو. سڀ ڪجهه چڱي ٿي پوندي.“ اِهي لفظ اهڙي مضبوط ارادي سان صاحبن جي مکه مان نڪتا، جو فقير کي تسلي ٿي ۽ دو ماٺ ڪري رهندو رهيو.

ڪجهه وقت کانپوءِ صاحب هڪڙي ڏينهن ويئي ندي ڏانهن دستور موافق سوير صبوح جو اشنان ڪرڻ لاءِ ويا ۽ ڪم ٿي ويا. صاحبن جي ٻه ڏينهن ساندهه کوڙا ڦولها ڪرايائون، پر پتو ئي ڪونه پيو. حاسدن ۽ چغلن کي لکو وجهه، سي بڪڻ لڳا ته ”ڏسو! اسان اڳيئي ڪونه ٿي چيو ته دي ڪارخانو لُٽائي اوچتو ئي اوچتو پڄي ويندو؟ ڀلا! نندڙو دڪان هيڏي سداورت جي سَٽ ڪيستائين سهي سگهندو!“ پر جڏهين ٽئين ڏينهن صاحب فقط اِڪو تي

تو ري ڏينهن ڪالپوءِ صاحب پيرط جي گهر ۾ آيا. ماتا نانڪيءَ چيس تہ ”بابو! تنهنجي گهر ۾ چڱي ڪُل جي استري آئي آهي. تون جو گهر ۾ ٿورو وقت ٿو گذارين، تنهنڪري تنهنجو سهرو ۽ سس اسانکي ڏورايا ٿا ڏين. اسين تہ ڪجهہ بہ ڪچي نٿا سگهون. پلائي ڪري گهر ۾ گهڻو گذاريندو رهہ. ٻي ڪڙي ڳالهہ جا منهنجي دل ۾ آهي، سا مان توکي چئي نٿي سگهان. جي آکيا ڏينم تہ چوان“. صاحبن چيس تہ جيڪي چوڻو هجيئي سو چئو. تنهنتي هن چيو تہ ”مولکي هيءَ اپلاڪا آهي تہ تنهنجو پٽ پنهنجن اکين سان ڏسان.“ صاحبن چيو ڪرتار ڪٿي تنهنجي آس پوري ڪندو. اهي وچن ٻڌي ماتا نانڪي گدگد ٿي ويئي ۽ پنهنجي پاءَ تان ٻلهار وڃڻ لڳي.

هن ڪالپوءِ ماتا سلڪڻي صاحبن جي ٽهل پنهنجن هٿن سان ڪندي هئي ۽ ٻئي ڪنهنکي ڪرڻ نہ ڏيندي هئي، ۽ جيڪڏهين ڪو فقير گهر جي در تي بکيا اچي گهرندو هو تہ هنکي وڏي خوشيءَ سان ڏيندي هئي. اهو ڏسي صاحب مٿس ڏاڍو پرسن ٿيا. ڪجهہ وقت ڪالپوءِ سنبت ١٥٥١ ۾ صاحبن کي سريچند پٽ ڄائو. اها خبر ٻڌڻ تي سلطانپور جون سڀ استريون واڌايون ڏيڻ آيون. ماتا نانڪي اها خبر جلدئي پنهنجي پتا ۽ ماتا کي موڪلي، جي ٻوتي جي جنم جو ٻڌي ڏاڍا خوش ٿيا. هو سلطانپور ۾ آيا ۽ اچي ڏاڍيون گهوريون گهوريائون.

تنهن ڪالپوءِ سنبت ١٥٥٣ ۾ صاحبن کي ٻيو پٽ ڄائو جنهنجو نالو لکمي چند رکيائون. هن جي جمڻ بہ اڌو اُتشو ٿيو جهڙو بابا سري چند جي تي ٿيو هو.

گذاري فقيرن ۾، سو ضرور ھڪڙي ڏينھن پاڻ بہ وڃي فقير
ٿيندو. جي فقير ٿيڻو ھوس تہ شادي وري ڇو ٿي ڪيائين
۽ توھان وري ڪيئن ٿي پرڻايس؟ تون پنھنجي پٽ کي
سمجھائين بہ نٿي. ھو سچي ڪمائي ٻاھر لٽيو ڇڏي.
توھانکي منھنجي نياڻيءَ تي ڪو قياس ئي ڪونہ ٿو اچي.
ھوءَ اٻلا سچو ڏينھن ڳڻتين ۾ پيئي ڳري."

ماتا نانڪيءَ ڏاڍن مٺن وچنن سان چيس تہ "ماسي!
مان پٽ کي ڇا سمجھايان؟ ھو پاڻ سمجھو ۽ سياڻو آھي.
ڪرت ۾ ھوندي بہ انھيءَ پھر پريوءَ جو نام جپيندو ٿو رھي.
تنھنجا تہ وڏا ڀاڳ آھن جو ھڙو ناٿي مليو اٿيئي. تنھنجي
ڌيءُ کي ڪائڻ پيئڻ، ڇورڻ ماڻڻ لاءِ سڀڪي پيو ملي، پر
تنھن ھوندي بہ جيڪڏھين ڪجھہ کپندو ھجيس تہ مان
وٽي ڏيانس. باقي ھرو ڀرو ھوءَ ھوءَ ڪبي تہ اُنمان ڪجھہ
وٺبو ڪين. ماسي! مان توکي ھڪڙي ڳالھہ ٻڌايان ٿي تہ
تنھنجي ڌيءُ سياڻي جي آھي کھري ۽ جڏھين جڏھين منھنجو
پٽ گھر ۾ اچي تڏھين جھُڻ لڳايو وھي. پوءِ ٻڌاءِ تہ
منھنجو پٽ، جو سانت سروپ آھي، تنھنکي گھر ۾ رھڻ
وري ڪيئن وڻندو؟ تون پنھنجي ڌيءُ کي وڃي سمجھاءِ
تہ نمرتا سان پتيءَ جي ٽھل ڪري ۽ ھن جي مرضيءَ موجب
ھلي ريجھائي ھٿ ڪريس." چندو راڻي اِھي اکر ٻڌي
ڪجھہ ڪچي ڪين سگھي ۽ موٽي وڃي پنھنجي ڌيءُ کي
آئت ڏنائين ۽ سمجھايائينس تہ پتيءَ جي راضي ڪرڻ جي
ھميشہ ڪوشش ڪندي رھہ. پوءِ ھوءَ پنھنجي ڌيءُ ڪا
موڪلائي، پنھنجي ڳوٺ ويئي.

ميڙط جو بہ
تنهن ڪالسواء پيسي
آنند اهي. هيين هنکي
فقيرن پٽيان وڃائي."
رکو اجايو پيو
ال ڪونہ اٿس،
توکی ڪاڏي ۽ ڪپڙي
پينڙي ڏس،
نا نانکيءَ چيس تہ "
توکي ڪجھ
حال سان بہ
پر تنهن
ملی،
بيو
ء سيڪي
سنتن کي، جو
ساڌن
ڪريان.
پورائي
تہ آءَ
و ڏيڪ کپي
تنهنکان مان هنکي
تو ڏئي،
ڪپڙو
ياد آن ۽
منهنجو
هيڪوڙو ڏيو تہ
آهي.
ڏنو ڀنو
چو تہ
روڪيان،
ڪيئن
ڪاڻهہ کهڙ بہ رهڻ جي، تنهن
باقی رهي
ڏوڙو لاڀ پائيو.
پنهنجي پتيءَ کی ايشور
تون
جوان!
بابت مان توکي ڇا
استرين لاءِ پتي ئي
تہ سينئي
سچ پچ
ڪري سمجھہ.
انسان جهڙو نہ آهي،
رواجي
تہ
گورو آهي، پر تنهنجو پتي
مرضيءَ موجب
سندس
تون
آهي.
روپ
ساکيات ايشور
هو
سياڻ نرم رکہ ۽ ممتا
پنهنجو
ڪر.
هٿ
راضپو
هاي اهن جو
تنهنجا منورٿ پورا
پاڙيهی
تہ
ڪنديءَ
ائين
ماري ڇڏ.
ڪُٺي مان ڪئي
سلڇڻيءَ
ماتا
پڌي،
وچن
اهي
تيندا."
پنهنجي وهمي دکن جو
بہ
وري
آتي
۽ موتي کهڙ ويٺي.
ڪاڏائين.
ڪُٽيون پئي
ويچار ڪندی
ماڻ چند و راڻي
سلڇڻيءَ جي
ڪانپوء
ڏينهن
تورن
روئي پنهنجي
ماڻ سان
هن
آئي.
ڪنڌ جڙ
پنهنجی ڏيءُ کی
ڏاڍو دکہ ڏيو
ماڻس کي
تنهن تي
ڪيو.
سمورو حال
ماتا نانڪ
سڀڪندي
هوء سڀڪندي
ڪاوڙ بہ لڳس.
سان ؟
تو اسان
مائي!
تہ "
۽ چيائينس
نت ويٺی
سڄيندا هو
تہ اکيئی
ياد جا افعال
کيو آهي! توکي پنهنجي
تنهنجو ياد سچو ڏ
آڙايو ءِ ؟.
کيئن تي
ايانکي

ڪئي ۽ جڏهين پڪ ٿيس تڏهين دل کي آرام آيس. پوءِ خزاني مان اهي ١٣٨ رپيا ۽ ٻيا ٣ هزار رپيا وڏيڪ ڪاروبار هلائڻ لاءِ گهرائي صاحبن کي ڏنائين. حاسد اهو ڏسي، ويتر سڙي ويا.

باب اٺون

صاحبن جي شاديءَ ڪانپوءِ رهڻي ۽ بابا سري چند ۽ بابا لکمي چند جو جنم

صاحب شاديءَ ڪانپوءِ موديخاني تي رهندا هئا. ڏينهن جو دڪان جي ڪرت ۾ مشغول هوندا هئا ۽ رات جو گهڻو وقت شبد ڪيرتن ڪندا هئا. پوءِ ڪجهه آرام ڪري، امرت ويلي جو اٿي اِشنان ڪري ڌيان ۾ محو رهندا هئا. ڪڏهين ڪو گهر ايندا هئا، نت ته گهڻو ڪري رات ڏينهن موديخاني تي گذاريندا هئا. جو ته جي گهر ايندا هئا ته ڪٿ پٽ مڇندي هئي. سندن سُپتنيءَ کي سدائين اها تات هوندي هئي ته پيسو آجايو ٿا وڃائين ۽ ڪٽنب واسطي ڪجهه نٿا بچائين. ڪيترائي دفعا صاحبن سمجهايس ته مايا هڪ ڇل آهي ۽ ان سان پيار رکڻ پاڻ کي موهه جي زنجيرن ۾ ٻڌائڻ آهي، پر هن تي اهڙو اثر ٿئي جهڙو پاڻيءَ تي ليڪو.

هڪڙي ڏينهن هن وڃي ماتا نانڪيءَ کي دانهن ڏني ته "توهان پنهنجي ڀاءُ کي سمجهاءِ ته ائين گرهستين جو ڪم نه هلندو آهي. هو گهر ۾ اچيئي ڪڏهين ڪڏهين، ۽ وري جڏهين قسمت سان اچي ته گهڻو ڪري مانٺ ۾ رهي. ويچار ڪر ته استريءَ سان جڏهين پٽي ٻه چار لفظ ڳالهائي،

ٻي ڏينهن ڪرپا جا ساگر ستگورو پنهنجي پيڙ جي
يا ۽ پاڪمراد و چوڻ لڳا تہ ”دادي! ڪارخاني جي ليکي
گهڻا ڏينهن تي ويا آهن. هاڻي حساب صفا تيڙ ڪپي
خبر پوي تہ منهنجي ڪيتري طلب نواب ڏانهن بيهي
." پائي جهرام اها ڳالهہ ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو، جو هنکي
ڪي لاهڻ جي ڳالهہ چوڻ ڏاڍي ڏکي ٿي لڳي. جلد ئي
ئي جهرام نواب وٽ ويو ۽ هنکي چيائين تہ ”غريب نوازا!
موديخاني جي ليکي لٿي گهڻا ڏينهن گذري ويا آهن،
موديءَ جي مرضي آهي تہ ليکو جلد صفا ٿئي. نواب جا بہ
ڪن آڪيٺي چغلن پريا هئا، سو اها رت ٻڌي خوش ٿيو.
ڪدم پنهنجي ليکاريءَ جادوراءِ کي ڪهرائي چپائين تہ
”موديخاني جو ليکو چڱي چوکي چوڪسيءَ سان ڪري
اسالکي خبر ڏي تہ منجهس کهاتو آدي ڪين واڌو." نواب
جو حڪم ٻڌي جادوراءِ انهيءَ ڪم کي وڃي لڳو. پنجہ
ڏينهن برابر پٺي ليکو جاچيائين. آخر جڏهين جملو ڏٺائين،
تڏهين ڏٺائين تہ آتلو موديءَ جي طلب ۱۸۳ رپيا نواب
ڏانهن بيهي ٿي. اها حالت ڏسي جادوراءِ عجب ۾ پيو، جو ت
هو پنهنجي اکين سان پيو ڏسندو هو تہ موديخاني تي ر
سدا ورت پيو هلي. تنهنڪري وري وري حساب ڇڪاس
لکيو تہ مٿان ڪا جوڙ ۾ چوڪ تي ويٺي هجي، پر هنک
ڪابہ پل ڏسڻ ۾ ڪا نہ آئي. پائي جهرام کي انهيءَ
جي خبر پيئي، سو ڏاڍو خوش ٿيو. هن جادوراءِ
آڳيئي وڃي نواب کي ٻڌايو تہ ۱۸۳ رپيا موديءَ جي
نواب پڇيو جادوراءِ کان ان بابت تحق

لُٽ پيئي پوي. تنهن ڪانسواءِ ٻن ڄڻن جو آنگر پيٽ ڀر تہ
اِتان ئي نڪرڻو آهي. ايتري پيدائش هن دڪان تي تہ
ڏسڻ ۾ ئي ڪانہ ٿي اچي. ضرور هي ڪارخانو ڏڪاڻبو ۽
شڪ نہ آهي هيءُ مودي اوچتوئي اوچتو راتاهو ڏيئي ويندو ۽
ويچاري ڄرام جون تنگون آچي ڳچيءَ ۾ پونديون. انهن
ماڻهن مان ڪن ڀائي ڄرام کي به اچي چيو تہ ”ادا! اسين
تنهنجا خيرخواهه ٿي توکي چتايون ٿا تہ مودي‌خاني تي فقيرن
جي ڏُم لڳي پيئي آهي ۽ هرڪو پيسي ڏيڻ بنا آٽو لٽو وٺيو
وڃي. انهيءَ مان پس پيش توکي نقصان آهي، ڇو جو
نواب توکي ڏسي تنهنجي سالي کي مودي مقرر ڪيو آهي.
هو توکان ئي پيسا ڀرائيندو ۽ تنهنجو ڪو به عذر نہ ٻڌندو.“
ماڻهن جي چوڻ تي ڀهرڀائيين ڀائي ڄرام کي اعتبار نہ
پئي آيو، پر جڏهين هنن ڪيتريون اُهيون سڀئيون ڳالهيون
ٻڌايس، تڏهين هو اڳي وانگر گهبرائجي ويو. دل ۾
چيائين تہ ڪجهہ تہ ڳالهہ ۾ هوندو. ائين خيال ڪندي
مان ئي مان ۾ گهر وڃي پهچي رهيو. ڪيترو وقت
گهڙيون پئي ڪاڏائين تہ ڇا ڪريان.

ماتا نانڪيءَ پنهنجي پيار کي فڪر ۾ ڏسي ڪانئس
چنتا جو سبب پڇيو، جنهن سمورو حال ڪري ٻڌايس.
تڏهين ماتا نانڪيءَ چيس تہ ”هي سوامي! اڳئين دفعي
ڪين نند ڪن هيتري ساري منهنجي ڀاءُ جي ڳالا ڪئي؟
اوهان پاڻ ڪين آزمائش وٺي ڏٺي تہ هن جون سڀ
ڳالهيون ڪوڙيون نڪتيون؟ اڄا به اوهانکي پرتيت نٿي
اچي تہ منهنجو ڀاءُ ڪتائڻ وارو آهيئي ڪين!“ ماتا نانڪي
گهڻوئي سمجهايس، پر هن جي دل کي آٿت نہ آيو.

ن آتي وجي رهن؛ هتي تہ پوءِ بہ اچي رهندا، چوتر ڏنڊو
ي اٿن." جاجين بہ ڏينهن اِتي رهي، تلونديءَ ڏاڍهن وڃڻ
و سانباهو ڪيو. اِتي صاحبن پائي پالي کي چيو تہ "اسين
پلدئي موتنداسين؛ تيستائين تون ڪارخاني جو ڪم پيو
سنيالجہ." پالي چيو: ست وچن. جيہ هلندي هلندي
اچي تاولديءَ پهتي. ماتا ترپتا کهرجي پاهر ٻيهي جيہ ڏسڻ
لڳي؛ جڏهين درجي ٻُنيي وت هن جو سپتر؛ ٻهن اچي
پيتا، تڏهين ٻنهي سان ساڻ سوڙ ڪري ڏاڍيءَ اڳير
منجهان ملي، ايتري قدر جو خوشيءَ وڃان نيترن
مان جل وهڻ لڳس. صاحبن مهنو اِتي گذاري ماتا پتا کي
چيو تہ "موديخاني جو ڪم کٿڻ ڏينهن ڪان رهيو پيو
آهي. هاڻي آکيا ڏيو تہ اسين آتي وجي رهون." ماتا ترپتا
حي دل تہ چڏڻ تي نتي ٿيي، پر لاچار هننکي موکل
ڏنائين. پوءِ صاحب پنهنجي سپتنيءَ سان گڏجي سلطانپو
آيا؛ آتي رهڻ لڳا.

وري صاحب موديخاني جو ڪم هلائڻ لڳا. سخاو
آڳي ڪان بہ سرس هلڻ لڳي. لنڪو توڙي بکيو خالي
موٽندو هو. ڪرت بہ آڳي کان چاڪ هئي. اهو دال ت
سلطانپور جا ڪي ماڻهو چوڻ لڳا تہ شايد هنن وٽ ڪ
تب ڏسجي؛ دو پيتل پرش نا ڏسجن، پر ڪيڙا تہ م
آڏوا هئا، جي ايڪا جي آکنيءَ ۸ پٽي جابا. هننکي
لوڙو اچي لڳو تہ هي ڪبير، جو نواب وٽ سرخرو
چوڻ لڳا تہ موديخاني تي مقرر تيڻ لاءِ هن ڪان
اسين لائق آهيون، جو پنهنجي ڏطيءَ جا تہ
ڏڪان تي آکهہ آهي سستو؛ سخ

جيڪي اوهانکي چڱو لڳي، سو بخشش ڪريو.“ تنهنتي صاحبن فرمايو ته ”مردانا! اسين توکي ٻنا سِکئي رباب وڄائڻ جو هنر بخشيون ٿا. اُنجي وڄائڻ سان هريءَ جو ڪيرتن ڪري تون پرلوڪ جو سک پائيندين. مردانو هو ته مايا جو ڪانکي، پر صاحبن جي واتان نڪتل بخشش جو ٻڌي لاچار ڪٿي مان ڪيائين. پوءِ صاحبن پنهنجي ڳچيءَ مان جامو لاهي، اُهو پڻ مردانيکي ڏنو.

چاچي هلندا هلندا چوٿين ڏينهن پکي جي ڳوٺ ۾ وڃي پهتا. جڏهين اُنهيءَ شهر جي ويجهو آيا، تڏهين هڪ برهمڻ کي اڳوات موڪليائون ته وڃي پائي موليکي چاچه جي پهچڻ جي خبر ڏي. انهيءَ خبر تي پائي مولو ۽ سندس براه ريءَ وارا وڏي اڇي چاچين لاءِ پيشوا تي بيٺا ۽ هننکي ڳهٽي قرب سان مليا. پوءِ هننکي وٺي وڃي وهاريائون ۽ هننجي کائڻ پيئڻ جي هرطرح خاطري ڪيائون. تنهن کانپوءِ مهورت واري وقت تي شاديءَ جا سانگ سوڻ ٿيا ۽ صاحبن جو ماتا سلڇڻيءَ سان هٿيالو ٻڌو ويو. شاديءَ جي ٽئين ڏينهن، چاچه پٺتي موٽڻ لاءِ تيار ٿي. ڳوٺ جا ماڻهو هننکي اُماڻڻ ۽ ڇهچڻو ڏسڻ لاءِ ٻاهر ٿي بيٺا. رؤنق اهڙي لڳي پيٺي هئي، جو ڪيترا ماڻهو چوڻ لڳا ته هڙي چاچه ۽ هڙو اُتشؤ اسين اڳي ڪڏهين ڪونه سڻيرون. چاچه موٽندي پڻ سلطانپور ۾ ترسي. اِتي ماتا نانڪيءَ چيو ته ڳهوٽ ۽ ڪنڌار کي هتيئي ڇڏي وڃو؛ پر پائي پرمانند، جو هڪ سياڻو بزرگ هو، تنهن چيو ته ڳهوٽ جي ماءُ جوڙي جي ڏسڻ لاءِ پيئي واجهائيندي هوندي، تنهنڪري جڳائي ته ڪي

...ڏيءِ جو خرچ چڱيءَ طرح ڪري تو سکيان، باقي ڪي
...ڪپوڙا، تنبوءَ قناتون ڪپهن، سڀ مهرباني ڪري ڏيو."
...ار وڏيءَ خوشيءَ سان هنڪي آهي شيون ڏنيون.

مقرر ڪيل ڏينهن تي تلونڊيءَ جا تـوڙي پاڙريان
...لهو اچي ڪٺا ٿيا ۽ ڄڃ ڏاڍي ڌومان سان لڳتي.
...لا رين ۽ شرنائين ڏاڍو شغل ڪيو. هو سڀ وات ڇيڇون
...جهندا هليا. شبدي بـہ ڪيرتن ڪندا رهيا ۽ استريون
...ڪيت ڳائينديون هليون. آتش بازي بہ طرح طرح نمونن جي
ساڙيائون. کهوڙن جيڪي دهلا رين ۽ بين منگتن کي
مليون، تن جو تہ ڪاٿو ئي ڪونہ هو. پهريائين پهريائين
ڄڃ اچي سلطانپور ۾ ڏيرو ڪيو. آتي نواب دولت خان
ڀائي جئرام کي ڪهرائي، ڏکري ڏاٽي جي ڪوٺڙي ڏني ۽
چيائينس تـہ "هي پيسا شاديءَ جي بلي ڪتب آڻجو ۽
خرچ ڪرڻ ۾ سوس نہ ڪجو. هيءَ شادي منهنجي موديءَ
جي آدي. ڏسين! متان منهنجي نانءَ ناموس ۾ ڪا
ڪهتائي ٿئي." ٻئي ڏينهن سلطانپور مان ڄڃ لڳتي
الهه ڀائي جئرام ۽ هن جو پيءُ ڀائي پرمانند ۽ ٻيا ڪيترائي م...
پڻ شامل ٿيا. ڄڃ جو نظارو ڏسط وتان دو.

مردانو جو ويدين جي ڪُل جو ميراثي هو سو بہ...
...سان هو. هو صاحبن جي ويجهو ٿيو کين واڌايون ڏيڻ...
۽ چيائين تہ "سائين! مان اوهانجي گهر جو ميراثي آه...
تودالجو سدائين پيو کان ۽ بيٺان. تودالجي پتا کان ن...
جي لونڪي ملي اٿم، پر توهين بہ ڪجهہ ڏياريو م."
... ڪيئي سو گهر. مرداني ڇهو تہ "...

باب ستون

صاحبن جي شادي ۽ مود يخاني جي ٻيو دفعو تپاس

صاحبن جي ڪتڻ ڪمائڻ جي ساک چوڌاري پکڙجي ويئي. ماڻهن ڏٺو ته هڪڙو ته آهي چڱي ڪُل جو، ٻيو ته آهي بيشل ماڻهوءَ جو پٽ ۽ تيون وري پاڻ بہ چڱي ڏنڍي ۾ لڳل آهي، تنهنڪري ڪيترن گهرن مان مائٽين جي اچي ڏم لڳي. هڪڙي ڏينهن هڪ برهمڻ، مولي کتريءَ جي گهران موڙو چٺائي کڻي آيو ۽ اچي ڀائي جئرام کي هٿ ۾ ڏنائين. ڀائي جئرام اُهو وٺي انگيڪار ڪيو ۽ مصريءَ جي تر کڻي مکہ ۾ وڌائين. انهيءَ تي گهر ۾ توڙي اوڙي پاڙي ۾ صاحبن جي مڱڻي جون واڌايون وري ويئون. پوءِ ڀائي جئرام اِها خبر ماڻهوءَ هٿ صاحبن جي پتا ۽ ماتا کي موڪلي، جي ٻڌي ڏاڍو پرسن ٿيا.

ڪن مهنن کانپوءِ ڀائي مولي آڪاڙ جي سنميءَ سنبت ١٥٤٥ جو مهورت ڪڍائي موڪليو. اُن بابت ڀائي جئرام پنهنجن عزيزن ۽ مترن ڏانهن ويهي چٺيون لکيون تہ فلاڻي ڏينهن شادي آهي، توهين ڪرپا ڪري انهي موقعي تي ضرور اچي جڳہ کي سوڀيڪ ڪجو. ڀائي ڪالوءَ، راءِ بلار کي پڻ روبرو وڃي شاديءَ جي مهورت جي خبر ڏني. هو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ڀائي ڪالوءَ کي چيائين تہ ”ڪشاديءَ دل سان شاديءَ تي خرچ ڪجہ. هڙو وقت وري وري ڪين ايندو. پيسو ڏوڪڙ يا ڪا ٻي شيءِ کپندي هجيئي تہ مان توکي ڏيان.“ ڀائي ڪالوءَ چيو تہ ”سائين! توهانجي مهربانيءَ سان مونکي ايترو پيسو آهي،

ته ڪدم حساب جي جانچ ولايو ته خبر پوي ته نفعو آهي يا نقصان. ڀائي جئرام حسابدان ليکي ڪرڻ لاءِ وهاريا. هنن ڏاڍي خبرداريءَ سان جمع واصل جوڙ رقمون بيهاري پوتاميل ڏٺيو. حساب ڪرڻ تي ١٣٥ رپيا نفعو نڪتو.

ڀائي جئرام کي نفعي جي خبر پئي کڙي پاسي خوشي ٿي ته هٿي پاسي وري لڄ آيس ته مان پنهنجي استريءَ وٽ ڪنڊ مٿي ڪٺي ڪيئن سگهندس ۽ ڪيئن پنهنجي سالي سان ڳالهائيندس. ماڻي صاحبن ڏٺو ته سندن ڪم ۾ ڀائي جئرام جو من لڳي ويو، تنهنڪري پنهنجي پيرڻ جي گهر ۾ آيا ۽ اچي هنڪي ۽ ڀائي جئرام کي چيائون ته ”ماڻي اسين موڪلايون ٿا. ڪارخانن جا ته ڪم آهن ته ڪڏهين نفعا ته ڪڏهين نقصان. هيشر ته اسانجي هٿ سان رهجي آئي، پر خبر آهي ته آئينده ڇا ٿئي؟ ڀائي جئرام صاحبن کي ڏاڍو نمرتا سان ڇوڙ لکيو ته ”مونکي معاف ڪجو، جو مونکي ماڻهن پنيلايو. وري ڪڏهين به هنن جي ڪنهن نه لکندس. جيڪڏهين ڪنهن به وقت ڪوٽ ٿي بيٺي ته به تودهين ڇڙل آهيو، مان اُن ڪوٽ کي ڀاڙيپي منهن ڏيندس. ڀلائي ڪري هتان نه وڃو.“ ماتا نانڪي به صاحبن کي چنبڙي بيٺي ته ڪيئن به رهو. اها حالت ڏسي ڀائي ڀالي صاحبن کي رهڻ لاءِ ستايو، تنهنڪري صاحب اُتي رهي پيا. نواب جڏهين پڌو ته موديخاني ۾ هيتري ساري خرچ دوندي به واڌ نڪتي آهي، تڏهين ڏاڍو خوش ٿيو ۽ صاحبن کي کهرائي نفعي وارا ١٣٥ رپيا ۽ پيا ١٧٠٠ رپيا وڏيڪ ڪم حاڻڻ لاءِ ڏنائين.

ڀائي موليءِ کتريءَ جي نياڻيءَ جي مائٽي هن لاءِ آئي هئي. اسان چيو تہ توهان کان پڇون تہ پوءِ جواب ڏيون." ڀائي ڪالو ڀائي جئرام کان اِها ڳالهہ ٻڌي خوش ٿيو ۽ هنکي چيائين تہ بيشڪ اِها مائٽي قبول ڪجو. پوءِ ڀائي ڪالو هنکي پٽ جي پارت ڪري تلونڊيءَ ڏانهن موٽي روانو ٿيو.

ڀائي ڪالوءَ جي اُسهڻ کانپوءِ بہ موديخاني جو چرخو ساڳيو هلندو آيو. منگتن جي پيٽ لڳي آئي ۽ صاحبن جو جس پکڙندو رهيو. اِهو حال ڏسي ڪن حاسدن ڀائي جئرام کي اچي چيو تہ "تنهنجو سالو موديخاني تي لُٽِ لڳائي ويٺو آهي. جڏهين حساب ٿيندو، تڏهين ڪوٽ تنهنجي سِر تي پوندي. توکي آڳيان ثواب سُجهي پيو. تنهنڪري پنهنجي سالي تي چؤڪسي رکہ ۽ سمجهائينس تہ ڏن اجايو نہ وڃائي."

اِهو ٻڌي ڀائي جئرام کي ڏاڍو ويچار ٿيو. پنهنجي استريءَ نانڪيءَ سان ڳالهہ ڪيائين تہ تنهنجي ڀاءُ جي سدا ورت هلائڻ ڪري ماڻهو مونکي ڏاڍا ڏوپ ٿا ڏين
نانڪيءَ پنهنجي پتيءَ کي چيو تہ "سوامي! تـوهان کي
منهنجي ڀاءُ جي پرتاب جي اڃا پروڙ ڪا نہ پيئي آهي
جيڪڏهين اوهانکي ڪو گمان پيدا ٿيو آهي تہ ڪٺي لي
ڪري ڏسوس." صاحبن کي اُتي گهرايائون، جن ڪ
ڀائي جئرام زماني سازيءَ جون ڳالهيون ٻولهيون ڪرڻ
هيڪي پڇيو تہ موديخاني جو ڪم ڪيئن پيو هلي؟ صاح
ڀائي جئرام جي سوال پڇڻ جي ڍنگہ مان سهي ڪي
هنکي ڪو شڪ پيو آهي. تنهنڪ ئي ڀائي جئرام کي چيا

ٿون ڏال ۽ ماني." ايا ٻالي ڪجهه وڏيڪ ٿي چيو تہ اُجهن اشارو ڏنس، جنهنڪري ڪڇي ماٺ ڪيائين.

ٻائي ڪالو اڏان ئي پنهنجي سپتري ۽ نانڪ جي اچي ڳڏيو. ڪڏهن ٻئي ۾ خبر چار ڏيڻ وٺڻ کانپوءِ ٻائي ڪالو مٿن کي ڏورايا ڏيئي چوڻ لڳو تہ "توکان ايترو بہ ڪين ٿئي، جو نانڪ جي ڪارخاني جي ڪجهه نظرداري ڪئي ڪريو تہ ڪيئن ٿو پنهنجو ڪاروبار هلائي ٿو؟ مان هنجي دڪان جو حرخو ڏسي تهي ۾ پئجي ويو آهيان. ڪارخاني تي ڪرت چڱي پيئي ٿئي، جنهنڪري نرو فائدو ٿيندو. پر فائدو ڏڏهين هنجي جڏهين ڪي بچائي. هن وقت تہ فقيرن جي ڏم لڳي پيئي آهي، سو بچت وري ڪٿان ٿيندي؟" ماتا نانڪيءَ بہ جون لوب سان ٻڌل ڳالهيون ماٺ ڪري پئي ٻڌيون. آخر پتا کي هٿ جوڙي چيائين تہ "بابا سائين! معاف ڪجو، هي مان توهانکي بہ ٿي لغتا چوان. توهين شڪر لثا ڪريو تہ پيارو نانڪ ڪرت کي وحي لڳو آهي ۽ چاهہ سان پيو ڪم ڪري؟ اڳي توهين چوندا هئا تہ منهنجو ڪهڙو ٿو لڳائي، داڻي پلا! تہ دانجو ترڪو نہ ٿو وجائي؟ پيو بہ ويچار ڪريو تہ ڏرم جي ٻاسي ٿو ڏئي، تنهن کان اسين هنکي ڪيئن هٽائي سگهون؟" ٻائي جئرام پڻ ٻائي ڪالوءَ کي چيو تہ "سائين! توهين پنهنجي پٽ جي ڪا چنتا ڪريو ئي ڪانہ. جڏهين هن جي ماڻتي ٿيندي ۽ مٿس بار پوندو، تڏهين ٻاڪيهي پيسي ميڙڻ جي ڪوشش ايندس. اسين هن جي مڪانڻ جي سعيي ۾ آهيون. اڃا تورا ڏينهن ٿيا تہ پکو ڪارلڪاوا جي ڳوٺ جي ويٺل

ڀائي مولي کتريءَ جي نياڻيءَ جي مائٽي هن لاءِ آئي هئي. اسان چيو تہ توهان کان پڇون تہ پوءِ جواب ڏيون." ڀائي ڪالو ڀائي جئرام کان اها ڳالهہ ٻڌي خوش ٿيو ۽ هنکي چيائين تہ بيشڪ اها مائٽي قبول ڪجو. پوءِ ڀائي ڪالو هنکي پٽ جي پارت ڪري تلونڊيءَ ڏانهن موٽي رواڻو ٿيو.

ڀائي ڪالوءَ جي اُسهڻ کانپوءِ بہ موديخاني جو چرخو ساڳيو هلندو آيو. منگڻن جي پيڙ لڳي آئي ۽ صاحبن جو جس پکڙندو رهيو. اهو حال ڏسي ڪن حاسدن ڀائي جئرام کي اچي چيو تہ "تنهنجو سالو موديخاني تي لُٽ لڳائي ويٺو آهي. جڏهين حساب ٿيندو، تڏهين ڪوٽ تنهنجي سِر تي پوندي. توکي آڳيان نواب سُڄهي پيو. تنهنڪري پنهنجي سالي تي چوڪسي رک ۽ سمجهائينس تہ ڏن اجايو نہ وڃائي."

اهو ٻڌي ڀائي جئرام کي ڏاڍو ويچار ٿيو. پنهنجي استريءَ نانڪيءَ سان ڳالهہ ڪيائين تہ تنهنجي ڀاءُ جي سدا ورت هلائڻ ڪري ماڻهو مونکي ڏاڍا ڊپ ٿا ڏين. نانڪيءَ پنهنجي پتيءَ کي چيو تہ "سوامي! توهان کي منهنجي ڀاءُ جي پرتاب جي اڃا پروڙ ڪانہ پيئي آهي. جيڪڏهين اوهانکي ڪو گمان پيدا ٿيو آهي تہ ڪٿي ليکو ڪري ڏسوس." صاحبن کي اُتي گهرايائون، جن کان ڀائي جئرام زماني سازيءَ جون ڳالهيون ٻولهيون ڪرڻ بعد هيڪي پڇيو تہ موديخاني جو ڪم ڪيئن پيو هلي؟ صاحبن ڀائي جئرام جي سوال پڇڻ جي ڍنگ مان سهي ڪيو تہ هنکي ڪو شڪ پيو آهي. تنهنڪري ڀائي جئرام کي چيائون

[illegible] ڪجھ وڏڪ تي ڇيو ته [illegible] ڪٽي مات ڪيائين.

[illegible] جنهنجي سپتريءَ ڏاليءَ کي اچي [illegible] وڏڻ ڪاليھ ڏاتي ڪالو هن [illegible] ڪان ايترو به لٿو ٿئي، [illegible] داري ڪٽي ڪريو ته [illegible]؟ مان جنهنجي دڪان [illegible]. ڪارخاني تي [illegible] وڏاند ۽ چکو ڏيندو. [illegible]. دن وت ته [illegible] وري ڪتان [illegible] پريل ڪاليون [illegible] جوڙي ڇپائين [illegible] ته تي لفظ [illegible] ڪرت کي [illegible]؟ کي توهين [illegible] تڪو ته [illegible] تي ڏني، [illegible] ڏئي جرام [illegible] جنهنجي پت [illegible] ڏيندي [illegible] جي ڏڻ [illegible] جيون. لجو [illegible] جي وٽل

صاحب پتا کي پريان ڏسي، اڳتي وڌي اچي پيرين پيا ۽ دڪان تي مٿي وٺي ويس، جتي آسڻ وڇائي وهاريائونس. پائي ڪالوءَ ڪُشل ڪلياڻ پڇڻ بعد پٽ کان پڇيو تہ مود يخاني جو ڪم ڪيئن پيو هلي؟ صاحبن چيو تہ ڪرتار جي مهربانيءَ سان چڱو پيو هلي. وري پائي ڪالوءَ پڇيو تہ نفعو هيستائين ڪيترو ٿيو آهي؟ صاحبن جواب ڏنو تہ ڪمائي چڱي پيئي ٿئي، پر خرچ بہ گهڻو آهي، تنهنڪري نفعو اچا ڪونہ تو ٿئي. انهن لفظن پائي ڪالوءَ کي تپين ۾ وڌو. ڪجهہ وقت ڪانپوءِ سوچ ڪري پٽ کي چيائين تہ "بچا! تون هيتڙو سمجهو آهين. ويچار ڪر تہ پيسي ڪانسواءِ ڪو ڪنهنکي پڇي ٿو؟ تنهنڪري ناڻو لٽ نہ، ۽ ڍيري ڪم آڻ. هي جي پيئو تو وٽ اچن ٿا، سي ڪي ڪٿان جا آهن؟ هنن جي ڏيڻ سان اسين گرهستي کي پوري پئي سگهون؟ پڳوان کو هنن جو پيٽ پري تہ بي ڳالهہ آهي، نہ تہ بندي جي تہ جاءِ نہ آهي. مون سمجهيو هو تہ مان تو وٽان ڪجهہ رپيا تنهنجي ڪمائيءَ مان پاڻ سان کڻي ويندس پر مونکي تہ هي حال ڏسي مايوسي وٺي ويئي آهي. پٽ! سياڻو ٿيءُ، آئينده جو ڪو ويچار ڪر. خيرات ڏيڻ تي جو تون هريو آهين، سو پنهنجي مٿِ پيڙ ۽ پيسا جمع ڪر."

پوءِ پالي تي ڪاوڙ ڪري چوڻ لڳو تہ "تون بہ ڪونہ منهنجي پٽ جي خبرداري ڪرين تہ اجايو پيسو نہ لٽي." پالي چيو تہ "سائين! تو هين اجايو پيا ڏمرجو. اسان لاءِ تہ سڀيي ماني بہ هڪ نعمت آهي. اسين پئي رات ڏينهن

”بالا! تون اسانکي جان جهڙو پيارو آهين. اسانجي جند سان جڙيل آهين. تون پنهنجي گذران جي ڪا بہ چنتا نہ ڪر. پرميشور سڀ کي رزق پهچائيندڙ آهي. هي جيڪو ڏنڊ ۽ همٿ ويٺا ڪريون تنهن ۾ جيڪو نفعو ٿيندو تنهن ۾ اڌ ڀائيوار پاڻکي سمجھہ. ائين نہ سمجھہ تہ اسين هن ڏنڌي کي لڳي رهنداسين. جيڪو ڪم اسانکي ڪرڻو آهي تنهنجي اسانکي ئي خبر آهي ۽ انهيءَ ڪم جي پوري ڪرڻ ۾ ڪا بہ ڳالهہ اسانکي روڪي نہ سگهندي. تون اسان وٽ ترس ۽ ستنام جپيندو رهہ تہ ڪرتار جي ڪرپا سان تون مڪتي لهندين. توکي اسان سان تو ڙنباهڻو آهي. تنهنڪري تون اسان وٽ رهہ ۽ هليو نہ وڃ.“ ٻالي کي صاحبن ۾ ڏاڍو وشواس هو ۽ هنکي صاحبن جي آگيا بنا ڪوبہ ڪم ڪرڻ نہ ٿيندو هو، تنهنڪري صاحبن جي مرضيءَ موجب ترسي پيو.

مودي‌خاني جي ڪم جي ڳالهہ چوڌاري پکڙجي ويئي ۽ تلونڊيءَ تائين وڃي پهتي. ٻابي ڪالوءَ ڏٺو تہ سندس پٽ جو ڌنڌو چڱو پيو هلي، سو ڪڍڻ ۾ئي نہ ماپي، پر وري جڏهين ٻڌائين تہ وتس خيرات گهڻي لڳي پيئي آهي تڏهين تہ دل ئي ٻسي ويس ۽ چيائين تہ خبر نہ آهي تہ اڃا ڪڏهين پيسي ڪٽي ڪرڻ جي مت ايندي‌يس. پوءِ ٻابي ڪالوءَ خيال ڪيو تہ مان رو برو سلطانپور وڃي حال احوال ڏسان ۽ پٽ کي سمجھائي پر اچان تہ هٿ چوٽ نہ ڪري ۽ پيسو جمع ڪري. سلطانپور وڃڻ لاءِ سانباهو ڪيائين مترلون ڪندي ڪندي وڃي مودي‌خاني جي در وٽ لٿو.

تہ مان توکي نواب دؤلت خان وٽ موديخاني جي ڪرت ۾ لڳايان. اُن مان ڪمائي پيو روزگار ڪجہ. صاحبن اِها ڳالهہ قبول ڪئي:

هئي ڏينهن ڀائي جئرام صاحبن کي نواب دؤلت خان وٽ وٺي ويو، جنهن کين پنهنجو مودي مقرر ڪيو ۽ ڪاروبار هلائڻ لاءِ هڪ هزار رپيا ۽ هڪ پوشاڪ ڏنائين. صاحبن اُنهن پيسن مان موديخاني جو سامان خريد ڪري ڪم شروع ڪيو. اُنهيءَ دڪان تي هڪڙي هئي تور جي سچائي ۽ ٻي هئي اگهہ جي سستائي ۽ ٽيون وري هو زبان جو مٺاج، سو ڌُڪين جي ڪمي ڪانہ هئي. فقير فُقرا جيڪي بہ دڪان تي ايندا هئا، سي خالي نہ موٽندا هئا. اُهي سيڌو وٺي دعائون پيا ڪندا هئا. صاحب پنهنجن هٿن سان گراهڪن کي توري ڏيندا هئا ۽ جيڪڏهين ڪو ٻارهن ڏرن کان وڌيڪ وٺندو هو تہ تيرهين ڏري تورڻ تي ”تيرا تيرا“ ڪيترا دفعا چئي گد گد پيا ٿيندا هئا. اُنهن لفظن جي معنيٰ آهي تنهنجو تنهنجو، يعني اي پريو! سڀ ڪجهہ تنهنجو آهي. اِنهيءَ طرح صاحب موديخاني جي ڪم ۾ ڏينهن جو چڱيءَ طرح لڳندا هئا ۽ رات جو ڳپل وقت ڀڄن ڀاءُ ۾ گذاريندا هئا.

جڏهين ڀائي ٻالي ڏٺو تہ موديخاني جو ڪم چڱو پيو هلي ۽ صاحبن پنهنجو منهن دنيوي ڌنڌن ۾ وڌو آهي، تڏهين صاحبن کي وينتي ڪيائين تہ مونکي موڪل ڏيو تہ مان ڳوٺ وڃي، پنهنجي ڪٽنب جو سماءُ لهان ۽ اُتي پنهنجي قوت گذران جو اُپاءُ ڪريان. صاحبن چيس تہ

ي جُرام جي گهر جي ويجهو پهتا تہ داسيءَ سڃاتن. هن
ڀنهنجي وڪ وڌائي وڃي ماتا نانڪيءَ ۽ ڀائي جُرام کي صاحبن
ي اچڻ جو ٻڌايو. تنهن تي هُنن گهر کان ٻاهر نڪري اچي
صاحبن کي ڏاڍي اُڪير سان گڏيا ۽ گهڻيءَ خوشيءَ سان
گهر وٺي ويئن.

خوش خيرعافيت ڪرڻ کانپوءِ صاحبن راهہ ٻلار جي
چٽي ڀائي جُرام کي ڪڍي ڏني. دو پڙهي نهايت خوش
ٿيو ۽ صاحبن کي چيائين تہ ”اڄ منهنجا وڏا ڀاڳ ٿيا آهن
جو منهنجي گهر کي پنهنجن سڳورن چرنن سان پوتر ڪيو
اٿو. هن چٽيءَ آڻڻ جو ڪو ضرور ڪونہ هو. توهين هي گهر
پنهنجو ڪري سمجهو. ڪا بہ شيءِ کپيو تہ بنا حجاب گهري
وٺجو. بلاشڪ پنهنجي پسنديءَ موجب ڪمجو ڦرجو ۽
ست سنگ ڪندا رهجو. جي اوهانکي ايڪانت کپي
[illegible] تہ ايڪانت ڪاٽر توهانکي جدا ڪمرو ڏيان.“ صاحبن
[illegible] ”[illegible] جي گهر بنا پورهئي کائڻ اجوڳو ڪم آهي. مان
[illegible] رهندس تہ پنهنجو ڪمائي کائيندس.“
[illegible] اکيرو وڏي صاحبن کي سمجهايو تہ ”مان
[illegible] ماءُ جي سمان آهيان. مون وٽ کائڻ
[illegible] ڏولکي؟ تون کو اسان تي پري بوجهہ
[illegible] پرميشور سڀکي ڏنو آهي
[illegible] اسين کو ڏيرا تي پولداسين
[illegible] ڪر.“ صاحبن جو جوا
[illegible] تڏهين ڀائي جُرام صاحبن
[illegible] وٽ کائڻ ۾ عيب تہ

ڪهرائي چيو ته "منهنجو خيال آهي ته توهين سلطانپور ۾ پنهنجي ڀيڻيوئي وٽ وڃي رهو. مان سمجهان ٿو ته اوهين اُتي سکي رهندا." ائين چئي صاحبن کي هڪ چٺي ڀائي جئرام ڏانهن ڏنائين، جنهن ۾ لکيائين ته "جيئن ته نانڪ تنهنجو ويجهو عزيز آهي ۽ مونکي هنجي پارت ڪرڻ جو ضرور ڪونهي، ته به مان هي به آکر لکڻ کانسواءِ رهي نٿو سگهان ته جيڪا خاطري هنجي تي سگهيو سا ڪجو. جيڪا هنجي خدمت ڪندا، سا گويا منهنجي خدمت ڪندا." راءِ بلار اها چٺي ڏيئي، ٻالي کي پڻ صاحبن سان گڏ جي وڃڻ لاءِ چيو، جو گهڻيءَ خوشيءَ سان سنيريو.

صاحب ماتا ترپتا کان پيرين پئي موڪلائڻ لڳا. اوڏيءَ مهل ماتا جي اکين مان لڙڪ وهڻ لڳا. هنجي نيڻن مان جل ايترو وهڻ لڳو جو جهل ئي نه ڏئي. هوءَ پٽ کي ڀاڪر پائي چوڻ لڳي ته "ٻچا! مان توکان سواءِ ڪيئن رهي سگهنديس؟ مونکي هائي ڏائي تون هڪڙو پٽ، سو به وڃڙي ٿو وڃين. توکان سواءِ مان ڪنهن سان ونڊرنديس؟ منهنجي مرضي نه آهي ته توکي پاڻ کان جدا ٿيڻ ڏيان، پر جنهن صورت ۾ راءِ بلار ۽ تنهنجي پتا جي خواهش تي آهي ته تون سلطانپور ۾ وڃي رهه، تنهن صورت ۾ مان ڪجهه ڪُڇي نٿي سگهان، پر ايترو ڪجانءِ جو جلد جلد منهن پيو ڏيکارج." صاحبن چيو ته ڪرتار سڀ چڱي ڪندو.

پوءِ صاحب پتا ۽ سنگتين ساٿين کان موڪلائي سلطانپور جي رستي تي ٻالي سان گڏ پنڌ پيا. منزلون ڪندي پنجن ڏينهن کانپوءِ اچي سلطانپور پهتا. جڏهين

ٿورن ڏينهن کان پوءِ صاحبن کي ڪهمندي ڦرندي ڪڙو آئيت ساڌو ڳڏجي ويو. هن سان گيان گوشٽ ويهي ڪيائون. موڪلائڻ مهل پنهنجي هٿ مان منڊي لاهي اُن ساڌوءَ کي ڏنائون ۽ لوٽو، جو هٿ ۾ هون، سو به ڪٽي هنکي ڏنائون. جڏهين گهر موٽيا، تڏهين پائي ڪالوءَ جي نظر صاحبن جي هٿ تي وڃي پيئي. ڏٺائين ته آڱر ۾ منڊي اٿئي ڪا نه ۽ لوٽو جو ساڻ هون سو به ڪونه اٿن، سو ڏاڍو ڪڇيو. صاحبن کي چيائين ته منڊي ڪاڏي ڪيءِ، پر صاحبن ڪو به جواب ڪونه ڏنس. تنهن تي صاحبن کي ڏاڍي ڏمال چاڙهيائين ۽ چيائين ته "مان توکي ڪيترو سمجهائي رهيو آهيان، پر ڏسان ٿو ته تنهنجو سڌرڻ ڪونهي. چئون، ڏاڍ ڏيڪا، اهي سڀ حيلا توتي هلائي رهيو آهيان، پر ڪنهن مان به ورڻو ڪينهي. تون منهنجي ڪنهن ڪم جو نه آهين. جتي وڃين اُتي وڃي رهه ۽ پنهنجو روزگار ڪري وڃي ڪاءِ. اڄ کان وٺي منهنجو توسان ڪو واسطو ڪونهي."

اها خبر جلدئي وڃي راءِ بلار جي ڪن تي پيئي. هن پائي ڪالوءَ کي پاڻ وٽ گهرائي چيو ته "مون توکي ڪيترا دفعا سمجهايو آهي ته پنهنجي پٽ کي ڪڏهين به نه گالهائج، پر منهنجي چئي جو اثر توتي ڪونه ويئو آهي. مان ڏسان ٿو ته توهان پيءُ پٽ جو نهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، تنهنڪري منهنجي صلاح آهي ته هاڻ هنکي سلطانپور ۾ سندس ڀيڻيوئي جئرام وٽ موڪل ته هو اُتي وڃي رهي."

ڪالوءَ کي اها صلاح وڻي. پوءِ راءِ بلار صاحبن کي پڻ

۾ وجهي ڇڏيا. ڪُل جي ماڻهن جڏهين ٻڌو ته ڀائي ڪالو
راءِ بلار کان پيسا وٺي آيو آهي، تڏهين هن تي ڦٽڪار وجهڻ
لڳا. تنهن تي ڀائي ڪالو راءِ بلار کي رپيا موٽائي ڏيڻ لاءِ
ڪڍي ويو، پر هن نه ورتس ۽ چيائينس ته "توهان
پنهنجي پٽ جي ڪا به خبرداري نٿو ڪريو. مان مسلمان
ٿي پيو آهيان، نه ته جيڪر آءٌ پاڻ وٽ ٽڪايانس ۽ سندس
هرطرح خاطري ڪريان ۽ خدمت ڪري پاڻ کي خوش
ڪريان. مان سمجهان ٿو ته توهان پيءُ پٽ جو گڏ جي رهڻ
ڪين بڻندو ۽ تنهنڪري مان ويچار ۾ آهيان ته تنهنجي
پٽ لاءِ ڪهڙو گهر رٿجي، جتي هو ساڻت سان رهي سگهي."
ڪالوءَ کي اِتي لڄ آئي ۽ شرمندو ٿي گهر موٽيو.

باب ڇهون

مود يخاني جو ذڪر

هڪڙي ڏينهن ڀائي جئرام تلونڊيءَ ۾ آيو. راءِ بلار هن
کي چيو ته "ڀائي جئرام! تنهنجي سالي ۽ سهري جو گڏ رهڻ
ڏاڍو مشڪل آهي. اِنهن مان هڪڙو آهي پوڙهن ساڌو ته
ٻيو وري آهي مايا جو مريد. ٻنهي جي سڀائن ۾ ڏاڍو ڦير
آهي. ٿوريءَ گهڻيءَ ڳالهه تي تنهنجو سهرو پٽ سان
ڪٽ پِٽ لڳايو وهي. تنهنڪري بهتر ائين ٿيندو ته تون
نانڪ کي پاڻ وٽ وٺي رهاءِ." ڀائي جئرام چيو ته "سائين،
انهيءَ ڪان وڌيڪ مونکي وري ٻي ڪهڙي ڳالهه وڻندي؟
مان نانڪ کي رهائڻ ۾ نه فقط خوش ٿيندس، پر پنهنجو
وڏو ڀاڳ ڄاڻندس." راءِ بلار چيس ته "گورو ٽرس ته پوءِ
تو ڏانهن هڪي ڏياري موڪليو."

پٽا. پوءِ ڀائي ڪالوءَ پٽ کي گهر وٺي ويو. اُتي بہ ٻن صاحبن تي ڏاڍا ڏوهہ چنبڙيا.

جلدئي راءِ بلار کي وڃي خبر پيئي تہ صاحب وري رهيا ساڍن جي ٻلي خرچ ڪري آيا آهن ۽ ڀائي ڪالوءَ تمام سخت لفظ کين ڳالهايا آهن، انهيءَ ڪري دل ۾ گهڻو ڏک ٿيس. ڀائي ڪالوءَ کي ماڻهو موڪلي گهرايائين ۽ چيائينس تہ "اي بيرحم، ڪروڌي! مون توکي ڪيترا دفعا سمجهايو آهي تہ پٽ کي ڪڏهين ٻُل چوڪ ۾ بہ گهٽ وڌ نہ ڳالهائجي. پٽ ۾ اٿم تہ تون اڄ پنهنجي نردئي سڀاءَ ڏيکارڻ ۾ حد ڪري ڇڏي آهين." تنهن تي ڀائي ڪالوءَ ڇوڙ لکيو تہ "سائين! منهنجي ڳالهہ ٻڌو، منهنجو اندرئي ساڙي ڇڏيو اٿس. جڏهن ڪر سائين لائق ٿيو آهي، تڏهن ڪر گهرني اجاڙ ڪري ڇڏيو اٿس. الاهي پورب جنم ۾ ڪهڙا پاپ ڪيا اٿم، جو پٽ جا ههڙا ڏک ٿو ڏسان." راءِ بلار ورندي ڏني تہ "اي ڪالو! تون کو گهڻو ٿو ڏسجين. توکي پٽ جو قدرئي ڪونهي. توکي هن سان هيءَ حالت وڻڻ بلڪل نہ جڳائي. هائي ڏائي آڻيئي ڪڙو پٽ، ۽ سو بہ سشيل ۾ سشيل، تنهنکي بہ سنڀالي نٿو سگهين! خبردار، جيڪڏهين آئينده پٽ کي ڪو حرف چيو اٿيئي. هيتري ڪاوڙ فقط ويهن رپين جهڙي ٿوريءَ رقم واسطي ڪٿي ڪجي اٿيئي؟ وٺ هي پنهنجا ويهہ رپيا. اڳتي هن جو خرچ پکو مون کان وٺندو رهجانءِ." ائين چئي، ڀائي ڪالوءَ کي ويهہ رپيا ڏنائين. ڀائي ڪالوءَ کي رپين جي وٺڻ ۾ لڄ ٿي آئي، تنهنڪري نتي ڪيائين ۽ پر راءِ بلار زوريءَ سندس کيسي

چيو ته ”ڊپ ڇاجو اٿس؟ ڇو پيسا وڃائي آيو آهي ڇا؟“ تنهن تي ڀالي سموري ڳالهه ڪري ٻڌائي، جا ٻڌي ڀائي ڪالو ٽپي باهه ٿي ويو ۽ ڀالي کي چيائين ته ”مون توکي هيتري پارت ڪئي ته پيسا پنهنجي هٿ رکجه، پوءِ منهنجي چئي تي ڇو ڪين هلئين؟ تو گويا امانت ۾ خيانت ڪئي آهي.“ ڀالي چيو ته ”سائين! مان ڇا ڪريان. مان اوهانجو ٻه داس ۽ هن جو ٻه داس. آءٌ ڪيئن ناڪار ڪري سگهان ها؟ آءٌ ٻه سندن جيڏو هوس ۽ ڪانئن ڪو وڏو ڪونه هوس، جو آءٌ مٿن زور هلائي سگهان. تنهن حال سان ٻه مون سمجهايو مان، پر چيائون ته پتا جي آگيا آهي ته لاپ وارو سؤدو ڪجه، سو هن جهڙو ٻيو لاپ وارو سؤدو ڪهڙو آهي.“

اهو ٻڌي ڀائي ڪالوءَ ٿڌا شيڪارا ڀري چيو ته ”منهنجا ٻُرا ڀاڳ آهن جو ههڙو پٽ پيدا ٿيو اٿم. هڪڙو ته ڪم ڪار ڪري ڪونه، پر جي لالچائي ڪنهن ڪم ۾ لڳائجيس ته نفعو ته نفعي جي ماڳ، اُلٽو ئي گهر جو ڇيهو.“ ائين چئي، ڀالي کي چيائين ته ”هلي مونکي ڏيکار ته ڪٿي ويٺو آهي ته مان پاڻيهي ٿو سمجهانس.“ ڀالو، ڀائي ڪالوءَ سان گڏ جي هليو. ڀائي ڪالو جانئي پنهنجي پٽ جي ويجهو پهتو ته ٽپي ٽپي لعل ٿي ويو. وات مان گجي پئي نڪتيس. پٽ کي چيائين ته ”رپيا ڪيڏانهن ڪيءِ؟ ٻڌاءِ ته ڪهڙو سؤدو ڪري آيو آهين؟ جڏهانڪر سرجيو آهين، تڏهانڪر تنهنجو ڪو ٻه سکه ڪونه سنيران، اُلٽو مونکي ڏک ئي ڏک ڏنا اٿيئي.“ انهيءَ قسم جا ڪيترائي ڪنور وچن ڀائي ڪالوءَ صاحبن کي چيا، پر کمياوان گورو صاحبن ماٺ ڪري پئي

سري گورو نانڪ ديو جن جا جيون چرتر

مانڪ ۽ آهي لڌي سارسنڀال اسانجي ڪرتار اهو ته سمجهيو
ريڻ سنت پوءِ اٿس. پهچايو سيڌو اسانکي ڏاري روپ
ڏنو ته جواب صاحبن آهي؟ ڇا نالو اوهانجو ته پڇيو کان صاحبن
نرنڪاريءَ ته پڇيو وري ريڻ سنت تنهن تي ”نانڪ نرنڪاري.“
جو آهي اهو نرنڪاري ته ڏنو اتر صاحبن آهي؟ ڇا معنيٰ جي
ڪيان ۾ پاڻ پوءِ مڃي. ئي ڪي پرڪ آڪال نرنڪار ڪ
موڪلايائون. کان ڪ پهي تي خوش ۽ ڪيائون ڪوشت

آهستي ڪيا. ڏانهن تلونديءَ پير پوڻان پوءِ صاحبن
سياءُ جو پتا نه. ئي هلڻ آڳي پر پير رديا، هلندا آهستي
جي پتا ته تين خيال ڏاڍو تي وات سو هون، پيو ساريو
ڀالي ڏسي، ۾ تبين کي صاحبن چڙهيو. ڪيڻن تي منهن
توهانجي ته چيايو اڳيئي اوهانکي ته مون سائين! ”سائين! مون
چاڻ اوهانکي پڻ جو سياءُ جي هن ۽ آهي؛ ڇا جوڙ جو پتا
ڪير، پر توهان منهنجن لفظن ڏي ڪو به ڌيان نه ڏنو.“
جي تلونديءَ ڪائيندا، ڀڄيون ۽ ڪندا ڳالهيون پاڻ۾ انهن
ويجهو اچي پهتا.

رهيا وهي ميڊان وڻ ڪ ڀاڙان جي شهر صاحب
آهن ڪوليندا ”تنب صاحب“ وڃان عزت سڪ جنهنکي
حنف انهيءَ ياترين ۽ آهي ڏياريل ديوار چوگرد جي وڻ انهيءَ
هيڏانهن آهن. ڪندا وحي منجهان سڪ وڏيءَ درسن جو
ش جي تلونديءَ ڀالو پائي ڏوڏانهن ته رهيا هيٺ وڻ صاحب
نال ته پڇيس جنهن ڪڍيو، وحي کي ڪالوءَ پائي ڪيڙي، ۾
هيڏا وڻ ڀاڙان شهر جي سائين! ”سائين! ته چيو ڀالي آهي؟ ڪتي
ڪ ڏهين ته“ تنيس. نتو اچڻ کان وڃ ۽ آهي

ڪٺي ڪائون يا پهريون، نه ته ڀڳوان جي آسري گذاريون. اسانجو گذر آهي جهنگ سان ۽ نه شهرن سان؛ تنهنڪري اسانکي ڪپڙو هجي يا نه هجي ته اسان لاءِ ڏکيئڙي ڳالهه آهي. ڪپڙي کان وڌيڪ ضروري اُنئو آن آهي، جو اسان ڪيترائي ڏينهن ساندهه ڪونه کاڌو آهي." اِها حالت ڏسي، صاحبن ويچار ڪيو ته پتا مونکي لاڀ دائڪ سودي ڪرڻ لاءِ ڇيو هو، سو هنن ساڌن کي ويهن رپين مان آنو لٽو وٺي ڏيڻ کان ٻيو وڌيڪ لاڀ دائڪ سودو وري ڪهڙو ٿيندو. سو ٻالي کي چيائون ته مونکي پيسا ڏي ته مان سيڌو سامان وٺي ساڌن کي کارايان. ويچاري ٻالي لاءِ ته اِها ڏاڍي ڳري ڳالهه ٿي. سمجهايائين ته جي پيسا ڪڍي ٿو ڏيان ته ڀائي ڪالو مون تي نهايت ڪوپ ٿيندو، ۽ جي نٿو ڪڍي ڏيان ته صاحب رنجه رهندا. ٻن ٻاهين جي وچه اچي ٿيو. آخر ويچار ڪري صاحبن کي چيائين ته "توهانجي پتا جيڪي وچن چيا هئا، سي ته اوهين ياد رکو. هن بار بار چٽيءَ طرح سان مونکي ۽ توهانکي چِتي ڇڏيو هو ته نفعي وارو سودو ڪري اچجو. توهانکي هن جو سياءُ سُجهي پيو، سو اوهين پيسا هن ريت ڪيئن ٿا ڪپايو؟" صاحبن جواب ڏنو ته "ڀائي ٻالا! هي ويچارا ساڌو ڪيترا ڏهاڙا اُپواس رهيا آهن. پرميشو[ر] جي آرت هنن کي کارائڻ کان وڌيڪ فائدي وارو ٻيو ڪهـ[ـڙو] سودو ٿيندو؟" ٻالي کي صاحبن واسطي ڏاڍي عزت، پـ[ـريم] ۽ ادب هو، تنهنڪري هنناجي چئي کي موٽائي ڪيـ[ـن] سگهيو ۽ لاچار پاڻ سان ٻڌل رپيا ڇوڙي صاحبن کي ڏنائين. صاحبن اُنهن پيسن جو سيڌو سامان وٺي ساڌن آڻي ڏنو، جي رسوئي تيار ڪري کائي ترپت ٿيا. د...

آهن، مسان اهي مرط جي ڪنديءَ تي پهتو آهيان.
[illegible] ڪنهن ڪري لکنديون تہ
[illegible] لاءِ ۽ واندو ۽ [illegible] لاءِ بہ خوشي. صلاح ڏيئي
ڳالهہ آهي تہ توهان ڪنهن ڪرت کي لڳو نہ تہ منهنجو
اسان اڳي لنواليون ڪندا. مسان توکي وڃي رهيا تہ
ڏيان، اهي ڪٿي مدان [illegible] چوڪڻي جي ڪوٺ ۽ وڃي
جيڪو لاب وارو سودو ڪري اچ. جيڪڏهين ڏي دفعو سٺو
سودو ڪري آئين تہ آئينده سان توکي گهڻي موڙي واپار
جوڙ لاءِ ڏينديس." صاحب 'ڳالهہ قبول ڪئي.

[illegible] صاحب [illegible] وڃڻ لاءِ سنبريا.
[illegible] ڪي [illegible] سودي بہ حوالي اچي يا
[illegible] پنهنجي گهرو نوڪر
[illegible] ڪي صاحب سان گڏ [illegible] ۽ هنکي تاڪيد
ڪري [illegible] تہ "[illegible]. [illegible] منهنجو پٽ اڄ سودو
ڪري [illegible] پاڻ سان رکجہ،
[illegible] ڪالوءِ ڀالي ڪان
[illegible] ۽ وري بہ
[illegible] پٽ کي نفعي وارو
سودو ڪري [illegible] صاحب سان گڏ نڪتو.

[illegible] تي ڪري نڪن
[illegible] سنت ريڻ ڪان
[illegible]؟ [illegible] ڪوڙو آهيئي
[illegible] ضروري آهي؟" هن
[illegible] ڏٺي تہ

آهي، اُهوئي منهنجو درد دفع ڪري سگهندو." اوڏيءَ
مهل صاحبن هيٺيون سلوڪ اُچاريو:-

سلوڪ محلا پهلا

وَئد[1] بُلائيا وَئدگي[2] پَڪڙ ڍنڍولي بانهہ

ڀولا[3] وئد نہ جاڻئي ڪَرڪ[4] ڪليجي ماهہ[5]

[ملارڪي وار محلا پهلا پؤڙي (٣) سلوڪ (١)]

جنهنجو آرٿ هي آهي تہ حڪيم کي منهنجي دوا
ڪرڻ لاءِ ڪوٺايو اٿن. هو منهنجي ٻانهن جهلي، نبض
جاچي ڏسي ٿو، پر ويچاري حڪيم کي اِها خبر آهيئي
ڪا نہ تہ مونکي درد آهي دل جو.

طبيب صاحبن جا مٺيان وچن ٻڌي، عجب ۾ پئجي
ويو ۽ صاحبن جي عزيزن کي چيائين تہ "مونکي هن ۾ ڪابہ
بيماري ڏسڻ ۾ ڪا نہ ٿي اچي. هي ڪو ڪاملُ ٿو
ڏسجي ۽ اوهانکي هن جي لاءِ ڪا چنتا ڪرڻ نہ گهرجي."
ائين چئي، طبيب موڪلائي هليو ويو.

باب پنجون

سچو سوڍو

هينئر صاحبن جو ١٧ ورهين ۾ پير پيو. پائي ڪالوءَ
ڏٺو تہ هاڻي صاحب جوانيءَ کي اچي رسيا آهن ۽ اُداس ٿا
گذارين، تنهنڪري کين ڪم ڪار ۾ لڳائڻ کپي. صاحبن
کي چيائين تہ "ابا! تون هاڻي ڪتڻ ڪمائڻ جيڏو ٿيو

١- طبيب. ٢- طبابت. ٣- ڀليل، بيوقوف، ويچارو. ٤- درد.
٥- هردو، دل.

چيو ته ”مان ڏسان ٿي ته نانڪ هيئنر اُداس ٿو گذاري ۽ ضعيف ٿيندو ٿو وڃي. خبر نه آهي ته ڪهڙي اندر جي پيڙا اٿس. صلاح پري ڳالهه آهي ته هن جو علاج ڪجي.“ ماتا ترپتا جو چوڻ پائي ڪالوءَ پنڊو آڻ پنڊو ڪري ڇڏيو، جو سمجهيائين ته علاج ڪرڻ تي ڪجهه خرچ اچي ويندو. جڏهين ڪي ڏهاڙا صاحبن کي انهيءَ حالت ۾ لنگهي ويا، تڏهين ماتا ترپتا ۽ ٻين ڪٽنبين کي انتظار ٿي پيو ته آلاجي ڪهڙي ويڌن صاحبن سان آهي. پائي ڪالوءَ کي چيائون ته طبيب آڻي پٽ جي دوا درمل ڪر. پٽ کان مٿي ڪو ناڻو ڪٿب ڪين ايندو. جيڪڏهن پٽ سڪيارو آهي ته ناڻو جهجهو، جو ته پٽ ئي ڏن ڪٺي ايندا. پائي ڪالو لهي طعنا پڌي، هرداس طبيب کي سڏي آيو. هن اچا صاحبن جي پاهن وٺي نبض تي ڏني ته صاحبن چيس ته ”اي طبيب! ڇا ٿو ڏسين؟“ هن وراڻي ڏني ته نبض جاچي ٿو ڏسان ته ڪهڙي بيماري اٿو، ته اُن موجب توهانجي دوا ڪريان. تنهن تي صاحبن مشڪي چيو ته ”اي حڪيم! تون سمجهين ٿو ته تون ماڻهن کي مرض کان ڇڏائين ٿو. توکي جو اهنڪار روپي مرض لڳو پيو آهي، تنهن جي ڪا دوا ڪئي اٿيئي؟ جي انهيءَ مرض جي دوا ڄاڻندو هجين ۽ پاڻکي انهيءَ مرض کان ڇڏايو هجيئي ته بلاشڪ منهنجي دوا ڪر، نه ته تون منهنجي دوا ڪرڻ جو لائق ئي ڪين آهين. مونکي درد آهي اُتما جي وڇوڙي جو. انهيءَ لاءِ مونکي تنهنجون دوائون ڇون؟ ڪرتار جنهن مونکي هي درد ڏنو

پائي لعلو، پڻ صاحبن کي چيو ته ”ڪرت کي لڳڻ سان ماڻهو سهڻو ٿو لڳي. تنهنجا پيءُ ماءُ تنهنجي هن حالت وڃڻ کان ڏاڍا مايوس ٿا گذارين. توکي انهن جي دل وڻڻ گهرجي. جڳائي ته ڏنڌي ڌاريءَ ۾ لڳو رهين ۽ پنهنجي ڪٽنب سان رليو مليو رهين.“ صاحبن اتر ڏنو ته ”دنيا جي ڌنڌن ۾ لڳڻ، سو آهي جنجالن ۾ ڦاٿڪي اٽڪائڻ. خبر نه آهي ته انهيءَ کي اوهين چڱو ڪيئن ٿا سمجهو. منهنجو ڪٽنب، جنهن ۾ مان خوش گذاريان ٿو، سو هن قسم جو آهي، جو ڪميا آهي منهنجي ماتا، سنتوش آهي منهنجو پتا، سچ آهي منهنجو چاچو، پرماتما سان پريم رکڻ آهي منهنجو ڀاءُ، پيار آهي منهنجو پٽ ۽ صبر آهي منهنجي ڌيءَ. اهڙي ڪٽنب مان ئي مونکي سواد اچي ٿو ۽ اهيئي منهنجي سهائتا ڪن ٿا.“ پائي ڪالو، ماتا ترپتا ۽ پائي لعلو، صاحبن جا مٺيان دليل ٻڌي ڏاڍا مايوس ٿيا جو سمجهيائون ته هي ڇوڪر اسانجي هٿ اچڻ جو نه آهي.

هن ڪانپوءِ صاحب چپ چاپ ۾ رهڻ لڳا. نڪي ڪنهن سان ڳالهائين ٻولهائين ۽ نڪي کائڻ پيئڻ ڏانهن ئي روح ڏين. ماتا ترپتا کي خيال ٿي پيو ته آلاجي ڇو منهنجو پٽ نٿو کائي پيئي. هوءَ اچي پٽ کي سمجهائڻ لڳي ته ”مٺڙا! ڇو تو کائڻ پيئڻ ڇڏي ڏنو آهي؟ جيڪڏهين ڪنهن به شيءِ تي دل ٿيندي هجيئي ته مونکي ٻڌاءِ ته مان اها توکي ڏياري ڏيان، جي سرير خوش نه هجيئي ته تنهنجي ڦڪي ستيءَ لاءِ اپاءُ ڪريان.“ صاحبن ڪو به جواب ماتا کي نه ڏنو. پوءِ ماتا ترپتا پنهنجي پتيءَ کي

پکونت سيڪجهه ڏنو آهي. ٻر ويچار ڪري ڏس ته تنهنجون
ڏنن افعالن سان آءُ شريڪن ۾ ڪند ڪيئن مٿي کٽي
سگهنديس؟ ماڻهو توکي الاجي ڇا پيا ڪوٺين. اُنهن جي
واتان ڪهڙ وڏ لفظ ٻڌي، منهنجو ديمئون ڪهڙي ٿو وجي.
اسان ڪرستين جي ڪم ڪار ڪانسواءِ ڪا سري سگهي؟
جيڪڏهن تون ڪرت ڪي لڳندين ته ماڻهو توکي ڪتندڙ
ڪمائيندڙ ڏسي تنهنجي لاءِ مانئيون چوندا. تنهنڪري
منهنجي ڪڙي ڳالهه ٻڌ ته ڪجهه وقت پڪتي ڇڏي ڏي
۽ سنساري ماڻهن وانگر رهت رهه.“ تنهن تي صاحبن
ديمئون شبد اُچاريو:-

راڳ آسا محلا پهلا شبد (۲)

آکان جيوان وسري مرجاءُ
آکڻ اوکا ساچا ناءُ
ساچي نام ڪي لاگي ڀوکَ
تت ڀُوکي کاءِ چليئهه دوُکهَ
سو ڪيئُ وسري ميري ماءِ
ساچا صاحبُ ساچي ناءِ (اِڪ رهاءُ)

اُرت- هي اُمي! مان نام جپان ٿو ته جيئان ٿو، جڏهن
نام وساريان ٿو ته مري ٿو وڃان. پر سچو نام جپڻ آهي اوکو ڪم.
جن کي سچي نام جي بک آهي، ان جا دک نام جي ذوق هيٺ
ڪري دور ٿين ٿا. پوءِ اُمي! ڇو ته مان ڪيئن نام وساريان؟
سچو آهي ۽ هن جو ناونءِ سچو آهي. اهڙي کي مان

وڏا صاحب! ڳُوڙا، گنڀير ۽ گڻن جا سمنڊ! ڪو به نه ڄاڻي ته تنهنجي پيار جي ڪيڏي حد آهي. جيڪڏهين سڀ ڏيان ڪندڙ گڏ جي تنهنجو ڏيان ڪن ۽ سڀ ملهه ڪٿيندڙ گڏ جي تنهنجو ملهه ڪٿين؛ جيڪڏهين سڀ گياني، ڏياني، گورو ۽ گورن جا گورو گڏ جي تنهنجو ملهه ڪٿين ته به اُهي تِر جيتري تنهنجي وڏيائي چئي نه سگهندا. سڀ ست، سڀ تپ، سڀ چڱايون ۽ سِڌن جون وڏيائون، اِهي سڀ تو کانسواءِ ٻئي ڪنهن وٽان پراپت ٿي نه سگهنديون. اِهي وڏيائون تنهنجي ڪرپا سان ئي ملي سگهن ٿيون ۽ پوءِ ڪنهنجي روڪجڻ تي روڪجي نه ٿيون رهن يعني ضرور ملن ٿيون. ويچارو اُستت ڪندڙ ڪيئن تنهنجي اُستت ڪري سگهندو، ڇو جو تون صفتن جو ئي آنت ڀنڊار آهين. جنهنکي تون ڪرپا ڪري پنهنجي صفتن اُچارڻ جي دات ڏين ٿو، تنهن سان ڪو به پڄي نه سگهندو. هي پريو! تون سچو سيئي کي سنوارڻ وارو آهين."

پائي ڪالوءَ اِنهن لفظن تي ڪو به ڏيان نه ڏنو ۽ وري به ڪيترن نمونن جي سمجهاڻين ڏيڻ سان صاحبن کي پنهنجي خيال تي آڻڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر اُن مان ڪجهه به ڪين ڪُڇو. آخر ڪڪ ٿي صاحبن کي ڇڏي ڏنائين.

ماتا ترپتا ڏٺو ته صاحب پتا جي چوڻ تي نٿا مڙن، تڏهين ويجهو ٿي ڳراهتڙي پائي پٽ کي چوڻ لڳي ته "بچا! اسانکي تنهنجي ڪنهي ڪارڻ جي ڪا گهرج نه آهي. اسانکي

کهڻي وال تيري رهي سماه
وڏي ميري صاحبا ڳهر ڪنيرا ڳڻي ڳهرا
ڪوء نہ ڄاڻي تيرا ڪيتا، ڪيوڏ چيرا (اڪ رهاء)
(٢) سَبِ سُرتي مِلِ سُرت ڪمائي
سَبِ قيمت مِلِ قيمت پائي
گياني ڌياني گور گورهائي
ڪهڻ نہ جائي تيري تِلُ وڏائي
(٣) سَبِ سَت سَبِ تپ سَبِ چنگائيئا
سِڌا پُرکا ڪيئا وَڏائيئا
تُڌ وِڻُ سِڌي ڪنيءَ نہ پائيئا
ڪَرم مليءَ ناهي ٺاڪ رهائيئا
(٤) آکڻ والا ڪئا ويچارا
صِفتي ڀري تيري ڀنڊارا
جس تون ديهہ تسيءَ ڪئا چارا
نانڪ سَچُ سوارڻ هارا.

تات پرج

”هي پرماتما! توکي وڏو پڌي، سيڪو وڏو ڀري
... ڪئي ڏو وڏو تون آهين، سو ڪيهن ڏلو آهي؟ تنهنجو
... ... نہ سگهندو. تنهنجا صفت ڪندڙ تنهنجي
... ... ڪري تو ۾ سمائجي ويئي ٿا. هي منهنجا

گھڻ ٻڌيا ڪرِ ڏاوڻي، تا ڪو آکيءَ ڏڻُ
نانڪ ويکيءَ نِدرِ ڪرِ، چڙهيءَ چؤگڻ وڻ.

اَرٿ - چت لڳائي پرماتما جي چاڪري ڪريو ۽ مَن ۾ نام ڌارڻ جو ڪم ڪريو. ٻيڙن ڪمن کي ٻڌي ڇڏڻ جي ڪوشش ڪريو ته اوهانکي سيڪو ڏن ڏن ٿيو. گورو صاحب فرمائين ٿا ته پوءِ پرماتما توهان تي ڪرپا درشٽيءَ سان نهاريندو ۽ توهان جو چهرو چئوڻو ٻهڪندو.

پائي ڪالوءَ وري ٻه پت کي چيو ته "ٻچا! ڏي وِهمي خيال ڇڏي ڏي. ڪرت ڪار ڪانسواءِ اِنسان ڪو سُونهي ڪو جڙي؟" صاحبن جواب ڏنو ته "مون سچي ڪرت دٿ ڪئي آهي. مونکي پرماتما ڪيتي، واپار ۽ نؤڪريءَ جا فائدا اڳيئي بخشي ڇڏيا آهن، پوءِ ڇاجي لاءِ اوهين مٿو ٿا کڻو؟" پائي ڪالو چوڻ لڳو ته "مون ته اڙو پڳوان ڪونه ڏٺو آهي، جو اهڙيون بخششون ڪري." گورو صاحب چوڻ لڳا ته "جن پرماتما جو درسن ڪيو آهي، سي ئي سندس قدر ڄاڻن ٿا." ائين چئي گورو صاحبن هيٺيون شبد اُچاريو:—

آسا محلا پهلا شبد (۱)

(۱) سُڻ وڏا آکيءَ سڀڪوءِ
ڪيوڏ وڏا ڏيٺا هوءِ
قيمت پاءِ نہ ڪهِئا جاءِ

۱- ٻوڪڻ، اُدم ڪرڻ، ڪوشش ڪرڻ. ۲- چئوڻو.
۳- رنگ، چهرو.

خرچ ھڻ چنگائيءَ، مت مَن جاڙھ ڪلُ

نرنڪار ڪٺي ديس جاءِ، تان سُکِ لهہِ مَحلُ.

اَرٿ - شاسترن جي پڙھڻ جي سوداگري ڪريو ۽ ستَ جا گھوڙا (وڪڻڻ لاءِ) وٺي هلو. چڱاين ڪرڻ جو خرچ پاڻسان ٻڌي کڻي هلو ۽ سياڻي جو دل ۾ ويچار ئي نه ڪريو. ائين نرنڪار پرماتما جي ديس ۾ پهچندا ۽ سندس محل ۾ سک پائيندا. مطلب ته سڀڪي نه اھڙو ڪجي، جو سڀ ڪرڻ آھي اُھاڻو پيڪڻ.

ڏاڍي ٻائي ڪالوءَ ڏاڍو نراس ٿي چيو ته تون اسانجي لاءِ جهڙو ٿئين تهڙو نه ٿئين. توکي ڪا ڳالهہ ڪانہ ٿي وڻي. جيترا ڏينهن توکي پڙھايو ته مون ڪنهن ۾ چت لڳيئي، پر ڏسان ٿو ته توکان ڪي ڪين پڄندو. هاڻي توکي ھيءَ پڇاڙيءَ جي صلاح ٿو ڏيان ته توکي جيڪڏهين پيا ڏينهن نٿا وڻن ته وڃي سرڪاري نوڪري ڪر. تنهنجو ڀيڻويو حشرام نواب دولت خان جو هڪ مکيہ عملدار آهي. اُهو توکي ڪنهن چڱي نوڪريءَ ۾ لڳائي ڇڏيندو. مان سمجهان ٿو ته توکي اهو ڪم پسند ايندو. جيڪڏهين منهنجي اِها صلاح به نه ورتيءَ ته چئبو ته توکي ڪا ڪرت ڪرڻي ڪانہ آهي ۽ رڳو مستانن ۽ فقيرن جي صحبت ۾ ڪهاڙو آهي. جي ڪجهہ ڪتب نه ڪندين ته تون سڄي ڪٽنب کي داغ لڳائيندين. تنهن تي صاحبن دن شبد جو ھوتون پڻ اُچاريو:

(٣) امبت ڪرِ چاڪري، مَن نامُ ڪرِ ڪمُ

سياڻي.



اَرٿ - من کي ڪجي هاري، شڀ ڪرمن جي ڪجي پوکہ، وئراڳ جو ڪجي (پوکہ لاءِ) پاڻي ۽ سرير کي ڪجي ٻني ۽ نام جپڻ جو ڪجي ٻج، سنتوش جي ڪجي ڏانداري ۽ نهنائيءَ جي ويس جو ڪجي لوڙهو؛ پوءِ پريم جي پورهئي سان سلو اُپرندو، ائين جيڪي ڪن تا تن جو گهر ڀاڳ وارو ڏسندين.

پائي ڪالوءَ وري چيو تہ جيڪڏهين کيتيءَ جو ڪم نٿو وڻيئي تہ هٽ ڪڍي ڪي. اُن ۾ پورهيو بہ ٿورو ٿيندو ۽ لاڀ بہ چڱو ملندو. تنهن ڪانسواءِ توکي ايڪانت ۾ رهڻ جو وجهہ ملندو. تنهن تي صاحبن مٿئين شبد جو ٻيو پد اُچاريو:-

(٢) هاڻُ هٽُ ڪر آرجا، سَچہ نامُ ڪَر وَٿُ[١]

سَرتِ سوچ ڪَر ڀانڊسالَ، تِسُ وِچِ تِسَ نون رَکُہ[٢]

وَڻجارئا سِنہ وَڻجُہ ڪَرِ، لئِ لاها مَن هَس.

اَرٿ- هيءَ جيوت مٿيا سمجهڻ، اِهو هٽ ڪيو ۽ سچي نام جو وَکر رکو. ڌيان ۽ ويچار جا ڪريو ٿانءَ ٿپا ۽ اُنهن منجهہ رکو سچو نام. سچي نام جي واپارين سان پاو وڻج ڪريو. اِنهيءَ ريت اوهين خوش ٿي فائدو پنهنجي گهر کڻي ايندؤ.

جڏهين پائي ڪالوءَ ڏٺو تہ هٽ جي ڪرت بہ نٿي وڻين، تڏهين چوڻ لڳو: تہ "آبا! جيڪڏهين توکي سفر جي سڌ هجي تہ هتان ڪن ڏورانهن ڏيهن ۾ وڃي گهوڙن جو واپار ڪر." تنهن تي صاحب مٿئين شبد جو ٽيون پد اُچارڻ لڳا:-

(٣) سُڻِ ساسَتَ سؤداگري، سَتُ گهوڙي لئِ چَلُ

١- هاڃي ٿيندڙ، مِٿيا. ٢- جنس، وَکر. ٣- ٿانءَ ٿپا، ڪنا ٿپا.

پائي جئرام جو نانڪيءَ سان وواھ ٿيو. پوءِ پائي جئرام پنھنجي
استري سميت سلطانپور ۾ رھڻ لڳو.

باب چوٿون

صاحبن کي وئراڳ

ھن ڪاڻ پوءِ صاحبن جو چت سنساري ڪمن ڏي
وريئي ڪين ٿي. پائي ڪالوءَ ڪيترا ڏينھن تہ پنھنجي
پت کي ڇڏي ڇڏيو تہ جئن وڻيس تئن ڪري؛ پر ورڪ
بہ پت کي دنيوي اوُچ ٿي رسائڻ جو خيال منس غالب
پئجي ويندو ھو. پت کي ڪڙي ڏينھن ويھي چت
ڪيائين تہ ”آبا! ڏس تہ جيڪڏھين تون بيڪار رھندين
تہ ماڻھو ڇا چوندا؟ ڪير اسان سان متي مانتي ڪندو؟
منھنجو نالو ھينئر ھن ملڪ ۾ مشھور آھي، اھو نالو بہ ٻڏي
ويندو. پت اھو جو پنھنجي ڪل جو نالو ڪڍي. تنھن
ڪري تون منھنجو چيو مڃ ۽ دليوي ماڻھن وانگر ھلت
ڪر. جيڪڏھين توکي ڪيتيءَ جو ڪم وڻندو ھجي تہ مان
توکي ڪيتيءَ ۾ لڳايان.“ تنھن تي صاحبن ڏيٺئين شبد جو
پھريون پد اُچاريو:-

راڳ سورٺ محلا پھلا شبد (٢)

(١) من ھالي، ڪرساڻي ڪرڻي، شرم پاڻي تنُ کيتُ
نامُ بيجہ، سنتوکہ سھاگا، رکہ غريبي ويسُ
ڀاءُ ڪرم ڪرِ جمسي، سي گھر ڀاڳٺ ديکہ.

... ي. ٢- ہوک. ٣- ڏالداري. ٤- وکيا ڪرڻ وارو لوڙھو.
... اُرندو.

ڪيترين جنم ساکين ۾ لکيل آهي ته صاحبن نيٺ
ڪُل جي ريت رکڻ لاءِ جڙيو پاتو آهي، پر سندن ساڃي
گفتگو ۾ پاڙيءَ ڏانهن نظر ڪندي اِئين سمجهجي ٿو ته
صاحبن جڙيو ڪين پاتو هوندو.

ڪجهه وقت ڪانپوءِ پائي ڪالوءَ پنهنجي نياڻيءَ
نانڪيءَ جي مڱڻيءَ جو سعيو ڪيو. هڪڙي ڏينهن پائي
جئرام نالي هڪ کتري، جو سلطانپور جي نواب دولت خان
وٽ روينيو عملدار هو، سو تلونڊيءَ ۾ داڻ بنديءَ جي ڪم
۽ ڍلن وصول ڪرڻ لاءِ آيو. شهر جي ٻاهران کوهه تي
نانڪي ڏٺائين، جا هنکي پسند پيئي. پوءِ اُنجي ڪُل
بابت پڇا ڳاڇا ڪيائين. جڏهين خبر پيس ته وڏي ڪل
منجهان آهي ۽ کتري ورن جي آهي، تڏهين خيال ٿيس
ته منهنجو وهانءُ هن سان جيڪر ٿئي ته چڱو. هو راءِ بلار
کي وڃي گڏيو ۽ هنکي پنهنجي مَن جي مراد ٻڌايائين، جو
خبر هيس ته پائي ڪالوءَ راءِ بلار جو پٽواري آهي، ۽ اُنجو
زور مٿس هلي سگهندو. راءِ بلار، جو پائي جئرام جي
ڪٽنب ۽ لياقت جو اڳيئي واقف هو، تنهن پائي ڪالوءَ
کي ڳالهين ڏان ڳالهيون ڪندي چيو ته ”جئرام نواب
دولت خان وٽ هڪ وڏو عملدار آهي ۽ ڏاڍي هلنديءَ وارو
آهي. جيڪڏهين تون پنهنجي ڪنيا جو سڱ هنکي ڏيندين
ته تو پنهنجي نياڻيءَ لاءِ لائق ور چونڊيو.“ پوءِ پائي
ڪالوءَ اِنهيءَ مائٽيءَ لاءِ وڏيڪ پڇا ڳاڇا ڪئي، جنهن تي
هنکي اِها مائٽي وڻي ۽ پنهنجي نياڻيءَ جو مڱڻو اُتي ڪيائين.
ٿورن ڏينهن ڪانپوءِ پائي جئرام جو پيءُ پائي پرمانند سلطانپور
منجهان وڏيءَ ڌام ڌوم سان جڃ وٺي تلونڊيءَ آيو، جتي

جٺئي پائڻ جي مريادا سيکاريو.“ پنڊت پڇيو ته سچو جٺيو اوهين ڇا کي ٿا چئو؟ تنهن تي صاحبن هيٺيون شبد اُچاريو:-

دَيا ڪَپاهُ سنتوکُ سوتُ، جَتُ گنڍي سَتُ وَٽُ
ايهُ جنيئو جيئَ ڪا، هئي ته پانڊي گهتُ
نا ايهُ تُٽئي نه مَلُ لڳئي، نا ايهُ جلئي نه جاءِ
ڌَنُ سُ ماڻس نانڪا، جو گلِ چَلي پاءِ.

[سري آسا دي وار پؤڙي (١٥) سلوڪ (١)]

انهن تڪن دئارن صاحب پنڊت کي چوڻ لڳا ته اوهين ست جي جٺئي لاءِ ڪاٺ پوريائين ڪپهه ٿا خريد ڪريو، پوءِ اُنهيءَ ڪپهه مان ست ٿا لاهيو ۽ ست کي وٽي ڏيو ٿا ڪنڊ، پر سچي جٺئي پائڻ ڪاڻ دَيا جي ڪچي ڪپهه، سنتوکر جو ڪچي سُت، اندرين کي روڪڻ جي ڏچي ڪنڊ ۽ ست مارگ تي هلڻ جو ڏچي وَٽُ. اهڙو جٺيو نڪي ٽُٽندو، نڪي ميرو ٿيندو ۽ نڪي اگن داٻ ليندو. جيڪي انهيءَ قسم جو جٺيو پائين ٿا، سي ئي ڌَنُ آهن.

صاحبن جا وچن پڌي، پنڊت وسمئي ۾ پئجي ويو ۽ پائي ڪالوءَ ۽ سندس ڪٽنبين کي چهائين ته ”هي ڇوڪر سمجهي سمجهائڻ جو نه آهي، توهالجي چوڻ جو سار ڪو ڪيو لکيس ته خبر نه آهي.“ تنهن تي جيڪي پريا مڙس ويٺا هئا، سي صاحبن کي چوڻ لڳا ته ”ابا! هيءَ ڪُل پرات پراڻن ڪان هلندي آئي آهي. ڪُل جي مرجات ... توکي گهرجي ته پيءُ کي نراس نه ڪر.“ پر ... جواب ڪري ڇڏيو.

تَگُر نہ جِهبا، تَگُر نہ آکي
وِي تَگا آپي وَتيءِ
وَتِ ڏاگِي اوُران گهتيءِ.

[سري آسادي وار بوڙي (١٥) سلوڪ (١٤)]

هنن تڪن دئاران برهمڻ کي چيائون تہ ”اي پنڊت جي! جيڪڏهين اوهين چئو تہ جٽيو هرو ڀرو ضروري آهي تہ ڀلا ڀڏايو تہ پُرشن کي تہ اوهين جٽيو پايو ٿا، پر استرين کي ڇو نہ ٿا پايو. استرين ۾ پرشن جهڙو ساهہ نہ آهي ڇا؟ جيڪڏهين جٽئي نہ پائڻ ڪري آدمي ٿي پئبو تہ ڇو استرين کي آدمي ٿيڻ ٿا ڏيو؟ هنن کي سود رپٽي جي حالت کان ٻاهر ڇو نہ ٿا ڪيو؟ ٻي ڳالهہ، تہ اوهين جٽيو پايو ٿا رکو ڳچيءَ کي، ڀلا ڀڏايو تہ ٻيرن، هٿن، زبان ۽ آکين کي ڇا پائيندا؟ جٽيو گهرجي سڀڪنهن عضوي لاءِ يعني هٿن کي ٻُرن ڪمن ڪرڻ کان روڪجي، ٻيرن کي ڪُمارگہ ۾ وڃڻ نہ ڏجي، آکين کي پر استريءَ ۽ پرائي ڌن جي درشٽيءَ کان دور رکجي ۽ زبان سان سچ ٻولجي، مٺو ڳالهائجي ۽ پرميشور جو نام جپجي. تنهن ڪانسواءِ اي پنڊت! جڏهين هي جيو پران تياڳي ٿو، تڏهين جٽيو ڪاڏي وڃي ٿو؟ اُهو تئي ٿو آگن پروان ۽ جيو جٽئي ڪانسواءِ آدمي ٿي پرلوڪ ۾ وڃي ٿو. پوءِ چئو تہ جٽيو هن جي ڪهڙي ڪم آيو؟ تنهنڪري مهراج! توهين، جو سٽ جو ڌاڳو وٽي ماڻهن کي پايو ٿا، سو اها ريت ڇڏي ڏيو. اِن مان ڪجهہ هڙ حاصل نہ ٿيندو. لوڪن کي ساچي

پنڊت ويچارو ٿيءَ ۾ پئجي ويو تہ ڪيئن صاحبن کي ٻاھ آڻيان، ڇاڪاڻ جو دل ۾ ويچار ڪيائين تہ اڄ جيڪڏھين صاحب اھا رسم انڪار نہ ڪندا تہ آئينده ٻيا بہ ڪيترا ڪين ڏسي سندن پيروي ڪندا. تنھنڪري موتي صاحبن جي سنمکہ ٿي چوڻ لڳو تہ "ٻچا! توھان اھا ڪالھوڪو ٻار آھيو، ھيءَ جڻي جو سنسڪار پرم پرا کان ھلندو آيو آھي. ھيءَ ويدن جو ٻڌايل ڪرم آھي. انھيءَ کان ڀاڄ ڪو موڙي سگھبو؟ ٻيو بہ ويچار ڪري ڏس تہ تنھنجا ابا ڏاڏا، جي اھا ريت ولندا آيا آھن، سي ڪي بي سمجھ ڪين ھئا. جيڪڏھين جڻيو نہ پائيندين تہ ماڻھو توکي اڌرمي ڪوٺيندا." تنھن تي صاحبن ھيٺيون شبد اچاريو:-

نانءِ منيئي پت اُپجي، سالاھي سچہ سوت
درگھہ اندر پائيئي، تگہ نہ توٽس پوت

[سري آسا دي وار پوڙي (١٥) سلوڪ (٣)]

مٿين تُڪن جو ارٿ ھي آھي تہ پرماتما جي نام مڃڻ ڪري عزت جي ڪپھہ اُتپن ٿئي ٿي ۽ پرماتما جي تعريف ساراھ ڪري سچہ جو سُٽ تيار ٿئي ٿو. اھڙي سٽ مان تيار ڪيل جڻيو پائڻ ڪري درگاھ ۾ داخل ٿي سگھبو ۽ اھڙو پوتر جڻيو ڪڏھن ٽٽندو ڪين.

صاحبن وري پنڊت تي پورو پورو اثر وجهڻ لاءِ ھيٺيون تُڪون اچاريون:-

تگہ نہ اندري تگہ نہ ناري
ڀلکي ٿُڪ پوئہ نت داڙي
تگہ نہ پيري، تگہ نہ ھٿي

”لَکَ چوريئان لکَ ياريئان لَکَ ڪوڙيئان لَکَ گالِ
لکَ ٺَگيئا پهنا ميئان راتِ ڏِنسُ جيئه نالِ
لَکَ ڪپا ٺَهُه ڪتيئي ٻامڻُ وَٺي آءِ
ڪُپه ڀڪرا رِنَ ڪايا، سڀ ڪو آکي پاءِ
دوءِ پُراڻا سُنيئي، ٻيي ڦِر پائيئي دور
نانڪ ٺَگُه نه ٺُٺيُ جي ٺَگه هوويُ زور.“
[سري آسادي وار ٻوڙي (١٥) سلوڪ (٢)]

مٿئين شبد دئاران صاحب پنڊت کي سمجهائڻ لڳا
ته ”هي پنڊت! هن وقت جو حال ڪهڙو اچي بڻيو آهي،
جو جيتوڻيڪ ماڻهو بي شمار چوريون ڪڻي ڪن، ڪئين ويڇار
جا ڪرڪڻي ڪن، لکه ڪوڙ ڪڻي ڳالهائين، واڻان گاريون گند
ڪين، بي انت ٺڳيون ڪڻي ڪن ۽ رات ڏينهن ٻچڙن ڪمن
۾ مشغول رهن، ته به توهين اُنهن جي ڳچي ۾ جڻيو ڻا پايو ۽ انهي
شپ موقعي تي اوهانجا ججمان پاڻ به ڪُٺل ٻڪر ٺا کائين
۽ پنهنجن نياتين کي به ٺا کارائين. جڏهين ڪرم ئي
سندن اهڙا آهن، تڏهين جڻي پائڻ ڪري هنن جو نيٺارو
ٿي پوند و ڇا؟ تنهن ڪانسواءِ توهانجو جڻيو آهي وري ڪهڙو،
جو جيڪڏهين ميرو ٿئي ته لاهي ٻيو پائڻو پوي. جي اوهان
جي جڻي ۾ سچي پچي طاقت هجي ته هوند نکي ميرو
ٿئي، نکي ٽُٽي، جنهنڪري اُنکي بدلائي پائڻ جي
ضرورت ئي نه ٿئي.

١- ويڇار. ٢- گاريون. ٣- دغا بازيون. ٤- جڻيو. ٥- رڌي.

سنسڪار ان کان سواءِ ڪرايائين ۽ انهيءَ ڏينهن سڀني
ايالهن کي ٻاهر ڪڍيائين، مال ماجرا تيار ڪرايائين. برادريءَ
وارا ۽ ٻيا گهڻا ماڻهو اچي ڪٺا ٿيا. جڏهن پنڊت برديال
۽ اچي ويٺو، صاحبن کي آڻي انهيءَ اڳيان وهارايائون.
پنڊت جون ڳالهيون ڪري صاحبن جي ڳچيءَ ۾ جڻيو ٿي وڌو
ته صاحبن هٿ کان جهلي چيس ته "مهاراج! پهريائين مونکي
ٻڌايو ته سهي، ته جڻيي پائڻ مان فائدو ڪهڙو آهي."
پنڊت جواب ڏنو ته "ٻچا! هيءُ ڪري هندو ڌرم جي
خاص نشاني آهي. ڪوبه شُڀ ڪارج هن سنسڪار بنا
نٿو ٿي سگهندو. جيڪڏهن هيءُ سنسڪار نه ڪرائجي
ته هرڪو ايڪو ورڻن ۾ ويندو يعني برهمڻ، کتري ۽
ويش سڀ سودرن جي سمان ۾ ويندا ۽ پهريائين ئي
ورڻ پنهنجي مقرر ڪيل فرضن پالڻ کان باز رهجي ويندا.
ڪلهوڙن ڪالسواءِ جڻيي جي پائڻ ڪري هن جهان ۾ ۽ هن جس ۽
پرلوڪ ۾ به درجو ملندو." تڏهن صاحبن اتر ڏنو ته
"پنڊت جي! ڪرپا ڪري مونکي ٻڌايو ته جڻيي پائڻ
ڪري مردو به شڪ ٿئي ٿو ڇا؟ توهانجي ٻولي جو مطلب
ائين آهي ڇا ته انسان ڪهڙا به برا ڪرم ڪٽي ڪري، ته به
جڻيي پائڻ ڪري جو اتم آهي؟ ٻيائي ڪري مونکي ٻڌايو
ته جيڪڏهن ڪو برهمڻ يا کتري ڪڪرم ڪري ته انهيءَ
کي اوهين ڇوڏ برهمڻ ۽ کتري سڏيو يا چنڊال؟ پنڊت جي!
پرلوڪ ۾ مان پائڻ اتم ذات يا جڻيي پائڻ تي منحصر نه
آهي، مگر شُڀ ڪرمن تي ئي انجو مدار آهي. انهيءَ
صاحبن هيٺيون شبد اچاريو:-

ننڊ اچي وين. سج جي ڦيري ڪائڻ ڪري وڻ جي ڇانو صاحبن تان لهي ويئي. اوڏيءَ مهل ڪ واسيئگر نانگر صاحبن جي مٿان ڦڻ ڪڍي، ڇانو ڪري بيٺو. راءِ بلار اُن وقت شڪار تان موٽيو ٿي تہ پريان ڏٺائين تہ ڪ ڇوڪرو سُتو پيو آهي ۽ مٿانئس نانگر ڦڻ ڪڍي بيٺو آهي. هن کي خيال ٿيو تہ مٿان نانگر ڇوڪري کي ڏنگي نہ وجهي ۽ تنهنڪري پنهنجي گهوڙي کي ڊوڙائڻ لڳو تہ جلدئي پهچي نانگر کي پري هٽايان. سندس اچڻ ڪري نانگر پڄي ويو. جڏهين ويجهو آيو ۽ چٽيءَ طرح ڏٺائين تہ اهو ڇوڪر منهنجي پٽواريءَ جو پٽ آهي، تڏهين گهوڙي تان اُمالڪ لهي صاحبن کي جاڳايائين، ۽ کين گلي لڳائي، ساڻن ڏاڍي چوج ۽ پريم سان مليو. پوءِ صاحبن کي ساڻ ڪري گهر ڏانهن موٽيو ۽ پائي ڪالوءَ کي گهرائي چيائين تہ ”تون ڪو وڏو ڀاڳوان آهين، جو تنهنجي گهر ۾ هيڙو سپتر پيدا ٿيو آهي. تنهنجو پٽ ڪاوان ٿو ڏسجي. هو جيڪڏهين سنساري ڪمن ۾ چاهہ نہ رکي تہ هن سان ڪڏهين بہ نہ ڏمرجانءِ.“ پوءِ مٿئين وارتا ڪري ٻڌايائينس ۽ گهڻيون واڌايون ڏنائينس. راءِ بلار اهو ورتانت جاءِ بجاءِ پڌرو ڪيو ۽ سندس سرڌا صاحبن ۾ تنهانئي وڌي.

باب نيون

گورو صاحبن جو جڻيو ۽ ماتا نانڪيءَ جو وواهہ

جڏهين صاحب نون ورهين جي ڄمار جا ٿيا، تڏهين پائي ڪالوءَ کي خيال ٿيو تہ هاڻ ڪُل جي ريت موجب پنهنجي پٽ کي جڻيو پايان. ڏينهن مقرر ڪري لنبيءَ

صاحب ڇوڙ لڳا ته ڪرتار ڪندو ته تنهنجي ٻنيءَ اسري ويندي ۽ منجهس چڱو فصل ٿيندو. ٻنيءَ جي مالڪ سمجهيو ته موں سان چوڪرو مسخريون ٿو ڪري، سو اڳي کان به وڌيڪ ڪاوڙيو ۽ صاحبن کي ڀانهن کان جهلي راءِ بلار وٽ آيو ۽ اچي هنکي پوک جي نقصان بابت داهون ڏنائين. راءِ بلار جو پيار صاحبن تي ڏاڍو هوندو هو، بلڪ منجهن سرڌا هوندي هيس، تنهنڪري ڪومل زبان سان صاحبن کان پڇڻ لڳو ته ”ٻچا! هن غريب زميندار جي ٻنيءَ تنهنجي غفلت کان ڀيلجي ويئي آهي ڇا؟“ صاحبن جواب ڏنو ته ”ٻنيءَ کي ڪو به نقصان ڪونه رسيو آهي. جيڪڏهين ڪنهنکي انهيءَ بابت خاطري ڪرڻي هجي ته پلي هلي ڏسي.“ تنهن تي راءِ بلار پنهنجن ٻن سپاهين کي چيو ته وڃي ٻني ڏسي اچو ته ڪهڙي حال ۾ آهي. هنن ڏسي اچي چيو ته ”سائين! ٻنيءَ جو ڪو ٻج به نه ڀڳيو آهي. پوک سرسبز بيٺي آهي ۽ منجهس ڪنهن به جانور پيل ڪانه ڪئي تي ڏسجي.“ ويچارو زميندار عجب ۾ پيو ته هي ڇا ٿا چون. هنن جي چوڻ تي اعتبار نه آيس، سو پاڻ سرزمين تي ويو ۽ اکين جڏهين پنهنجن اکين سان ٻني ساڳي وچي ڏٺائين، تڏهين عجب ۾ پئجي ڏاڍيءَ جي قدرت ساراهڻ لڳو. هن وقت کانپوءِ راءِ بلار جي سرڌا صاحبن ۾ وڌيڪ ٿيڻ لڳي.

وري ٻي دفعي اونهاري جي ڏينهن ۾ جڏهين منجهند جي گرمي نهايت زور هئي، تڏهين صاحب کانئن ۽ ميهن [illegible]، هڪ وڻ هيٺان سمهي رهيا ۽ ڪجهه وقت ڪانئين

پادران ڏڪ وڻ هيٺ وڃي رهيا. نڪي ڪنهن سان ڳالهائين ٻولهائين، نڪي ڪنهن ڏانهن ڪنڌ مٿي ڪري نهارين. پنهنجي موج ۾ ئي رهندا هئا. گهر ۾ اچن ته به سن ۾ رهن. ماتا کين سمجهائڻ لڳي ته انهيءَ طرح هلڻ ڪري ماڻهو الاجي ڇا جو ڇا چوندا. پائي ڪالوءَ کي به اها حالت ڏسي گهڻي ويڙهي ويئي. خيال ٿيس ته هاڻ هنکي ڪنهن مشغوليءَ ۾ لڳايان، سو ويچار پٺي ڪيائين ته ڪهڙيءَ ڪِرت ۾ لڳايانس. آخر هن ٺهراءَ تي آيو ته حال هنکي جهنگ ۾ ڳئو چارڻ جي ڪم تي رکان. پٽ کي چيائين ته ”بچا! جيڪڏهين تون ڪرت ڪار کي لڳندين ته مان وندرندءِ ۽ ماڻهن جي گلا کان به ڇٽي پونداسين. تنهنڪري منهنجي صلاح آهي ته تون جهنگ ۾ ڳانئين ۽ مينهن کي وڃي چارِ.“ پتا جي مرضيءَ موجب صاحب ٻئي ڏينهن صبح جو ڳانئون ۽ مينهون پاڻ سان وٺي چارڻ ويا. ڪجهه پنڌ ڪرڻ ڪانپوءِ ٿڪ ٿين. اوڏيءَ مهل ٿڌي هير پئي لڳي، تنهنڪري زمين تي ٿوري وقت لاءِ آهلي پيا ته ننڊ اچي وين. تنهن وچ ۾ ڳانئن ۽ مينهن پر واري زميندار جي بيٺل پوک پيلي سڄي ڪري ڇڏي. مالڪ جڏهين ٻنيءَ تي آيو، تڏهين ڏٺائين ته ڍورن سڄي ٻني نقصان ڪري ڇڏي آهي. هيڏانهن هوڏانهن نهاريائين ته ڏسان ته ڍورن سان ڪو ماڻهو آهي يا نه. آخر ڏٺائين ته هڪڙو ڇوڪرو سُتو پيو آهي ۽ سمجهيائين ته اهو ڍورن سان گڏ ٿو ڏسجي ۽ اُن جي غفلت کان مونکي هيڏو ڇيهو رسيو آهي. هن ڇوڪر کي اُٿاري، ڏاڍيءَ ڪاوڙ مان ڇينڀيو ۽ پر سانت سروپ گورو

بابا ايهہ ليکا لکِہ جاڻُ
جتي ليکا منگيئي تتي هوء سچا نيشاڻُ.
[سري واڳ محلا پهلا شبد (٦)]

جلائي موہ کي تہ آهي دي، برج تات جو شبد مٿين
اُن مان ڏاهيو مس، پنهنجي بُڌيءَ کي ڪريو ڪاغذ،
پريم جو بڻايو قلم، ۽ چت کي ليکڪ ڪري، سچي پرماتما
جو نام ۽ اُن جون اَپار صفتون گوروءَ کان پڇي لکو. پوءِ
نهن تي ويچار ڪريو. ست نام لکو، اُنجي مهما لکو ۽
بي انت ڪرتار جا ڪَٿ لکو. اهڙو ليکو جيڪڏهين لکي
ڄاڻو تہ مونکي بہ سيکاريو ۽ جو جڏهين درگاهہ ۾ ليکو
تيندو، تڏهين اهوئي ليکو سچو نشان يا پروانو ٿيندو.
مطلب تہ اُنجي ڏيکارڻ سان سائينءَ وٽ وڃڻ ۾ ڪا روڪ
ڪا نہ ٿيندي.

جڏهين پائي ڪالوءَ ڏٺو تہ صاحب وڏيڪ پڙهڻ جي
نٿا ڪن، تڏهين ڪڙي ڏينهن ڏکر وچان راهہ بلار سان
وڃي ڳالهہ ڪيائين. هن دلداري ڏنيس تہ جيڪڏهين
تنهنجو پٽ فقط پارسي سکي پوي تہ مان هنکي توکانپو
پٽواري ڪندس، ڇو تہ دفتر جي ٻولي پارسي آهي. انهي
تي پائي ڪالوءَ کي ڪجهہ آٿت آيو ۽ پٽ کي چٽ ٻڌي
دم دلاسا ڏيئي، مدرسي ۾ ميان رڪن الدين مُلي و
وهاريائين. ملي صاحبن کي ا ب پ ت....... پڙهڻ
ڇيو. تنهن تي صاحبن پارسيءَ جي درڪ اکر تي شبد
ٻڌايو. اهو ٻڌي ملو عجب ۾ پئجي ويو. هن کانپوءِ ڪ
صاحب مستانن وانگر اڪيلو گذارڻ لڳا. شهر

ڪالوءَ وٽ آيو ۽ اچي چيائينس ته ”توهان جي پٽ کي منهنجي
پاڙهڻ جي ضرورت ڪانهي. هي ڪو ايشور اوتار ٿو ڏسجي.
اڄ جيڪو اکرن مان مطلب مونکي ڪڍي ٻڌايو اٿس،
سو ته مونکي ڪڏهين چت ۾ به نه هو.“ پنڊت جي ايتري
چوڻ به پڻ ڪالوءَ تي ڪو اثر نه ڪيو، پاڻ تاڪيد
ڪيائينس ته ٿورو گهڻو مڙيوئي هن ڇوڪر کي پاڙهيندا
رهجو ته ڪجهه پڙهي سگهي ۽ حساب ڪتاب رکي سگهي.
وري پڻ ڪالوءَ صاحبن کي چٽ چوٽ ٻڌي، پاٺشالا ۾
روانو ڪيو، پر سندن چت پڙهڻ ۾ لڳيئي نه. صاحب
کي ڏينهن مڪتب ۾ ويا ۽ ڪجهه پڙهڻ، لکڻ ۽ ليکو
چوکو رکڻ سکيا. ٿوريئي وقت کانپوءِ صاحبن جي دل پڙهڻ
کان صفا کَٽي ٿي پيئي. پنڊت چين ته ”چونه ٿو پڙهين؟
جواب ڏنائون ته ”هي دنيوي علم ڪهڙي ڪم جو آهي؟
اهو علم سنسار جي ٻنڌنن کان ڇڏائڻ جي بدران اُلٽو جيو
کي جنجالن ۾ وڌيڪ ٿو ڦاسائي. گهرجي ته سچ جو علم
پرايون ۽ سچي جا وچن پڙهون. اهيئي ايشور جي دربار ۾
اسان سان ساٿي ٿيندا. جيڪڏهين اهڙو علم توهانکي
ايندو هجي ته بلاشڪ مونکي پاڙهيو.“ اُنهيءَ وقت صاحبن
هيٺيون شبد اُچاريو آهي:-

جالِ موهُ گهسِ مسُ ڪَرِ، مَتِ ڪاگدُ ڪَرِ سارُ
ڀاءُ قَلَمُ ڪَرِ چِتُ ليکاري، گور پڇِ لِکُ بيچار
لِکُ نامُ سالاهُ، لِکُ لِکُ اَنتُ نه پارا وارُ

هر هڪ اکر ڏنارن سندر اپديش ڏنائون. مثال لاءِ انهيءَ
شبد مان هيٺيون ٻه تڪون ارٿ سميت ڏجن ٿيون:—

(۱) سسي سوءِ سرشٽ جن ساجي، سڀنا صاحب ايڪ ڀئا
سيوت رهي چت جن ڪا لاڳا، آئا تن ڪا سڦل ڀئا.

ارٿ- سسي اکر ڏنارن ثيءَ سڪيا ملي ٿي ته جنهن برهما
جي سرشٽي رچي آهي، سو هڪڙوئي سڀني جو مالڪ آهي.
جن پرشن جو چت مالڪ جي سيوا ۾ لڳو رهي ٿو، تن جوئي
هن سنسار ۾ اچڻ سڦلو آهي.

(۲) گگي گيان گوجهيءَ جي ڪوئي، پڙهيا پنڊت سوئي
سرب جيئا مهه ايڪو جاڻيءَ، تا هؤمي ڪهي نه ڪوئي.

ارٿ- گگي اکر ڏنارن ثيءَ سڪيا ملي ٿي ته جنهن کي گيان
جي بوجهه پوي ٿي، سوئي پڙهيل پنڊت آهي. (ڀاو. گيان جي
بوجهه کانسواءِ ڪتيرو به ماڻهو ڪٿي پڙهي ته به هو اڻ پڙهيل ليکبو.)
جيڪو پرش سڀني جيون ۾ هڪ برهما کي سمايل ڄاڻي ٿو، سو
”مان مان“ چولڻ ڪين ڪين.

صاحب جڏهين سڀ آکريون جو مطلب ٻڌائي رهيا
تڏهين پنڊت حيران ٿي منجهيءَ ويو. هو عجب وچان
ڪجهه ڪهي نه سگهيو، جو سمجهيائين ته صاحب جو اليڪ
ڪامل ٿو ڏسجي. پوءِ صاحب پنڊت کان موڪلائي،
اسڪول جي وقت پوري ٿيڻ کان اڳيئي گهر آيا. ماتا کين
۾ ڪٿي سمجهائڻ لڳي ته ”پٽ ! ڏس، هي وقت آهي
تنهنجي پڙهڻ جو. جيڪڏهين تون دل لائي پڙهندين ته
توکي سٺا نول ۾ ڏبا ۽ اچا ڪپڙا به وٺي ڏبا.“ صاحب
ماتا کي پٺي ٻڌو. سائجهيءَ جو پنڊت پاڻ

مان پنهنجي بيٺلائيءَ ۾ نواب راءِ بلار کي عرض ڪري، هنکي ڪنهن چڱي عهدي تي لڳائي ڇڏيان. ائين خيال ڪري، هو ڳُل جي پنڊت وٽ ويو ۽ چيائينس: ”مهراج! پنهنجي ٻالڪ کي پاٺشالا ۾ وديا حاصل ڪرڻ لاءِ وهارڻو اٿم، تنهنڪري مهرباني ڪري مونکي ڪو چڱو ڏينهن سوڌي ٻڌايو ته هنکي وديا شروع ڪرايان.“ پنڊت ڏينهن ٻڌايو. اُنهيءَ ڏينهن ڪجهه مٺائي گهرائي، پنهنجي جاچي کي پاٺشالا ۾ وٺي ويو. برجنات جنهنکي گوپال به سُپتر کي پاٺشالا ۾ وٺي ويو. برجنات جنهنکي گوپال به ڪري ڪوٺيندا هئا، سو هو پاٺشالا جو پنڊت. هن وٽ ڪري ڪالوءَ مٺائيءَ جو ٿالهه رکائي کيس پنهنجي ڇوڪر جي پائي گهٽي پارت ڪئي. پنڊت چيس ته ”اوهين چُتا آهيو؟ مان هن ڇوڪر سان دل و جان سان محنت ڪندس ۽ اُميد اٿم ته ٿورن سالن ۾ وڏو ودوان ٿي پوندو.“ پائي ڪالو پوءِ موٽي گهر آيو. پنڊت صاحبن کي ڪيترا اکر پاڙهڻ لڳو، جي صاحب ٻڌي جلدئي ياد ڪري ويا ۽ پنهنجو سبق موٽي پنڊت کي هڪڙ ڪانسواءِ ٻڌايائون. تنهن تي پنڊت ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چو جو سمجهيائين ته جي هي ڇوڪرو جلد پڙهي پوندو ته پڻس کان انعام به چڱو ملندم. ٻئي ڏينهن صاحب پاٺشالا ۾ ويا. پنڊت چين ته ويهي پٽيءَ تي آکر لکو. تنهن تي صاحبن پنڊت کي چيو ته ”سائين! جيڪي آکر اوهين مونکي لکڻ لاءِ ڇڏو ٿا، تن جو مطلب ته ديا پالي ٻڌايوم.“ پنڊت اُتر ڏنو ته ”مطلب وري منجهن ڪهڙو اچي مُوڙهو آهي؟“

تنهن تي صاحبن راڳ آسا ۾ ”پٽي“ اُچاري، جنهن ۾



آهي، جو توهين ڏن جي موھ ۾ ڦاسي پيا آهيو، پر توهين پڪ ڄاڻو. توهين ڌيرج ڌاريو. هنن جي ڏوري وڏيرڙو ٿيڻ ڏيو ته پوءِ توهين ڄاڻيندا. ڏسندؤ ته دين جو پرتاپ ڪيڏو نه آهي ۽ ڪيترا نه جيو هنن ۾ گڏ ٿي رهندا، سي ڌن جي مٿان سڀ چرتر پيو ڇوليندو."

سري گورو مهاراج پنجن ورهين جي ڄمار ۾ ٻارن سان راند روند ڪرڻ ۾ مشغول ٿيندا هئا. ٻارن جو ساٿ ايڏو ترب ٿيندو هو، جو جڏهن گورو صاحب اُنهن کي ڇڏيندا هئا، تڏهن ڪندا هئا. جيڏانهن جيڏانهن صاحب وڃن، اوڏانهن ڇوڪر ۾ سندن پٺيان وڃن. جي ٻار ڏڪن ته پوءِ ڪرا ۾ ڏوڙ لڳن، ۽ جي ٻار ڪٽي ويهي رهن ته هو ۾ ويهي رهن. صاحب ڪا ۾ ڳالهه ڪٿي ڪندا هئا ته ٻالڪ ڇوڪرا کين وڏي ويندا هئا، ڇو جو هنن کي هميشه اهو انتظار هوندو هو ته صاحبن جا مڌر وچن ٻڌي، پنهنجين دلين کي ٺاريون ۽ سندن ئي موجب هلي، کين خوش ڪريون. هو صاحبن جي مُکه مان نڪرندڙ ڳالهيون ڪنائون ساڳئي سنتن جون ٻڌڻ لڳا، تنهنڪري آئي ٻاقي سندن صحبت مان ڦايدائي کين هئا. انهن پيا چاهيندا هئا ته سڀ ڏينهن ۽ رات ساڻن گڏ گذاريون. مطلب ته صاحبن جا جيڏا ۽ سرتا مٿانئن قربان پيا ويندا هئا.

گورو صاحب جڏهين ستين ورهين جي ڄمار جا ٿيا، تڏهين ٻائي ڪالو کي دل ۾ خيال جاڳيو ته مان هاڻي پيرو اچي ٿيو آهيان، خبر نه آهي ته ڪيترا ڏينهن وڌيڪ جيئرو رهان، منهنجو پٽ هاڻي ٻالڪ ئي پڙهڻ جيڏو ٿيو هو ڪجهه لکڻ پڙهڻ ۽ حساب ڪرڻ سکي پوي ته

باب ٻيو

ٻال اوستا

صاحب اجا ڪن مهنن جا ٿيا، ته سدائين پيا مشڪندا هئا. ڪو به آدمي پائي ڪالوءَ جي گهر ايندو هو ته اُن ڏانهن مشڪي پيا نهاريندا هئا. انهيءَ ڪري هرڪو کين هنجه ۾ پيو کڻندو هو ۽ نچائي ٽپائي، ساڻن لاڏ ڪوڏ ڪري، پينگهي ۾ سمهاري ڇڏيندو هون.

ڇهن ورهين جي عمر ۾ ئي صاحب گهر جا ٿپڙ ٿاڙي گهر مان کڻي، وڃي فقيرن کي ڏيئي ڇڏيندا هئا. هڪ دفعي هڪ لوٽو جو هٿ ۾ هون، سو ڪنهن گهرجائو فقير کي ڏيئي ڇڏيائون. جڏهين ماتا ترپتا گهر ۾ هٿين خالي موٽندو ڏٺن، تڏهين لوٽي بابت صاحبن کان پڇيائين، پر جواب ڪو ڪونه مليس. ماتا اجا اهو ذڪر پئي هلايو ته صاحبن جو چاچو پائي لعلو به اوڏيءَ مهل اچي نڪتو. هن سان ماتا لوٽي جي ڳالهه ڪئي. تڏهين پائي لعلو صاحبن کي چوڻ لڳو ته ”ٻچا! هينئر ئي گهر کي هٿ ڏوئي اچي لڳو آهين ؛ جڏهين وڏو ٿيندين، تڏهين خبر نه آهي ته گهر جو ڪهڙو حال ڪندين.“ پائي ڪالوءَ جي به ڪن تي اها ڳالهه پيئي، سو ڏاڍو اُداس ٿي پنڊت هرديال وٽ ويو ۽ چيائينس ته ”مهاراج! اوهان جيڪي مونکي ٻالڪ جا گڻ ٻڌايا، تن مان مونکي ته هڪڙو به دل سان ڪونه ٿو لڳي. باقي هيءَ ڳالهه سا آکئين ڏسان ٿو، ته گهر جي هاڃي ڪندڙ آهي ۽ مائٽن کي فڪرات جي لهرن ۾ غوطا کارائيندڙ آهي.“ پنڊت چوڻ لڳو ته ”پائي ڪالو! پرماتما اهڙي مايا پکيڙي

پنڊت هرديال لکن ٿي ويچاري ڇيو ته ”پائي
ڪالوءَ! تنهنجا ته وڏا ڀاڳ ڇٽا، جو تنهنجي گهر ۾ هڙو
ڪ پيدا ٿيو آهي. هي ڪو اوتار ٿو ڏسجي. هي سڀ
ڪت کي سکيا ڏيندو ۽ جيون جو اُڌار ڪندو.“ اهو ٻڌي
ٿي ڪالوءَ هيڪاري خوش ٿيو ۽ صبح جو اُٿي هن پٽ
ان کھورڻون کھوريون ۽ منگتن کي دل گهريو دان ڏيئي
خوش ڪيائين، جي آسيسون ڪندا ويا.

ٻالڪ جي جنم جو ٻڌي، صبح سان تاونديءَ جون
استريون پائي ڪالوءَ جي گهر آيون ۽ اچي ماتا ترپتا کي
واڌايون ڏنائون. پوءِ گڏجي ويهي گيت ڳائڻ لڳيون.
يت اڏوا سُريلا ۽ مٺيءَ لات سان ڇيائون جو جنهن نر ۽
اريءَ آهي ٻڌا ٿي، سي پرماتما جي قدرت ساراهڻ کانسواءِ
رهي نٿي سگهيا.

جيئن ڏينهن پنڊت هرديال صاحبن جي چٺي لکي
ڪڍي آيو ۽ ويهي واچيائين. نالو ”نانڪ نرنڪاري“ رکيائين.
پائي ڪالوءَ پنڊت کي ڇيو ته ”هيڏو وڏو ۽ ڪول مول نال
وري ڪٿان آندو اٿيئي؟ ڀا توکي اسانجي ڪل
دالوءَ چالوءَ نالا سُجهيائي ڪونه ٿي ڇا، جو هي عجيب نا
ڪڍي رکيو اٿيئي؟“ پنڊت جواب ڏنو ته ”سائين! اوهان
سڀ ٻچڙو ڪو رواجي انسان نه آهي؛ هو سورهن ڪلا سمپو
س. هو ڪري نرنڪار کي ئي مڃيندو ۽ اُن ڪ
ٻالو ڇائيندو؛ تنهنڪري هن تي اهو نالو رکيو
نڪري' لفظ جي معنيٰ آهي آدو، جنهن ۾ د
ڪ نرنڪار کي مڃي.“

گهر ٿي ويندا آهن ۽ اوندهه ناس ٿي ويندي آهي ۽ جهڙيءَ ريت شينهن جي گجگوڙ تي هرڻن جي ٽولي اُٿي ڀڄندي آهي ۽ مَن ۾ ڌيرج نه ايندو اٿن، تهڙيءَ ريت صاحبن جي اوتار ڌارڻ تي اگيان جي اوندهه ميٽجي ويئي ۽ پاپ ۽ اڌرم ڪنبڻ لڳا.

صاحبن جي پتا جو نالو ڀائي ڪالو هو، جو بيديءَ ڪُل مان هو. سندن ماتا جو نالو ماتا ترپتا هو. ڀائي ڪالو پنهنجي ڳوٺ تلونڊيءَ جو پٽواري هو. اهو عهدو هنکي اُنهيءَ ملڪ جي مسلمان حاڪم راءِ بُلار کان مليل هو. راءِ بلار آزاد خيالن وارن ماڻهن مان هڪ هو. هو اصل هندو هوندو هو، پر پوءِ ڪيس ۽ پٽس کي زبان مان ڪن عربي لفظن ڪڍڻ ڪري مسلمان ڪيو هئائون. عام طرح هن جو رُخ هندن ڏانهن چڱو هو.

صاحبن جي جنم وقت تي دولتان دائيءَ ڀائي ڪالوءَ کي اچي واڌايون ڏنيون ۽ چيائينس ته توهانجي گهر ۾ پُٽر سنتان پيدا ٿيو آهي. اِها خبر ٻڌي ڀائي ڪالو گد گد ٿي ويو، چيو ته هن کان اڳي هنکي فقط هڪ ڌيءُ نانڪيءَ نالي هئي ۽ پٽ لاءِ پيو سڪندو هو. ڀائي ڪالو جهٽ پنهنجي پروهت هرديال کي ويلا وٺڻ لاءِ وٺي آيو. پروهت دائيءَ کان اچي احوال ورتو. دائيءَ ويلا ٻڌائي چيو ته "سائين! مون پنهنجن هٿن سان ڪيئين ٻالڪ ڄڻايا آهن، پر ههڙو ٻالڪ مون اڳ ڪونه ڏٺو آهي. هنجي جنم تي گهر ۾ ٻجليءَ جهڙو چمڪاٽ ٿي ويو ۽ ٻتيون جيڪي گهر ۾ پيئي ٻريون تن جي روشنائي جهڪي ٿي ويئي."

۽ انهيءَ تي "ويساک" لفظ لڳي، پٺي چٽڪيون سري گورو گوبند صاحب جي اکيان کٽي رکيائين ۽ ڪاٺ پڙهيان هوڪري جي لشڪان ڪرائي ڇهائين ته انهن ۾ چٽڪين مان ڏڪري کٽي آيا. هوڪريو ۽ جهٽ آڻا کٽي آيو، جنهن تي "ڪتڪ" لفظ لڳيل هو. تنهنڪري انهيءَ ڳالهين ڪان ولي ڪيترن سکن اڻا ڳالهه کٽي ڪنهن پڙهي ته صاحبن جو جنم ڪتڪ ۾ ٿيل هو.

صاحبن جي پرڪاش ٿيڻ تي زماني جي حالت ۾ ڦيرو پوڻ لڳو. جنهن برسات جي هوڻ سان گرمي گهٽ ٿي ويندي آهي ۽ ٻوٽين تي تازگي پوندي آهي، تيئن ماڻهن مان وڪارن جي تاپش گهٽي ۽ هنن جي هردن تي نِڏ و جملو ٿيو ۽ مڪمن دِيا، ڌرم، کميا، پريم وغيره شبي گڻن جو انگ پيدا ٿيو.

ڀائي گورداس صاحب انهيءَ ذڪر جي ريت ڪيو آهي:-

ستگور نانڪ پرگٽيا[١]، مٽي ڌُند جگ چانڻ هوا
جيئن ڪر سورج نڪليا، تاري ڇپي[٢] اندير پلوئا
سنگهه ٻُڪي[٣] مرگاولي[٤] ڀڄي[٥] جاءِ نه ڌير[٦] ڌرونا

تات پرج

ستگورو نانڪ ديو جن جي پرڪاش ٿيڻ تي گيان جو پرڪاش ٿي ويو. جهڙيءَ طرح سورج جي نڪرڻ تي تارا

١- پرڪاش، ٢- ناس ٿيندي آهي. ٣- گهگوڙ ڪوڙ. ٤- هرڻن جهڙ، ٽولي. ٥- اچي، ٦- ڌيرج.

کنب ڪري اُڏامي ويو آهي. اُماس جي اونده وانگر ڪوڙ پکڙجي ويو آهي ۽ سچ روپي چندرما ڏسڻ ۾ نه ٿو اچي ته ڪٿي چڙهيل آهي. مان سچ کي ڳولي ڳولي وياڪل ٿي پيو آهيان. اگيان جي اندوڪار ۾ ڪو رستو نٿو ملي. ساري سرشٽي هومئي جي ڪري دکن ۾ پيئي روئي. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته ڪهڙيءَ طرح جيون جي گت ٿيندي!

ڀارت جي جڏهين اهڙي دردشا اچي ٿي، تڏهين ڌرم روپي ٻيل، جنهن تي ائين چوڻ ۾ ايندو آهي ته پرٿويءَ جو بار آهي، سو پڪارڻ لڳو ته "هي اڪال پرکر! منهنجا ٽي پير ٽٽي ويا آهن ۽ هاڻي فقط هڪ پير تي بيٺو آهيان. مونکان پرٿويءَ جو بوجو وڌيڪ سهاريو نٿو ٿئي، تنهنڪري جئن اڳين جڳن ۾ ڌرم جي رکيا لاءِ اوتار پيدا ٿيا آهن، تئن هينئر به اوتار پيدا ڪري ڌرم جي پالنا ڪر." پرماتما اها پڪار ٻڌي، سري گورو نانڪ صاحب جن کي لوڪن کي سڌين رستي تي آڻڻ لاءِ جڳتر ۾ موڪليو. ڀائي گورداس صاحب اِنهيءَ بہ نسبت هيٺيون شبد اُچاريو آهي:—

"سُڻي پُڪار داتار پرڀ، گور نانڪ جگ ماهِ پٺايا
چرن ڌوءِ رهراس ڪر، چرنامرت سکان پيلايا
پار برهم پورن برهم، ڪلجگ اندر اِڪ دکايا
چار پئر ڌرم دي، چار ورن اِڪ ورن ڪرايا
راڻا رنڪ برابري، پئري پوڻا جگ ورتايا
اُلٽا کيلُ پرم دا، پئران اُوپر سيس نوايا

ساز جو چيلا وڃائين ساز
ڪن ڪهڙو هو، جو پاڻ ۾ سنبند وري ڪٽي نڇندي ڪن
ڪورو بيهي نڇن، ۽ مايا ڪرڻ لاءِ نڇندي ڪن
پير ڪورو هلائن ("وائن چيلي نڇن ڪورو پير هلائن
پرمارٿ ۽ پائين جهمڙيون ڪون. کيان ته هوئي ڪون
سي وري سيڙن سر"). لوڪن ۾ آندا، جا گورو جن
دهن. يالا! جن جا گورو ڪان ته ڪهڙو هو،
هلندا؟ ڏکو ظاهري ڌرم جو نالو هو،
بادشاهن رستي ڪيئن هئي. هوڏانهن سنئين
پرشت تيال هئي. ڏاڍا ظالم
مکر مساڻن جي بدي سان رعيت جو ڪهڙي هئي،
جي ملت وري ڪهڙي هئي، تن جو مال
ڪندا هئا. جيڪي شاهوڪار هوندا هئا، لڏي
انصاف ملڪ مان
زبردستيءَ سان ڦريو ويندو هو.
قاضي جن جي هٿ ۾
ويو ۽ جاءِ بجاءِ ڪنياءِ ورتي لکيو. غريبن جا حق ٻوڙي
عدل جو ڪم هو، سي وڏيون ولي رهيو هو.
چڏيندا هئا. مطلب ته سب الٽو وهنوار ورتجي نقش
سري گورو نانڪ صاحب جن انهي زماني جو
جيئن چٽيو آهي:-

"ڪل ڪاتي راجي ڪسائي، ڌرم پنکه ڪر اڏرئا
ڪوڙ اماوس سچ چندرما، ديسيءَ ناهي ڪهه چڙهيا
هئُ ڀال وِڪني هوئي، آڏيري راهه نه ڪوئي
وچ هئُمي ڪرِ ڪه روئي، ڪهه نانڪ ڪن بِڌ گت هوئي"
[ماجهه ڪي وار ٻوڙي (١٦) سلوڪ

جنهنجو مطلب آهي ته ڪلجڳ ڇري آهي.
ڪلجڳ جي جيون جي ڪرت گويا ڇري آهي.
... ٿا ڪائين، ۽ راجائون ڪاسائي آهن

سري گورو نانڪ ديو جن جا جيون چرتر

باب پهريون

ديش جي دشا ۽ اوتار جي ضرورت

سري گورو نانڪ صاحب جن جي اوتار ڌارڻ کان اڳي ڀارت جي دشا ڏکدائڪ هئي. اُن سمي ڪلجُگ پنهنجو پورڻ پرڀاءُ ڏيکاريو. ڦورو، چور ۽ چغل زور پوڻ لڳا. ڪوڙ ۽ ڪپٽ جو ورتاءُ وڌي ويو. مطلب ته چوڌاري پاپ پکڙجي ويو. استرين مان پتي شيوا جو انگ نڪري ويو ۽ پتارن جي آگيا پالڻ بدران اُلٽو هنن کان پنهنجا حڪم مڃائڻ لڳيون. پتارن کان وڌ ڪين پيسو پيارو هو. ائين ٿي چاهيائون ته مرد ڪٿان به ۽ ڪهڙيءَ ريت به پيسو ڪمائي اچن. مطلب ته پتورت ڌرم رهيوئي ڪونه. اُنهيءَ وقت ڪئين پنٿ ۽ فرقا ڪڙا ٿيا، جي ايڪا وچان هڪ ٻئي مان عيب ڪڍڻ لڳا. لوڪ سورج، چندرما، جل ۽ آگني ديوتائن کي ايشور سمجهي پوڄڻ لڳا. هو مڙهين ۽ مساڻن کي مڃيندا هئا. هنن جو اعتقاد منترن ۽ جنترن ۾ ڏاڍو هو. ٿوريءَ گهڻيءَ ڳالهه ۾ هنن کي سنسو يا ڀرم لڳندو هو. گورو توڙي چيلا وهمي ۾ گرفتار هوندا هئا.



فهرست

ب	چا بابت	صفحو
١	پنڊت چترداس سان مورتي پوڄا جو ذڪر	١٣٩ـ١٤٥
١	جڳن ناٿ جو ذڪر	١٤٥ـ١٥٠
٢	پنجاب ۾ موتي اچڻ جو ذڪر	١٥٠ـ١٥٢
٢	شيخ فريد جي جاءِ تي وڃڻ جو ذڪر ۽ شيخ ابراهيم سان روح رهاڻ	١٥٢ـ١٥٧
٢١	ايمناباد (سيدپور) ۾ ڪوس ۽ پڪتن تي پيڙ	١٥٧ـ١٧٢
٢٢	دکني ويد پالين جو پرسنگ	١٧٢ـ١٧٧
٢٣	ڪ شرڌالو چوڪرجي ساکي	١٧٨ـ١٨٢
٢٥	شهر سيالڪوٽ جو پرسنگ	١٨٣ـ١٨٥
٢٦	سورت شهر ۾ جينين جو ذڪر	١٨٥ـ١٨٨
٢٧	پائي منسک ۽ راجا شوناڀ جو پرسنگ	١٨٨ـ٢٠٤
٢٨	ولي قنڌاري جو پرسنگ	٢٠٤ـ٢٠٧
٢٩	مڪي ۽ مديني جو پرسنگ ...	٢٠٧ـ٢٠٩
٣٠	بغداد جو پرسنگ	٢٠٩ـ٢١٢
٣١	پنجاب ۾ موٽڻ ۽ مرداني جي چالاڻي جو ذڪر	٢١٢ـ٢١٣
٣٢	سيٺ دنيچند جو پرسنگ ...	٢١٣ـ٢١٥
٣٣	ڪرتارپور ۾ اچڻ جو ذڪر ۽ پائي لهڻي جون پريکيائون	٢١٥ـ٢١٨
٣٤	سري گورو نانڪ ديو جن جو جوتي جوت سمائڻ	٢١٨ـ٢٢٥
٣٥	سري گورو نانڪ ديو جن جا اصول	٢٢٥ـ٢٣٢
	سري جپ صاحب	١ـ٩١
	سري جپ صاحب جو سار (پرشناتر)	٩٢ـ١١٥
	رهراس صاحب	١١٦ـ١٤٢
	هلا	١٤٣ـ١٥٨

فهرست

سري رهراس صاحب ۽ ڪيرتن سوهلي جو آرٿ ضرور ڪوروواڻيءَ جي شروعات ۾ ڏجي. اسان اُنهن سينجي جو مول ۽ ارٿ ۽ سري ڪورو نانڪ ديو جن جا جيون چرتر ڪ جلد ۾ ڏنا آهن، جنهن کي پرٿم پستڪ (Introductory Volume) ڪري سڏيون ٿا. آسا آهي تہ جي پينوون ۽ پاٺ شروعات کان ”ڪوروواڻي“ ماهوار پتر ڪهرائيندا آهن يا پڌل جلد ڪوروواڻيءَ جا وٺندا آهن، سي هيءُ پرٿم پستڪ ضرور وٺندا تہ وتن سڀ جلد (The whole set) موجود رهن. هن جلد ۾ چارسؤ صفحا آهن ۽ پيتا هميشہ وانگر آڌائي رپيا رکي ويئي آهي. هيل سوڏو ستڪورن جي ديا سان يارهن جلد (Volumes) تيار ٿي ويا آهن، جن ۾ سري جپ صاحب، سري رهراس صاحب ۽ ڪيرتن سوهلا ڪانسواءِ چار راڳ (سري راڳ، مانجهہ، ڳوڙي ۽ آسا) آرٿ سميت اچي ويا آهن. سال ١٩٣٠ کان ”راڳ ڳوڙي“ شروع ٿيندو. سچي پاتشاهہ جي اڳيان اها ارداس آهي تہ هو پنهنجي ديا درشٽيءَ سان ٻل ۽ پڌ بخشيندو، جنهن ڪري سري ڪورو ڪرنٿ صاحب جي باقي رهيل پاڪي جو آرٿ پڻ جلد راس ٿي ويندو.

حيدرآباد سنڌ،
تاريخ ١، جنوري ١٩٣٠ع } داس ڄٺمڙ چند ميگهراج آڏواڻي



پستڪ ڳهڻي پريم ۽ شرڌا سان بلڪل سهڻو ڪري ڇپيو آهي،
جنهن لاءِ ستڪورو سچو پاتشاهه ڪيس ڀاڳ ڏيندو. اسين
ديوان وزير مل اُتم سنگهه صاحب ۽ ديوان چوهڙسنگهه
ڏرم سنگهه صاحب جا پڻ ڏو رائتا آهيون، جو اِنهن صاحبن گورو
صاحبن جي اُصولن ۾ ڪي عمد يون درستيون ڏسيون آهن.

حيدرآباد سنڌ،	داس جيٺو مل لوڪسنگهه لعلواڻي
تاريخ ١ اپريل ١٩٢٩ع	داس فتح چند ميگهراج آڏواڻي

نوٽ:- هي پوتر پستڪ (Introductory Volume) ڳهڻو
ڪري سهورو سرڳواسي ڀاءُ جيٺو مل لوڪسنگهه لعلواڻيءَ
جو لکيل آهي، جو جو سري جپ صاحب جو بلڪل سليس
۽ سهڻو ارٿ، سري جپ صاحب جو پرشن اُتر، سري
رهراس صاحب جو سليس ۽ سهڻو آرٿ ۽ جنمساکيءَ جو
ڪجهه ڀاڱو سنڌس لکيل هو، پر خبر نه ٿي پيئي ته پستڪ
جي ڇپجي پوري ٿيڻ کان اڳ هو پيارو سچ کنڊ پڌاربو.
واهگوروءَ جي ڀاڻي کي نمسڪار آهي. شل ستگورو ڪيس
پنهنجي گود ۾ نواس ڏئي ۽ سنڌس ڪٽنب کي شانتي بخشي!

هن پستڪ جي ڇپجڻ جي بلڪل ڳهڻي ضرورت
هئي، ڇو جو سري گورو گرنٿ صاحب جي شروعات ۾
سري جپ صاحب، سري رهراس صاحب ۽ ڪيرتن سوهل
آهن، جنجو آرٿ اسان جاڻي ٻجهي ڇڏي ڏنو هو ۽ چاڪاڻ
ته اِنهن نت نيم جي پستڪن جا ارٿ نه ڏين ترڪتن
اڳيئي نڪتل هئا. اسان شروعات پهرئين راڳ (سري راڳ)
کان ڪئي هئي، پر پاڻن جو خيال هو ته سري جپ صاحب

(٦) ديوان ليلارام سنگهه وطمل صاحب جي دستخط نوٽ بوڪن جو اختصار.
(٧) نانڪ پرڪاش جا چار ڀاڱا سنڌيءَ ۾ (ترجمو ڪيل ديوان چيتانند ماتا ڏنر مل مانجهندن واري جا).
(٨) سردار شوارام سنگهه صاحب جي جنم ساکي انگريزيءَ ۾.
(٩) مسٽر مئڪالف جو "سک رليجن" ڀاڱو پهريون.
[نوٽ:- مسٽر مئڪالف صاحب جي جنم ساکي ڪ پراڻيءَ جنم ساکيءَ مان لکي آهي، جا هن کوجنا ڪئي آهي ته سري گورو هرگوبند صاحب جن جي ڏينهن جي آهي جنهنڪري اها بلڪل وزن واري ٿي.]
(١٠) ڪامل رهبر، ڀاءُ ڪاڪو مل ليکراج شهاڻيءَ جو.
(١١) ڏهه پاتشاهي جيون چرتر (ڏاڃل مسٽر ٺاڪرداس پوڃراج جا).
(١٢) رحمت جو سائين، ترنڪت سک ينگ مين ائسوسيئيشن جو.
اسين انهن سڀني جا شڪرگذار آهيون ۽ پڻ ڀاءُ مولچند منگهومل واسواڻيءَ جا، جنهن کهڙو ڪري سڄي جنم ساکي پڙهي ڪي واجبي درستيون ڪيون آهن ۽ پروف جاچيا آهن.
اسين ڀاءُ تهلرام لوڪو مل پنواڻي، مالڪ نئشنل پرنٽنگ ورڪس جا تهدل شڪرگذار آهيون، جنهن هن پوتر پستڪ جي ڇپجڻ جو سمورو خرچ حال في الحال پنهنجي ڏيڻون آهي. جيڪڏهين هو اها همت نه ڪري ها ته پستڪ ...ڪو وقت ديرپوي ها. هن پياري هي پوتر

۽ ٻوڏانهن ڇهه وڃي ٿو تہ اها جنم ساکي ڀائي ٻالي سري گورو انگد ديو جن کي ٻڌائي.

هن ڪم جي تيار ڪرڻ ۾ اسان گهڻي مدد ڀائي سنتوک سنگهہ جي رچيل نانڪ پرڪاش مان ورتي آهي. ٻي جنم ساکي، جا اسانکي بلڪل ڪارگر نظر ۾ آئي، سا آهي ڀائي ڏتسنگهہ گيانيءَ جي. اها جنم ساکي سري امرتسر جي ڪاليج ۽ شڪولن جي وديارٿين لاءِ ڌرمي درسي پستڪ رتيل آهي.

هن جنم ساکي لکڻ ۾ اسان اُهي پرسنگ چونڊي لکيا آهن، جن سڀني مان ڪا خاص سند رسکيا گرهڻ ڪري سگهجي ٿي. هنجي پڙهڻ مان وڏن توڙي ننڍن کي رس هڪ پاسي ايندو ۽ ٻئي پاسي وري سندن جيوت تي چڱو اثر ٿيندو ۽ منجهن ڌرمي سنسڪار پوندا. آسا آهي تہ شڪولن جا بانيڪار ديءَ پوتر پستڪ هندو ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين لاءِ ڌرمي درسي پستڪ ٺهرائيندا.

هن پوتر جنم ساکيءَ لکڻ ۾ اسانکي هيٺيان پستڪ ڪارائتا ٿيا آهن:-

(١) ڀائي سنتوک سنگهہ صاحب جو رچيل نانڪ پرڪاش.
(٢) ڀائي مني سنگهہ صاحب جي رتناولي.
(٣) ڀائي گورداس صاحب جون وارون.
(٤) ڀائي ڏتسنگهہ گيانيءَ جي جنم ساکي.
(٥) ديوان ڏيارام گدومل صاحب جا دستخط ٿيل نوٽ بوڪ (جن ۾ گورو صاحبن جي جيون چرترن بابت گهڻو مضمون ڪٺو ڪيل آهي).

گوروداس صاحب ۽ ڀائي مني سنگهه صاحب جهڙن ڏسٽ ۽ اهڙن ليکڪن. ڀائي گورداس صاحب گورو صاحبن جا فقط ڪي ٿورا
حوالا ڏنا آهن. جيڪڏهن ڀائي صاحب وڌيڪ حوالا ڏئي ها ته ڏاڍو چڱو ٿئي ها، جو ته سنه ۲۰۴ ۱ع
ڌاري جڏهن ڀائي صاحب اهي حوالا لکيا ته ڏسجي، تڏهن ڀاڳ ڀرو صاحب، جو صاحبن جي حضور جو گهڻو حصو پنهنجون
اکين ساڻ ڏٺو هو، سو حيات هو ۽ ممڪن آهي ته صاحبن جي وقت جا پيا به ڪي سک آهي، وقت جيئرا هجن، انهن
سڀني کان ڀائي صاحب تحقيقات ڪري سگهي ها.
اهي وزن دار جنم ساکي آهي ڀائي مني سنگهه صاحب جي، جنهن تي "گيان رتناولي" نالو رکيل آهي. ڀائي
مني سنگهه صاحب، جو دسمين پاتشاهه جي ڏينهن ۾ ڪيترو
سک ٿي گذريو آهي ۽ دربار صاحب جو گرنٿي هو، تنهن کي
ڪن سکن عرض ڪيو ته "سائين! هيرئيچند جي پوئين
ڪيترين ڳالهين گورو صاحبن جي جنم ساکين ۾ ڪٽي
ملايون آهن. انهن بابت سکن کي شنڪائون پيدا ٿيون
تنهنڪري ڪرپا ڪري سچ کي ڪوڙ کان جدا ڪري
هڪ پوري جنم ساکي تيار ڪريو." سکن جي انهيءَ
عرض تي ڀائي مني سنگهه صاحب، جنهنجو اڳيئي ڪليل هو
تنهن ڪيتري محنت سان گهرائي جنم ساکي تيار ڪئي
جيڪا جنم ساکي ڀائي بالي جي جوڙ ۾ اچي ٿي، ۽
بابت گهڻن ودوانن کي شڪ آهي ته آيا ڀائي بالي جي لکايل

مُهاڳ

سري گورو نانڪ ديو جن جا جيون چرتر لکڻ مها ڪٺن ڪم آهي، ڇو ته اُنهن مڪي ڪي چرتر ڪيترين جنم ساکين ۾ نرالا نرالا ڏنل آهن، بلڪ ڪن ڪن ۾ ته هڪ ٻئي جي برخلاف ڏنل آهن. تنهن ڪانسواءِ اِنهن سڀني پستڪن ۾ جيڪي ساکيون ڏنل آهن، تن مان کهڙين تي پروسو رکجي ۽ کهڙين تي نه رکجي، سو لکندڙن لاءِ فيصل ڪرڻ ڀاري ڪم آهي. هيءَ ڳالهه هميشه ويچار ۾ آڻڻي آهي ته فلاڻي ساکي صاحبن جي واڻيءَ پٽاندر آهي يا اُنجي ورڌ آهي. پر اِهو پرکڻ ڪا سُٺري ڳالهه نه آهي. تنهنڪري اسان پنهنجن مترن کي هن ڪم ۾ هٿ وجهڻ کان اڳيئي چاڻ ڪيو ته هن ڪم ڪڻڻ لاءِ اسين لائق نه آهيون. پر اسانجي ڪيتري جي بوجي ويٺي ڪندي به هنن اسانکي نه ڇڏيو ۽ اسان تي هي ڪم ڏ ريائون. هڪڙي ڪري ته خوشي پيئي ٿئي ته اسين گورو صاحب، جن سڪي برپا ڪئي آهي، تن جي جيوت جو ورتانت پنهنجن هٿن سان لکون، اِنهيءَ کان وڏيڪ شُڀ ڪم ٻيو وري کهڙو ٿيندو؟ پر وري جڏهين اِهو ويچار ڪريون ته ڪيڏانهن اسانجي تُڇ ٻڌي ۽ ڪيڏانهن صاحبن جا آپار چرتر، سو ڪيئن اسين هن ڪم ۾ پورا پئجي سگهنداسون، تڏهين ته دل ئي هارجيو وڃي. پريوءَ کي سيس نوائي هيءَ ارداس ٿا ڪريون ته شل اسانکي توفيق ڏئي ته اسين هن ڀاري ڪم مان لنگهي پار پئون! اسانجي بار بار نمسڪار آهي سري گورو نانڪ ديو جن کي!

صاحبن جي جنم ساکين مان پروسي جهڙيون فقط ٻائي

੧ ਓ ਸਤਿਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥

گورواڻي



پرٿم پستڪ

سري گورو نانڪ ديو جن جا جيون چرتر،
۽ سري جپ صاحب، رهراس صاحب
۽ ڪيرتن سوهلا ارٿ سميت



پيتا ٠—٨—٢ رپيا

Printed by Tahilram Lokamal Punwani, at the National (Electric) Printing Works,—Hyderabad (Sind), and published by Mr. Fatehchand Menghraj Advani, for "Gur Sangat" Hirabad, Hyderabad (Sind).